
ماٹک چوٹو جن جو

سياست ۽ زندگي



سيد عالم شاهه

ماٹک چوٹو جن جو



سید محمد عالم شاھ

سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	ماڻڪ چوڻو جن جو
موضوع	:	سياست ۽ زندگي
ليکڪ	:	سيد محمد عالم شاهه
ڇاپو	:	پهريون
سال	:	2009ع
تعداد	:	هڪ هزار
ڇپائيندڙ	:	سيد رضوان علي شاه
ادارو	:	ڊاڪٽر قاضي غفار پبليڪيشن حيدرآباد
لي آئوٽ ڪمپوزنگ	:	جميل پيرزادو/ شگفته تالپر
ڇپيندڙ	:	پارس حيدرآباد 0300_3014195

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت = 200 روپيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

سيريل نمبر	عنوان	صفحو
.1	اڀنا	5
.2	پيش لفظ	6
.3	مهاڳ — اياز لطيف پليجو	8
.4	منهنجي هتان منهنجو پاڻ ڪيئن شهيد ٿيو..... آتم ڪتا	28
.5	آئون ڪيئن سيج سمهان — آتم ڪتا	36
.6	رسول بخش پليجي صاحب سان پهرين ملاقات	53
.7	ڊائري (1)	66
.8	ڊائري (2)	82
.9	ڊائري (3)	97
.10	سائين عالم شاهه ۽ فيملي ـ فدا حسين	108
.11	رسول بخش پليجي صاحب کي مون ڪيئن ڏٺو؟	118
.12	عظيم زندگي ـ شاندار موت — فاضل راهو	125
.13	جيوڻي جو سانحو — بلوچ عوام	145
.14	سيد عالم شاه جو انٽرويو ـــ شفيق ڪانڊڙو	149
.15	سيد عالم شاهه جو انٽرويو ـــ نظير لغاري	156
.16	سيٺ نظير ميمڻ منهنجو دوست	165
.17	سنڌ جو وطن دوست وڏيرو شاهنواز جوٽيجو	166
.18	سنڌو درياجو ڪيس — مضمون	167
.19	ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد	174
.20	چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جي بحالي جي تحريڪ	190
.21	شهيد محمد نواز ڪنراڻي	207
.22	سنڌ جي تعليم جي تباهي جي سازش	210
.23	سنڌي ماڻهن کي تباهه ڪرڻ جا سنڌ دشمن طريقا	216
.24	سنڌ جي زراعت جي تباهي	220

ارپنا

آئون هي ڪتاب نالي ڪريان ٿو شايان،
سني، اعزاز هني، سونيا/ پوپري ۽ سبرينا/ گِدِي
جي جان ۽ پنهنجي جيون ساڻي فخرالنساءِ بيبي
جي، جنهن ننڊپڻ کان مون سان محبت ڪئي ۽
اڄ تائين محبت ڪندي اچي. هن سڄي زندگي
عذاب سڻا ۽ ڳالهيون ٻڌيون، پر پروسو ۽ اعتبار
فقط مون تي ڪيو.

سيد محمد عالم شاهه.

پيش لفظ

هن ڪتاب جو پيش لفظ محترم ساڻي شفيق ڪانڊڙي کي لکي ڏنم. جيڪو هن ويجائي ڇڏيو. وري هي پيش لفظ ٻيهر لکان پيو. مون پهريان به اهو لکيو هو ته لکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۽ پوءِ عمل ڪرڻ جي عادت منهنجي قائد محترم رسول بخش پليجي مون ۾ وڌي. جڏهن کي به ٽي دوست پليجي صاحب سان ملندا آهن ته ٿوري ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ پليجو صاحب چوندو آهي ته هاڻ هر ڪو پنو پين ڪٽي، توهان وٽ جيڪي به خيال آهن، سي لکي ڏيڪاريو. اهڙي نموني لکندي لکندي هي ڪتاب لکجي ويو. اڄ مون جيڪي به پڙهيو لکيو سمجهيو ۽ عمل ڪيو آهي، اهو سڄو ڪريڊٽ منهنجي قائد پليجي صاحب ڏانهن ئي وڃي ٿو.

هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ سوچيم ته ڪير لکي؟ ڪيترائي نالا ذهن ۾ آيا. ٽيٽ فيصلو ڪري محترم ايڊووڪيٽ اياز لطيف پليجو صاحب وٽ آيس. ڪيس مهاڳ لکڻ لاءِ چيم. مون کي تصور ۾ به نه هو ته ڪو اياز لطيف پليجو مون کي ايتري عزت ڏيندو. هن چيو "سائين! توهان اسان جا وڏا آهيو. توهان جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ مون لاءِ اعزاز آهي. اسان ته هميشه اهو چاهيو ٿي ته توهان جو ڪتاب اچي، چاڪاڻ ته توهان جي زندگيءَ جو هر هڪ پل ۽ هر گهڙي هڪڙي انسان دوست نظرئي، بهادر قيادت ۽ باضابطه ڊسيپلينڊ پارٽي سان گذري آهي. اها حقيقت هن ڪتاب جي صورت ۾ اچڻ گهرجي." اياز صاحب جي انهن لفظن مون کي حوصلو ۽ همٿ ڏني ۽ انهن جملن سان منهنجي زندگي جي سيني ڏکن ڏولاون جو ڇڻ ته اجورو ملي ويو آهي. هن ڪتاب ۾ "اخبار جهان" کي ڏنل انٽرويو به شامل آهي. مون کي ياد آهي ته آٿون لنڊن مان واپس ٽيس ته ڪراچيءَ ۾ نذير لغاري "اخبار جهان" جو ايڊيٽر هو. انهيءَ چيو ته توهان اي- اين- پي جا سينئر مرڪزي وائيس پريزيڊنٽ آهيو. توهان جو شاندار انٽرويو اچڻ گهرجي ۽ اهو انٽرويو "اخبار جهان" ۾ ڇپيو. نذير لغاريءَ جا اهي قرب ڪڏهن کين وسرندا.

ٻيو منهنجو فيملي انٽرويو "عبرت ميگزين" ۾ ڇپڻ لاءِ منهنجي پاڻ فدا حسين شاهه ورتو. جيڪو پڻ "عبرت ميگزين" ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ محترم رسول بخش پليجو صاحب ۽ شهيد ساڻي محمد فاضل راهوءَ تي منهنجا مضمون لکيل آهن. مون کي ياد آهي ته ڪراچي ڊفينس ۾ رهندا هئاسين. ڊاڪٽر بخت جمال شيخ ۽ ڊاڪٽر ايوب شيخ مون کي چيو ته توهان پليجي صاحب ۽ فاضل صاحب تي لکو.

ماٽڪ چوٽو جن جو

توهان هنن ٻنهي جي زندگيءَ جا ساٿي رهيا آهيو. توهان هنن ٻنهي تي تمام سنو لکي سگهو ٿا. پوءِ هنن مون کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. ماني، چانهه ۽ پاڻي اندر ڏيندا هئا. جيسين مون ٻنهي ساٿين تي لکي نه ورتو تيسين نه پاڻ ٻاهر ويا، نه مون کي ڇڏياٿون.

هن ڪتاب ۾ زراعت، پاڻي، تعليم ۽ قبائلي جهيڙن جي حوالي سان به ڪجهه مضمون آهن. انهن جي لکڻ ۾ پليجي صاحب خاص ڪري ۽ پوءِ ساٿي محمد خان ٻرڙڙي، ڏاڏا قادر رانٽو عبدالحڪيم هالييوٽو منير چانڊيو اختر حفيظ ڪنبر، اسماعيل خاصخيلي، گل حسن ڪوسو نور احمد ڪاتيار ۽ روشن برهماڻي مون کي تمام گهڻو همٿايو ۽ منهنجن مضمونن کي درست ڪيو ۽ "عبرت" اخبار ۾ ڇپرايا.

هن ڪتاب ۾ ڪالاباغ ڊيم جي جدوجهد جي ڪهاڻي ۽ چيف جسٽس جي جدوجهد جو احوال به مضمونن جي شڪل ۾ ڏنل آهي، جن جي لکڻ ۾ محمد خان ٻرڙڙي، لطيف ايازپنهور ۽ نور احمد ڪاتيار اتساهه ڏيارايو. مضمونن کي درست ڪيو ۽ ڇپرايو.

هن ڪتاب ۾ منهنجي زندگيءَ بابت به ڪجهه مواد ڏنل آهي، جنهن ۾ جامي چانڊيو ڊاڪٽر علي گل ميتلو لال جروار ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ منهنجن گهر وارن تمام گهڻي مدد ڪئي، جو آئون لکي سگهيس. انهيءَ لاءِ مان فخرالنساء (منهنجي گهرواري)، راحيلا، ايڊووڪيٽ فاريا، عيني، مونا، سرينا، سونيا، رضوان شاهه، شايان، سني، اعزاز ۽ هني جو به ٿورائتو آهيان، جو هنن پڻ مدد ڪئي.

ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ ساٿي شفيق ڪانڊڙو ڪيترن ئي ڏينهن کان همٿائيندو رهيو ته سائين توهان جو ڪتاب اڇڻ گهرجي، مواد مون کي ڏيو باقي توهان تي بار ناهي. انهيءَ ڪانسواڻ رسول بخش سولنگي ايندي ويندي ٻانهن مان جهلي بيهاري پڇندو هو ته سائين توهان جو ڪتاب ڪڏهن ٿو ڇپجي. ان سان گڏ اسان جي پيٽ شگفته ٽالپر سڄو مواد ڪمپوز ڪيو جميل پيرزادو جنهن هن ڪتاب جي سموري مواد کي ڪتابي شڪل ڏني ۽ محنت ڪئي، انهن کي به جس هجي.

آخر ۾ آئون انهن سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح منهنجي مدد ڪئي، جو هي ڪتاب ڇپائي توهان جي هٿن ۾ ڏنو آهي.

سيد محمد عالم شاهه

مهاڳ

ماڻڪ چوٽو جن جو هنج حضوري سي

اياز لطيف پليجو

جيڪڏهن سنڌ ۾ ليکڪ بنائڻ جا ڪي ڪارخانا يا جنريٽر ڳوليون ته بنا وڌاءُ جي چئي سگهجي ٿو ته ماضي جا ترقي پسند فورمن اسٽيڊي سرڪلن سنڌي ادبي سنگت ۽ روزانيون اخبارون ڪاوش، عبرت، جاڳو ۽ عوامي آواز اهي مک فورم رهيا آهن جن گذريل چئن پنجن ڏهاڪن ۾ هزارين قلمڪار ڪالم نويس ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن. پر جيڪڏهن ان سلسلي ۾ ڪي فرد ڳولجن ته سائين رسول بخش پليجو، محمد ابراهيم جويو صاحب، مرحوم پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، مرحوم طارق اشرف، مرحوم فقير محمد لاشاري، جي اين مغل، فيروز ميمڻ ۽ مرحوم رشيد پٽي ڪيترين حالتن ۾ ليکڪ بنائڻ ۽ همٿائڻ ۾ ڪيترن ادارن کان بہ وڌيڪ شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي.

پليجو صاحب ته شايد اهو فرد آهي جيڪو پاڻ سان ملندڙ هر ماڻهو کي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ تي مجبور نہ ته راضي ضرور ڪري ونندو آهي. گهر جي ياتين کان وٺي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن تائين، اسڪولي ٻارن کان وٺي يونيورسٽي جي استادن تائين جنهن بہ پليجي صاحب سان چار چڱيون ڳالهيون ڪيون ته فوراً ان کي تحريري روپ ڏيڻ جو فرمان جاري ٿيندو آهي ۽ نتيجو اهو ته ڏسندئي ئي ڏسندي هفتن يا مهينن يا ڪڏهن ته مرڳو رات پيٽ ۾ بظاهر هاري، شاگرد، گهريلو عورت، يا ريٽائرڈ ڪامورو ۽ مزدور نظر ايندڙ عام ماڻهو جي ڏهني ڪُڪ مان هڪ نئون فنڪار جنم وٺي اهڙا ته نرالا خيال ڪٽي اڳيان ايندو آهي جو ماڻهو پائين ته هي ڪو سالن کان مستقل لکندڙ مثالي اديب آهي. سائين سيد محمد عالم شاهه بہ پليجي صاحب جي انهن اٿورچ ڪوششن جي نتيجي ۾ ادبي دنيا ۾ آيل اهو شخص آهي، جيڪو بظاهر ته فقط سياسي اڳواڻ ۽ مثالي طور سادو انقلابي لڳندو آهي، پر جڏهن هو ڪنهن موضوع تي قلم کڻي ٿو ته ماڻهو کي ڪيترن ئي نالي چڙهيل ليکڪن جي سطح کان گهٽو مٿانهون نظر اچي ٿو.

جلسو هجي يا ريلي، تحريڪ هجي يا ڪو ڏرٽو ڪلاڪ جي نوٽيس تي روڊ بلاڪ ڪرڻو هجي يا جهولي جهلي چندو ڪرڻو هجي. مرحوم خان عبدالولي خان، حاڪم علي زرداري، مرحوم بزنجي يا قاضي حسين احمد سان

ماٹڪ چوٹو جن جو

ملاقات هجي يا شاهپور چاڪر يا ڪنڊڪوٽ يا مٽي جي سجاڳ ٻار تحريڪ جي ڪارڪنن جو ڪو مقامي فيصلو سائين محمد عالم شاهه پليجي صاحب لاءِ هڪ سئو هڪ بيمارين تي پوندڙ يوناني دوا جو اهڙو نسخو آهي جيڪو ڇڙ سينا ۽ سينا هلي اسان تائين پهتو هجي. سندس پٽ علي مير شاهه ۽ فاريا شاهه منهنجا شاگرد آهن ۽ سبرينا، راحيلا، عيني، رضوان، سونيا ۽ مونا کي ٻه وقت ضرورت ليڪچر پيو ڏيندو آهيان. انهن جا روپا، محنت ۽ سادگي ڏسي دل چوندي آهي ته سنڌ ۽ ملڪ جي ماٹهن کي سڌي ڏيڪار جي ته ٻين کي هدايتون ڏيڻ سوليون آهن، پر پنهنجي ٻارن کي اها سادگي ۽ ڊسيپلين سيکارڻ شايد سنڌ اندر فقط عوامي تحريڪ جي قافلي جو ئي شان آهي. مون زندگي ۾ سائين محمد عالم شاهه کي سواءِ ڪن هڪ ٻن انتهائي پريشان ڪن گهڙين جي ڪڏهن ٻه ڏکويل، ڪاوڙيل يا مايوس ناهي ڏٺو ڪيس پليجي صاحب جي ڏسيل وات ۽ ڏاهپ تي ايڏو ايمان آهي جو سچ پچ ڪڏهن اسان مان ڪجهه سندس ان اتفاق راءِ سان ريس ڪرڻ لڳندا آهيون.

هڪ اهڙو شخص جيڪو پنهنجي ميرپور ٻٽوري، سجاول ۽ مٽياري وارين سرسبز زمينن سهاري هڪ مٽين وچولي زميندار واري آرامده زندگي گذاري سگهيو ٿي، تنهن قاضي غفار جيجي زرينه بلوچ، ادي ممتاز نظاماڻي، لکمير ڏاهري، شهيد فاضل راهو عبدالرحمان لاشاري، امان الله ٻيڙ، مرحوم رشيد پٽي، حسن رستماڻي، خير محمد لغاري، مير علي بخش تالپر، رسول بخش ڏيٽي، عاشق جوڻيجي ۽ شهيد نواز ڪنراڻي وارو پيچيدو تڪليفده ۽ سورن سان ستيل گس چو چونڊيو؟ اهو فقط اهي سمجهي سگهن ٿا، جن تڪليفن، اذيتن، مخالفتن، منافقن جي تبرن ۽ پنهنجن جي الزامن هوندي به ان قافلي، ان فڪر ۽ ان مدر پارٽي جي ساٿ جا مزا، خوشيون، ايمان، ڏيڻ، آڇت، سڪون ۽ اطمينان قلب ۽ سنڌ جي ڪروڙن مظلومن جي پروسي جو مزو وٺي ڏٺو هجي، انهن جي محرومين کي پنهنجي روح جي گهرائين ۾ محسوس ڪيو هجي. هڪ اهڙي قافلي ۾ شريڪ سفر رهڻ جو سڪون ۽ مزو به ڇا ته مزو هوندو جنهن پنهنجي ابتداءَ کان عوام جي وسيع مفادن لاءِ "اڪ التي ڏار، وهه ابتو عام کان" جو رستو اختيار ڪندي، عوامي مفادن خلاف لهوارو وهڻ بدران دشمنن جي اکين ۾ اکيون وجهي اوپارو وڃڻ کي پنهنجو هرڪ سمجهيو هجي. جنهن جنرل ايوب جي مخالفت ان وقت ڪئي هجي، جڏهن سندس خلاف ٻڙڪ ٻولڻ تي تعزيرون هجن ۽ سنڌي وفاقي وزير سندس ثناءَ خوانين ۾ مصروف هجن. جنهن ڊيڪ (DAC) جي اتحاد ۾ شموليت تي نيشنل

ماٹڪ چوٽو جن جو

عوامي پارٽي (NAP) کي وائکو ڪيو هجي ۽ اهو قافلو جنهن سڄي ملڪ جي انتها پسند، عوام دشمن اخبارن، ليڪڪن ۽ انهن جي ٻولڙين جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو هجي رهزنو! ۽ جلادو! بنگلاديش تقرير بازيءَ سان نه پر بندوق جي نالي مان وجود ۾ آيو آهي ۽ سنگينن تي تنگيل ٻارن ۽ لٽيل لڄن جي ذميدارن تي واضح ڪيو هجي ته بنگلاديش منظور ٿيل آهي ۽ مطالبو ڪيو هجي ته بنگلاديشين جي قاتلن تي ڪيس داخل ڪريو. سيد عالم شاهه شهيد محمد فاضل راهو سان گڏجي پليجي صاحب جي قيادت ۾ هلندڙ ان قافلي جو ڪارڪن ۽ اڳواڻ آهي، جنهن پي پي پي جي پهرين حڪومت جي دؤر ۾ 109 ۽ 110 ۽ ٻين غندا ايڪٽن ۽ ڪارن قانونن جي آڙ ۾ هزارين سنڌين جي گرفتارين تي احتجاج ڪيو هو. جنهن هولي واري بل جي آڙ ۾ سنڌين جي قتلِ عام خلاف پرپور احتجاج ڪيو هو ۽ وڏيرن سان نئين سج نئون ناهه ڪرڻ بدران صادق هاري جهڙن مظلومن کي پنهنجي وات جو نشان بنايو هو. هيءَ اها پارٽي آهي، جنهن پهريون دفعو سنڌ جي ماٺهن کي پارت کان هجرت ڪندڙن ۽ سنڌن موقعي پرست رويين ۽ ثقافتن کان واقف ڪندي کين ٻڌايو هو ته هي اُهي آهن جن اقليت ۾ هوندي اڪثريت تي حڪومت جا مزا ماڻي ڏٺا آهن، تنهنڪري ان مقصد لاءِ هو بادشاهن کان انگريزن تائين ۽ مُلن کان جنرلن ۽ سامراج تائين ڪنهنجي به دلالي ڪري ڏرتي جي اصلوڪن وارثن کي ڪچلڻ لاءِ 24 ڪلاڪ تيار آهن. اِها عوامي تحريڪ ئي هئي، جنهن سن 2009ع ۾ سنڌين ۽ بلوچن سان پيش ايندڙ حالتن ۽ انهن جي محڪوم جذبن جي عڪاسي مارچ 1973ع ۾ ڪندي چيو هو ته هي نئون آئين جمهوريت جي چلڪٽي پني ۾ ويڙهيل ننڍين قومن لاءِ هڪ زهر جي پڙي آهي ۽ پليجي صاحب لکيو هو ته "خدا يتي کي جمار ڏيئي، پر خدا خير ڪري هيڏانهن يا هوڏانهن ته سندس پوکيل هي بج سنڌين جو محشر رُلائي ڇڏيندو." هي اهائي مدر پارٽي هئي، جنهن نه صرف بلوچستان ۾ وحشياٽي آپريشن جي مذمت ۽ مخالفت ڪئي بلڪ بلوچن جي لاءِ ڪوڙا ڳوڙها ڳاڙيندڙ نقلي ترقي پسند ٽولي کي وائکو ڪيو ۽ اهو پڻ ٻڌايو ته سنڌ ۾ رهندڙ سمورا سنڌي آهن، انهن کي بروچ ۽ سمات قبائليت ڏانهن ڌڪڻ وارا نه سنڌ جا سچڙ هوندا نه بلوچن جا ۽ نه ئي ملڪ جي مظلوم قومن جي جدوجهد جا.

پلا جي ڪا پارٽي ڪئين ڏهاڪا ۽ سالن جا سال اڳ اهڙا مهلاڪا تجزيا ڪري ۽ مخالفن جي سازشن کي نه صرف وائکو ڪري، پر انهن خلاف چوٽين

ماٽڪ چوٽو جن جو

مارچ جي تحريڪ، ون يونٽ ختم ڪريو تحريڪ، نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ، ايم آر ڊي جي تحريڪ، صحافين جي تحريڪ، ڪالاباغ ڊيم مخالف تحريڪ، بهاري روڪيو تحريڪ، تعليم بحال ڪريو تحريڪ، عدليه بحال ڪريو تحريڪ جهڙا وڏا بار ڪٽي، اجگر جهڙين طاقتن جون وايون بتال ڪري، انهن جي رستا روڪ ڪري ته پوءِ ان سيني جي ڏٽي، سيني جي ماءُ پارٽي ۽ ان جي قيادت سان مختلف جوتون ڏوري آيل همسفر ساٿي ايجا پرانهين پنڌ جون ڳجهيون رهاٽيون چو نه ڪن؟ ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه ان قافلي، ان ڪڙم تان وارڻ ۾ سيد عالم شاهه ۽ سندس ساٿين کي ڪو ارمان چو ٿيندو؟

منزل فوراً نه به ملي پر رڳو "سات چڙهندو لڪئين" ۽ "ڪي ڏينهن آهين ڪوٽ ۾" جو يقين ئي ماٿهن کي سڀ ڪجهه داءُ تي لڳائڻ لاءِ همٿائي سگهي ٿو بشرطيڪ رڳو ٿورو ايمان جو ذرو ماٿهو ۾ موجود هجي.

ماٿهن مال ٺاهيا، وزارتون ماڻيون، ٽيڪا ڪنيا، پرمٽون ورتيون، قبضا ڪيا، پتا ورتا، ڏوهه ڪيا ۽ بوٽ چٽيا، پر عوامي تحريڪ کي پنهنجو ذهن ۽ ضمير ارپيندڙ پنهنجو گس نه متايو. آئون هميشه چوندو آهيان ته سنڌين کي هينيان ڪم ضرور ڪرڻ گهرجن (1) قانون، تاريخ ۽ سائنس جو مطالعو (2) عوامي، جمهوري ۽ انقلابي سياست (3) تمام گهٽو سفر ۽ نوان تجربا (4) حق حلال وارو باضمير ۽ مهارت سان پرپور روزگار ۽ ڪاروبار (5) ڪنهن هنگامي حالت لاءِ مضبوط جسماني، دفاعي ۽ فني مهارت جو حصول (6) لکڻ ڳالهائڻ ۽ راءِ جو پرپور اظهار. اهي سڀ بنيادي نقطا عوامي تحريڪ جي هر ڪارڪن جو ڏاج ۽ هرڪ آهن. سنڌين جي اپرين حالتن هوندي به سنڌ ۽ ملڪ کان ٻاهر سنڌ جي نمائندگي ڪندڙ پائرن پينرن جا نالا ڪٽو ته عوامي تحريڪ نظر ايندي. سياست ۾ ايمان جي سلامتي، دانائي، بهادري، ثابت قدمي ڳولينڊؤ ته عوامي تحريڪ جو مٽ ڪٿان ملندو؟ پڙهائي، بحث، ليڪچرز ۽ استڊي سرڪلز ته شايد سڄي ملڪ ۾ فقط بچيا ئي عوامي تحريڪ وارن وٽ آهن. سوويت يونين جي زوال کان پوءِ اڌ ڪامريڊ ميڊيا ۾ هليا ويا ۽ اڌ وڃي اين جي اوز وسايون. 5 سيڪڙو چگڻ ادارن ۽ چگڻ ماٿهن کي ڇڏي باقي 95 سيڪڙو ڪوڙا سيمينار ڪوڙا ڊائلاگس، ڪوڙا ليڪچر، ڪوڙيون دعوائون، ڪوڙا غير ملڪي تربيتي دؤرا، ڪوڙيون ٽريننگون، ڪوڙيون انٽرنشپ، ڪوڙيون فيلو شپ، ڪوڙا سرٽيفڪيٽ، 50 لک جو پروجيڪٽ ڪٽبو ته درگهه بالا، ڏهرڪي يا ننگر پارڪر ۾ باٿ روم ٽا ٺاهيون يا

ماٹڪ چوٹو جن جو

سنڌي نوجوانن کي ڪاروبار يا ليڈرشپ يا ميڊيا جي ٽريننگ ٿا ڏيون. پوءِ ٻاٽ روم استعمال ٿين يا نہ. هٿرادو ليڈر اڳتي اچن يا نہ. باقي ڪوآرڊينيٽرز ۽ ڊائريڪٽرز جا پيٽ پرجيو وجن ۽ انقلابي قافلي جا ماڻهو گس تان هٽائي ڪين مصلحت پسند ۽ سيني کي خوش ڪندڙ منافق بنائڻ وارو معرڪو مڙئي سر ٽيو وڃي. شايد اين جي اوز ۽ ڊونرز جي سربراهن کي ٻہ خبر آهي تہ ماضي يا حال ۾ ڪنهن سياسي پارٽي سان تعلق رکندڙ ماڻهو کي 20/25 هزار ڏئي پرتي ڪبو تہ ٻيو نہ تہ سندس ئي پارٽي جا 50/60 ساٿي مرد ۽ عورتون بينرن سوڌو گهليو اچيو پريس ڪلب تي ٻيهارينڊو يا ڪوڙي ٽريننگ ڪورس ۽ ڪوڙي سرٽيفڪيٽ جي آسري پارٽيسيپينٽ ڪري ويهارينڊو ان ڪري ترقي پسند ۽ قومپرست ڊرين جا سوين ماڻهو

"نڪو ليکوئي ٽيو نڪو تتو ڏينهن
تهان اڳي نينهن، ڇنو آٽڻ وارئين"

جيان ڪا منزل ماڻڻ کان اڳ، ڪوڙن ورڪشاپن، بوگس ٽريننگن ۽ فراڊ ليڪچرن جي رُڄ پويان ڊوڙندي ٽڏن ڪمرن، منرل واٽرن جي بوتلن، جهازن جي مفت ٽڪيٽن، آمريڪي، برطانوي، جرمن، ڪينيڊين ۽ آسٽريلين ٽنڪ ٽينڪن سان تصويرون ڪيرائيندي ۽ اهي احوال بار بار هر ليڪچر ۾ ڌرائيندي، اسلام آباد، ڪراچي ۽ لاهور جي بازارين ۾ وڪامي ويا. ڪين جي ڇٻبو تہ اچو تہ انقلاب آڻيون يا وڏي عوامي جدوجهد شروع ڪريون، پُرامن احتجاجي هڙتال ڪريون، ڊرٽو هٽون يا اليڪشن وڙهون يا سڄي سنڌ ۾ ميمبرشپ مهم شروع ڪريون يا سنڌ جي حقيقي انقلابي وڏي ۾ وڏي، مقبول ترين پارٽي بنجڻ واري گس تي تيز وڪون وڌايون تہ چيو ويندو تہ اقتداري پارٽين جو پنهنجو مثبت ڪردار آهي ۽ انقلابي پارٽين جو پنهنجو ان ڪري عوام دوست انقلابي پارٽين کي گهرجي تہ رڳو لکپڑهہ ڪن، بار بار سنڌ جو موقف تيار ڪن، ليڪچر ڏين، پمفليٽ ۽ ڪتابڙا ڇپرائين، ڊائيلاگس ڪن، ٻاهريان دورا ڪن، ڪالم لکن ۽ پريشر گروپ بڻجي ڪم ڪن. سندن ڪم ناهي تہ اُهي موقعي پرست ڊرين، عوام دشمن اقتداري پارٽين جي متبادل طور حقيقي، سچي، وڏي ۾ وڏي قومي، انقلابي ۽ عوامي پارٽي بڻجي سگهن يا بنجڻ جي ڪوشش ڪن.

حق حلال سان پنهنجي شعبي انجنيئرنگ، ڊاڪٽري، وڪالت، ڪاروبار، ٽيچنگ، زميندارين، هاريءَ، مزدوري، سرڪاري ملازمت، ڪلارڪي يا

ماڻڪ چوٽو جن جو

ڪنهن به ڪم ۾ مهارت حاصل ڪري روزگار ڪندڙن جي لسٽ ناهبي ته عوامي تحريڪ جو ڪارڪن ايرن حالن هوندي به جتي هوندو اتي اڪثر پنهنجو ڪم ايمانداري سان ڪندي نظر ايندو. هو نه ڪٿيڪ طبيب هوندو نه ڪوڙو انجنيئر، نه بليڪ ميلر صحافي هوندو نه آڳوٺي چاپ مخالفن سان سوديبازي ڪندڙ وڪيل ۽ گوسڙو استاد، گهٽ ڪمائيندو گهٽ خوشحال هوندو. پر ماڻهن کي ڏتا ڏئي ٺڳيون ڪندڙ ڏوهه ڪندڙ اغوا ۽ ڦرون ڪندڙ گاڏيون چُورائيندڙ ۽ پوءِ چُورايل گاڏين جا فيصلا ڪندڙ يا ڪنهن به حالت ۾ غنڊا ٽيڪس وٺندڙ يا ڏيندڙ نه هوندو.

پلا سنڌ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ ليکڪن ۽ شاعرن کي همٿائيندڙ پارٽي ڪهڙي آهي؟ ڪير ٿو هر ڳوٺ، هر شهر ۾ لطيف ڊي ڪري ۽ ڪهڙي فڪري نظرئي سان وابسته ماڻهن ڏاهپ جو اپياس، ارتقا جي ڪهاڻي، انڊا اونڊا ويج، چڪين جي چيت ڪري. سندي ذات هنجن، مارن مونجهه مياس، فڪر جي آزادي ۽ انقلاب ۾ ادب ۽ فن جي اهميت جهڙا ڪتاب سنڌ کي ڏنا؟

اڄ به سنڌ جي نامياڑين اخبارن جي ايڊيٽوريل پيجز جي انچارجز کان پڇي ڏسو ته عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جا هزارين مضمون، خط ۽ تبصرا سندن ڪٻٽن ۽ ٽريش ۾ پيل آهن. پر صاف ۽ سچيون ڳالهيون لکيل هٿ ڪري، دهشتگردن، استيبلشمينٽ يا اخباري مالڪ جي پاليسي جي آڙوٽي يا ماضيءَ جي ذاتي پسند نا پسند جي بنياد تي انهن کي چاپيو نٿو وڃي. هڪ ٽي نالي يا پروگرام جي پنجن پنجن ڊرين جي پٽا خور، ٽانگا پارٽي جي اڳواڻن جا بيان ته روز ڇپجن ٽا پر عوامي تحريڪ جي هزارين ماڻهن جي ڪڏيوگهنور مني، جوهي، نوشهرو فيروز ٽل، قمبر، وارهه ۽ ٻٽوري جي شاندار جلسن جو اڌ ڪالم به نه لينڊو. ڪير انهن ايڊيٽوريل ۽ نيوز پيجز جي انچارجن کان پڇي ته اي پي ڊي ايم جي مخالفت ۾ راتين جو راتيون ڳالهائيندا آهيو پر سنڌ ۾ ڪرمنل ۽ پتاخور ڪلچر پيدا ڪرڻ جي سندن ذاتي اخباري ڪردار متعلق خاموش ڇو آهيو؟

سنڌ ۾ هر چوٽون پٽا خور، قبضا خور گلو ڪولي هلندڙ ڏنو مٿو ڪارو ڏاڪويا لاڪيٽ پاتل وڏن پاچن وارو مهربان، اڪثر پاڻ سان چيلهه تي ہڏل ڪريل پستول تي هٿ هٽي چوندو آهي آئون سچو پچو سنڌي سورمو آهيان پر ڪائنس ڪير پڇي ته جڏهن ہوليءَ وارا هنگاما ٽيا ته سنڌين جي وارثي ڪنهن ڪئي هئي؟ جڏهن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ سنڌين تي سڌيون گوليون پئي هليون تڏهن ڪهڙي پارٽي 15/14 سالن جي مون جهڙن ميٽرڪ جي شاگردن کان وٺي

ماٽڪ چوٽو جن جو

علي سوڊو ۽ يوسف ڪيڙاڻي جهڙن پير مردن ۽ سنڌياٽي تحريڪ جي سورمين کي پوليس ۽ فوج جي شيلنگ، لٺين ۽ لتن آڏو اماٽيو هو؟ 1986ع ۾ شهيد بينظر پٽو صاحبہ سان گڏ وسندڙ شيلن ۽ فائرنگ ۾ ڪراچي ۾ مٽس چپر ۽ چانو بٽجي ڪهڙي پارٽي جو ليڊر بيٺل هو؟ 1988/1989 ۾ جڏهن سنڌين لاءِ سندس اباڻا شهر اجنبي بڻائي، گولين جا منهن کوليا ويا تڏهن سنڌي شهري اتحاد پاران لطيف آباد، ڪاهي روڊ، ڪوڪر محلي، پريٽ آباد، تنبو غلام حسين، لالو لاشاري، ممتاز ڪالوني ۾ گهر گهر ۾ لٽ ڏڪو اٽي جي بوري ۽ ٻيو انتهائي ضروري سامان پهچائڻ وارا نواز پٺاڻ، ڊاڪٽر گلزار جماٽي، مشتاق نظاماٽي، ڊاڪٽر اسلم پرويز پناهہ جگر سنڌي، نزاڪت نظاماٽي، منير پرڳڙي، فدا ڪوسو غلام علي ڪوساٽي، اياز پٺاڻ، نور نبي راهوجو، امير بخش چانڊيو، قاسم خواجہ، ولي عباسي، رزاق عباسي، سليمان ڏاهري، عبدالرحمان لاشاري، ستار تالپر، ولي راهموں، مير مظهر تالپر، ممتاز پنڌ، خليل پرڳڙي، خير محمد خاصخيلي، قادر ڏاهري، اشرف لاکو سليم جمالي، شبير سولنگي جهڙا نوجوان جوڌا ڪهڙي پارٽي سان لاڳاپيل هئا؟

جڏهن نام نهاد قوم پرست غنڊن ضياءَ جي مارشل لا جي مدد سان هڪ طرف ايم آر ڊي جي تحريڪ تي حملا ڪيا تہ ٻئي طرف تعليمي ادارن ۾ علم جا دروازا سنڌي شاگردن ۽ استادن لاءِ بند ڪري ڇڏيا تڏهن مهراڻ يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي، زرعي يونيورسٽي، ايل ايم سي، چانڊڪا ميڊيڪل ۽ لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ مٿا ڦاڙائي، تارچر سهي، شاگردن، استادن، علم ۽ مادر علمين جي تقدس ۽ تحفظ لاءِ ويڙهہ ڪنهن ڪئي؟ يونيورسٽين کي مقتل گاهہ بنائڻ جي ضيائي مشن آڏو رڪاوٽ بڻجندڙ عاشق جوٽيجو، شفقت عباسي، منير ابڙو جاويد مري، سيف الله نظاماٽي، ڊاڪٽر اسلم پرويز، علي نواز ڪلوئي، اڪبر ساريجو فياض قادري، رياض نظاماٽي، شريف پلهہ، ايوب جروار، غفار ڪوسو مصطفيٰ تالپر، مصطفيٰ پليجو، نظير شيخ، صحبت برڙو، فدا لاکو، سرتاج چانڊيو، حڪيم زنگيجو، شفيق ڪانڊڙو، ايازسمون، سراج سيال، جبار پرڳڙي، راشد داؤد پوٽو، سجاد گهلو، سُهيل چنڙ، جاويد راڄپر، ارباب جنجهہ، اياز چانڊيو، نذير راڄپر، راجا پيڙ، ديدار ڪنراڻي، سچل پٽي، حسين مهر، تاج جڪراڻي ۽ حسين جروار ڪهڙي نظرياتي سات جا سپاهي هئا ۽ آهن؟

سچ پچ تہ سنڌ جي ماڻهن ڪڏهن سوچيو آهي تہ وقت جي نبض تي هٿ رکي مسئلن ۽ مصيبتن کان اڳ ئي انهن لاءِ رڪاوٽ ڪندڙ ڏر ڪهڙي آهي؟

ڪير هڪا جن چيو ته شهري دهشتگرد تولي جا نادان سنڌي دوست پلي انهن کي دادو جي پهاڙن ۾ هٿيارن هلائڻ جون ترينگون ڏين. انهن کي يونيورسٽين ۾ ٽوپيڙن اجرڪون پارائين پر منظر ٽيڙ کان پوءِ ان ڏر جو پهريو نشانو سنڌي هوندا. ڪنهن چيو هو ته سنڌ کي سپ کان وڏيڪ خطرو وڏيرکي اقتداري تولي ۾ ڏارين جي لوڏ کان آهي. ڪنهن سنڌ جي حقيقي وارثن، سنڌي هارين کي زبان ڏئي نيلام بند ڪريو جهڙيون تحريڪون برپا ڪيون، ٽيننسي ايڪٽ ۾ ڪارن قانون خلاف آواز اٺاريا؟

ڪالاباغ ڊيم جهڙي اجگر جي ڪاري ٻانگ جي ڏڙ طور لهرائيندڙ مستقل خطري متعلق سنڌ مان پهريون احتجاج ۽ لانگ مارچ ڪنهن ڪئي؟ ميان نواز شريف جي حڪومت ۾ شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ عوامي نيشنل پارٽي ۽ ٻين ڏرين کي گڏ ڪري اوپاوڙي وٺ هن موتمار منصوبي خلاف شاندار ڏرٽي جوڙ ڪنهن ڇڻيو؟ ان کي منظر ڪنهن ڪيو؟ سنڌ پاڻي ڪميٽي ڪنهن ٺاهي؟ ان جي پليٽ فارم تان اينٽي گريٽر ٽل ڪئنال ۽ اينٽي ڪالاباغ ڊيم فرنٽ ٺاهي سنڌ جي سورن ۽ ناراضگين کي زبان ڪنهن ڏني؟ سڄي سنڌ کي منظم ڪنهن ڪيو؟ ڪنهن 12 مئي 2007 تي گولين جي وسڪاري ۾ پهلوان ڳوٺ کان شاهراهہ فيصل تائين هٿين خالي بهادرين ۽ جرئتن جا عظيم مثال قائم ڪيا؟ موت جي اکين ۾ اکيون وجهندڙ سورما شهيد محمد نواز ڪنراڻي، شهيد عاشق جوٽيجو شهيد عبدالرحمان لاشاري ۽ شهيد عوام محمد فاضل راهو کهڙي عظيم پارٽي جا جانثار هئا؟

سنڌي ادب ۾ انقلاب جا بنياد ڪنهن وڌا؟ نقلي ترقي پسندي، ڪوڙي قومپرستي ۽ ڪجهہ نہ ڪيو پارٽي جا بخيا ڪنهن اُڌيڙيا؟ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي پاڪستان جي کهڙي پارٽي جي عظيم قائد صلاح ڏني ته مجيب کي اڪيلو نہ ڪريو سياٽي توهين خود ۽ سڄي سنڌ پري ٻيڙي ۾ ڳرا ٻڌجي ويندا. پي اين اي تحريڪ دوران ڪنهن جي لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سراج الحق ميمڻ کي چيو هو ته "سراج آءِ وش آءِ هئد لسنڊ ٽو هم ارلئير. ائنڊ آءِ هوپ، ات از نات آلريڊي تولیٹ تو ايڪٽ آن وات هي سيز" ڪنهن سويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ ڪپڙا چنڊي، پوتڙو ڪلهي تي رکي انقلابي گس مٽائڻ بدران ان نظريي جي وارثي ڪئي جنهن جو ڏٽي ٽيڻ لاءِ کو بہ تيار نہ هو.

کهڙي رهبر 1990 جي ڏهاڪي ۾ ڏٺي چئي چڏيو هو ته جلد چين نہ

ماٽڪ چوٽو جن جو

صرف ايشيا بلڪ سڄي دنيا جي عظيم طاقت بڻجي ايرندو؟ ڪنهن لاهور ۾ 1990 جي ڏهاڪي ۾ جنرل حميد گل ۽ بين جي اڪين ۾ اڪيون وجهي چيو ته ملڪ کي جنهن گس تي وڌيو پيا ويجو سياٽي ان جو انجام عالمي اڪيلائي، حملن، خانه جنگي، دوکن، دهشتگردي ۽ تباهي کان سواءِ ڪجهه نه هوندو؟

لنڊن جي اي پي سي ۾ دهشتگرد ٽولي خلاف ميان نواز شريف ذريعي اسفند يار ولي، مخدوم امين فهيم، صفدر عباسي، مولانا فضل الرحمان، قاضي حسين احمد، عمران خان ۽ سيني سياسي اڳواڻن جي موجودگي ۾ ڪهڙي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر شهري دهشتگردي خلاف متفقه قرارداد منظور ڪرائڻ لاءِ تاريخي پيش قدمي ڪري يادگار فيصلو ڪرايو؟

چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جي بحاليءَ لاءِ پنڌ ڪهڙي پارٽي جي عورتن ڪيا؟ سپريم ڪورٽ تي اجرڪون ۽ ڳاڙها جهنڊا ڪنهن جهولايا؟ حيدرآباد جي سول بار مان ايمرجنسي خلاف گرفتاري ڪهڙي وڪيل ڏني؟ جنرلن جي سازش کي ڪنهن بي نقاب ڪيو؟

جيجي زرينه بلوچ، اختر بلوچ ۽ ممتاز نظاماٽي جهڙيون سرويچ قومي هيروئنون ۽ صاحبزادي ڏاهري، ساجده شيخ، حضوران شيخ، نسرين ميمڻ، مريم راهو مريم پليجو عمراهه سمون، صبحاني ڏاهري، خيرالنساءَ ڪوسو ريحانه شيخ، صاحبزادي ميرجت، شمع پٽي، عظمت هالپوٽو شبانه پليجو فخرالنساءَ شاهه نظير قريشي، اُمر ڪلثوم ڪيڑانو سعيده متيلو زاهده شيخ، حسينه تالپر، فضا قريشي، مريم گوپانگ، انيتا شاهه، روزينه پٽو شاهينه خاصخيلي، شاهده راچپر، فاطمه هالپوٽو مهتاب ڏاهري، رابيه قلپوٽو نائلا شاهه، سونهن گوپانگ، ڪلاونتي راجا، بختاور مگٽهار، حسينه ڏاهري، شاهينا لغاري، ماروي پليجو شهربانو ڪيڑانو ذليخان ڏاهري، جهڙيون ايم آر ڊي، ڪالاباغ مخالف ۽ عدليه بحالي تحريڪ ۾ مارچون ڪندڙ ۽ لٽيون ڪائي روڊ بلاڪ ڪندڙ جري اڳواڻ عورتون سنڌ کي ڪنهن ڏنيون آهن؟

ڪهڙي پارٽي ۽ ڪهڙو ساٿ هو جيڪو درجنين بغاوتن، سازشن ۽ ٽوڙ ڦوڙن باوجود گمراهه نه ٿيو ماٺ ڪري نه ويٺو پير پويان نه ڪيائين؟

قاسم پٽ، پنهون زئنور مانڊل شر الله بچايو مرٽاس، عبدالقادر رانٽو حڪيم هالپوٽو ڦوٽو رستماٽي، در محمد پرڙو فيض محمد تالپر، خادم تالپر، محسن عباسي، سيف الله نظاماٽي، فيروز خواجه، وشنومل، گل حسن ڪيڑانو شير

ماٹڪ چوٽو جن جو

خان لنڊ، محمد خان پرهڙي، گل چانگ، حسن علي پيٽ مظهر راهوجو حسين بخش ناريجو ادريس ميراڻي، هدايت شيخ، عبدالله جاکرو اڪبر مڱڻهار صاحب خان کوسو واحد بخش بنگلاڻي، راهب ميرجت، بلاول لاشاري، دوست علي ڪٿوهڙ مصطفيٰ چانڊيو لطيف بلوچ، دوست علي ڪپري، حاجن جوڳي، شرف الدين ڪيريو احمد خشڪ، منا خان لاشاري، ڊاڪٽر امين لغاري، محمد علي جوٽيجو ايوب ٻائيتار امين خاناڻي، بخش علي پنڊ، شاهنواز، ماستر ڪنيا لال، گهرام ميرجت، رئيس بروهي، دوست محمد ڪولاچي، زوراور جرواڻ روزي چانڊيو علي سوڊو رسول بخش ڏيٿو فريد ڪلهوڙو اسماعيل سوهو آزاد بلوچ، سوهيل خان بلوچ، موسيٰ درس، منو مهيري، غلام نبي بهراڻي، قاسم ملاح، ڪريم چنا، رمضان نظاماڻي، ستار سرڪي، سلام ميمڻ، عزيز ڪينجهراڻي، خالد تنيو ساجد مهيسر، غلام نبي ڪوسو منور جتوئي، ربڏنو نوحاڻي، عالم لغاري، سارنگ ڪلاڊي، شاهنواز ابڙو، امير بخش منگي، حق جاگيراڻي، اصغر ملڪ، ابرار ابڙو نثار ٻرڙو لال خان شر، ڊاڪٽر موهن لال، ڊاڪٽر مشتاق شورو جاکرو نوحاڻي، رسول بخش بروهي، گهنور زئنور، علي نواز ڏاهري، هاشم ڪنير، عارف جوٽيجو لال جرواڻ حئي پٿو ڪرڙ ريبهاري، حميرو مل، آرو مل، غلام مصطفيٰ لغاري، روشن برهماڻي، نور احمد ڪاتيار، صديق اونو ثناءالله سومرو انور رند، انور سومرو، اشرف پليجو نثار مگريو ۽ ابراهيم سارنگ جهڙا هيئين وچولي طبقي جا بهادر اڳواڻ روشناس ڪرائيندڙ پارٽي ڪهڙي آهي؟

محبوب ۽ ان جي اکين ۽ وارن، گلن، باغ ۽ بُلبل جي ڳالهه چڏي هاري، مزدور ۽ انقلاب جا ترانا ڳائيندڙ محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، استاد بخاري، ملڪ نديم، وقار ناٿن شاهي، آڪاش انصاري، مريم مجيدي، عبدالمبين پنائي، بيدل مسرور، عمر ملاح، اثر سنڌي، ڪپڙ چانگ، شاهد پٿو آفتاب ڪلوئي، حنيف سارنگ، زاهد شيخ، محسن مگڻهار، شيما ڪرماني، سوڊو جوڳي، الله ڏني جوٽيجي، وسند ٽري ۽ الله ڏني خاصخيلي ڪي سنڌي قومي پروگرامن ۽ احتجاجي تحريڪن جو لازمي عنصر ڪنهن بنايو؟

رشيد پٽي، علي محمد پروين نجم عباسي، تنوير عباسي، ڊاڪٽر فيروز مائيٽو اونو نورالهدي شاهه، سيد اڪبر شاهه، دستگير پٽي، ملڪ آگاٽي، ولي محمد طاهر زادو جون شروعاتي انقلابي تحريرون عوام تائين پهچائيندڙ تحريڪ رسالو ڪنهن شروع ڪيو هو؟ رات پيٽ ۽ سياسي ۽ ادبي ڪتاب ڪيڏانهن جي

ماڻڪ چوڻو جن جو

ڊائري، ٽي مسافر ٽي شهر، باک جي ساک، سارون سپنا آزادي، جنم قيدي ۽ پنهنجي پچار لکندڙن جو تعلق کهڙي قافلي سان هو؟ جڏهن موقعي پرستن سنڌ ۾ ضياءُ الحق جا ترانا پي ڳايا تڏهن پي اين اي جي تحريڪ جي مخالفت ڪنهن ڪئي؟ ڪنهن چيو ته جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏني ويئي ته پاڪستان سنڌ لاءِ اجنبي بنجڻ شروع ٿي ويندو؟ ڪنهن سنڌ جي ڪيس کي ڪاڇي، ڪوهستان، واهي پانڌي، ڪيٽي بندر، ننگر پارڪر، وارهه ۽ ڪنڌ ڪوٽ سان گڏ لنڊن، نيويارڪ، واشنگٽن، برلن ۽ ماسڪو تائين پهچايو؟ آمريڪا جي ييل ۽ ڊينور يونيورسٽين، آسٽريليين يونيورسٽي بائرن بي، سائوٿ آفريڪا جي جوهانسبرگ يونيورسٽي، ڪينيڊا جي وينڪوئر يونيورسٽي، پيڪنگ يونيورسٽي، ناروي جي برگن يونيورسٽي ۽ برائيٽن جي سسيڪس يونيورسٽي ۾ ڪالاباغ ڊيم، وڏندڙ بيروزگاري، ڏارين جي يلغار ۽ صوبائي حقن تي ڏاڙن خلاف انگن اکرن سان عالمي سطح تي ڪيس کهڙي پارٽي جي وڪيل وڙهيو؟ آسا (ASA) ذريعي عالمي سطح تي سنڌ جو آواز اڀارينڌڙ سنڌي شاگرد تحريڪ جا سڃاڻ ڪارڪن کهڙي انقلابي يونيورسٽي جا گريجوئيٽ هئا؟ "اُردو ڪا جنازه هي ذرا ڏوم سي نڪلي" جهڙيون زهريليون ستون لکي باهه پڙڪائيندڙ ڪي خوني ڪڇو قرار ڏئي ان خلاف ڳوڻن ۾ سڃاڪي ڪنهن پيدا ڪئي؟

پروفيسر عزيز الدين احمد، سبط حسن، ڊاڪٽر مبشر، خير بخش مري، افضل بنگش، ڪرامت علي، نبي احمد، علي ياور، اعتزاز احسن، ملڪ قاسم، رائو رشيد، ملڪ مختيار اعوان، ملڪ حاڪمين، افضل حيدر، ڪشور ناهيد، فخر زمان، ميجر اسحاق، شير علي باچا، سردار شوڪت، احمد بشير، آءِ اي رحمان، حسين نقي، عاصمه جهانگير، طاهرا مظهر علي خان، غوث بخش بزنجي، خان ولي خان، لطيف آفريدي، روئيداد خان، وجيهه الدين احمد، فرزانه باري، نذير لغاري، احمد فراز سليم هاشمي، امتياز عالم، عابد حسين منٽو، محمد تحسين، سرور باري، پرويز عنايت ملڪ، پرويز صالح، تنوير زمان ۽ پروفيسر اعجاز الحسن جهڙن عوام دوست ماڻهن کي سنڌين جي حقيقي ڏکن سورن ۽ موقف کان ڪنهن آگاهه ڪيو؟ کين سنڌ متعلق مثبت رويا اختيار ڪرڻ لاءِ قائل ڪنهن ڪيو؟ ڪنهن عوامي جمهوري اتحاد، پاڪستان عوامي تحريڪ، عوامي نيشنل پارٽي، اي پي ڊي ايم، ايم آر ڊي ۽ عوامي جمهوري تحريڪ لاءِ بي لوث پورهيو ڪري مظلوم قومن جي اتحاد جا بج ڇٽيا؟ سنڌي عوام جو قومي اتحاد ناهي ڪراچي، حيدرآباد ۽

ماٹڪ چوٽو جن جو

سڪر ۾ لکين ماڻهن جا تاريخي احتجاج ڪنهن ڪيا؟ سنڌ ۾ فلسطينين، آفريڪي آزادي پسند ڪارن، بابي سينڊس، نيلسن منڊيلا، ابو جهاد جهڙن انقلابين لاءِ احتجاج ڪنهن ڪيا؟ 1940 جي قرارداد تي عملاً اڄ سڀ ڳالهائي رهيا آهن، ان کي بنياد بڻائي خودمختياري ۽ قومي حقن جو مطالبو ضياءُ جي دؤر ۾ سڀ کان پهرين ڪنهن ڪيو؟ ضياءُ جي مارشل لا کي هاري ڪانفرنس ذريعي پهرين للڪار ڪنهن ڪئي؟ ڪوڙا ڪنهن ڪاڌا؟ هٽڪڙيون هٽي بدين جي وچ شهر ۾ گشت ڪهڙي ليڊر کي ڪرايو ويو؟ ڪوٽ لکپت ۽ مچ جيل ۾ بند وارڊ ڪهڙا اڳواڻ ٿيا؟ جيلن کي يونيورسٽيون ڪنهن بڻايو؟ ڪال ڪوٺڙين مان عام قيدين جا ڪيس ڪنهن وڙهيا؟

سنڌ جي عدالتن کي انساني حقن جي ويڑهه جو ميدان ڪنهن بڻايو؟ دارالامانن، فسادن جي متاثرين، قيدين، عورتن، اقليتن، پليس تي ناجائز ٽيڪسن، هندو نياڻين جي اغوا، بانڊيڊ ليبر، جيلن ۾ تشدد، ٻوڏ جي پاڻيءَ، سحرش نگر جي متاثرين، ٻارن سان زيادتين ۽ زهريلي پاڻي خلاف ڪيس ڪهڙي پارٽي جي اڳواڻ وڪيل وڙهيا ۽ ڪٽيا؟ تشدد ۾ ماريل، وحشت جو نشانو بڻيل ۽ ٽارچر ڪيل محمود ڪوسي، غلام علي خاصخيلي، خديجه چانڊيو، پگواني باگڙي ۽ نبيلا مهر جا ڪيس ڪير وڙهيو؟ ڪوٽڙي، ڪورنگي، ڏهرڪي ۽ نوري آباد جي ڪارخانن ۾ سنڌي مزدورن جي حقن لاءِ احتجاج ڪنهن ڪيو؟ ڪي ايس سي ۾ سنڌين سان ٿيڪائي خلاف ڪنهن آواز بلند ڪيو؟ سنڌي ميڊيڪوز ۽ سنڌي انجنيئرز خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڍڻ تي ميدان ڪنهن ملهايو؟ ٽر جي ڏڪار سٽيلن لاءِ ڪيمپون ڪنهن لڳايون ۽ حيدرآباد جي ڏٽڙيل سنڌين لاءِ ماڊل اسڪول اولڊ ڪيمپس گاڏي ڪاتي ۾ ڊاڪٽر قمر واحد ۽ ڊاڪٽر ممتاز پٽوسان گڏ ۽ قاسم آباد ۾ نياز چنا غلام رباني قريشي ۽ مشتاق جوڪيو سان گڏ ڪيمپون لڳائي سامان ڪنهن پهچايا؟ جيواڻي بلوچستان جي آفتن، گاج ۽ سورجاڻي بندن جي ٽٽڻ تي انهن علاقن جي مقامي ماڻهن جي ڏکن سورن ۾ ڪهڙي ڏر شريڪ رهي؟ سنڌ ۾ ظفر اڃڻ، مشتاق راڄپر، مشتاق پٽي، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، صاحب خان چنا، نذير ميمڻ، پروفيسر امير علي قادري، ڊاڪٽر قمر واحد، مسعود نوراني، لکانو بهراڻي، ابن حيات پنهور، يوسف نسڪندي، ڪرم ڪلوئي، ڊاڪٽر محبت برڙو، خليل قاضي، ڊاڪٽر اسلم آزاد، منير پرڳڙي، حفيظ ڪنير، سڪندر مغل، جامي چانڊيو، اسماعيل خاصخيلي، بخت جمال، علي گل ميتلو، ڊاڪٽر بدر چنا، ڊاڪٽر ظفر

ماٽڪ چوٽو جن جو

قادري، عبدالله ملاح، مصطفيٰ سهاڳ، عزيز ٽالپر، اسماعيل راهو محبت برڙو، امتياز ميراٽي، ڊاڪٽر برما، ڊاڪٽر ولي عباسي، ڊاڪٽر سعيد ميمڻ، فياض نائچ، روشن خاصخيلي، عامر ميمڻ، عباس گوپانگ، ارباب چانڊيو رمضان چانڊيو الطاف خاصخيلي، ابراهيم ڪنبر، دودو چانڊيو ۽ خدا ڏنو شاهه جهڙا سوچيندڙ ۽ متحرڪ ماڻهو سياست ۾ ڪنهن آندا؟

سنڌين کي ڪنهن سمجهايو ته چين ويٽنام، ڪوريا، ڪمپوڊيا، لائوس، انگولا، موزمبيق، بينگال، گني بسائو نيپال ۽ ڪيرالا جا تجربا ثابت ڪن ٿا ته قومي آزادي جي جدوجهد رڳو تڏهن ڪامياب ٿيندي جڏهن اها ساڳي وقت وڏيرا شاهي ۽ دلال زميندار شاهي کان چوٽڪاري جي جدوجهد به هجي؟ ڪير هو جنهن سنڌين جي مظلوميت ۽ عالميت ڈاڪٽر نجيب الله ۽ راجيو گانڌي کان ويندي ايشيا پيسيفڪ ۽ ورلڊ سوشل فورم تائين پهچائي ۽ 18 ڪروڙ پاڪستانين جي عظيم مفادن لاءِ هڪ ئي وقت چو ٻڪي جنگ ڪير وڙهندو رهيو آهي ۽ ڪنهن جاگيرداراٽا ڪوڙن قومپرستن ۽ ڪوڙن جمهوري ۽ نقلي ترقي پسندن، پنجاب جي بالادست حڪمران ٽولي ۽ شهري دهشتگرد ٽولي کي مسلسل للڪار ڪئي ۽ ان جي مسلسل مزاحمت ڪئي آهي؟

سنڌ ۾ رڳو پنهنجو پاڙ پڏائڻ، پنهنجا گيت ڳائڻ بدران ٻين وڏن ماڻهن کي ساراهڻ ۽ انهن جي ڪمن ۽ ڪردار تي روشني وجهڻ ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، محترم جي ايم سيد، عبدالمجيد سنڌي، مولانا گرامي، شيخ ايان غلام محمد پرڳڙي، رشيد پٽي، استاد جمن، تنوير عباسي، ابن حيات پنهور، استاد بخاري، استاد منظور علي خان، تاج محمد ابڙو ۽ منصور عباسي جهڙن يگانن ماڻهن تي لکڻ، انهن جي چگهائين جو پرچار ڪرڻ انهن جا ڏينهن ملهائڻ جو رواج سنڌ ۾ رسول بخش پليجو ۽ سندس پارٽي وڌويا ٻئي ڪنهن؟

اڪثر اخبارن ۾ پليجو صاحب ۽ عوامي تحريڪ جي انقلابي نظريي تي تبرا ۽ تبصرا ڪندڙ استيبلشمينٽ جا پگهاردار ڪالم نويس جڏهن پرائمري پڙهندا هئا تڏهن ذوالفقار علي پٽي جي قاسي واري فيصلي خلاف سنڌ، ملڪ ۽ عالم ۾ پهريون جلوس ڪيندڙ عظيم سورمي جيجي زرينه بلوچ ڪير هئي؟ ووٽر لسٽن، 4 مارچ ۽ ون يونٽ وارين جدوجهد ۾ بڪ هڙتال ڪندڙ اختر بلوچ ڪير هئي؟ پٽي جي قاسي خلاف احتجاج ڪندڙ عوامي تحريڪ هئي يا اڄ ڪلهه جا وزيرڙا، مُشيرڙا، ايم پيئڙا ۽ ايم اينڙا؟ شهيد بينظير پٽو جڏهن سکر جيل ۾ بند وارڊ هئي تڏهن سندس پر گهور لهندڙ جيلن جا ساٿي ڪهڙي پارٽي جا هئا؟ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ گرفتاريون ڪنهن ڏنيون؟ 1986ع ۾ محترمه تي

ماٽڪ چوٽو جن جو

اچلايل شيل پگهاردار ڪالم نويسن روڪيا يا عوامي تحريڪ جي ليڊرن؟ جڏهن پيارا پيپلا ۽ پيارا ليگلا دوست ملڪ کان ٻاهر هئا تڏهن جنرل مشرف خلاف وڪيلن سان گڏجي جلوس ڪنهن ڪيا؟ گرفتاريون ڪنهن ڏنيون؟ شهيد نواز ڪنراٽي ڪير هو؟ حيدرآباد ڪورٽ مان پاٽمرادو گرفتاري ڪنهن ڏني؟ ڪلاباغ ڊيم خلاف جلوس ڪنهن ڪڍيا؟ مشرف کي مقابلي ۾ مناظري جو چيلنج ڪنهن ڏنو؟ لئيون ڪنهن ڪاڍيون؟ نٽي ۾ مٽو جيجي زرينہ بلوچ جو ڦاٽو يا ٻي ڪنهن جو؟ جڏهن اختر عبدالرحمن ۽ جنرل حميد گل صاحب نوڪريءَ ۾ هئا ۽ طاقت ۾ هئا تڏهن ڪالم نويس ساڻين انهن خلاف ٻڙڪ ٻولي يا اوڏي مهل انهن مان ڪن فلور ملن جي مالڪن کان سگ وٺڻ جا منصوبا پي ٺاهيا ۽ ڪن جون پڙهايون ۽ پگهارون جاري هيون ۽ انهن جنرلن جي ريٽائرمينٽ کان پوءِ اهي لکڻي داس ميدان ۾ لٿا؟ جڏهن اهي جنرل پاور ۾ هئا تڏهن توبن جي منهن آڏو احتجاج ڪندڙ سنڌ مان فقط عوامي تحريڪ ئي هئي يا ٻي ڪا پارٽي؟

سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي پابندي ڪنهن وڌي ۽ سهڻي وغيره جي پابندين خلاف ڪير وڙهيو؟ پاٽمرادو طارق اشرف، علي حيدر شاهہ شير محمد مري، خير بخش مري، ولي خان، اختر مينگل، آصف زرداري، اڪبر بگٽي، ابراهيم منشي جي جيلن ۾ سار ڪنهن لڌي؟ جنرل ذوالفقار کان وٺي مشرف تائين ڏکي وقت ۾ ڪالاباغ ڊيم جي حمايتن جي سمورن ڪوڙن ۽ هٽرادو دليلن جا پردا ڪنهن چاڪ ڪيا؟ سنڌ ۾ پي اين اي جي سامراج نواز تحريڪ جي مخالفت ۾ سجاڳي ڪنهن پيدا ڪئي ان سان صلاح ۽ هم آواز ڪير هئا؟

جڏهن ڪجهہ نادان دوستن حب ۽ جيڪب آباد تي ڪوڙيون دعوائون ڪيون ۽ زرعي يونيورسٽي ۽ بين هنڌن تي سنڌين کي قبائليت ۽ ذات برادري جي بنياد تي وڙهائڻ ٿي چاهيو تہ ان جي مزاحمت ڪنهن ڪئي ۽ ڪنهن چيو تہ سنڌ ۾ رهندڙ اُهي سمورا بلوچ، سمات، ڪولهي، ييل، مينگهواڙ گجراتي، سلاوٽا، باگڙي، ڪچي ميمڻ، آغا خاني، بوري، سرائيڪي ۽ ماروارڙي جيڪي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفادن ۽ جدوجهد کي پنهنجو سمجهن ٿا سي سنڌي آهن. ڀارين جا ڪٽڪ سنڌ تي چڙهيا تہ سيڪ ڪان پهرين اپريل 1973ع ۾ انهن کي وائيڪو ڪندي ڪنهن لکيو تہ سنڌ تي نئون حملو جاري آهي ۽ بنگلاديش مان سڏي طرح ۽ افغانستان، انڊيا، ايران، نيپال، بحرين ۽ بين رستن کان قري ايندڙ ڀارين جا ڪٽڪ سنڌ تي ڪڙڪي رهيا آهن؟ جڏهن قومي اسيمبلي جي ويهن ميمبرن ڀارين کي آٽڻ جو مطالبو ڪيو تہ ان تي صحيح ڪندڙ ٽن سنڌين ٽالپر صاحب، مري صاحب ۽ جتوئي صاحب جي مخالفت ڪري ڪنهن چيو تہ "هي منهن ڏٺي ٻن تون وهہ ڪائي نہ مرين" سنڌ ۾ سي آئي ڊي ۽ اسپيشل برانچ ۽ وفاق ۾ مرڪزي جاسوسي ادارن جي عوام، سياست ۽ جمهوريت دشمن ڪردار ۽ عملن کي ڪنهن

ماٹڪ چوٽو جن جو

وائکو ڪيو؟

جڏهن مُلن البدر ۽ الشمس سنڌ ۾ آرگنائيز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ 1974ع ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاهہ، سکر ۾ انهن جي انتها پسندانہ ۽ سنڌ دشمن روين ۽ ماضيءَ کي ڪنهن عوام آڏو پيش ڪري ڪين پير کوڙڻ کان روڪيو؟ بلوچستان جي آپريشن جي خلاف سنڌ مان ڪير اٿي ڪڙو ٿيو؟ ڪنهن جولاءِ 1973ع ۾ چيو تہ بنيادي سوال اهو ناهي تہ بلوچستان جي نام نهاد سردارن جي هلت ڪهڙي آهي پر سوال اهو آهي تہ بلوچستان جي مظلوم عوام سان ڪهڙي هلت جائز آهي؟ ڪنهن چيو تہ بلوچ پنهنجي ڌرتي جا ڌٽي آهن هنن کي ڪنهن فتح ڪونہ ڪيو هو؟

جامشوري جي غنڌا گردي، ڏوهن ۽ قوم دشمنيءَ جي مرڪز بٽجڻ کان اڳ اتي سنڌي شامن ۾ راجا ڏاهر کان وٺي، دولهہ دريا خان ۽ روپلي ڪولهي تائين امر ڪردارن کي نوجوان نسل آڏو سنڌ جي حقيقي سورمن طور متعارف ڪنهن ڪرايو هو؟

ڪاش ڪي فرد هجن، ڪي ادارا هجن، ڪي يونيورسٽين جون سچيون پچيون چيئرز هجن ۽ شاگردن ۽ استادن جا گروپ ويهي سنڌ جي گذريل 62 سالن جي تاريخ تي ريسرچ ڪري ڪير جو ڪير ۽ پاٽي جو پاٽي ڪن.

ان سڄي احوال پڙهڻ کان پوءِ ڪن ڏهنن ۾ سوال اٿي سگهن ٿا تہ ايڏا تاريخي ڪارناما ڪرڻ کان پوءِ، ايڏي دوراندیشي، ڏاهپ ۽ پيش قدمين باوجود سنڌي ماڻهو اڄا تائين ڏکن ۽ زيادتين کان ڇوٽڪارو ڇو نہ حاصل ڪري سگهيا آهن؟ شيخ اياز چيو آهي:

ڪير چوي توکي ڳولينديِ، منهنجي عمر اجائي ويئي
ڳولا خود بہ تہ آزادي آ، ساري عمر سجائي ويئي،

مڪمل سڪ يا مڪمل ڇوٽڪارو ماڻڻ تہ هونئين بہ ناممڪن آهي ۽ روس، انڊيا، فلسطين، آمريڪا، ايران، سائوٿ آفريڪا، برازيل يا افغانستان يا ڪو بہ ملڪ يا اتي جا ماڻهو اها دعويٰ نٿا ڪري سگهن تہ انهن سمورا مسئلا حل ڪري ورتا آهن يا پريشانيون دور ڪري ڇڏيون. ها باقي نسبتاً حالتون بهتر ڪري سگهجن ٿيون ۽ نسبتاً مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا، پوءِ ڇا سبب آهي جو اسين کوڙ سارين مشڪلاتن ۽ مسئلن جي طوفان مان اڄا پار پئجي نہ سگهيا آهيون؟ ان سوال جو حل ڳولڻ لاءِ اهو سمجهڻو پوندو تہ اسان جون حالتون دنيا جي نرالين ترين حالتن مان هڪ آهن. هڪ ڳهڻ قومي ۽ ڳهڻ پولي وارو ملڪ جيڪو شروع کان لکن ماڻهن جي لڏ پلاڻ جو شڪار رهيو هجي ۽ ان ملڪ ۾ شامل ٿيڻ شرط اوهان جي مڊل ڪلاس سان تعلق رکندڙ پڙهيا لکيا ماڻهو لکن جي تعداد ۾ ملڪ مان بيدخل ٿي وڃن ۽ اوهان ور چڙهي ويو هڪ اهڙي لڏي جي جيڪي صدين

ماٽڪ چوٽو جن جو

ڪان ونڊي پاڙي تي يا مذهب جي نالي ۾ وڙهندڙ ڪرائي جا گوريلا هجن تہ پوءِ حالتون يڪدم بهتر ڪيئن ٿي سگهنديون؟ انساني تاريخ ۾ جتي هن ڌرتي جي عمر چار ارب 60 ڪروڙن سال جي لڳ ڀڳ هجي ۽ انسان کي اٿي ڪڙو ٽيندي 60 لک سال ٿيا هجن اتي 62 سالن ۾ ڪنهن چوڏاري گهيري هيٺ آيل مظلوم قوم جي تقدير ڪيئن ٿي مڪمل تبديل ڪري سگهجي؟ ۽ قوم به اهڙي جيڪا وڏيرن جاگيردارن جي گهيري ۾ هجي. جتي سندن چونڊيل نمائندا ڪائنس ووٽ ونڊي بازار جا دوڪاندار ٿي ويهي رهن ۽ هر شئي جو اگهه ٻڌڻ شروع ڪن ۽ ان جي باوجود پاڻ جهمريون هڻندا ڪين چونڊيندا رهون تہ پوءِ تبديلي جلد ڪيئن ايندي؟ ۽ جتي جي ماڻهن ۾ ڊپ ۾ هجي تہ ڪوبيو سندن جاءِ نہ وٺي، ڪائنس سڻي تقرير نہ ڪري وڃي يا وڏيڪ مقبول نہ ٿي پوي ۽ جتي قوم پرستي جي هڪ وصف اها هجي تہ استادن کي مارون ڏجن، ڪاپي ڪجي، نياٽين کان موبائيل ڦرجن، پلاٽن تي قبضا ڪجن، فيڪٽرين، شورومن ۽ بلڊرن کان پتا وٺجن، موٽر سائيڪلن ۽ ڪارن جي ڦر ڪجي، ينگ لاءِ ماڻهو اغوا ڪجن ۽ پئسا وٺي ايجنسين جي اشارن تي انهن جي سياست ڪجي تہ پوءِ قومي ۽ طبقاتي آزادي ڪيئن ماڻبي؟ سنڌي مڊل ڪلاس ۽ اديب نوڪرين ۽ بدلين خاطر وڏيرن جي پيرن ۾ ويڙهل رهندا ۽ مختلف فورم ۽ گروپ ٺاهي وزيرن جون دعوتون ۽ ڊائيلاگ پيا رکندا ۽ انٽرنيٽ تي عيد مبارڪ، هولي مبارڪ ۽ تعزيتي پيغام پيا موڪليندا ۽ ڪپڙن وانگر پارٽيون پيا بدلائيندا سيني کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهندا تہ چگّي بري جي نشاندهي ڪيئن ٿيندي؟

پر انهن سمورين رڪاوٽن باوجود سنڌ جي وطن دوست ۽ ترقي پسند جمهوري قافلي کان ٻه ڪجهه چڪون ٿيون آهن ۽ ڪي اهم نوعيت جا قدم کڄڻ کان رهجي ويا آهن. رڳو هر مرض ۽ مصيبت جو الزام مخالفن ۽ عالمي سامراج تي هڻبو ۽ پنهنجو احتساب نہ ڪبو تہ مسئلو حل نہ ٿيندو. مثلاً ضياءُ الحق جي دور کان ويندي اڄ تائين سنڌ جي قومپرست ۽ وطن دوست پارٽين ۽ گروهن آمريت جي مخالفت ڪئي، سنڌ جي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪئي، جيل پوڳيا، تارچر سٺا پر جڏهن انهن آمريتن جي خاتمي کان پوءِ نالي ماتر صحيح پر ڪوڙي سچي جمهوريت جو امڪان پيدا ٿيو تہ انهن پارٽين تياري نہ هڻڻ ۽ گهربل رٿابندي نہ هڻڻ سان گڏ مرڳو چونڊن تي ويساهہ ٿي نہ هڻڻ سبب اليڪشن جو يا تہ بائيڪاٽ ڪيو يا اڌ ڏيو فقط آخري مهيني جي تياري بعد حصو ونڊي وڏيرن لاءِ ميدان خالي ڇڏي ڏنو. نتيجتاً اهي ماڻهو جيڪي جنرلن ۽ آمرن جا بوٽ چٽيندا هٿ سي به اخبارن ۽ ٽيليويزن تي چوندا آهن تہ فلاڻا ڪي فلاڻا يو سي جي سيٽ به نٿا ڪٽي سگهن ۽ عوامي مينڊيٽ اسان وٽ آهي. سنڌي عوام به مسئلن جي حل لاءِ تہ وطن دوست ڌرين ڏانهن واجهائيندو رهيو پر انهن کي بس يا جلسي لاءِ چندو ڏيڻ کان

انڪار ۾ سندن مالڪي ڪرڻ بجاءِ رڳو تنقيدون ڪندو رهيو.

سنڌ جي وطن دوست ۽ ترقي پسند قافلي ايجنسين جي ماٹهن ۾ اختلافي راءِ رکندڙن کان بچڻ لاءِ احتياط طور تنظيم سازي ۾ ميمبر شپ جو معاملو ايڏو محتاط ۽ مشڪل بڻائي ڇڏيو جو ماٹهن جا هجوم هڪ ٽه اڳ ۾ ئي موقعي پرست اقتداري ماٹهن جي چوڌاري تڪي پئسي جي ڪمن لاءِ ڦرندا پيا وٽن پر جيڪي سمجهدار ۽ سجاڳ ماٹهو چگهين پارٽين ۾ اچڻ بہ چاهين ٽه انهن جي شموليت ۽ حيثيت جي تعين جي واڳ انهن مردم بيزار ماٹهن حوالي ڪئي ويئي جن هر ٽئين ايندڙ ماٹهو کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسندي ان مان هروپرو بہ موقعي پرستي، شوبازي، وڏ ماٹهائپ ۽ بورزوا طبقاتي رنگ ڳولي ٿي لڏو. پرسنالٽي ڪلٽ ۽ شخصيت پرستي ايٽرو ٽه وڌي ويا جو حقيقي قومپرست، حقيقي جمهوريت پسند يا حقيقي انقلابي هڻڻ جو مطلب هو ٽه همراهہ 24 ڪلاڪ اڳواڻن جي هدايتن تي ڪنڌ لوڏيندو رهي، ڪو بہ اختلاف نہ رکي، بلڪہ اڳ ۾ اندازو ڪري ٽه ليڈر صاحب چا ٿو چاهي ۽ پوءِ اهو ئي موقف رکي.

عوام جي مقامي ۽ حقيقي ننڍين مسئلن تي ساڻن ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي جدوجهد ڪرڻ کي وقت جو زيان سمجهي، اهو چيو ويو ٽه ننڍڙا مسئلا حل ڪرڻ بدران سڄي نظام کي تبديل ڪرڻو پوندو. جيتوڻيڪ نظرياتي طور تي اها ڳالهہ بلڪل درست هئي ۽ آهي، پر ماٹهو نمونيا، ٽي بي، ٽائيفائيڊ يا سائي جي ڏکهي علاج سان گڏ اڇوڪي رات ڏاڻ، مٽي يا پيٽ جي سور ۽ جسم جي ڦٽ لاءِ اسپرو ۽ پينادال جي گوريءَ کي بہ وڏو سهارو ۽ ڏيڻ سمجهن ٿا. ان لاءِ سياسي اڳواڻ يا ڪارڪن بک هڙتالي ڪيمپن تي وڃن ها، بيگناهن جي آزادي لاءِ ٽاڻن آڏو ڏرٽا هڻن ها ۽ غير قانوني بند ڪيل واٽر ڪورس کولرائين ها ٽه ماٹهن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ سهولت ۽ رليف ملي ها پر ان رويي ۽ رجحان جي نہ صرف همت افزائي نہ ڪئي ويئي بلڪہ جيڪڏهن ڪن سڃاڻ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن اهڙي پيشقدمي جي ڪوشش بہ ڪئي ته انهن لاءِ آڏين پچائن ۽ الزامن جا دفتر کوليا ويا. مقامي ليڈر نشانبر نہ ٿيا، پاڻ کي عوام آڏو مقبول نہ بڻايو جهنڊا ۽ پوسٽر نہ هنيا. ڪم جو بهترين ماٹهو ان کي سمجهيو ويو جيڪو چغل خور هجي، پنهنجي ساٿين جي پرپٽ گلا ڪري، سيني جي جاسوسي ڪري، نوان اسڪينڈل ٺاهي ۽ جيڪو عام ماٹهن ۽ دنيا کان ڪٽيل هجي ۽ مدرسي جي طالب وانگر ڪنڌ ڀيو ڏوٽي، پر جيڪو ماٹهو هجومن ۾ مقبول هجي، فوري مسئلا حل ڪري سگهي، پوليس، اختيارين ۽ مخالفن کان نہ گهبراءِ ۽ صاحب الراءِ هجي ان کي خطرو سمجهيو ويو. عهديدارن جي چوندڙ مهل سياسي ضرورتن، پارٽين ۽ وطن جي مفادن کي گهٽ پر جي حضوري کي وڌيڪ اهم سمجهيو ويو. ڳٽڪن، سوپارين، چانهين، مين پٽڑين ۽ پانن جي ماريل سنڌي ماٹهن جي جسماني تربيت، بهادري ۽ دفاعي صلاحيتن تي

ماٹڪ چوٽو جن جو

گهٽ ڏيان ڏنو ويو. بلڪ جي ڪن نوجوانن پاڻمرادو ڏکين حالتن ۾ همت ڪئي ته انهن جي وارثي ڪرڻ بدران ڪن حالتن ۾ انهن کي مهم جويا مسئلا پيدا ڪندڙ سمجهيو ويو. نيٽ، خواهش ۽ جذبو رکڻ جي باوجود سنڌ جي مڊل ڪلاس ۽ سڃاڻ حلقن ياران نوجوانن جي مزاحمتي صلاحيتن ۽ دهشتگردن، انتهاپسندن ۽ حملا آورن کان بچڻ لاءِ تربيت تي ڪو خاص ڏيان نه ڏنو ويو. ڪن پارٽين جو سڃو زور رهيو شوبازي ۽ ڏوهن تي ته ڪن جو سڃو زور رهيو ڪتاب پڙهڻ تي. جيڪا ڪارائتي ڳالهه هئي، پر ڳاڙهو لالٽين يا اينگلز کي پڙهڻ سان اڪثر مسئلا حل ٿي ويڙ به ممڪن هو پر جيڪي ڪم هزارين پڙهيل لکيل ۽ مناظرا ڪندڙ همراهه نه ڪري سگهيا سي ڪم نظرياتي طرح گهٽ پڙهيل اڪبر بگٽي، بالاچ مري، براڪ اوباما، سونيا گانڌي، مجيب الرحمان، ڊاڪٽر نجيب الله، مهاتير محمد، افتخار محمد چوڌري ۽ نيلسن منڊيلا ڪري ويا. عوام کي صاف ۽ سولن لفظن ۾ مختصر ۽ جامع پرگرام نه ڏنو ويو. سموري نيڪ نيتي، عوام دوستي ۽ بيمثال قربانين باوجود حالتن جي جبر، گهڻ طرفن خطرن ۽ نت نون حملن سبب سنڌ جي پارٽين ياران ايترو مشڪل ۾ منجهائيندڙ موقف يا چارٽر پيش ٿيندو رهيو جو عام اٽپڙهيل ڳوٺاٽو ماڻهو سمجهي ئي نه سگهيو ته آخر هي دوست يا سياسي ڊر چاهين ڇا ٿا؟ اها ساڳي صورتحال عوامي ليگ، آفريڪن نيشنل ڪانگريس، توده پارٽي، حماس، انڊين ڪانگريس ۽ سي پي آئي ايم سان به درپيش هئي پر انهن وڏي سوچ ويچار ڪانپوءِ هڪ وسيع ۽ گهڻ طرفي چارٽر سان گڏ چند نقطن تي مشتمل هڪ انتهائي مختصر ۽ پُرڪشش عوامي چارٽر پڻ پيش ڪيو جنهن لکين ماڻهن کي مويلائيز ڪيو. بلڪل ائين جيئن پٽي صاحب پنهنجي مفاد خاطر اتي، لٽي ۽ اجهي جي نعري ذريعي ڪيو. سنڌ جي ضرورت آهي ته موجوده حالتن ۾ لکين ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ هڪ مختصر، جامع، چند نقطن ۽ دوراندیشي وارو گهڻ طرفو چارٽر پيش ڪيو وڃي جيڪو تن ڇئن سالن نه بلڪ ڏهاڪن تائين سنڌين جي مطالبن، مقصدن، خواهشن ۽ ضرورتن جي ترجماني ڪري.

ڊپلوميٽڪ مورچي تي وسيلا، وقت ۽ سهولتون نه هئڻ ڪري اهڙي لابنگ ۽ اهڙيون حالتون پيدا نه ٿي سگهيون جو عالمي ۽ علاقائي طاقتون روس، آمريڪا، چين، سعودي عرب، ايران، انڊيا، برطانيا، فرانس، جرمني، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا وغيره سنڌين کي سنجيدگي سان هڪ ٻر سمجهن ۽ هن ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ روشن خيال، لبرل، جمهوريت پسند، امن پسند ۽ عورتن ۽ اقليتن سان نسبتاً بهتر هلندڙ سنڌين کي سنجيدگي سان نه وٺتو ويو. آڪسفرين تي پڙهڻ جيترا جيڪي ماڻهو باهر هئا انهن ۾ خالد هاشماڻي، سرفراز ميمڻ، اسحاق تنيو، منور لغاري، منور هالپوٽو، صغير شيخ، آشا چاند، گل آغا، ثريا مخدوم، نديم جمالي، جاويد سومرو، زاهد مخدوم، آفتاب قاضي، حميرا رحمن، روبينا شيخ، حسن مجتبيٰ، الطاف ميمڻ، لکمي ڪلاڻي،

ماڻڪ چوڻو جن جو

محمود قلباڻي، منل وقاصي، سني پونهر، عزيز ناريجو گل ملاح، قادر سرڪي، اسد پليجو سهيل ڪلهوڙو، سرمد پليجو احمد سران جاني نور ميمڻ، رميش ڪٽيجا، شاهد تالپر، اشوڪ موتواڻي، پرهه شهرياڻ، محمد علي تالپر، گهنشام پرڪاش، بدرالدين شيخ، وينا شرنگي، ڪيرت ٻاباڻي، اقبال ترين، علي نواز ميمڻ وغيره جيتوڻيڪ حال آهر سنڌين جو ڪيس عالمي فورمز تي پيش ڪندا رهيا ۽ سانا، ورلڊ سنڌي ڪانگريس ۽ ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ وغيره به مهلاڻتو ڪردار ادا ڪيو پر سنڌ ۾ متحرڪ سياسي ڏرين پاران ڊپلوميٽس کي مناسب بريفنگس نه ڏيڻ ۽ عالمي ليول جو مختصر ڪيس انگريزي ۾ نه هڻڻ ۽ ڪمزور ميڊيا مينيجمينٽ جي ڪري بين الاقوامي ادارن ڪڏهن به مصيبت ماريل پنج ڪروڙ سنڌين کي سنجيدگي سان ناهي ورتو.

سنڌين جي قومي، جمهوري ۽ وطن دوست سياست جي عوام وٽ پذيرائي جي راهه ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ اسان جي قوم پرست ڏرين سان لاڳاپيل ڏوهاري عنصر به آهي. ماڻهو پلي ڪنهنجي واتان ڪالاباغ ڊيم مخالف نعرا، ڏارين جي آمد خلاف مزاحمت جا اعلان يا روزگار ۽ اين ايف سي جا مطالبا ٻڌن پر عملاً ان پارٽي جي پهرين، بين ۽ ٽين نمبر قيادت کي پتا ونندي، اغوا ڪرائيندي، غنڊا گرديون ڪندي ۽ ٽريل موٽر سائيڪلون ورائيندي، قبضا ڪندي يا ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن کان ڪراچي ۾ پلاٽ ونندي ڏسندا يا اليڪشن ۾ ڪيو ليگ جي سنڌ دشمن مهربانن سان گڏ ورڪ ڪندي ڏسندا ته پوءِ ڪين ويساهه ڪيئن ايندو ته هي قومپرست دوست پيپلز پارٽي جي موقعي پرست وڏيرن جا متبادل ٿي عوام جا مسئلا حل ڪندا؟

در حقيقت سنڌ ڪرپشن، وحدت کي خطري ۽ وسيلن تي مڪمل ڏارين جي قبضي جي ته منهين اجگر جي وات ۾ آهي ۽ اهو اسان جي اهليت، دوراندیشي ۽ جرئت تي منحصر آهي ته اسين هنن تاريخ سازن گهڙين ۾ شاندار پيش قدمي ڪري لکين ڪروڙين ماڻهن جي مسئلن ۽ خواهشن جا ڏٽي ٿيڻ جي سگهه رکون ٿا يا ماضي جيان استيبلشمينٽ طرفان هر روز مڙهيل هڪ نئين موتمار منصوبي جي مزاحمت ئي ڪندا رهجي ويندا سين ۽ هڪ ٻئي تي ايجنسين جي ماڻهو هجڻ جو الزام هڻندي وقت گذري ويندو ۽ سنڌي عوام جي ڪاڏل لئين جو ڪٽيو سدائين وڪاميل وڏيرا، دهشتگرد، جنرل ۽ انتهاپسند ماڻيندا رهندا.

ماضي شاهد آهي ته سائين رسول بخش پليجو شهيد عوام فاضل راهو قاضي غفار ۽ سيد عالم شاهه جي ساڻين ۽ سندن پارٽي عوامي تحريڪ سنڌ ۽ ملڪ جي تاريخ جي چئن وڏن نازڪ ترين موڙن اينٽي ون يونٽ تحريڪ، ضياءُ مارشل لا مخالف ايم آر ڊي تحريڪ، ڪالاباغ ڊيم مخالف تحريڪ ۽ عدليه بحالي تحريڪ ۾ نه صرف شاندار ۽ منظم جدوجهد جو بنياد وڌو ان جي آبياري

ماٹڪ چوٽو جن جو

ڪري ان کي آسمان جي بلندين تائين پهچايو بلڪ انهن تاريخ ساز لمحن ۾ اسان جي پارٽي عوامي تحريڪ ان مهل پوري سنڌ ۾ ان پوري دؤر جي سنڌين پاران اڪيلي ترجمان ۽ واحد آواز بڻجي عوام دشمن حملا آورن کي شڪست ڏئي سنڌين جو پاڪستان ۾ عالم ۾ ڳاٽ اوچو ڪري ڏيکاريو. سنڌ هڪ پيرو پيهر هن قافلي ۾ هن مدر پارٽي ۾ سنڌ جي سمورن قومي درد رکندڙ سياسي ڪارڪنن ڏانهن واجهائي پئي ته اچو ۽ منهنجا ڏٽي ٿيو ڪجهه اشوز جا نه. ڪجهه ضلعن ۾ شهرن جا نه. ڪجهه هفتن ۾ مهينن ۾ سالن لاءِ نه. ڪجهه ڪانفرنسن، مارچن، موقفن ۾ جلسن تائين نه پر مڪمل ڏٽي، مڪمل وارث، نفعي نقصان جا مڪمل ذميدار، باغيرت پٽ ۽ ڏيئرون بڻجي منهنجي مالڪي ڪريو ۽ پوءِ ڏسو ته آئون، هزارين سالن جي جرئتن، ڏاهپن ۽ سرفروشين جي امين سنڌ، پنهنجي متي، پنهنجي وسيلن ۽ پنهنجي ڀڃن جي مالڪي ڪيئن ٿي ڪري ڏيکاريان.

اياز لطيف پليجو
حيدرآباد 06/06/2009
ayazlatif@gmail.com
0300_3063471 – 0321_3005853
0313_3049220

منهنجي هٿان منهنجو پاءُ ڪيئن شهيد ٿيو....آتم ڪٿا

اسان جو ڳوٺ جنهن ۾ منهنجو سڄو ننڍپڻ گذريو ان جو نالو ڳوٺ سيد علي مير شاهه آهي. هي ڳوٺ ڏڻي شهر کان ٽن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي، هن ڳوٺ جو تعلق تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي سان آهي.

هن ڳوٺ ۾ سيدن جو گهر فقط اسان جو هڪڙو آهي. ڳوٺ جي ٻنهي پاسن کان اسان جي 600 ايڪڙ زمين آهي. هن ڳوٺ ۾ اسان جي راڄ جا شيدي، ساند، جاکرا، سومرا، گبا، خاصخيلي ۽ چانگ ذاتين وارا رهندا هئا.

اسان جي ڳوٺ ۾ سان اسان جو وڏو راج ميمڻن جو رهندو آهي، ميمڻن جي ڳوٺ جو نالو سومار ميمڻ آهي. هنن سان اسان جي ڇڻ شريڪي جا رشتا آهن.

جنهن وقت هي دردناڪ واقعو ٿيو ان وقت منهنجي ڄمار 7 سال منهنجي شهيد پاءُ جي ڄمار 4 سال منهنجي ٻيٽ عصمت بي بي جي ڄمار شايد 2 سال ڪن هوندي. اسان جي ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول نه هو جنهن ڪري اسان روزانو صبح جو سويل ڦيرين اسڪول ڏڻي ۾ پڙهڻ ويندا هئاسين.

ڏڻي اسڪول ويڙ لاءِ اسان وٽ ڪاري جي گهوڙي جنهن جو قد ٽي فوٽ هوندو هو. تنهن تي چڙهي اسڪول پڙهڻ ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي ڏڻي پڙهڻ لاءِ اُسو شيدي پنهنجي ڪلهن تي کڻي ويندو هو.

هنري اسڪول ۾ اسان جي دوستي خدا بخش ميمڻ سان ٿي. هي چاچا عيسيٰ ميمڻ گهاٽي واري جو پٽ هو. هن جي دوستي پائرن جهڙي هئي. خدابخش ميمڻ وڏيڪ ڪونه پڙهيو پر زندگي جي آخرين گهڙين تائين هو دوستيءَ جا ناتا ضرور نڀائيندو رهيو. اسان اسڪول جي موڪل کان پوءِ ڏڻي جي ميمڻ پاڙي ۾ جنهن کي نئون ڳوٺ چوندا آهن. نئين ڳوٺ ۾ عبدالله حڪيم جو گهر آهي، جنهن ۾ شام تائين رهندا هئاسين. اسان جي ٻيٽ جڏهن پڙهڻ جي عمر کي پهتي، ان وقت هوءَ نئون ڳوٺ ۾ مرحوم ارباب ناٽي جي گهر سڄو ڏينهن قرآن شريف پڙهندي هئي ۽ شام تائين اتي ئي رهندي هئي.

عبدالله حڪيم جي امڙ جو نالو آمي هو پر هن کي سڄو گهر ۽ اوڙو پاڙو "جيجي آمي" ڪري سڏيندو هو. جيجي آمي سيني جي ڏکن سکن ۾ شامل رهندي هئي.

ماٽڪ چوٽو جن جو

جيجي "آمي" اسان ٻنهي پائرن کي بي انتها پيار ڪندي هئي، هن گهر ۾ عبدالله حڪيم جا پٽ جن ۾ محمد يوسف جيڪو سيني کان وڏو هو باقي حڪيم انور محمد سومان ماستر، حڪيم غلام مصطفيٰ، ڊاڪٽر عزيز ادي قاپو اسان جينٽرا هئا، باقي ٻيا اسان کان ٻ ننڍڙا هئا.

اسان سيئي ٻار امان جيجي آمي جي حوالي هوندا هئاسين. جيجي آمي جيڏانهن ٻ وڃي اسان سمورا ننڍيا وڏا ٻار ساٿس گڏ هوندا هئاسين. نئين ڳوٺ وڃي پرسان محمود واهه وهندو هو جڏهن ٻ جيجي آمي محمود واهه تي ڪپڙا ڌوئڻ ويندي هئي ته اسان ٻارن جي پلٽڻ ٻ ساٿس گڏ محمود واهه تي! اهو ڏينهن اسان ٻارن جي لاءِ عيد جهڙو هوندو هو. جيجي آمي جيسين ڪپڙا ڌوئي وٺي تيسين (محمد يوسف، حڪيم انور جيڪي هڪ جينٽرا هئاسين باقي ٻار اسان کان ننڍيا هئا.) اسان محمود واهه ۾ جهولڻيون وجهي ڦاٽڻا، ڪگيٽر ۾ ننڍڙيون پوپريون مڇيون جهلي چڀيون پري جيجي آمي جي اڳواڻي هيٺ گهر اچي سڌو رڌڻي حوالي ٿيندا هئاسين. جيجي آمي اهي شيون ترينڊي ويندي هئي. اسان سڀ ٻار سندس پرسان ويهي کائيندا هئاسين. اهڙيٰ نموني خبر ئي ڪانه پوندي هئي ته ڏينهن ڪيئن گذري ويوا اسان جيجي آمي کان موڪلائي شام جو ڳوٺ واپس موٽندا هئاسين. جيجي آمي اسان جي ماءُ ٻ هئي ته پيءُ ٻ. پيءُ ٻ هئي ته اسان جهڙي ٻارن جهڙي ٻار ٻ هئي.

جيجي آمي جو اهو ڏنل پيار اڄ ٻ اهڙو قائم آهي جو اسان سڀ ڏوهٽن پوٽن وارا ٿيا آهيون تڏهن ٻ اسان جي ٻنهي گهرن جا فيصلا اسان ٻئي گهر گڏجي ڪندا آهيون.

محمد يوسف جو اولاد، جنهن ۾ رفيق عيساڻي، نذير عيساڻي، حڪيم انور جو اولاد اڪبر، اختر ۽ امان آمي انهن کان سواءِ سومار ماستر، ادي قاپو جو اولاد حڪيم افضل، ڪارو سچل، اڪمل، ڊاڪٽر اجمل ۽ ٻيا سيئي ڏيئون پٽ مون کي پنهنجو وڏو آبو ڪري سمجهندا آهن.

جنهن وقت اسان سان هي دردناڪ سانحو ٿيو انهيءَ وقت منهنجو پيءُ علي مير شاهه 80 سالن جو پيرسن انهيءَ جمار ۾ ٻ ڪڙو تڙو ۽ سدائين پاڻ کي ڪپڙي گندي ۾ ٽيڪ ناڪ رکندو هو. بابا شوقين عاشق مزاج ماڻهو هو.

هڪ ڏينهن بابا پنهنجي گهوڙن اڻن جي قافلي سان سنيري ڪيڏانهن باهر وڃي رهيو هو ته صبح سوير ايڏا سج ڪُني مس ڪيڏي هئي ته ڳوٺ کان باهر اُڻن گهوڙن جي گوڙ تي هڪڙي نوجوان خوبصورت چوڪري جنهن جو نالو زينب هو سا گهوڙن ۽ رڍن جا ڦرڙا چاري رهي هئي ته اهي ڦرڙا اڻن گهوڙن کي ڏسي اچي ٽاهه ۾ پيا ۽ هيڏانهن هوڏانهن گهتون ڏينديِ ڊوڙڻ لڳا. چوڪري پنهنجي ڦرڙن پويان ڊوڙي، کين ٻچڪاري گدي گدي ڪري سڏڻ ۽ وراڻڻ لڳي.

ان وقت بابا سائين جون نظرون انهيءَ چوڪريءَ تي پيون. بابا سائين

ماٽڪ چوٽو جن جو

پنهنجو گهوڙو بيهاري ڪجهه وقت اهو منظر ڏسڻ لڳو. نيٺ چاچا جهنگلي جيڪو اُٿن جو هسوار به هو ته بابا جو پڳ مٽ يار به هو. بابا چاچا جهنگلي کان پڇيو. هي گڏي ڪير آهي؟ چاچا جهنگلي چيس ته سائين اها گڏي عارو ويچ جي اڳ جڻائي ڏيءَ زينب آهي. بس پوءِ اها زينب گڏي جي صورت ۾ بابا وٽ اچي وئي. بابا جو هن تي تمام گهڻو راز هوندو هو. هن جي محبت ۾ بابا بي وس هو. هن لاءِ بابا روزانو صبح سويل اٿي درّي ويندو هو. خاص طرح عبدالله شيخ هوٽل واري جو مشهور سچي گيهه ۾ ٺهيل پسته ۽ بادام ۾ پيل حلوو جيڪو تازو ۽ گرم روز ٺهندو هو. اهو وٺي گڏي جي نيرن لاءِ آڻيندو هو.

بابا سائين جو اسان ٻنهي ڀائرن ۽ پيڻ سان به بي انتها پيار هو. انهيءَ ڪري انهيءَ حلوي مان اسان جو حصو به باقائدي هوندو هو.

جنهن ڏينهن اسان سان هي خطرناڪ سانحو ٿيو اهو ڏينهن جمعي جو هو. اسان ڀائرن کي ان ڏينهن موڪل هئي. اسان روزانو جيان حلوو کائڻ لاءِ ماسي گڏي جي گهر وياسين جيڪو اسان جي حويلي جي بلڪل در وٽ هو بابا به گهڻو وقت گڏي وٽ ئي رهندو هو.

اسان جيئن ئي گڏي جي گهر وياسين ته گهر ۾ پهر ئي ڪاڪ هئي. مال لاءِ مٽرن جي ول پيل هي. اسان ٻئي ڀائرن مٽرن جي ول مان ڦريون پٽي کائڻ لڳاسين. پرسان ئي واڙ واري ڪٽ رکيل هئي، جنهن تي صديق ماچي ڪمدار جي بندوق پري رکي هئي. آڻون اها عجيب شئي ڏسي ڪٽ ڏانهن وڌي ويس. ان کي کڻڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڪانگن ٽان ٽان ڪري اڏامڻ لڳا. اسان کي بندوق جي ٽوهه کان ڪانگن جي ڪان کان وڌيڪ مزيدار لڳي. جنهن ڪري ست ڏيئي ڪٽ تان پريل بندوق ڪنيم. بندوق جو ڳنڍو واڙ ۾ قاتل هو ۽ ست ڏيئي کڻڻ ڪري بندوق هلي ويئي. وڏو ڌڪاءُ ٿيو. بندوق جو پريل بارود سامهون ويٺل منهنجي پاءُ کي لڳو ۽ منهنجو پاءُ سيد چٽن شاهه ڏڏي تي فوت ٿي ويو. آڻون حراس ۽ خوف کان بي هوش ٿي ڪري پيس. مون کي پوءِ ڪابه خبر نه رهي ته ڇا ٿيو؟

مون کي جڏهن هوش آيو ته گهر ۾ ڪهرام متل هو. سامهون منهنجي پاءُ جو لاش ڪٽ تي پيل هو. منهنجي ماءُ ڪٽ کي چمبڙيو غش ٿي پيئي هئي. راڄ جون مايون امان جا ڏندڙ پيڇي رهيون هيون.

آڻون امان آسي جيڪا منهنجي اڳ جائي ماءُ هئي. امان آسي منهنجي اڳ جائي پاءُ لالا شاهه جي سڳي ماءُ هئي مون کي پاليو ۽ نپايو. امان آسي هو. ڪيس مون سان بيحد محبت هئي. منهنجي آس پاس امان ويسر گڏي. امان جومي سومري امان آمي، سانوڻ، ناني بصران شيدڻ، امان چٽان شيدڻ، امان سڪوري شيدڻ. ادي آمي شيدڻ، ادي سلان شيدڻ، ادي ماروي بهراڻي جن ٻيٽل هيون.

مون کي جيئن ئي هوش آيو ته امان آسي مون کي ڪٽي بابا ڏانهن ڊوڙي

ماٹڪ چوٹو جن جو

جيڪو پريان گوڏا اونڌا ڪيو ويٺو هو. گهٽي روئڙ جي ڪري هن جي اکين مان ڳوڙها سڪي چڪا هئا. امان آسي مون کي بابا اچيان آٽي اچلي سندس جهولي ۾ رڙيون ڪري ڪيس چوڙ لڳي ته علي مير شاهه ڏس تنهنجو بابا عالم شاهه جيئرو آهي، هوش ۾ اچي ويو آهي." بابا مون کي هوش ۾ ڏسي کٽي ٻئي پاڪر وڏا ۽ کٽي زاروزار روئڙ لڳو ۽ مون کي چمڙ لڳو. مون کي ڪابه خبر نه هئي ته هي ڇا ٿي ويو آهي.

ايتري ۾ سڄو ڳوٺ آس پاس جا ماڻهو گڏ ٿي ويا. سڄو گهر زالن سان ڀريل هو. ٻاهر ماڻهن جا ميڙ اچي گڏ ٿيا. اسان جي پاسي وارو ميمڻ جو ڳوٺ ۾ زالين مڙسين گڏ ٿي ويو جن ۾ مرحوم احمد ميمڻ، آدم ميمڻ، سائين محمد موسيٰ ميمڻ، محمد وريل ميمڻ جن گهر کان ٻاهر ۽ گهر اندر ادي آمي ميمڻ جن جو ساهه پي ويو ته هي ڇا ٿي ويو.

ڏڙي مان عبدالله حڪيم، چاچا عبدالله پوڙهو سائين عثمان سمون، ارباب غلام دستگير، نور احمد عباسي، عارف عباسي ۽ ٻيا اچي گڏ ٿيا.

گهر ۾ جيجي آمي ميمڻ، حاجياڻي، جنت لاشاري، ماسي جيني ميمڻ جن پهچي ويون. هن حادثي جو ٻڌي ٻنوري مان چاچا ستار ڏنو شاهه وڪيل ڪيرال مان ماسي ڪُهندو ٻيبي جن به اچي ويا.

گهر ۾ جيجي آمي ميمڻ حاجياڻي جنت ۽ ماسي ڪهندو جن سيني کي سنياليو. ٻاهر استو خميسو شيدي، موسو سومرو عيسيٰ سومرو، صديق ساند ڪنڀو چانگ ۽ ٻين سيني راڄن کي منهن پي ڏنو. هن واقعي ۾ پوليس جو شڪ اسان جي ٻاڻ لالا شاهه ۾ هو جيڪو اسان کان وڏو هو ۽ اڳ جايو ٻاڻ هو. اهو به اتي هو پر چاچا ستار ڏني شاهه ڏڙي جي اربابن جي ڪوششن سان پوسٽ مارٽم نه ڪرايو ۽ سڄو مسئلو اتفاقي ثابت ٿيو سو اتفاقي بيان ونڊي مسئلي کي ختم ڪيو ويو.

چوندا آهن ته وقت سڀ وساريو ڇڏي پر بابا انهيءَ ڏينهن کان جيئن کارا ڪپڙا پاتا تيئن وري زندگي جي آخر تائين ڪڏهن به ڪاري ڪپڙي کان سواءِ ٻيو ڪوبه رنگين ڪپڙو نه پاتائين. انهيءَ ڏينهن بابا جي تاج ڪمپني جي دونالي بندوق جيڪا ليسن واري آهي جا بابا کان پوءِ منهنجي ليسن تي آئي پر اها بندوق جيئن ڪپڙن ۾ ويڙهي صندوق ۾ بند ڪري رکي آهي، ايجا ٻاهر نه ڪڍي آهي. هاڻ ته زنگجي سڙي ويئي آهي، باقي ليسن هر سال نئون ڪرائيندا آهيون. انهيءَ حادثي جي ڪري اسان جي گهر ۾ سدائين مايوسي رهي آهي، جنهن ڪري منهنجي اندر ۾ هميشه خوف هراس ۽ ڊپ جي ڪري مون تي بزدلي پکڙيل رهي، پر عوامي تحريڪ سان لاڳاپي کان پوءِ اهو ڊپ ختم ٿي ويو.

پرائمري تعليم پڙهڻ وقت ڏڙو پرائمري اسڪول ۾ منهنجي دوستي محمد صالح عمراڻي سان ٿي جنهن پهرين درجي سنڌي کان مينرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ڏنجي ڏنو انهيءَ جي صحبت مون کي وڏيڪ

ماڻڪ چوٽو جن جو

پڙهڻ ۾ مدد ڪئي، بدقسمتي سان اهو ذاتي دوست مرحوم محمد صالح عمراڻي 18 سالن جي عمر ۾ 1963ع ۾ گذاري ويو.

ٽنڊوجام زرعي يونيورسٽي ۾ ٻه سال پڙهيس، جتي اڳواڻي وي سي ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالقادر مغل (وي سي) علي محمد عطار مڪرم چوڌري، غفار پيرزادو انور ميمڻ گمبٽ وارو، عبدالقيوم چاچڙ، محمد هاشم جن دوست هئا.

زرعي يونيورسٽي بابا جي وفات ڪري ڇڏڻي پئي ته ڳوٺ ڏڙي اچي زميندار سنياليندي ڏڙي ۾ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ٺاهي جنهن ۾ ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ اڪبر شاهه، نجم ميمڻ سائين عثمان سمون، گل حسن ڪيڑانو، محمد عثمان سومرو گڏ هئا. جتي ميڙا ملاکڙا گهوڙن اُٽن ڏيڳن جا مقابلا ڪرائيندا هئاسين. اهڙي نموني پارٽي جي نظر مون تي پئي. آئون پارٽي ۾ شامل ٿيس، جتي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب سيني ڪامريڊن جي مخالفت باوجود به مون کي اڳتي متئين ادارن ۾ آندو. اهو ڏسي هڪڙو نئون شوق ۽ اعتماد پيدا ٿيو ته آئون ڪجهه ڪري سگهان ٿو. پارٽي اندر مون کي گهٽي ڪان گهٽي صحبت جو موقعو پليجو صاحب سان گڏ رهڻ جو مليو آهي. پليجو صاحب مون تي هميشه زور پريندو رهيو آهي ته "عالم شاهه جيستائين پڙهندين نه تيستائين ڏيگي جو ڏيگو هوندين. سنو انسان ۽ سنڌي قوم جو بهادر سمجهو سپاهي نه بنجي سگهندين." پليجي صاحب مون کي خاص طرح روسي ناول "ماءُ"، چراغ جلتا رهاَ"، "شهيدون کا قافلا" "پهاڙون کي بيٽي"، "داروسن کي آزمائش" پڙهايا. انهن سان گڏ لينن، مائوزيتنگ، مارڪس، اينگلس، هوچي منهه جنرل گياپ ۽ محمد ﷺ جي زندگين جو احوال ۽ سندن ذاتي ڪردار بابت سندن آتم ڪهاڻيون پڙهايون، انهن سان گڏوگڏ روسي انقلاب، ويتنامي انقلاب، چيني انقلاب، پيرس ڪميون، جدلي ماديت، دنيا کيئن ۽ ڪڏهن پيدا ٿي. هندوستان جي تاريخ، سنڌ جي تاريخ، جنگين جون تاريخون، جادو ۽ سائنس، سنڌي ادب بابت ڪتاب پڙهايا، تنهن کان سواءِ قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب جا ڪتاب انڊا اونڊ ويج، صبح ٿيندو، سندي ذات، هنجن، پسي ڳاڙها گل، ڏراڙن جا ڏڪ، ڪوٽ لکپت جي ڊائري، سندس ٽئي واليوم بار بار پڙهايا. انهن سان گڏ مائو جا چارئي واليوم پڙهايائين، انهن مان امتحان وٺڻ انهن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ وهي سمجهاڻيون ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي، ان سان گڏ جاسوسي، ڊپلوميسي ليڪچر، سمجهاڻيون، انهن تي بحث ڪرڻ اهو روزمره جو ڪم آهي.


مون کي اهو به اعزاز آهي ته پليجو صاحب مون کي پاڻ سان وٺي سنڌ، پاڪستان، جلال آباد ۽ لنڊن جا دؤرا ڪرايا آهن، جتي مون کي مختلف سياسي سماجي ۽ مختلف شخصيتن سان ملايو آهي.




محترم سائين علي مير شاهه وڏو
عالم شاهه جو والد صاحب




سيد عالم شاهہ پنهنجي پيٽ عصمت بيبي ۽ سندس جيون ساٿي فخر النساء



سيد عالم شاهہ والده بيگو بيبي ۽ فخر النساء جيون ساٿي




سيد عالم شاهه سندس جيون ساٿي فخر النساء ۽ نندڙو علي مير شاهه




سيد عالم شاهه سندس جيون ساٿي فخر النساء ۽ مجون پوٽن شايان، سني ۽ اعزاز




سيد عالم شاهه سندس جيون ساڻي فخرالنساء بيبي



سيد عالم شاهه سندس جيون ساڻي فخرالنساء بيبي




رکيو شيدي، رمون شيدي، اڳيان ننڍڙا شهيد چٽن شاهہ ۽ سندس پاءُ عالم شاهہ
پٺيان بينل عمر شيدي




سيد عالم شاهہ ۽ ٻيٽ رخسانہ بيبي ۽ حليمان بيبي جنهن عالم شاهہ کي نپايو



محترم رسول بخش پليجو صاحب سبرينہ عالم شاھہ
سندن گڏيل سالگرھہ جي موقعي تي مٹياري




محترم رسول بخش پليجو صاحب سيد عالم شاھہ فيملي گروپ ڦوٽو مٹياري




پيڻ عصمت بيبي، ياءُ نجف علي، شاهہ عالم شاهہ جي جيون ساڻي فخر النساء




سيد عالم شاهہ جو ننڍپڻ




فخرالنساءِ عالمرشاهہ سيد لالا شاهہ (ياءِ عالم شاهہ) ءِ ياڄائي مريم بيبي، (فيملي ڦوٽو)




سيد عالم شاه سيد عالم شاهہ جي ماسي حاڪم زادي ءِ سيد عالم شاهہ جي ننڍپڻ




چاموٽ حاجي عالي شير شاهہ حافظ مصري ميمڻ، گهوٽ عالم شاهہ،
چاموٽ محمد علي شاهہ، باقيل پوٽو حاجي نديم شاهہ ۽ پرويز علي



شهيد ناصر علي شاهہ، ياور علي شاهہ، ساحل شاهہ، عالم شاهہ جا ڏوهتا




سيد عالم شاهہ ۽ ننڍپڻ جو دوست محمد صالع محمداڻي ڏڙو



سيد عالم شاهہ جواني ۾



سيد عالم شاه پنهنجي فيملي سان گڏ مٽياري ۾




سيد عالم شاھ پنھنجي نياڻين ڊاڪٽر نادیہ ۽ ڊاڪٽر انيتا شاھ سان گڏ




وينل سبرينہ عالم شاھ ۽ سونيہ عالم شاھ، بينل
مونا عالم شاھ، فاريہ عالم شاھ، قرة العين عالم شاھ



سيد عالم شاهہ جي جيون ساڻي فخرالنساء بيبي جو ننڍپڻ




سيد عالم شاهہ جي جيون ساڻي فخرالنساء بيبي جو ننڍپڻ




سيد عالم شاهه


سيد عالم شاهه



سيد عالم شاهه




سيد عالم شاهه سندس جيون ساٿي فخرالنساء
ع نندڙيون سبرينه ع سونيه




آمريڪي صحافي جيولن ڪرنڊل هالڪ، سيد عالم شاهه جي فيملي سان متياري ۾



سيد عالم شاهه سندس جيون ساٿي فخرالنساء بيبي ۽ سندس پوٽا شايان، سني، اعزاز ۽ هني سان



علي مير شاهہ منظور علي شاهہ حاجي مهدي شاهہ سيد عالم شاهہ ۽ محمد علي شاهہ متياري



نجم الدين ميمڻ ۽ فلسطيني وفد سيد عالم شاهہ جي شاديءَ

ماڻڪ چوٽو جن جو

ميجر اسحاق، پروفيسر عزيزالدين احمد، خان عبدالولي خان، خان غفار خان، خالق خان، افضل خان، غلام محمد بلور، پروفيسر خالد محمود، پروفيسر جميل عمر، سرور باري، فرزانہ باري، نواب خيربخش خان مري، نواب اڪبر بگٽي، حاڪم علي زرداري، افضل بنگش، نواب عطاءَ الله مينگل، ڊاڪٽر مالڪ، اڪرم بلوچ، ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ، چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري، ائڊووڪيٽ اعتزاز احمد، جي ايم سيد، مشاهد حسين، سيد، ڊاڪٽر بخت، جمال شيخ، ڊاڪٽر علي گل ميتلو لکاڏنو بهراٽي ۽ ٻين ڪيترن اڳواڻن سان ملايو. سياسي نظرياتي بحثن ۾ حصو ونڊائي تربيت ڪندو رهندو آهي.

پارٽي اندر نواب مير علي بخش خان مرحوم قادربخش نظاماٽي، مرحوم ڊاڪٽر فيروز احمد خواجہ، شهيد محمد فاضل راهو مرحوم ڊاڪٽر قاضي غفار مرحوم لڪمير ڏاهري، مرحوم خيرمحمد لغاري، مرحوم رسول بخش ڏيٽو(جبل) شهيد محمد نواز ڪنراٽي، مرحوم منصور عباسي، مرحوم يوسف نسڪندي بلوچ، مرحوم محسن عباسي، مرحوم تاج محمد ابڙو، مرحوم جمال ابڙو، مرحوم نجم عباسي، مرحوم امان الله پيٽ، مرحوم رشيد پٽي، مرحوم شيخ ايان مرحوم ڊاڪٽر تنوير عباسي، مرحوم محمد حسن، مرحوم مولابخش ميمڻ، مرحوم محمد حسن رستماٽي، مرحومہ ادي ممتاز نظاماٽي، مرحومہ جيجي زرينہ بلوچ جهڙن بهادرن سمجهو ساٿين ۽ پينرن جو سات رهيو. مون کي فخر آهي هنن ماڻهن تي جن پنهنجون سڄيون زندگيون پنهنجي قوم انسان ذات ۽ پنهنجي پارٽي لاءِ ڏنيون ۽ قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب جي ڏنل انقلابي وات نظريہ تي ناهيل پورهيت پارٽي جي ضابطي ۾ زندگيون گذاري ڇڏيون. پنهنجي انقلابي پورهيت پارٽي ۾ رهي وڏا مثال قائم ڪري ويا. مون کي پنهنجي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب ۽ سندس انقلابي پورهيت پارٽي تي ناز آهي جو آئون پارٽي جي هلايل سياسي جدوجهد ۾ شريڪ رهيو آهيان. جهڙوڪ ون يونٽ ٽوڙيو نيلام بند ڪريو لسٽن واري تحريڪ صحافين واري تحريڪ، ايم آر ڊي، ڪالاباغ ڊئم خلاف هلايل تحريڪ، گريٽر ٽل ڪئنال خلاف تحريڪ، چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي بحال ڪريو تحريڪ، تعليم بحال ڪريو تحريڪ ۽ ٻين ننڍين وڏين جدوجهدن جلسن جلوسن ريلين، لانگ مارچن قومي ڪانفرنسن، سيمينارن ۾ شريڪ ٿي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب کي جدوجهد ڪندي ڏٺو آهي، انهن کان تمام گهڻو سکيو آهي.

مون کي فخر آهي انهن ساٿين تي جيڪي اڄ بہ قائد محترم پليجو صاحب جي انقلابي وات کي سچو سمجهي جدوجهد ڪري رهيا آهن، جهڙوڪ محمد خان پرڳري، ايار لطيف پليجو عارب ڪيڙاڻو، ڏاڏا قادر رانتو عبدالحڪيم هالييوتو لالا جرواڙ ڊاڪٽر دلدار لغاري، عارف جوٽيجو، اسماعيل خاصخيلي،

ماٹڪ چوٽو جن جو

عبدالحڪيم زنگيجو جامي چانڊيو سر تاج چانڊيو مظهر راهوجو ڊاڪٽر سيف الله نظاماڻي، رشيد سڌايو ستار گوپانگ، نظير راجپر، جاويد راجپر، روشن برهماڻي، حنيف مگٽهار، اڪبر مگٽهار ڪامريڊ سومار منير چانڊيو حفيظ ڪنير، اختر حفيظ ڪنير، نور احمد ڪاتيار عبدالحئي پٽو حفيظ پٽو ارباب جنجهه ايار چانڊيو عبدالله جاڪرو غلام مصطفيٰ لغاري، عارومل ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، انور نوحاني، اشرف رند، آفتاب ڪلوئي، علي نواز ڏاهري، حسن علي پيڙ، گلاب پيڙ، دائود ڏاهري، ديدار ڪنراڻي، تاج جڪراڻي، اصغر ملڪ، رفيق نوناري، رياض پيچوهو ۽ ٻيا هزارين پائر ۽ پينرون آهن جيڪي جدوجهد ڪري رهيا آهن، جن سان ڪم ڪندي مون کي جيڪو اعتماد ۽ پروسو اچي ٿو اهو روزانو مون کي جيئڻ جا نوان سبق ڏئي ٿو.

قائد محترم رسول بخش پليجي صاحب جنهن ڏاهپ ۽ ذهانت سان نظريو ۽ انقلابي واٽ ناهي آهي، اهڙي ئي سمجهه ۽ پورهئي سان سجي سنڌي قوم ڪي تنظيم سان ڳنڍيو آهي. جيئن عوامي تحريڪ، سنڌي هاري تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي مزدور تحريڪ، سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن، سنڌي هندو سجاڳ تحريڪ، سنڌي آبادگار تحريڪ، سجاڳ پار تحريڪ، سجاڳ پارڙيون تحريڪ، سنڌي علمي ادبي فورم سنڌ انٽيليڪچوئل فورم ڪم ڪري رهيون آهن. هنن ۾ ويهڻ هنن جي ادارن ۾ ويهي فيصلا ڪرڻ ساڻين کان سکڻ جا موقعا ملندا رهيا آهن. هن وقت آئون خوشنصيب آهيان جو قائد محترم رسول بخش پليجو جي اڳواڻي هيٺ رهندي پنهنجي زندگي گذاري رهيو آهيان. آئون سمجهان ٿو ته ننڍپڻ جي انهيءَ دردناڪ واقعي جي ڏنل خوف مايوسي حراس جنهن منهنجي اندر جيڪا بزدلي پيدا ڪئي. هئي آئون پارٽي اندر ته اچان ها مون کي منهنجي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب جي رهنمائي ۽ اڳواڻي نه ملي ها ته آئون سدائين مايوسين جو شڪار رهان ها. ڪوبه پنهنجي بزدلي ۽ خوف وچان کابه پيش قدمي ڪري نه سگهان ها. اهو منهنجي لاءِ ناممڪن هو. هر وقت نفسياتي طور بزدلي ۾ رهي شڪستون ڪائيندو رهان ها. هر وقت هڪڙو ناڪام ماڻهو تي رهان ها. پر اڄ آئون جيڪو به آهيان اهو پارٽي جي ڪري آهيان. اسان جي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب ۽ سيني ساڻين جي ڪري آهيان. اڄ آئون خطرا کڻان ٿو ڪنهن به ناڪامي کان گهبرائجي شڪست قبول نٿو ڪريان. هر مشڪل کي مڙسيءَ مردانگي سان منهن ڏيان ٿو. هر ڪم سوچي سمجهي جيڪو صحيح سمجهان ٿو سو ڪريان ٿو انهيءَ جو اهو ئي سبب آهي ته انقلابي پارٽي ۾ رهندي پارٽي جي ضابطي هيٺ جدوجهدون ڪندي متين ادارن ۾ نظرياتي بحث مباحثا ڪندي محترم قائد رسول بخش پليجو صاحب جي ڪامياب انقلابي پورهيت واٽ تي هلندي ڪاميابيون

ڪيون آهن.

پليجو صاحب جي انقلابي پورهيت واٽ هاڻ پليجوازم صورت ۾ نظرياتي فڪري واٽ جي شڪل اختيار ڪئي آهي، جنهن کي سنڌ پاڪستان ۽ دنيا اندر مجيو وجي ٿو ملڪ توڙي دنيا جون سموريون ترقي پسند سوچ رکندڙ ڌريون، پليجوازم کي صحيح سمجهن ٿيون. انهيءَ انقلابي پورهيت نظريي تي ٻڌل پليجوازم جي واٽ نہ رڳو مون جهڙن منجهيل مايوس بزدل ماڻهن کي هڪڙو سئو انسان انقلابي پورهيت سپاهي بڻايو آهي پر هزارين پائرن پينرن کي نيون زندگيون ڏنيون آهن، ڏاهپ سان جيئڻ سيکاريو آهي.

آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ جيڪو بہ ماڻهو پلي هو دنيا جي کهڙي ڪُنڊ ۾ رهندو هجي اهو جيڪڏهن پليجوازم جي فڪر ۽ نظريي کي سمجهي ان جي انقلابي پورهيت واٽ ونڊندو تہ انهيءَ جي زندگي ۾ ايتريون انقلابي تبديليون ايندیون جو هو پنهنجي خاندان پنهنجي قوم ملڪ ۽ انسان ذات جو سپوت ۽ سوپارو پٽ ثابت ٿي ڏيکاريندو. مون کي اهو بہ يقين آهي تہ سنڌ جون سورميون سنڌياڻيون جهڙوڪ ادي زاهده شيخ، ادي سڪينہ سمون، ادي نذير قريشي، ادي هور پليجو، ادي فاطمہ پليجو، ادي مريم گوپانگ، ادي صالحان گوپانگ، ادي مهتاب ڏاهري، ادي زرينہ ڪنراٽي، ادي شمع پٽي، ادي ماروي پٽي، ادي ناهيد جوڻي، ادي شاهينہ خاصخيلي، ادي روزينہ پٽو ادي عظمت هاليپوٽو ۽ ٻيون هزارين پينرون جيڪي پليجوازم جي انقلابي پورهيت واٽ تي ڪم ڪن پيون. اُهڙا پٽ ۽ ڌيئرون ڄڻيندیون رهنديون جيڪي سنڌي قوم جي گڏيل ترقي سک ۽ وقار لاءِ جدوجهد ڪندا ڪاميابيون ماڻيندا رهندا.

اهو ڏينهن خاطري ۽ پڪ سان ايندو جو سنڌ اندر هن هزارين سالن جي ڪوڙهہ ورتل سماج کي تبديل ڪري سنڌ ۾ پورهيت انقلاب آڻي سنڌي ماڻهن کي سوپارو ڪنداسين.

آئون ڪيئن سيج سمهان
سيد عالم شاهہ جي آتم ڪٿا

آئون ننڍپڻ ۾ مائٽن ۽ دوستن راڄن جو دادلو هوس. وڏي هوندي اهو پيار ۽ محبت، پنهنجائپ ۽ عزت ۾ تبديل ٿي ويو جو منهنجي باري ۾ ڪابہ خراب خبر ٻڌڻ سيني لاءِ عيب هو. انهيءَ ڪري منهنجي اٽڪي ويهڻي اهڙي رهي جو ڪڏهن بہ ڪنهن سان نہ جهڳڙو ٿيو نہ ڪيس ڏڏو ٿيو نہ ڪڏهن آئون پوليس وٽ ويس، نہ ڪو پوليس يا ڪورٽ جو مون سان واسطو پيو انهيءَ ڪري منهنجي لاءِ جيل وغيرهہ جو مسئلو هيو ئي ڪونہ.

پهريون پيرو 1959ع ڏاري، جڏهن آئون حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ ڇهون ڪلاس پڙهندو هوس (انهيءِ وقت ست ڪلاس ميٽرڪ جا هئا) ۽ مسلم هاسٽل ۾ رهندو هوس، جتي رجب علي ميمڻ (هاڻوڪي زرعي يونيورسٽي جو پروفيسر) عمر سومرو، محمد صالح عمراڻي، محمد اشرف پنهور، الهڏنو ميمڻ، هدايت الله شاهہ، يونس ڳهيلو ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي دوست هاسٽل ۾ رهندا هئا. ڪلاس ۾ شهاب الدين شاهہ، محمد علي شاهہ، فضل علي شاهہ هڪڙي بينچ تي ويهندا هئاسين.

ون يونٽ لڳي چڪو هو. سنڌي شاگردن ۾ ون يونٽ خلاف نفرت هئي. اسان جي اسڪول خاص ڪري هاسٽل ۾ سنڌي پنجابي نفرت چوٽ چڙهيل هئي. مسلم هاسٽل ۾ منير ۽ ٻيا پنجابي رهندا هئا. هڪڙي ڏينهن اسان کي خبر پئي تہ پنجابي سنڌي شاگردن تي حملو ڪندا توهان تيار رهجو. هاسٽل ۾ رهندڙ سنڌي، پنجابي هڪ ٻئي کي رڙيو وينا هئا. صبح جو ميس ۾ وڃڻ وارا هئاسين تہ خبر پئي تہ ميس ۾ جهيڙو ٿيندو، اسان کي جهيڙي ڪرڻ جي خبر ئي ڪانہ هئي تہ وڙهبو ڪيئن آهي پر همراهن ڇيو تہ ميزن تي چڙهي ويجهو خير ميس جي هال ۾ ويناسين تہ جهيڙو شروع ٿي ويو. اسان ميزن تي چڙهي هيٽ بيٽل پنجابين تي پليٽن ۽ پيالن سان ويڙهہ ڪئي. جهيڙو ڊُوبدو هليو هاسٽل ۾ جهيڙي ڪار همراهہ عمر سومرو ۽ ٻيا تيز هئا. جنهن ۾ پنجابي ڏٺيا ۽ آخر ڪار پنجابي دوست هاسٽل ۽ اسڪول ڇڏي ويا. (اهو نور محمد هاءِ اسڪول جنهن ۾ راڄ سنڌي شاگرد نٿا وڃي سگهن)

مئٽرڪ ڪان پوءِ ٽنڈو جام زرعي ڪاليج ۾ ويس (هن وقت زرعي يونيورسٽي آهي) ڪاليج ۾ مون سان گڏ رجب علي ميمڻ، عبدالقادر مغل، غفار

ماٹڪ چوٹو جن جو

پيرزادو انور ميمڻ، عبدالقيوم چاچڙ، چوڌري مڪرم علي، علي محمد، عطار ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترا دوست هئا. زرعي ڪاليج ۾ ته سنڌين ۽ ڌارين خلاف اهڙي ٻڌي هئي جو ڪاليج ۾ جڏهن ڪو جهيڙو ٿيو ته سنڌي شاگرد يڪ مُشت ٿي ويندا هئا. هميشہ ڌارين جي مٿان حاوي رهندا هئا. آڻون ۽ رجب علي ميمڻ جهيڙي ۾ هروپرو ڪو نہ ايندا هئاسين پر جي سيئي مڙئي مُٺ هوندا هئا ته ڪڏهن پڳاسين ڪو نہ، باقي جهيڙي جي قيادت ڪرڻ نہ آئي.

خير مون ٻئي سال ڪاليج ڇڏي ڏڙي اچي زمينداري ڪئي، جتي اڪبر شاهہ مرحوم نجم ۽ عثمان سومرو سان گڏجي سنڌي ادبي سنگت وغيره هلائيسين. هلندي هلندي "سوشل ويلفيئر سوسائٽي" ڏڙو ٺاهيسين. جنهن جو صدر دوستن مون کي چونڊيو. انهيءَ جي اڳواڻي هيٺ سماجي ڪم ڪاريون ڪيوسين. هڪ پيرو شهر وارن کي گڏ ڪري ڏڙي جي چيئرمين ۽ ڊاڪٽرن جي خلاف مظاهرو ڪرايوسين. جنهن جي ڪري اڪبر شاهہ مرحوم نجم دين ۽ مون تي ڪيس داخل ٿيو. پوليس پڪا ڳاڇا ڪئي. شهر جي ماڻهن اسان جي ڪم جي آجيان ڪئي، جنهن جي ڪري شهرين جا وفد چيئرمين ۽ ڊي سي سان مليا پڌجڻ کان بچي وياسين. اهڙي طريقي سان پوليس ۽ ڪورٽ جي ور نہ چڙهيس نيٺ ماهوار تحريڪ سنڌي ڪڍيوسين. جنهن جو ايڊيٽر پهرين پٽر سنڌي هو پر پوءِ فاضل صاحب ۽ دوستن (پُڇ ٻڌي ڪٽي مهري ڪيو) ايڊيٽر ڪيو. ڪئين ڀيرا پوليس پڪا ڳاڇا ڪئي پر فاضل صاحب جي ڪرامتن مون کي ٻڌجڻ کو نہ ڏنو. مزو تڏهن ٿيو جڏهن مون تي گرفتاري جا وارنٽ جاري هئا. منهنجي شادي جا ڏينهن ٻڌجي چڪا هئا پوليس فيصلو ڪيو ته شادي جي ڏينهن سچي پچي عالم شاهہ کي گرفتار ڪنداسين. چوندا آهن (ادي کي جن نہ ڪن ادا عشق ۾ انڌو) مون کي ته پوليس وغيره جي ڪابہ خبر ڪانہ هوندي هئي. ڇاڪاڻ جو تحريڪ جي ائڊريس لطيف آباد ۾ پليجو صاحب جي گهر جي هئي سو هر ڀيرو وارنٽ ڪٽي وڃي اُتي نڪرندا هئا. جتي فاضل صاحب کين خبر نہ آهي ڪيئن ٽاري ڇڏيندو هو هاڻ شادي اچي ويجهي ٿي فاضل صاحب ڏٺو ته هتي سيد ضرور ٻڌبو متياري جي سيدن وٽ ٽينداسين خوار. سو پليجو صاحب، فاضل صاحب، اڪبر شاهہ، شير خان ۽ ٻيا دوست پيا سوچين ته هاڻ ڇا ڪجي. مون کي گهر ئي نہ ڀيو سڪي. پليجو صاحب چيو ته ڇا ٿي پيو جي ٻڌبو ته ٻئي ڏينهن ضامن ڪٽائي وٺنداسين. آخر ڪار ڪيترا ڏينهن لڪندو مون ڏٺو ته همراهہ سڀ انهيءَ ۾ راضي هئا. مون سوچيو ته "عالم شاهہ وٺين مري" جي ٿو شادي ڏينهن ٻڌجان ته ڪنوار ته ڪانہ ملندي پر سندس سچي زندگي منهن بہ ڏسڻ کونہ ڏيندا، خير جيل ٻيل ته

ڪاڻي ويجهو. پر جي ڪنوار جو وري منهن ڏسڻ نه ڏين ته اهو معاملو ڏکيو آهي. فاضل صاحب چيو ته پلا هيئن ٿا ڪريون شادي واري ڏينهن عالم شاهه ڪي بچايون ٿا. اسان پڇيوسين ڪيئن؟ چيائين عالم شاهه ڪي ڪونه ٿا سڃاڻن پوليس سان ڳالهايان ٿو ته مڙس ڪي لاٿون ڏيڻ ڏيو نڪاح پڙهڻ ڏيو پوءِ پيش ڪنداسين. توهان ڇني ۾ نه اچجو باقي ڇَني کان ٻاهر ٻانهن آٿون ڏيندس.

پوءِ هيئن ٿا ڪريون جو اڪبر ڪي به عالم شاهه جهڙا ڪپڙا پائي نقلي گهوٽ ٿا ڪريون انهيءَ ڏينهن عالم بدارن اڪبر شاهه ڪي پوليس حوالي ڪنداسين. عالم شاهه ڇڄ سان دڙي روانو ٿئي. ٻئي ڏينهن عالم شاهه ڪي پيش ڪري، اڪبر شاهه ڪي ڇڏائي ايندا سين. پليجي صاحب چيو ته اهو آهي ڏڏو پر ٽيڪ آهي. ٻيو فاضل صاحب انهيءَ وقت جي وزير ممتاز علي ڀٽي جي سيڪريٽري مسعود نوراني سان فون تي ڳالهايو ته "توهان جي هوندي عالم شاهه شادي جي ڏينهن ٻڌجي اهو حيف هجي توهان ممتاز سان ڳالهائي عالم شاهه ڪي ٻڌجڻ نه ڏيو" خير ٽيو مسعود نوراني ممتاز ڪي ٻڌايو ته هي ڪيس پُراڻا آهن، همراهه نه ٻڌجڻ گهرجي. ممتاز ڀٽي به چيو ته بلڪل نه ٻڌجڻ گهرجي ته پوءِ اهو ٻڌجڻ به ختم ٽيو. آٿون جيل کان بچي ويس.

جڏهن ڀٽي صاحب کي ڦاسي اچي چڪي هئي، انهيءَ وقت هڪ پمفليٽ نڪتو جيڪو هو ته "لکن سنڌي ماٹهن هوندي پٽو نڊڻڪو ٽي چو مارجي ويو" انهيءَ تي زور هو ته هي سردار پريس ۾ ڇپيو آهي. عالم شاهه ڇپايو آهي ڇاڪاڻ جو هن جي ڇپائي ۾ تحريڪ جي ڇپائي ساڳي آهي. سال 1989ع ۾ آٿون پنهنجي گهر پائي خان جي چاڙهي حيدرآباد ۾ اڪيلو ويٺو هوس. گهر ۾ فقط منهنجي پيٽ رخسانه هئي ته نندڙو چوڪرو پاڙي جو تنهن اچي مون کي چيو ته ٻاهر ڪي ماٹهو توهان کي سڏين پيا.

آٿون ته پيرن اگهاڙو ٻاهر نڪتس ته ڪافي همراهه جيڪي خانگي ڊريس ۾ هئا. جن مون کي گهيرو ڪيو مون کان پڇيائون ته تون ڪير آهين، مون کين اهو نالو ٻڌايو جيڪو مون کي پاڙي ۾ سڏيندا هئا. ايتري ۾ اهو نندڙو چوڪرو ڊوڙي گهر ويو ويجي رخسانه کي ٻڌايو ته "عاشق پائي کو پوليس پڪڙ ڪي لي جا رهي هي." ادي مٹي اگهاڙي رڙيون ڪري ٻاهر نڪتي پر هي مون کٹي آيا سٹي ٽاٹي تي، جتي انسپيڪٽر اڪبر مون کان بيان ورتو مون ٻڌايس ته عالم شاهه نالو آهي، گهر ويٺو هوس ٻڌي آيا آهيو پيو مڙئي خير آهي. هن گهٽائي ڏڙڪا ڏهمان ڪيا ته تون ڏهن سالن کان روپوش خطرناڪ ڏوهاري آهين، هي سپ ڪيس ڪيترا توتي آهن. سچ ٻڌائي. مون چيو ته ڪيس ڪيترا ٻه هوندا ته خير آهي نه

ماٽڪ چوٽو جن جو

ڏوهاري آهيان نہ ٽيندس. فيصلو ڪورٽ ڪندي تون اجايو پاٽي ڪان نہ نڪر، باقي جي مون کي تو پکڙيو آهي تہ پلي وڃي پروموشن وٺ، توکي جهل پل نہ آهي.

خير پناهہ جگر سنڈي آيو تنهن بہ سيڃاٽپ ڪئي تہ واقعي عالم شاهہ هي آهي، منهنجي ڪيسي ۾ دوستن جون ائڈريسون ۽ عبدالرزاق دستي جو فوٽو هو جو ڪيسن ڏنم ڇو تہ متان وري بي گناهہ ڇڪين، سيني کي خير مون کي 20 ڏينهن ستي لاڪپ ۾ رکيائون ستي لاڪپ جنهن ۾ روڳ ۾ بہ رهي سگهن، اتي گهٽن کي واڙيو ڇڏين، پوءِ پاسو ورائڻ جي بہ گنجائش ڪانہ هئي.

ڪاڪوس بہ انهيءَ لاڪپ اندر هو جنهن ۾ ويهڻ سان فقط هنيون ڏڙ نٽي ڏسڻ ۾ آيو باقي سڃو سڏو سنئون ڪر ڪڏيو ٽي ماٺهو. ويٽو. 20 ڏينهن انهيءَ لاڪپ ۾ رهيس، ٻئي ڏينهن پريس جا ڪمپازيٽر شيرل، قاسم ۽ سلام ميمڻ بہ ٻڌجي آيا. سو تہ پوءِ منٽن ميڙيون ڪري خبر نہ آهي ڪيئن ويو ڇڏائي. باقي رهياسين اسين سي روزانو صبح 8 بجي فوجي ڇانوٽي ۾ ويندا هئاسين، سڃو ڏينهن ڇانوٽي ۾ پيچا ڳاڃا ٽيندي هئي. رات جو واپس لاڪپ ۾ بند ڪندا هئا.

ڇانوٽي ۾ وڏي سيني ڪان ڏار ڏار پيچا ڪندا هئا. آخري ڏينهن سلام ميمڻ کي مارڻ سان گڏ ڏنائون، شيرل ۽ قاسم جن کي بہ ڏاڍو ماريائون سندن چوڻ هو تہ توهان سڀ عالم شاهہ تي شاهد ٽيو تہ هي سڀ هن جا ڪم آهن. هي پمفليٽ هن ڇپايا آهن تہ توهان کي ڇڏيون جي نہ تہ تيسين هتي توهان کي عذاب پيا ڏيندا سين، جيسين شاهہ تي نہ بيهندا، شيرل، قاسم ۽ سلام جن جون رڙيون مون کي ٻڌائيندا هئا تہ تہ توسان بہ اهڙو ئي حال ٽيڻ وارو آهي. روزانو رات جو سڀني لاڪپ ۾ نہ صفائي هئي نہ ئي ننڊ ڪري سگهبي هئي. اُسريڪيون اوسريڪيون رات گذاري ڇڏبي هئي. ڏينهن سڃو فوجن جي حوالي هوندا هئاسين، ملاقات صبح جو سويل يا رات جو واپسي ۾ ٽيندي هئي. پائي خان جي ڇاڙهي تان هر ڪلاڪ ۾ گهر وارا ماٺهو موڪليندا هئا تہ ڇا ٽيو ڇانوٽي مان واپس وريو يا نہ؟

لاڪپ ۾ مون کي سهوليت ڏيارڻ لاءِ منهنجا پائر يتي (جنهن کي ذوالفقار تا ڇون) راشد ريحان ڊوڙن ۾ هئا. گهٽو ڪري صبح جو لاڪپ ڪان وڏي ڇانوٽي تائين گڏ پيا هلندا هئا. پوليس وارن جون نياز منديون ڪندا هئا. وڏن ۾ نجف علي شاهہ متياري گهروارن کي آڻت ڏيڻ وارو ۽ آڻڻ نيڻ وارو هوندو هو مرحوم فاضل صاحب ايندي ويندي خبر ونندو هو حوصلا همٿون ڏيندو هو. چوندو هو تہ ڪجهہ ناهي اچي چڙهيا آهيون.

آخر وارو منهنجو آيو ميجر ظهير وٽ پيش ٽيس جنهن اڳيان فائيل رکيل هو. مون کي چيائين عالم شاهہ تون آهين فائيل کولي پڙهي چيائين راجن ۽

ماڻڪ چوٽو جن جو

چڱن مڙسن گڏجي توکي پڳ ٻڌائي آهي؟ مون چيو ها. ڪوٽ عالم جي بزرگ ميرل شاهه ولي جنهن جو خليفو حاجي صديق ڪوٽائي آهي، انهيءَ بزرگ ميرل شاهه جو گادي نشين تون آهين؟ مون چيو ها. ڏيهه آراڙو ڏيهه ڪيرل ضلعي ٺٽي ۾ تعلقي هالا ۾ زمين تنهنجي آهي؟ مون چيس ها.

متياري عيسيٰ پوتو پاڙو جي ساداتن ۾ ذوالفقار علي شاهه جاموٽ جي پاڙي مان آهين؟ چيم ها.

انهيءَ تي ميجر اهو پڇيو ته جڏهن تون پاڪارو به آهين، زميندار به آهين چڱو مڙس به آهين ته هنن ڏڻ ۾ هٽ وجهڻ جي ڪهڙي ضرورت اٿئي؟

مون چيو "ته جي ٻڌڻ چاهيو ته توهان کي ٻڌايان ته زميندار چو ڪو نه ٿيس، مرشد چو ڪو نه ٿيس، چڱو مڙس چو ڪو نه ٿيس." چيائين "ٻڌائي." مون چيو ته "جڏهن آئون ڪاليج ڇڏي ڳوٺ آيس ته منهنجي پاءُ لالا شاهه چيو ته توهان مرشد آهيو ۽ دعا ۾ پٽ ڏيکاريو جي نه ته ماٺهو مرشد ڪونه مجيندا." مون چيو ته دعا ته خير ڪندس خدا ڪندو مسڪين ماٺهن جي چڱائي ٿيندي پر پٽ مون وٽ نه آهي ۽ نه لڳندي، چيائين ته پٽ توهان جي لڳندي جيڪو به پاڻ کي نه مڃي انهيءَ کي تون پٽجانس ته خدا ڪندو ته ڪا گهر کي باهه لڳندئي، بس رات جو گهرن کي باهه آئون ڏيارينديس. صبح جو سڀ توبه توبه ڪري تو وٽ ايندا ته توهان پٽيو گهر کي باهه لڳي اسان توبه ڪئي. آئنده دل گرم نه ڪجو. اهڙي نموني سڄي تر ۾ ڳالهه ائون پاڻ هلائيندس، بس پوءِ هر طرف تنهنجي دعا ۾ پٽ مشهور هوندي، مون سوچيو ته جن ماٺهن جو مون تي پروسو ۽ اعتماد آهي، انهن سان دعا پٽ جي نالي دوکو ڪريان اهو ممڪن نه آهي اهڙي مرشدي گهرجيءَ کانه. پيو ته مون پنهنجي آس پاس ڏٺو ته منهنجو سوٽ امير شاهه ڏاڏاهي جنهن جي 11 هزار ايڪڙ زمين هئي پر سندس انهن افعالن جي ڪري اڄ سندس اولاد وٽ فقط 800 ايڪڙ زمين رهي آهي. مون سوچيو "اهو سون ٿي گهريو جيڪو ڪن چني" زميندار انهيءَ ڪري کانه ٿي جو چوطرف ڏٺم ته هارين جو سالن کان زميندار حساب نٿا ڪن، هارين جا خاندان ورهين کان زميندارن وٽ قيد آهن، هڪ پيرو منهنجو هاري عيسو سومرو جيڪو تمام سٺو هاري هو. انهيءَ جو پاءُ يوسف پاڏائي جيڪو ميرن جو ميرپورخاص جي طرف هاري هو. اهو عيسو سومرو وٽي آيو چيائين ته سائين هي منهنجو پاءُ، سندس گهر واري، پٽ ۾ پنجي زال سال کان مير صاحب وٽ قيد هئا. رات جو زنجيرون هٽي ٿي ڇڏيائين، صبح جو موچڑا هٽي ٿي ڪم ورتائون، فقط کاڏو ۾ ڪپڑا ڏيندا هئا. باقي نه حساب نه ڪتاب سو ڪلهه وجهه وٽي هڪڙي شادي جي ڄڃ سان سرڪي آيا آهن، هاڻ بچائين. مون

پچيو "هاڻ چا ڪندو مير هنن کي" يوسف سومري چيو ته "سائين هتان تنهنجي هٿن مان زوري ڪٽي ويندو." ٿيو به ائين ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ مير صاحب پنهنجي ماڻهن سان هٿيار بند ٿي ڏڙي ۾ آيو. جتي پچا ڪيائين ته عالم شاهه ڪير آهي، اتي هن کي خبر پئي ته مير صاحب تکڙ نه ڪجو عالم شاهه خانداني ماڻهو آهي. توکان وڏيڪ همراهه اٽس. انهيءَ ڪري ڪٽي وڃڻ واري ڳالهه هتي ڪانه هلندي مير صاحب چيو ته ٺيڪ آهي عالم شاهه کان سنگت ۾ ٿو ماڻهو وٺان. مون کي خبر پئي ته مير صاحب ڏڙي لٽل آهي. اسان پوري بندوبست سان اوطاق تي وينا هئاسين ته مير صاحب اسلاوعليڪم. وعيلڪم السلام ٺڪاءِ اچي اوطاق تي ڪيو. اٽندي مير صاحب چيو ته سائين خبرون وٺون. مون چيو ته مير صاحب ماڻهو ماڻهو وٽ ايندا آهن، توهان به اسان جي تڏي تي آيا آهيو. ٻئي ضلع جا آهيو مڙيئي آهي.

خبرون وٺنداسين پهرين ماني کائو ايتري ۾ ماني آئي. مير صاحب جن ماني کاڌي خبرون ٻڌايائون ته هي ٽڪي ڪري ڀڳا آهن. هنن تي ويهه هزار آهن يا پئسا ڏيو يا همراهه ڏيو ٻيو مڙيئي خير."

يوسف سومرو مير صاحب جي روبرو نه آيو خير عيسو سومرو آيو. حساب ٿيو مير صاحب جا 8 هزار ٿيا، مير صاحب کي اوترن پئسن جا ڏيڳا ڏناسين، مير صاحب اهي ڏيڳا کاهي. ويو همراهه پوءِ مهينو کن ڏڙي نٿي ويا. اهي حال زميندارن جا ڏسي مون کي زميندااري تان شوق لهي ويو.

مون چيو ته "هن معاشري ۾ هر طرف اهڙا ظلم ڏسي مون سوچيو ته ڪو اهڙو رستو ڪڍجي جو انهن ۾ سڌارو اچي سگهي. پوءِ مون گورنمينٽ کان تحريڪ رسالي جو ڊڪليئريشن ورتو اهڙي طرح حڪومت جي اجازت سان جيڪو مون ڏٺو انهيءَ کي کهاڙين، شعرن ۽ مضمونن وسيلي تحريڪ ۾ لکي پڙهو ڪيو جيئن انهن ظلمن تان پردو کڻي سگهجي. هاڻ ميجر صاحب توهان چاهيو ٿا ته اهو چگو ڪم ڪرڻ بند ڪري وري ويجي اهي ڏنڊا ڪريان، جن جي ڪري انسان ذات عذابن ۾ آهي. توهان جو مقصد آهي ته آئون به اهڙو ٿي لکين روپيه نڪجين ۽ دوکن سان گڏ ڪريان توهان جون دعوتون ڪريان ۽ توهان کي شڪار ڪرايان، اهو مون کان نه ٿيندو.

انهيءَ تي ميجر ظهير چيو ته "تحريڪ ۾ توهان اسلام جي خلاف ۽ پاڪستان جي خلاف لکيو آهي. اسان وٽ هي تحريڪ جو سڄو رڪارڊ آهي. توهان کي انهيءَ جي ڏوهه ۾ باهر ڇڏبو ئي ڪونه." مون چيو ته توهان وٽ جيڪو رڪارڊ آهي اهو ظاهر ڪريو ٻڌايو ته ڪٽي اسلام جي خلاف آهي ۽ ڪٽي

پاڪستان جي خلاف آهي. انهيءَ تي هڪڙو ٽڪرو پڙهي چيائين تہ"ڏس هي آهي اسلام جي خلاف، هي پاڪستان جي خلاف" انهن ٽڪرن تي ڳاڙهي مس جا نشان هئا مون چيو تہ توهان مسلمان آهيو آئون بہ مسلمان آهيان اهو فيصلو قرآن شريف تي ٿا ڇڏيون توهان کي قبول آهي. چيائين قرآن شريف ۾ ٽورو اهو لکيل آهي. جيڪو توهان تحريڪ ۾ لکيو آهي. مون چيو تہ مسلمانن جو قرآن شريف هڪڙو آهي مسلمانن جا 72 فرقا آهن هر فرقو قرآن شريف جي پنهنجي معنيٰ ٿو ڪيي جي قرآن شريف جون 72 معنائون ٿيون نڪرن تہ تحريڪ جون بہ معنائون نڪتيون تہ ڪو آئون ڏوهاري ٿي پيس چا؟ تحريڪ ۾ جيڪو لکيل آهي، انهيءَ جو مقصد جيڪو توهان ٿا ڪيون اهو نہ پر هي آهي، جنهن جو مقصد نہ اسلام جي خلاف آهي نہ پاڪستان جي خلاف آهي.

باقي جيڪو لکيل آهي اهو انسانيت تي لکيل آهي. هن معاشري ۾ جيڪي خرابيون آهن، انهن خلاف آهي." انهيءَ تي ڪاوڙ جي مون کي سينٽرل جيل اُماٽي ڇڏيائين ۽ ڪيس سمري ملٽري ڪورٽ ۾ هلڻ لاءِ آڊر ڪيائين.

سمري ملٽري ڪورٽ ۾ تہ ڪيس هليو هر پيري نہ پچا ڳاڇا ماٺهن کي گهرائي سزا ڏئي ڇڏيندا هئا. هر پيري آئون پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪندو هوس، ڇاڪاڻ جو وڪيل ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. ٽيندو هيئن هو جو هر پيري جيل تان پوليس سمري ملٽري ڪورٽ ۾ وٺي ايندي هئي. ملٽري ڪورٽ اندر ميجر صاحب قرآن شريف تي حلف کڻندو هو تہ هو انصاف ڪندو. پوءِ هر ملزم کي ڏوهہ ٻڌائيندو هو جنهن تي ملزم پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ چوندو هو. پوءِ ڪيس سزا ٻڌائي جيل روانو ڪري ڇڏيندو هو. مون کي بہ هر پيري ڏوهہ ٻڌايو ويندو هو آئون پنهنجي بچاءَ ۾ پاڪستان جون خبرون رسالا ۽ اردو انگريزي ۾ چپيل مواد ڏيکاريندو هوس تہ تحريڪ اندر جيڪو مون چپيو آهي انهيءَ ۾ تہ ڪا بہ غير قانوني ڳالهہ نہ آهي. پر هي روزانہ جيڪو چپجي پيو انهيءَ ۾ وڌيڪ آهي. هنن تي ڪيس انهيءَ ڪري نٿا هلايا وجن جو هي ٻين ٻولين ۾ لکيل آهن. اردو پنجابي ۽ انگريزي ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ تي ڪو بہ ڏوهہ نہ آهي. ڏوهہ فقط آهي تہ هي سنڌي ۾ آهي. ۽ خاص ڪري انهيءَ ڪري جو هي ماهوار سنڌي تحريڪ رسالي ۾ چپيل آهي انهيءَ ڪري توهان ٿا اسان تي ڪيس هلايو اسان جو ڏوهہ انهيءَ ڪري آهي جو اسان هڪ مظلوم قوم ۾ پيدا ٿيا آهيون مظلوم ماٺهن لاءِ لکون ٿا، مظلوم سنڌي ماٺهن جو حصو آهيون توهان کي ڊپ آهي تہ جي اهڙا ٻٽي سنڌي رسالا نڪتا، بہ ٽي سنڌي ماٺهو لکڻ وارا پيدا ٿيندا تہ اڄ جيڪا سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي تي غلام آهي. اڄ سنڌي قوم پنهنجي پنج هزار سالا تاريخي ورثي

هوندي به اقليت ۾ تبديل پئي ٿئي ته شايد اها سازش سڄي عوام اڳيان وائڪي ڪن ۽ سنڌ پنهنجي وسيلن کي بچائڻ لاءِ اُٺي ڪڙا ٽين ۽ جي اها ڳالهه سيني ماٺهن کي سمجهه ۾ اچي ويجي ته سندن دنيا ڪٽان پئي لٽجي ۽ انهيءَ لٽ کي ڪهڙي نموني بند ڪجي جي اهي خيال عملي شڪل ونڻ ماٺهو پنهنجو پاڻ ۾ ٻڌيون ڪرڻ سکي ويجن کين پنهنجا ويچا ختم ڪرڻ اچي ويجن ته پوءِ توهان ته چا پر دنيا جي ڪا به طاقت سنڌي ماٺهن کي پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل نٿي ڪري سگهي. مون چيو ته اسان نه ڪنهن جي خلاف آهيون، نه اسان ڪنهن جا بدخواهه آهيون، نه اسان ڪنهن کي غلام ڪرڻ ٿا چاهيون نه اسان ڪنهن جي نسل ڪُشي ڪرڻ ٿا چاهيون، نه اسان اهو پنهنجو پاڻ تي برداشت ڪنداسين ته ٻيو اچي اسان جو حاڪم ٿئي ۽ اسان کي پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ڪري، سدائين لاءِ غلام ڪري هلائي اهو نٿو تي سگهي. سو منهنجو واقعي اهو جرم آهي ته جو آئون اکين سان ڏسي سوچي سمجهي پنهنجي قوم کي غلام بنائي توهان جي ڪورٽن کان ڀڄي لڪڻ بند نه ٿو ڪريان. خير مون تي ڪا به ثابتي نه هئڻ جي باوجود هر پيري 6 مهينا سزا ڏئي تي ڇڏيائين، آخري پيرو جڏهن هن مون کي ساڳئي طرح سزا ڏني تڏهن ويندي مهل چيائين ته شاهه صاحب جي توهان معافي جي اپيل ڪريو ته آئون مٿي سفارش ڪريان، مون کي يقين آهي ته توهان آزاد ٿي ويندا. ڪافي پيرا وٺس پيش ٿيڻ ۽ ڪيس وڙهڻ ڪري هري مري ويا هئاسين. ميئجر صاحب طبعتن سٺو ماٺهو هو. سندس رويو به ٺيڪ ٺاڪ هو مون چيو ته توهان مسلمان آهيون ۽ آئون به قرآن شريف کي مڃان ٿو توهان مون کي سزا ڏيڻ کان اڳ هر پيري قرآن شريف جي آيت سڳوري پڙهي اهو عهد ڪندا آهيو ته انصاف ڪندس، سو توهان قرآن شريف پڙهي مون کي ڏوهاري سمجهي سزا ڏني آهي. هاڻ معافيون ڪهڙيون جي سچو مسلمان هوندن ته آئون به سچو سيد آهيان رسول جو اولاد آهيان توتي اهڙوئي ڪيس قيامت ۾ هلائيندس پوءِ خبر اُتي پوندي چوندا آهن ته ڏهه اول ستر آخر سو ته به قرآن کڻي مون کي بيگناهه 2 سال سزا ڏني آهي. انهيءَ جو حساب ڪتاب ضرور ڏينديين، معافي مون کي نه پر توکي ونڻي پوندي. اهو چئي آئون هٿڪڙيون لوڏي ٻاهر نڪتس. انهيءَ وقت منهنجو موڊ به واقعي هڪ سچي سيد ۽ ميرل شاهه ولي جي گادي نشين وارو هو. مون کي خبر هئي ته هي سزا ڏيندو سو آئون به جارحانه موڊ ۾ هئس. اتفاق سان مون کي جيل تان وٺي اچڻ وارو هڪڙو صوبيدار سنڌي هو تنهن منهنجا ڪورٽ ۾ جاهه جلال ڏئا ٻاهر ڏسان ته همراهه جي اکين ۾ پاڻي هو. مون کان هٿ ٻڌي معافي پيو وٺي ۽ چيائين ته سائين مون مسڪين جو ڏوهه نه آهي. اسان حڪم جا بندا

ماٹڪ چوٽو جن جو

آهيون، مون تي ڏمر نہ ڪج، مون کٽي همراهہ کي پاکر پاتا، دلداري ڏني تہ بابا تون فکر نہ ڪر. تنهنجي پاران قيامت ۾ تنهنجو وڪيل آئون ٿيندس توکي لهر نہ ڪو لوڏو آهي. ان وقت سينٽرل جيل جو سپريٽينڈنٽ نورالاهي هو ڊپٽي نواز هو جيلر مري، قريشي ۽ پيا هئا.

جيل ۾ اچڻ کان اڳ فاضل صاحب جيل انتظاميہ ۽ قيدين ٻڌائي ڇڏيو هو تہ عالم شاهہ زبردست ماڻهو آهي، اڄ اڇي پيو سو آئون جيئن ئي ويس تہ اندر جنم قيدي ٻيڻا هئا. انهن ڏاڍي عزت ڏني جيل انتظاميہ بہ ٽيڪ ٽاڪ هئي، خبر پئي تہ ڪجهہ وقت اڳ پٽي صاحب جي وقت ۾ ڪٽپر صاحب جيلن جو وزير هو. انهيءَ جنم قيدين کي معافي ڏئي ڇڏي هئي. جنهن ۾ 160 قيدي آزاد ٿيا هئا. پر انهن قيدين کي وري گرفتار ڪري، ماري ماري اهڙو ذليل خوار ڪيو هو جو انهيءَ جي حد ئي ڪانہ هئي. انهن قيدين جو ڪو بہ ڏوهہ نہ هو جي آزاد ٿيا هئا تہ وقت جي وزير ڪيا هئا. جيل انتظاميہ ڪيا هئا. پر چوندا آهن تہ "انڌير نگري چوپٽ راجا" وارو مسئلو هو انهن 160 قيدين جو وڪيل پليجو صاحب ٿيو هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس وڙهيو قيدين پاران سندن ڏٽي آئون ٽيس چاکاڻ جو قيدي سڄي سنڌ جا هئا جي هر قيدي جو ڏار ڏار وارث ڪجي ها تہ ڏار ڏار ڪيس داخل ٿين ها لکين روپيا خرچ ٿين ها، سو آئون سينيي جو مُرشد ٽي ڪيس وڙهيس ۽ ڪيس ۾ سڀ قيدي آزاد ٽي ويا. انهيءَ ڪارنامي جا جيل اندر وڏا ڏاڪ هئا، سو باقي قيدين ۾ منهنجي عزت اڳ ۾ ئي ڏاڍي هئي ڇو جو بيگناهہ ويس پوءِ تہ اڃا وڌيڪ خيال ٽي ڪيائون پيو تہ جيل اندر عام قيدي لاءِ فقط بہ رستا آهن، هڪ الله ۽ قرآن شريف، پيو رسول ۽ انهيءَ جو وارث سيد. پوءِ ڪهڙو بہ هجي پر جيل اندر عام قيدي لاءِ وڏي رحمت هوندي آهي تہ دُعا ڪر. تہ رب مون کي آزاد ڪري. سو آئون وري بہ سيد گادي وارو هوس منهنجون تہ پنج ئي آگريون گيهہ ۾ هيون. منهنجو رويو سياسي ماڻهو هئڻ ڪري عام قيدين سان سنو هو. اسان کان اڳ عام قيدي ۽ سياسي ماڻهو جي وچ ۾ وڏو فرق هو سياسي ماڻهو عام قيدي جو خيال نہ ڪندا هئا. پر اسان پنهنجي وقت ۾ اها وچوٽي ختم ڪئي. عام قيدي بہ سياسي قيدين سان ڪچهريون وغيرهہ ڪندا هئا. انهيءَ ڪري منهنجو رابطو سڄي جيل سان هوندو هو. جيل اندر اگر ڪو رابطو رکڻ چاهي تہ ٽي ويندو آهي.

مون کي پهرين اسپيشل وارڊ ۾ اڪيلو رکيائون، جتي پوءِ مون سان سلام ميمڻ ۽ ڪمپازيٽر شيرل ۽ قاسم گڏ هئا. اهي آزاد ٽي ويا تہ آئون اڪيلو هئس. سجو ڏينهن ورزش گرائونڊ اندر ڊوڙڻ ۽ پڙهڻ ۾ وقت گذرندو هو. مون کي هڪ جنم قيدي ميمر هوت برداشتي ڪري ڏنل هو بن مهينن کان پوءِ سپرنٽينڈنٽ

ماڻڪ چوٽو جن جو

نورالاهي اسپيشل وارڊ ۾ آيو. آئون اڪيلو هوس. هن سمجهيو ته آئون پريشان هوندس جنهن تي هن پڇيو "شاهه صاحب ڪهڙا حال آهن" مون چيو ته خير آهي، ڏاڍو سڪون آهي. واندڪائي آهي سڄو ڏينهن وارڊ اندر ورزش ڪيان پيو. پوءِ ستو پيو آهيان، تنهنجي پڇن کي پيو دعائون ڪريان. ٻيو سڀ خير. چيائين "ڪو ڪم ڪار." مون چيو ڪوبه ڪم ڪار نه آهي. هي ته موڪلائي روانو ٿيو ڪلاڪ کان پوءِ ڏسان ته 50 ٻيا قيدي جن جا ڪپڙا ميرا سيني کي گهٽو ڪري خارش، ڪمبل ڪلهن تي مڙس ٽنا اچن مون پري کان سڃاتا ته اها مهرباني سپرنٽينڈنٽ صاحب جي آهي. جنهن کي منهنجو سڪون ۾ رهڻ ۽ آرام ڪرڻ پسند نه آيو.

خير صبح جو فاضل صاحب ملاقات تي آيو. مون چيو ته ٻيو ڪجهه به نه گهرجي فقط سرف، ڪار ۽ صابڻ ڏياري موڪل. ڪلاڪ اندر جيڪو چيم سو فاضل صاحب کڻي آيو. چيائين ته جيل اندر سيد دوڪان کوليو اٿئي چا؟ مون چيو "ها ـ نيڪي جو دوڪان کوليو اٿم." پوءِ مون سيني قيدين کي ويهاري خبرون چارون پڇيون. مون پنهنجون خبرون ٻڌايون، پهرين ته همراهه ڏاڍا ڏنل هئا، پر پوءِ منهنجي پنهنجائپ جي روئي ڪري سڀ ڌهي ويا. مون کين سمجهايو ته توهان جو ڏوهه نه آهي، ڏوهه هن معاشري جو آهي جنهن ۾ جيڪو به ڪا ننڍڙي غلطي به ڪري ٿو ته کيس کو سهارو ۽ سمجهاڻي ملڻ بدران اهڙي طرف ڌڪيو ٿو وڃي جو هو پاڻ کي سنياڻڻ بدران وڌيڪ ڏوهاري ٿيندو وڃي. اهڙي طرح ڪنهن به ماڻهو کي هن معاشري ۾ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو ڪو به موقعو نه آهي، توهان به انهيءَ معاشري جا تڙيل آهيو ۽ آئون به انهيءَ معاشري جو تڙيل آهيان. فرق فقط اهو آهي جو توهان هن معاشري کي بنا سمجهڻ جي ڏوهه ۾ آيا آهيو آئون هن معاشري کي سمجهڻ جي ڏوهه ۾ آيو آهيان.

پاڻ سڀ انسان آهيون، سنڌي آهيون، مظلوم قوم ۾ پيدا ٿيا آهيون، اچو ته پاڻ اسپيشل وارڊ کي مثال بنايون ۽ هتي گڏجي هڪ ٻئي جي رهنمائي ڪريون، هڪ ٻئي جو سهارو ٻڌجون، هڪ ٻئي جي عزت ڪريون ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجو سمجهون.

پوءِ رات هنن جي ڪم کان واپس اچڻ مهل گڏجي ڪچهري ڪندا هئاسين، قومي گيت ڳائيندا هئاسين، گڏجي ڪتاب پڙهندا هئاسين، انهن تي سيئي تبصرو ڪندا هئاسين.

روزانو رات جو هڪ ٻن همراهن جي ذاتي زندگي ۽ سندس ڪيس ۽ سزائن تي گڏجي ڳالهائيندا هئاسين، انهيءَ دوران ڪنهن جي ڪا مدد ڪري سگهبي هئي ته فاضل صاحب يا پليجو صاحب يا ڪنهن ٻئي کي چئي مدد ڪندا هئاسين.

جنهن ڪري همراهن جو وڏيڪ پروسو ۾ اعتماد ٿيندو ويو. جمعي تي گڏجي سيئي ڪپڙا هٽ سان ڏوئيندا هئاسين، سرف، صابڻ سپ موجود هئا. انهيءَ ڪري سيني مان ميراڻ ختم ٿي وئي، سيئي صاف ستڙا ٿي رهندا هئاسين.

مانيءَ ۾ سپ گڏجي کائيندا هئاسين، منهنجو گيهه وغيره جيڪو ايندو هو گڏجي ڪم ايندو هو. ٻيو ته جيل اندر ڊاڪٽر حفيظ ميمڻ درڙي جو پنهنجو هو. انهيءَ کي گهرائي همرائن جو علاج وغيره ڪرايم. جنهن ڪري خارش وغيره ۾ ختم ٿي ويئي. ڊاڪٽر کان 20 همراهن کي بيماري جي حالت ۾ بيمارن جي کاڌي طور 10 سير کير فروٽ ۾ ٻاڪرو گوشت لکرائيندا هئاسين. جنهن ڪري سڄو ڏينهن چانهه پنهنجي هلندي هئي. ٻاهران ٽڪر جو لوتو گهرائي کير جمائيندا هئاسين. جنهن ڪري تازو مکڻ ۾ لسي جام ٿيندي هئي. همراهه مون سان 3 مهينا هئا. پر ڳوٽ ڪريو ويٺا هئاسين. سڄي جيل ۾ هي ڪچا قيدي خوار هوندا آهن. پر هن ٽن مهينن اندر هنن جي اٽڪل واهٽي بدلجي وئي روزانو نون موضوعن تي بحث ٿيندا هئا. مزي واري ڳالهه جو هر ڪنهن ماڻهو پنهنجو فن سيني کي سيکاريو مثال طور لاڙڪاڻي جو ڪارو نانگ بشني هو. هن تي نالو ڪارو نانگ انهيءَ ڪري پيو جو هن کان ڪير به بچي نه سگهندو هو. انهيءَ اهو سمجهايو ته ڪيئن ٿا ڪيسا ڪترين، اهڙي طرح ريلوي ۾ بنا ٽڪيٽ سفر ڪيئن ڪجي اهو همراهن ٻڌايو بحرالحال سيکو پنهنجو ڏوهه جيکو پهرين عيب سمجهندو هو سو سپ سچ ڪري ٻڌائيندو هو اهو انهيءَ ڪري اسان اهو ماحول ناهيو ۾ انهن عيبن جا سبب ڪهڙا آهن ۾ انهن خرابين مان پاڻ کي ڪيئن بچائجي تي بحث ۾ سمجهاڻين ڪري همراهن کي اها ڳالهه پسند ايندي هئي.

اسپيشل وارڊ جو ماحول پنهنجائپ وارو هو هڙ ماڻهو هڪٻئي جي ڏکن ۾ سکن جو درد محسوس ڪندو هو.

منهنجي ياءُ نجف علي شاهه جي شادي دولت پور ۾ هئي جج حيدرآباد کان ويڙهي هئي پهرين ته هن درويش شادي کان انڪار ڪيو ته ياءُ جيل اندر آهي. آڻون شادي ڪريان. ائين وري ڪيئن ٿيندو. گهروارن مون کي ٻڌايو ته مون کيس گهرائي ملاقات تي سمجهايس ته پريان ڏاريا آهن انهن جو زور آهي منهنجي ٽڪر جي ڪا به خبر نه آهي تون شادي ڪر. خير راضي ٿيو. جج جيل جي پاسي کان رواني ٿيڻ واري هئي اسپيشل وارڊ مان کي قيدي ٻاهر ڪر لاءِ ويندا هئا.

انهيءَ رات منهنجي ياءُ جي شادي جو ذڪر نڪتو سيني فيصلو ڪيو ته صبح جو شادي جي خوشي ۾ اسپيشل وارڊ اندر خوشي ڪندا سين، صبح جو به ٽي قيدي ٻاهر ويا. اتفاق سان جج به دهلن دمامن سان ويجي رهي هئي. اهي قيدي

جيڪي ٻاهر ڏنڊا ٻيڙين سان ڪم ڪري رهيا هئا. اهي انهيءَ ڇڇ کي ڏسي نچڻ لڳا ۽ واپسي ۾ اڇي مون کي ٻڌايائون ته سائين نجف جي ڇڇ وئي پئي اسان جي نچڻ تي ڇڇ وارن هٿ ڪيڊي پئي جواب ڏنا انهيءَ ڏينهن سيئي خوشي ۾ شريڪ ٿيا ڊانسون ۽ ڳائڻ رات تائين هلندا رهيا. اهو محسوس نٿي ٿيو ته ڪو فقط منهنجي ياءُ جي خوشي آهي پر ائين پئي سمجهه ۾ آيو ته اسپيشل وارڊ اندر رهندڙ هر قيدي جي پنهنجي ياءُ جي خوشي آهي. منهنجو ننڍڙو پٽ علي ميرشاهه ملاقات تي ايندو هو ڪيس ڏسڻ لاءِ سڀ ملاقات ۾ ڪيس ملندا هئا ۽ سندس لاءِ جيل اندران ٽوپيون ٺاهي ڪيس موڪلينداهئا. مقصد تہ جڏهن واقعي ماٺهو پنهنجي انا ڇڏي ماٺهو ڪي ماٺهو سمجهي، ساٽن هڪ ٽيڻ جي ڪوشش ڪري ته سندڙ جا سيئي ماٺهو هڪ ٽي سگهن ٿا. هڪ ٽي پنهنجي منزل ماڻي سگهن ٿا. فقط صحيح عمل جي ضرورت آهي.

اسپيشل وارڊ جي پرسان "ولو ڪوسو" بند وارڊ جو خطرناڪ قيدي هو هن سان ملڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه هئي. هڪ پيرو هڪ ٽي ڏينهن منهنجي ۽ هن جي شنوائي هئي. جيل اندر سلام دعا نياپن رستي هئي. پر مليل نه هئاسين. هن سان گڏ ڪورٽ ۾ ويس رستي ۾ دوستي ٽي سجو ڏينهن ڪورٽ تي گڏ هئاسين. واپسي مهل هن جي گاڏي الڳ آئي، هن وچڑ ڪان انڪار ڪيو ۽ چيو ته آئون پنهنجي مرشد سان گڏ ويندس. نيٽ مجبور ٽي مون کي به هن سان گڏ واپس موڪليو ويو. مقصد ته جيل اندر سئي روئي ۽ پنهنجائپ جي ڪري عام قيدي ۽ سياسي قيدي جي وچ ۾ جيڪا دوري هئي سا ختم ڪري ڇڏيسين.

اسپيشل وارڊ اندر هڪ ڏينهن عبدالقادر چاچڙ ۽ دوست محمد ڪولاچي جيڪي فوجي يگوڙا هئا. اهي به اسان سان گڏ رهڻ لاءِ موڪليا ويا. پر پوءِ جڏهن همراٿن سان خبرون ٽيون ۽ گڏ رهڻ ٽيو ته هڪ ٻئي کي سمجهيوسين تڏهن هو نه رڳو جيل اندر دوست رهيا، پر ٻاهر به هنن جو اڄ تائين اسان سان ساڳيو رويو آهي. پارٽي اندر رهي ڪم ڪري رهيا آهن.

تاج محمد سومرو تعلقي بدين پ پ جو رهنما به جيل ۾ هو هن کي ڏنڊا ٻيڙيون هٽي اهڙو سخت ڪم ونندا هئا، جو هي بيحال ٽي ويندو هو. مون کي خبر پئي. هن لاءِ فاضل صاحب کي چئي پاڻ وٽ گهرائي ورتم ۽ مٽانس ڪم معاف ڪرايوسين ۽ گڏ رهياسين. هن پ پ ۾ قربانين ۽ پ پ اندر وڏيرن جي هڪ هٽي ۽ بي وفائين جو ٻڌايو. همراهه يٽي جو عاشق هو. جيل ۾ به انهيءَ جي عشق ۾ آيو هو. پر خبر ڪنهن به نه ورتس. مائٽ غريب هئس باقي وڏيرا سڀ لڪي عيش ڪري رهيا هئا. گهٽو ڪري سڀ هن تي لوڪل انتظاميه وٽ شاهد هئا. ته "بدمعاشي

اسان نہ پر هي پيرن اگهاڙا ڪن ٿا" جنهن ڪري انتظاميہ بہ رڪارڊ جي پورائي لاءِ اهڙن ڪيترن مسڪين ڪارڪنن کي جيلن اندر موڪليو هو جن جو نہ ڏٺي نہ ڪو سائين هو. هي نڊٺڪا ٽي عذاب ڪاٽي رهيا هئا. هن مون کي منٿ ڪئي تہ بينظير کي هن سڄي روئداد کان واقف ڪريان.

خير اسان گڏجي تاج محمد سومرو جي نالي وڏيرن جي بي حيائي ۽ ڪارڪنن جي قربانين جا سچا پچا انگ اکر ۽ ثبوت ڏئي خط لکيو اهو ڪنهن نموني پاهران رجسٽر ڪري بينظير کي موڪليوسين. انهيءَ خط ملڻ کان پوءِ ايترو ٽيو جو نصرت پٽو صاحبہ تاج محمد سومري جي گهر وئي.

همراه اڄ بہ پ پ ۾ آهي. پر پنهنجو يار بہ آهي سو ياري هلندي رهي. جيل اندر هڪڙو جهونو قيدي جنهن کي جيل اندر 10 سال ٿي چڪا هئا. ڪيس 14 سال قيد هو سندس نالو گل حسن ميمڻ هو سو باهر ڪنهن بئنڪ جو مينيجر هو بئنڪ جي فراڊ ۾ سزا مليل هئس گهٽو وقت جيل ۾ رهڻ ۽ پڙهيل هئڻ ڪري ڪاڙهي ٽوپي هئس سڄي جيل اندر سڄي راشن جو انچارج هو مري جيلر سندس يار هو. پاڻ پهرين بورچي خاني ۾ رهندو هو پر جڏهن اسپيشل وارڊ جي هاڪ ٻڌائين تڏهن خاص اجازت سان اسپيشل وارڊ اندر اچي رهيو. اسان سان لاهن چاڙهن ۾ ٿهي ويو. بس پوءِ هر ڪالهہ وچ تي هئي. هن جي زندگي جو وارو آيو هن پنهنجي سزا ۽ زندگي بابت ٻڌايو تہ هي ماتلي بينڪ جو مئنيجر هو. ماتلي ۾ "لالي" نالي هڪ ڪائٽي تمام حسين هئي. جيڪا جنهن بہ ميڙي تي وئي تہ پيا ماندا خاموش هوندا هئا، هن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو حيران هئا. هن جنهن سان ڪلي ڪالهايو اهو پنهنجي پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو هو هي همراهہ بہ، لالي جي عشق ۾ گرفتار هو. هوڏانهن لالي جي عشق ۾ بينڪ جو ڏيوالو نڪري ويو. همراهہ تي انڪوائري ٿي ڏيوالي نڪرڻ ڪري همراهہ کي 14 سال سزا آئي. پر انهن سالن ۾ وري نہ لالي آئي نہ هن کا خبر ورتي هن کي تڏهن بہ لالي سان عشق هو." مون چيو تہ "جي لالي تنهنجي ملاقات تي اچي تہ پوءِ!" اکين ۾ پاڻي اچي ويس. مون صبح جو لالي کي گل حسن ميمڻ جي نالي وڏو دردناڪ خط لکيو جنهن ۾ لالي جا بہ ڪردار لکيم هڪ اها لالي جيڪا ماندن جي راڻي آهي، روزانو سوين ماڻهن جي دلين کي وڍي، انهيءَ ۾ لوڻ ۽ مرچ وجهي، انهن تي نظر ئي نٿي وجهي. ٻيو ڪردار انهيءَ محبوبا جو ڏيکاريم جيڪا گل حسن ميمڻ جي محبوبا جو هو. جنهن جي ياد 10 سال قيد رهڻ کان پوءِ بہ نٿي وسري. انهيءَ خط ۾ انهيءَ وقت جا سچا واقعا جيڪي گل حسن ٻڌايا اهي بہ لکيم. خط صبح جو باهران رجسٽر ڪرايوسين. هفتي اندر گل حسن سان لالي جي پيٽ "نرگس" ملڻ آئي. جنهن چيو

تہ لالي توکان پوءِ بي سهارا ٿي دل لاهي ڇڏي، توهان جي نڪرڻ جو به ڪو سوال نہ هو پوءِ هن مجبور ٿي هڪ صوبيدار سان شادي ڪري ڇڏي آهي، توهان کيس اڄ به ياد آهيو. توهان جو هي درداڪ خط پڙهي مون کي موڪليو اٿس تہ آئون ڪهڙو منهن ڪٽي اچان. ۽ چيو اٿس "تہ خدارا هاڻ مون کي وساري ڇڏ ۽ مون کي معاف ڪر." همراهہ ملاقات کان پوءِ واپس مُرڪندو آيو اچي چيائين تہ ڏهن سالن جو بوج اڄ توهان لاٿو آهي، عالم شاهہ تون تہ ڪو فرشتو آهين، ڏهن سالن کان وڇڙيل ۽ ناممڪن ڀَالهين کي تو خط سان نہ پر ڪرامت سان سچو ڪيو آهي، ٻاهر نڪري نئين زندگي گذاربي، زندهہ رهبو. اهو زنده رهڻ تو سيکاريو آهي. گل حسن جيل کان ٻاهر آهي ۽ اڄ به اها ساڳي سڪ اٿس. همراهہ ٻاهر نڪري واعدي مطابق شادي ڪئي آهي. نئين زندگي لاءِ زندهہ رهڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، اسپيشل وارڊ اندر منهنجو برداشتي جنم قيدي مير هوت هو. هن کي 28 سال سزا هئي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلندي به هن کي جيل اندر ئي سال ٿي ويا هئا. وڪيل جا پئسہ نہ هئڻ ڪري ڪيس هليو نٿي. همراهہ کي ٻاهر نڪرڻ جي اميد نہ هئي. جڏهن هن جي زندگي تي ڀَالهائڻ جو وارو آيو تہ گڏيل بحث ٿيو. سوچيوسين تہ ڪو رستو ڪيدون. نيٺ ٻہ ڪم ڪياسين. هڪ هن جو وڪيل حيات جوٽيجو هو. انهيءَ ڏانهن پليجي صاحب کان خط پارٽ جو موڪليوسين. ٻيو ڪراچي ۾ عارب تي ڪم رکيوسين تہ هن جي ڪيس جي پوئواري ڪري. هن کي به سندس هڪ ننڍي هوندي جي دوست ڏانهن خط لکي ڏنم جنهن ۾ انهيءَ ننڍپڻ جي راندين، جهيڙن ۽ گڏ ڪاڏل مارن جا ذڪر ۽ انهيءَ وقت جي خوشين جا ذڪر ڪري اهڙو ماحول ٺاهيم جو اهو دوست جنهن مسڪين وٽ ٻہ ڏيڪا هئا. انهن مان هڪ وڪٽي وڪيل کي پئسا موڪليائين، ڪيس هليو همراهہ ڪيس مان آزاد ٿي ويو. جيئن تہ هن جيل اندر استيڊي سرڪلن ۾ شرڪت ڪئي هئي. هن سڄي مسئلي کي سمجهيو هو. انهيءَ ڪري اڄ هي هاري تحريڪ جو ميمبر آهي سندس ڳوٺ بدين شهر جي پاسي ۾ آهي. هڪ دفعي معمول مطابق سپريٽينڈنٽ صاحب اسپيشل وارڊ ۾ آيو. 50 قيدين کي صاف ستڙو ۽ حوصلي منڊ ڏنائين۽ آئون به خوش هوس. صاحب ڊپٽي کان پڇيو هي ڪير آهن، ڊپٽي ٻڌايس تہ هي بشني ڪچا قيدي آهن. هنن کي عالم شاهہ تربيت ڏئي اهڙو ڪيو آهي. مون کان پڇائين صاحب ڪر خبر؟ مون چيو تہ خبرون مڙئي خير، مزا ئي مزا آهن.

انڊو گهري الله کان هڪڙي اک سي جي به اکيون ملندس تہ واهہ واهہ اسان کي به جي حڪومت سڳوري هيئن 50 ماڻهن کي هڪڙي هنڊ بند ڪري ڇڏي تہ پوءِ اسان کي چا گهر جي. اسان جو ڏنڊو آهي ماڻهن سان ملي ماڻهو ٽيڙ ۽

ماٹڪ چوٽو جن جو

ماٹھن کي ماٹھن جي سجاٽپ کرائڻ سو هتي توهان سڀ بندوبست ڪري ڏنا آهن پيو مڙئي خير.

ٻئي ڏينهن خبر پئي ته همراهه سڀ گولي ڪري ڇڏيائين. باقي فقط آئون مير هوت برداشتي ۽ گل حسن ميمڻ وڃي رهياسين. همراهه جيڪي گڏ رهيا سي ڏار ٽيڻ وقت اوچنگارون ڏئي پاڪر پائي روئي پوءِ موڪلائي روانا ٿيا.

سڄي جيل اندر اهو مشهور ٿي ويو ته عالم شاهه جنهن به قيدي کي خط لکي ٿو ڏي ته انهيءَ قيدي جي ملاقات ضرور ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ جو جيل اندر قيدي ڪيترو به مڙس ماٹهو هجي پر ملاقات نه آيس ته اهو لاوارث قيدي هوندي پر جنهن قيدي جي ملاقات آهي ته سندس عزت جيل انتظاميه وٽ به آهي ته جيل اندر به مُڇ تي هٿ هڻي پيو هلندو آهي. سو انهيءَ کري جو ملاقات ۾ جيڪو سامان ملي انهيءَ ۾ جيلر کان وٺي صوبيدار سپاهي ۽ ڳاڙهي ٽوپي قيدي جو حصو به نڪرندو باقي جيڪو بچندو اهو سنگت سات سان گڏجي کائبو. هوئين به جيل اندر زندگي جي ضرورتن جو پورائو ته ضرور گهرجي جيل اندر سواءِ ملاقات جي ٻي واهه ته آهي ئي ڪانه. يا ته وري کوزور پريو قيدي هجي جنهن جو لاڳاپو جيل انتظاميه سان ڳجهه ڳوهه ۾ هجي جي ملي جيل اندر سگريٽ، نشو ۽ ٻيو ضروري سامان ته وڏن اگهن تي وڪڻن. جنهن مان 2 حصا جيل انتظاميه کي ۽ هڪ حصو پاڻ رکي. پوءِ هميشه اها دلالي ڪري عام قيدي کي ڦري ۽ ڦرائي. تڏهن ملاقات کان سواءِ رهي، يا نه ته وري صفا بي يارو مددگار ٿي رهي. پوءِ هر ايندڙ ويندڙ جون ايندي ويندي ڳالهيون ٻڌي انهيءَ کري هر قيدي جي اها خواهش ۽ ضرورت هوندي آهي ته ملاقات اچي. سو جيل جي هر چڪر مان هر روز ڪيترن يارن جا خط لکڻ لاءِ نياپا ايندا هئا. مون به فارمولا ناهي چڏيو هو. انهيءَ مطابق جنهن کي به خط لکائڻو هوندو اهو سندس معلومات لکائي موڪليندو هو. پوءِ آئون خط لکي لفافن جي پويان چٽسالي کري موڪليندو هوس. گهڻو کري "خط پهتو نه آهي ملاقات آئي نه آهي." مزي واري ڳالهه اها جو جنهن قيدي جي ملاقات اچي ته منهنجو حصو به ڪيڊي ضرور موڪلين. همراهن کي گهڻو ئي سمجهايم پر همراهن جو اهڙو عقيدو جو ناراض ٿيو پون ته شايد تون اسان کي پنهنجو نٿو سمجهين.

جيل اندر ٻئي عيدون آيون پر هڪ عيد عام قيدين سان گڏ ملهائي سون جيل انتظاميه وارن اجازت ڏني ته هڪ ڏينهن عالم شاهه پلي جيل اندر وڃي بس پوءِ ته هر چڪر ۾ مون لاءِ عيد تيار هئي. خبر نه آهي ڪيئن بندوبست ڪيائون، سڄو ڏينهن جيل اندر گهمندا رهياسين کارو چڪر جنهن ۾ دريا خان جت (ڏانڊاري وارو) ۽ ٻيا دوست رهيل هئا. جيڪي پارٽي دوست هئا. اچو چڪر.

ماٹڪ چوٽو جن جو

اسپتال، ڏوپي گھاٽ، بورچيخانا وغيره گھمياسون. ٻئي ڏينھن مون لاءِ بہ ڪيترن جڳھن تان عيد آئي جيل جا ڪيترا قيدي سڃو ڏينھن گڏ ھئا. حال احوال راڳ جون محفلون ٿيون.

"سکر سيئي ڏينھن — جي مون گھاربا بند ۾
وساريم وڏ ڏُڙا — مٿي مارين مينھن
نيئر منھنجو نينھن — اجاري اچو ڪيو
شاھ صاحب

ڪيترن قيدين کي پھريو پيرو ڏنوسين جيل اندر چاچا محمد خان ڊاکو جنھن کي ھڪ سو ايڪيھ 121 سال ٽيپ ھئي. جنھن کي 30 سال جيل اندر ٿي چڪا ھئا. اھو اسپتال اندر ڳاڙھي ٽوپي ھو اھو بہ يار ٿي ويو.

جيل اندر درزي خانہ مان ھر ٿي مھيني منھنجي لاءِ نوان ڪپڑا سبجي ايندا ھئا. ھفتي ۾ بہ پيرا ڏوپي گھاٽ جا يار ڪپڑا ڏوئي موڪليندا ھئا. ڪوٽ ٽوٽ ۾ بورچيخاني جو سامان اسان جي حوالي ھوندو ھو محمد خان معرفت دوا درمل جنھن وقت ضرور ھوندي ھئي تہ ملندي ھئي.

ھڪ پيري آئون بيمار ٿي، اسپتال ۾ آيس. جتي ھفتو ڪن رھيس اخبارن ۾ پڙھيم تہ ڪريم گرفتار ٿيو آھي. انھيءَ کي فوج جي حوالي ڪيو اٿن خبر نہ آھي ڪٿي آھي. اوچتو ھڪ ڏينھن ڏسان تہ ڪريم اسپتال مان پيو اچي ۽ مون کي ڏسي مُرڪي پيو. مون کي خاطري ٿي تہ پڪ فوج وٽي آئي ھيس. ھاڻ پنھنجي بہ پيچا ٽيندي. پھرين تہ حراسجي ويس ڪريم بہ پري بيھي رھيو نيٺ ھمٽ ڪري سڏ ڪيم "ھليو اڇ" ھمراھ ھلي نہ سگھي مس مس ويجھو آيو خبرون ورتيوسين چيائين تہ "فوج مون کي ماريو آھي. پٽيان ڏڻ تي گرم شيخون رکيون اٿن. جنھن ۾ ماس سڙي ويو آھي. انھيءَ ڪري جڏھن مرڙ وارو ٽيس تڏھن جيل موڪليو اٿن. ھتي جيل اندر ڊاڪٽر عباسي جماعتي آھي. مون کي ڏسي چيائين تہ: اھڙا ماڻھو پلي چنگھي چنگھي مرن، ھنن جو موت بہ سولو نہ ٽيڙ گھرجي. ھنن کي تہ پاڻ انھن زخمن ۾ لوڙ ۽ مرچ وجھجن. ھي ڪافر آھن. چا جي سنڊ سنڊ ڪري تحريڪون ھلائين سو جواب ڏئي ھليو ويو آھي." مون چيو تہ. "پرواھ نہ ڪر." پاڻ پنھنجو بندوبست ڪريون ٿا. چاچا محمد خان کي سڏ ڪيم. سڃي حقيقت ٻڌائي مانس محمد خان ڊاڪو چيو تہ خير آھي جلدي ھڪ قيدي ڊاڪٽر پنجابي سانگھڙ جو ھو انھيءَ کي وٽي آيو. چاپيون تہ محمد خان وٽ ھيون. اوڏي مھل دوائون ڪيي تمام اوچيون دوائون ڪريم کي ڏنيون ۽ پٽي ڪرائي چڪر روانو ڪيو. پوءِ روزانو ڊاڪٽر کان لکائي ڪريم جي پٽي ڪرائيسون ھمراھ ڪجھ

ماٽڪ چوٽو جن جو

وقت ۾ نيڪ ٿي ويو. پر شايد هجيس جو تڏن تان ماس سڙي ويو هوس فقط هڏا رهيل هيس، پر مڙس چون ٿا ڪانه ڪئي. چوندا آهن ته "واقعي مڙسن تان ڪاتيون ڦري وڃن پر حوصلو نه هارين." هن حوصلو نه هاريو ۽ پنهنجي مشڪل کي مڙسي سان منهن ڏئي وڃي پار پيو. هوڏانهن عباسي "ڊاڪٽر" هوندي به قاتل هو. هيڏانهن چاچا محمد خان "ڊاڪو" هوندي به انسان! واقعي انسانيت جي ڳولا ڪرڻي هجي ته ناهه ٿوهه يا هن معاشري جي پيدا ڪيل برتري کي نظر ۾ رکي نه ڳولجي پر جي انسانيت جي ڳولا ڪجي ته هن معاشري جي تڙيل ماڻهن ۾ انسانيت ملندي.

ڪاراين ڪوڙ جا — چوڙا ڪوڙا جن
سو مرڪ ماروٽڙن — جٽان لوڪ لڄ ٽئي
شاهه صاحب

15 روزا "صبح ٽيندو" اپريل 1991

رسول بخش پليجي صاحب سان پهرين ملاقات

منهنجي هڪ ذاتي دوست رجب علي ميمڻ جي معرفت پليجو صاحب سان واقفيت ٿي. آئون زرعي ڪاليج ٽنڈو جام مان پڙهائي ڇڏي 1962ع ۾ درڙي ۾ پنهنجي زمين سنپالڻ لاءِ آيس. رجب علي ميمڻ ڪاليج ۾ ئي پڙهندو هو. رجب علي سان ذاتي دوستي اهڙي اعتماد ۾ داخل ٿي جو سندس چوڻ تي درڙي ۾ ادبي سنگت جو بنياد وڌوسون جنهن ۾ اڪبر شاهه ۽ نجم ميمڻ به گڏ هئا.

ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي 1966ع ۾ لطيف جو ڏينهن درڙي ۾ شاندار نموني ملهايو ويو. لطيف جي ڏينهن تي خاص مهمان ڪنهن کي ڪجي؟ تنهن تي بحث ٿيو. سيني دوستن جو فيصلو ٿيو ته محترم رسول بخش پليجو صاحب وڏو اديب، ڏاهو دانشور آهي. تنهڪري ان کي خاص مهمان ڪجي. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ مون کي پليجو صاحب کي ڏسڻ جو شوق ٿيو. انهيءَ وچ ۾ رجب علي، اڪبر شاهه، نجم ميمڻ ۽ عثمان سومرو جن سان گڏجي ثقافتي ميلا ملاکڙا لڳائڻ ۽ ادبي سرگرميون ڪرڻ جو سماجي ڪم ڪرڻ لاءِ اسان متيان دوست هميشه گڏ هوندا هئاسون. انهن سرگرمين ۾ ڪيترا دوست نوان ٺهيا. جن ۾ علي محمد پرويز، حاجي عباسي وغيره هئا. هڪ پيري پليجو صاحب ميرپور بٹوري ۾ آيو. محب علي خواجه جي جڳهه تي ڪافي ماڻهو هئا. جتي منهنجي پليجي صاحب سان پهرين ملاقات ٿي ۽ اها شروعاتي ڳالهه ٻولهه جي حد تائين رهي. ٻئي پيري پليجو صاحب سان درڙي ۾ مرحوم حاجي بچو جي نئين ڳوٺ جي اوطاق ۾ هڪ گڏجاڻي ۾ ملاقات ٿي. ان گڏجاڻي ۾ تنظيمي طرح سان پهريون پيرو مون کي شريڪ ٿيڻ لاءِ دوستن طرفان چيو ويو. پر مون کي اها به هدايت ڪئي وئي ته خاموشيءَ سان اچڻو آهي ڇاڪاڻ ته ان وقت منهنجي نڪرڻ جو اهو طريقو هو ته به ٽي پلا گهوڙا ۽ ٽي اُٺ پڌن ۽ پاڪڙن سان هوندا هئا جن تي اٽڪل ڏهاڪو ڪن همراهه گڏ هوندا هئا. اُٺ ۽ گهوڙا چاندي جي سنجن سان سينگاريل هئا، انهن همراهن ۾ مون کي وندرائڻ ۽ سفر سولو ڪرڻ لاءِ ڳجهارتون، ٽوٽڪن ۽ ڳالهين ڀڏائڻ وارا همراهه ۽ چرچائي ۽ به ٽي سنجيدا، عمر رسيده ماڻهو جيڪي منهنجي ٻين ماڻهن سان ملاقات ڪرائڻ لاءِ مون کي راڄن ۽ ڪڙم جي چگڻ متن جي جاڻ ڏيڻ جي لاءِ هميشه گڏ هوندا هئا. پر هن پيري خاموشيءَ ۾ فقط هڪ پلو گهوڙو هو جيڪو چاندي جي سنجن سان پريل هو. مون پوسڪيءَ جو پٽڪو پوسڪي جي

ماٹڪ چوٹو جن جو

قميض هرڪ جي سلوار چانڊي جو لڳ هو. گهوڙي جي هٽڪار سنجن جو آواز فرلانگ ڪن تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيو. گڏجاٽيءَ جي جڳهه تي پهتس تہ همراهہ وينا هئا. پليجو صاحب ٻہ پهچي ويو. سو مونکي ڏسي ڪلي چيائين تہ "اهو ايجان خاموشيءَ ۾ آيا آهيو ڳوٺ ڪان ٻاهر ڪا ڳالهہ ڪانهي." سيٻي يار ڏاڍا ڪليا، مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ايجا چا ڪريان ها. آڏونتہ فقط هڪ گهوڙي تي چڙهي آيو آهيان. خير گڏجاٽي هلي. هڪ هاري دوست اُٺي بينو ۽ ڏاڍو جذباتي ٿي مون تي ڳالهايائين چئي هي سيد ۽ وڏيرا جيڪي خاموشيءَ کي ٻہ اهڙي طريقي سان تا سمجهن ۽ ڏام ڏومر سان تا اچن. سي ڪهڙا توهان جي تنظيم جي ضابطن ۾ هلندا ڪهڙيون اوهان جون ڳالهيون سمجهندا. ڪهڙا اوهان سان گڏجي ڏک ڏسندا ۽ جيل ڪاٽيندا جو هنن کي تا پاڻ سان ڪٽوا! سڀ همراهہ ماٺ ۾ هئا. مون رجب علي ڏانهن نهاريو جنهن شرمائي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. مون سمجهيو ڪونہ تہ آخر هي يار (هاري) جيڪو پهريون پيرو ڏٺو اٿم سو چو مون تي گرم آهي. يار آخر ۾ چيو تہ سيد ۽ وڏيرا جڏهن توهان کي چڏي اڏ ۾ پڄي ويندا. تڏهن توهان وٽ ايترا گهوڙا ڪونہ هوندا جو انهن کي ڳولي لهو. ان کان پوءِ ٻين همراهن ڳالهايو. پر منهنجو بچاءُ ڪنهن ٻہ ڪونہ ڪيو. آئون پهرين گڏجاٽي ۾ مجرم ٿي گهرائجي ۽ هيسجي ويس جو ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ ويهان يا سنگت کي اڏ ۾ چڏي پڄان. پر ٻيا دوست اهڙا گهاٽا هئا ئي ڪونہ. دل ۾ سوچيم تہ رجب ۽ اڪبر وارا آهن انهن سان صلاح ڪندس، پڄڻ ئيڪ نہ آهي. پر پڄان ٿو تہ سڀ چوندا واقعي پاڙي هو. هاري پاڻ سچو هو سو دل ۾ چيم تہ پڇبو ڪونہ. آخر ۾ پليجي صاحب ڳالهايو جنهن ٻين ڳالهين سان گڏ سيني انقلابين جا مثال ڏيئي سمجهايو تہ "عالم شاهہ جهڙا ماٺهو ميدان ۾ ڪونہ ايندا آهن. پر جي هن وانگر ورلي کي مٽين طبقي جو اچي ويو ۽ ثابت قدمي سان بينو تہ انهيءَ جهڙو مڙس ماٺهو پيو ٿيندو ئي ڪونہ. آخر تائين توڙ نيائيندو. سيد عالم شاهہ ۾ آئون اهي گڻ ڏسان پيو تہ جنهن نموني هن جو عوام سان رابطو آهي. سنگت سان رلي ملي هلي ٿو جي دوست ۽ سنگت سندسُ رهنمائي ڪندا رهندا تہ هي پنهنجو سنو ساٿي ٿي سگهي ٿو. پڄڻ واري ٻوٽي ڪانہ ٿي ڏسجي."

مون جڏهن پليجو صاحب جون اهي خبرون ٻڌيون، تڏهن مون کي پنهنجو پاڻ تي واقعي اعتماد ٿيو تہ آئون هنن سان هلي سگهان ٿو. پليجي صاحب جنهن نموني سان منهنجي رهنمائي ڪئي، تنهن تي مون سوچيو تہ اهڙن سمجهو سرويچ ڏهن ماٺهن تان سِر ڏبو. پر ساٺ نہ چڏبوا چاڪاڻ جو آئون جڏهن راڄن ۾ ويندو هئس تہ چگّا سٽا چونڊا هئا تہ سِلو اُپرڻ وقت ئي پلو آهي، وڏي هوندي هن

ماڻڪ چوٽو جن جو

جو مٽ نہ هوندو. اها رايي هو ڪنهن پلي وهٽ جي باري ڏيندا هئا. مون سوچيو تہ پليجو صاحب پلو ماڻهو آهي. سندس نظر ڏگهي آهي! هي ڏسندي ئي ڄاڻي سندس خوبين ۾ خرابين کان واقف ٿيو ويجي. انهيءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکي هر ڪنهن جي رهنمائي ٿو ڪري. هي نہ فقط پاڻ پلو آهي پر انهيءَ سان گڏ پلن ماڻهن کي سڃاڻي ۾ پلا ماڻهو پيدا ٻہ ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هن سان دوستي هوندي تہ واقعي آئون پلو ماڻهو ٿي ويندس. اڄ تائين جيڪي ٻہ مون تي مشڪل مرحلا ذاتي توڙي سياسي آيا آهن مون کي ٻہ ماڻهو هميشہ ياد ايندا آهن. هاري تحريڪ وارو يار جيڪو چوندو هو تہ وڏيرا بزدل آهن ۾ ڏکئي وقت پڃي ويندا. ۾ ٻيو پليجو صاحب جنهن جيو تہ "نہ هي همراهہ هلي سگهي ٿو. توڙ تائين نياڻيندو. آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ آخري توڙ ڪندو." انهيءَ مشڪل گهڙي وقت منهنجي ذهن مان بزدلي وارا لاڙا ختم ٿي ويندا آهن ۾ همٽ ۾ حوصلو پيدا ٿيندو آهي ۾ پنهنجي پاڻ کي چوندو آهيان واقعي توڙ ڪجي نہ تہ هاري يار سچو ثابت ٿيندو ۾ پليجو صاحب جي راءِ غلط ٿيندي. انهيءَ ڪري ڪنهن ٻہ صورت ۾ حوصلو هارٽو نہ آهي پڇٽو ناهي. پليجي صاحب جي قول کي غلط ثابت ڪرٽو ناهي. شروع ۾ اسان جو ڪم ٻنوري ۾ ڊڳي شهر ۾ ان جي آس پاس ۾ هو. جتي اسان جو ٽڪر وڏيري عيسيٰ خواجہ سان هو. ٻيو ڪم بدين ۾ راهوڪيءَ تائين هو. ٽيون ٽنڊو محمد خان شهر سان تپيدارن ۾ هو. هڪ پيري پليجو صاحب ٻنوري ۾ آيو جتي پنهون زنئور جو ڊڳو چور ڪاهي ويا. جيڪي وڏيري عيسيٰ جا ماڻهو هئا. اسان جي سڃي پارٽي ٻنوري ۾ گڏ ٿي. انهن چوري جي مسئلن کي ڪيئن منهن ڏجي.

قاسم پٽر جو خيال هو تہ هڪ همراهہ کي موڪلجي تہ وڏيري عيسيٰ کي ماري اڇي ملڪ تان ڏچو لهي پوي. سيني همراهن انهيءَ تي ڳالهايو. آخر ۾ پليجي صاحب چيو تہ "بابا چڏيو عيسيٰ کي، سڃي سنڌ عيسن سان پري پئي آهي. توهان ڪيترا عيسيٰ مارينداٰ. اچو تہ سڃي سنڌ ۾ پنهنجي ڪم کي وڌايون. پنهنجن ساٿين جي ذهني ۾ تعليمي تربيت ڪريون. سڀ نڪري پئون سنڌ ۾ جڏهن سڃي سنڌ ۾ پنهنجو سياسي اثر وڌندو سنگت وڌندي تڏهن هنن سيني عيسيٰ جهڙن جو علاج ٿي ويندو" پليجي صاحب جي ان ڳالهہ تي همراهہ ڳاڙها ٿي ويا تہ هي گهر ۾ اسان کي هلڻ کو نہ ٿا ڏين سو سنڌ ۾ ٿا هلون. پهريون تر ناهجي، عيسيٰ کي شڪست ڏجي، پوءِ سنڌ ٻہ پري ڪانهي. خير انهيءَ ڳالهہ تي لڳاتار گڏجاڻيون ٿيون. پليجي صاحب جي ڳالهہ همراهن مڃي ۾ فيصلو ٿيو تہ قاسم پٽر سنڌ جو دورو ڪري 15 ڏينهن ٻاهر رهي. پٽر پهرين نہ نہ ڪئي پر نيٺ همراهہ کي سنڌ جي دوري تي روانو ڪيوسين. ڪيرون مبارڪون ٿي ويون. فاضل صاحب ۾

ماڻڪ چوٽو جن جو

ٽنڊي محمد خان وارا دوست سيپ گڏ ٿي سنڌ ۾ ڪم کي وڌائڻ جي شروعات ڪرڻ واري ڳالهه تي خوش ٿيا. ٻئي ڏينهن خبر پئي ته پٽر بٽوري پهچي ويو آهي پليجي فاضل صاحب کي گهرايو ۽ چيائين ته "پٽر ته بٽوري ۾ وينو آهي." خير هڪ همراهه موڪلي پٽر کي حيدرآباد گهرايو ويو. ڪائنس پڇيوسين ته ڇا مسئلو آهي تنهن تي هن ڇيو ته موري پهتس ته رات سهائي چوڏهين جي هئي. مون کي سڄي رات ننڊ ڪانه آئي مون سوچيو ته هن پرديس ۾ مون جهڙو حساس اديب اڪيلو ڪٿي ٽورهي سگهي. جڏهن ته ڪابه اهڙي واقفيت ڪانه آهي انهيءَ ڪري انهيءَ ڳالهه کي ئي چڏيو. پليجو صاحب کيس چيو ته "اهو سڄي سنگت جو فيصلو آهي تنهڪري انهيءَ تي عمل ٿيڻ گهرجي." فاضل صاحب ۽ ٻين دوستن کيس چيو ته بلڪل عمل ٿيڻ گهرجي پر پٽر جون ٽنگون ٽي چوٽيون ٿهي ٽي ڪونه. نيٺ فيصلو ٿيو ته فاضل صاحب وڃي يا عالم شاهه وڃي. پليجي صاحب چيو ته عالم شاهه ويندو. جڏهن آئون حيدرآباد جو به واقف ڪونه هئس. پر مون ۾ هڪڙي عادت آهي ته پليجو صاحب جيڪا ڳالهه ڪندو انهيءَ تي عمل ضرور ڪبو. (اها عادت فاضل صاحب ۾ به هئي) پليجي صاحب سان گڏ رهڻ ڪري سندس ڳالهيون ايتريون سچيون ثابت ٿينديون آهن جو اسان جي ذهن اهو فيصلو ڪري چڏيو ته سندس هر ڳالهه تي اکيون پوري عمل ڪبو. اهڙيءَ طرح آئون سنڌ جي دوري تي نڪتس. ائڊريس مون وٽ ڪابه ڪانه هئي. پليجي صاحب کي چيم ڪنهن سان ملان. چيائين ته "سڄي سنڌ پنهنجي آهي ڏس، نڇڻ کان پوءِ گونگهٽ کهڑا؟ سڄي سنڌ توکي سڃاڻي ٿي جتي به تون پنهنجو نظريو ۽ پروگرام ٻڌائيندي اهو هر سنڌي ماڻهوءَ جو آهي. انهيءَ ڪري پنهنجي ڳالهه کي پڪو ڪجي باقي سڄي سنڌ پنهنجي آهي." بس به ٽي ائڊريسون هٽ ڪيم جنهن ۾ دادو جو شوڪت سنڌي، لاڙڪاڻي جو تاج محمد ابڙو، سکر ۾ رشيد پٽي، فتاح ملڪ، شيخ ايان خيرپور ۾ تنوير عباسي باقي سڀ خير هو. الله توهار ڪري پهريائين سيوهڻ ويس جتي هڪ اخبار نويس کان پڇيم ته هتي ڪو اديب يا سياسي ماڻهو آهي. پوءِ ائين هڪ شهر کان ٻئي شهر جي لاڳاپن جون ائڊريسون ۽ چٽيون وٺي هلندو رهيس. هر شهر ۾ ڪونه ڪو مومن مليو ٿي جنهن وسيلي ڪافي ماڻهن سان ملاقاتون ۽ گڏجاڻيون ڪندو. سندن ائڊريسون لکندو. ڪين پليجي صاحب جا سلام ڏيندو ٻئي پاسي پئي ويس. پليجي صاحب کي هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ سڃاتو ٿي. تنهن کي جڏهن پليجي صاحب جا سلام ڏيئي پنهنجو مقصد ٿي ٻڌايم ته سنڌي ماڻهن جيءَ ۾ ٿي جايون ڏنم ۽ وڏيون ڪچهريون ٿي ڪيون. اهڙي نموني 20 ڏينهن سڄي سنڌ جو دورو ڪيم. مون کي 100 روپيا

ماٹڪ چوٽو جن جو

سنگت پاڙي خرچ لاءِ ڏنا هئا پر رستي ۾ سنڌي ماڻهن مانيون، رهڻ لاءِ جڳهون بسترا مفت ۾ ڏنا ۽ ڪٽي ڪٽي ڪو يار هڪ شهر ڪان ٻئي شهر ۾ آيس ته پاڙو ٻ ان ۾ ڏنو. واپسيءَ ۾ حساب ڪيم ته ٽوٽل 48 روپيا خرچ آيو. باقي سڄي سنڌ مفت ۾ گهمي حيدرآباد آيس. پنڻ ڪالوني ۾ فاضل صاحب سان ملڻ جيڪو اڳ ۾ ئي منهنجي انتظار ۾ هو. سو پري کان ڏسي اٿي پاکرين مليو. چيائين پلي آئين سنڌي يار، بس اوڏي مهل پليجي صاحب کي فون ڪيائين. جنهن چيو ته همراهه کي ڪٽي جلد پهچ. پليجي صاحب وٽ جڏهن پهتس ته ڪيس سڄي سنڌ جي دوري جي رپورٽ ڪڇهرين ۾ گڏجاڻين جا احوال ۽ آندل ائڊريسون ۽ ماڻهن ياران موڪليل سلام ڏنامانس. تڏهن تمام آرام سان سپ ڳالهيون ٻڌي مون کي فقط ايترو چيائين ته "خيال ڪجين متان" آڻون. جي بيماري نڪي پوئي. متان سمجهين ته سڄي سنڌ ڏني اٿم. سڄي سنڌ ۾ عزت ملي اٿم انهيءَ کري سيد سڳورو نه ٿجاڻ. جڏهن ٻ ڪاميابين کي ذهن ۾ آڻجي جيئن ناڪامين جي ڪري آيل بزدلي ختم ڪري پنهنجي مقصد کي ماڻي سگهجي. هي ڪاميابي پنهنجي نظريئي پروگرام جي آهي. جيئن جيئن اهو پروگرام ۽ نظريو سڄي سنڌ ۾ تنظيمي شڪل وٺندو ويندو. تيئن تيئن اوهان اڄان وڌيڪ ڪاميابيون ماڻيندا ويندا. انهيءَ ڪري لاڳاپن سان مسلسل رابطو رکجي ۽ ساڻن ملندو رهجي. هاڻ انهن سيني کي خط لکي ۽ اهڙو ماحول ناهه ته پاڻ سڄي سنڌ جو دورو ڪريون." پوءِ آڻون پليجي صاحب سان سنڌ جي دوري تي نڪتس. ان وقت پليجو صاحب بيمار هو. ڪوٽڙيءَ کان ريل ۾ چڙهياسين. حاجي سڳورا آيل هئا. جڳهه ٻنهه ڪانه هئي. پليجو صاحب ويهي ڪونه ٿي سگهيو. پوءِ حاجي سڳورن جي پيرن ۾ زوري سمهين رهيو. لاڙڪاٽي تائين حاجي سڳورا بنا حجاب جي پليجي صاحب جي متان پير رکندا ڇپيندا رهيا. تان جو صبح جو اچي لاڙڪاٽي پهتاسين. هڪ هوٽل ۾ ڪمرو ونڊي پليجي صاحب کي سمهاري تاج محمد ابڙي کي هٿ ڪيم. تنهن چيو ته هوٽل کي ڇڏيو مون وٽ هلي رهو. پوءِ تاج محمد ابڙي وٽ وياسين جتي خبر پئي ته مني پليجو بيهتي آهي. انهيءَ جي ائڊريس ونڊي ڪيس ڳولي هٿ ڪيوسين. اهو همراهه واقعي پليجي صاحب جو عاشق هو. جنهن جي لائبريري ۾ پليجي صاحب جون ستون هيون. پر پُٽ پليجي صاحب جي پروگرام جي وڪالت ڪندو هو. جنهن جو نالو صاحب خان هو. پيلجي صاحب تاج محمد ۽ صاحب خان کي ملائي ڪم لاءِ چيو. همراهن چيو ته يلي هر مهيني همراهه ملن ڪم ڪبو. وارهه وياسين. پليجي صاحب کي هڪ ڏينهن باغ ۾ سمهاري آڻون ويس ڊاڪٽر غفار قاضي کي هٿ ڪرڻ. جو جو پليجو صاحب ٺيڪ ڪونه هو.

ماٽڪ چوٽو جن جو

تنهڪري هو هلي ڪو نه سگهيو. ڊاڪٽر کي هڏايم ته غفار مونکان اڳ ڊوڙندو باغ ۾ آيو پر پليجو صاحب هٿ ڪو نه آيس. وري واپس وريو آڻون به پهتس. ڪيس هڏايم ته پليجو صاحب اڏ ۾ ستو پيو آهي. ڊاڪٽر جي اکين ۾ پاڻي هو. اهو خوشيءَ ۾ ڏڪ جو گڏيل اظهار هو. هڪ ته پليجي صاحب سان سندس ملڻ. پيو پليجي صاحب جي بيماري جي حالت ۾ به سخت جدوجهد ڪري سنڌ جو دورو ڪرڻ. بس پليجي صاحب جو سر سندس گوڏن تي رکيائين ته پليجو صاحب جاڳيو. اتان ڊاڪٽر غفار جي گهر آياسين. جتي ڊاڪٽر جو هڪ دوست به موجود هو. جيڪو جدليات تي ڪافي پڙهيل هو. سو به اسان سان مليو. رات پليجي صاحب ۾ ان همراهه جو بحث ٿيو رات جا ٻه ٽي ويا. همراهن جا دليل هلندڙ هئا. آخر ۾ ڊاڪٽر جو دوست ڪاوڙجي پيو ۽ ذاتي گارگند ڪرڻ لڳو ته اوهان ٽڳ آهيو نڪرو هتان. مون پليجي صاحب کي چيو ته هيءَ ڪهڙي شرافت آهي. پليجي صاحب چيو ته هن کي "آڻون" جي بيمار آهي هن جا دليل ختم ٿي ويا آهن هاڻ پنهنجي بي عزتي ٿو سمجهي ان ڪري بي علمي جي ڪري ٿو ڳالهائي همراهه سنو آهي جاڻ سڻي آهيس. هي همراهه نيت جو صاف آهي پاڻ کي ڪم ڏيندو. هن سان بائيڪاٽ ڪرٽو نه آهي پر هن کي وڏيڪ علم سيکارڻ جو رستو ڏيکارٽو آهي سنڌ ۾ اهڙا جاڻو ماڻهو ٿورا آهن ان ڪري هن جي گارگند پاڻ کي ڇا ڪندي جڏهن پڙهندو ته ايجا وڏيڪ بهتر ٿيندو. ڊاڪٽر کي اکين ۾ پاڻي هو ته پليجي صاحب جي منهنجي تڏي تي بي عزتي ٿي آهي. هو همراهه سندس گهاتو يار هو. پر جڏهن پليجي صاحب ڊاڪٽر کي به سمجهايو ته همراهه مان هٿ نه ڪيجانءِ تڏهن ڊاڪٽر وڃي ڳالهه سمجهي. سڄي سنڌ جو دورو ڪري جيڪب آباد وياسين. فتاح عابد سان مليا سين. جنهن چيو ته سکر ۾ ملنداسين. وري سکر ۾ سندس انتظار ڪيوسين. پر همراهه نه آيو. وري جيڪب آباد وياسين همراهه مليو پر چيائين ته پنهنجو هتي ملڻ ٺيڪ نه آهي پوءِ آڻون توهان سان رابطو رکندس. توهانجي ڳالهه ٺيڪ آهي. مون پليجي صاحب کي چيو ته خوامخواهه وقت وڃايوسين. چيائين ته نه جيڪب آباد ۾ هڪ ماڻهو ملي ته انهيءَ معرفت اڳيان وڌنداسين. جڏهن پنهنجو اڳيان وڌڻ همراهه ڏسندو ته هن کي به اعتماد ٿيندو هي به ڪم ڪندو. ماڻهو ملڻ جو نه پر ڪم جو آهي. ماڻهو ڪم جا عاشق آهن. هي همراهه وڏو ڪم ڏيندو. سکر ۾ رشيد پٽي جا مهمان هئاسين. جتي اسان جي حاضريءَ ۾ رشيد جو ننڍڙو پٽ خالد پٽي ۽ سندس دوست نثار مگريو هئا. پليجو صاحب انهن سان ڪچهريءَ ۾ لڳي ويو. مون چيس ته هارن کي ڇڏيو ته ويهي راند ڪن. چيائين ته نه پنهنجو ڪم هڪڙي يا ٻن ماڻهن جو نه آهي. پر پنهنجو ڪم نسلن جو آهي. هي اڄ ننڍڙا آهن. سياڻي جوان

ماڻڪ چوٽو جن جو

ٽيندا، هنن جو ڏهن هينئر ڪوري ڪاغذ وانگر آهي. انهيءَ تي ڪو به چٽو نه آهي. انهيءَ ڪري هنن جي جيڪا تربيت ڪجي اها رائيگان نه ويندي." بس پوءِ ته هر پيري همراهه سوال ڪٽي ايندا هئا. هنن جي به اهڙي تربيت ٽيندي هئي جهڙي وڏن جي ڪبي هئي.

شيخ اياز وٽ ڪي انگريز سنڌ، سنڌ جي ريسرچ ڪرڻ آيا هئا، رشيد پٽي، فتاح ملڪ، شيخ اياز ۽ تنوير عباسي ويٺل هئا. پليجي صاحب ۽ آئون به گولي وڃي نڪتاسين. پليجو صاحب جي اديب ۽ ڏاهي جي حوالي سان واقفيت ڪرائي وئي. پر پليجي صاحب جو حال ڏسي همراهن اک به ڪانه چنيي. خير ڳالهائيندا رهيا، پليجو صاحب چپ چاپ ويٺو رهيو. فتاح ۽ تنوير پليجي صاحب کي چيو ته استاد وارو وٺائي. پليجي صاحب چيو ته "هنن لاءِ اياز ڪافي آهي" پر اياز جي چوڻ تي پليجي صاحب انگريزي ۾ شروع ٿيو پهريائين برطانيا جي تاريخ، ثقافت، جاگرافي، رهٽي ڪهٽي تي جڏهن ڪلاڪ ڪن ڳالهايائين تڏهن انگريزن تجسس مان چيو ته " هيترو علم توهان ڪٿان سکيو" تڏهن پليجو صاحب چين ته سنڌي ماڻهن سون سالن کان ڌارين جي عذاب ۾ آهن لڳاتار هڪڙا حملا آور اچن ٿا انهيءَ ڪري سنڌي ماڻهو جي بيماري وڏي آهي. انهيءَ بيماري مان سنڌي ماڻهو تڏهن نڪرندا، جڏهن دنيا جا سڀ علم اوتي ويجها. تڏهن وڃي اسان کي هڪڙو ڏڙو نصيب ٽيندو. انهيءَ ڪري انهيءَ ڏڙي کي هٿ ڪرڻ اسان جي مجبوري آهي جي نه ته سنڌي ماڻهو پنهنجي هزارن سالن جي وجود کي وڃائي ويهندا. انهيءَ وجود کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي ته اهي سڀ علم حاصل ڪجن. پوءِ انهن سيني علمن مان جيڪو به ڏرو هنن جي چوٽڪاري جي ڪم جو هوندو اهو ڪم ۾ آڻيندا ته ڪا واهه نڪرندي. باقي خالي گهوباتا هٽندا ته اهي سر وڃائيندا ۽ منزل تي نه پهچندا. اهڙي نموني مون پليجي صاحب سان لڳاتار سنڌ جا دورا ڪيا. انهيءَ کانپوءِ سڄي سنڌ ۾ همراهه موڪليا جن وسيلي سڄي سنڌ ۾ تنظيم جو بنياد وڌو.

وري هڪ پيري پليجي صاحب چيو ته پاڻ کي سڄي پاڪستان ۾ هم خيال دوست هٿ ڪرڻ گهرجن. سنڌ جو مسئلو فقط سنڌ ۾ رهي حل ڪري ڪونه سگهبو. انهيءَ تي به رڙ مچي وئي ته پهريائين سنڌ مضبوط ڪريون، پر پليجي صاحب جي لڳاتار سمجهائڻ ڪري فيصلو اهو ٿيو ته پاڪستان جو دورو ڪجي جنهن تي پليجي صاحب ۽ آئون پاڪستان جي دوري تي نڪتاسون. اسان کي فيصل آباد ۾ هڪ دوست مليو جنهن جو نالو ميجر اسحاق محمد هو. فيصل آباد جي هڪ هوٽل ۾ رهياسين. پوءِ زرعي يونيورسٽي ۾ سنڌي چوڪرا هئا. انهن کي هٿ ڪيوسين. انهن جي معرفت ميجر اسحاق سان ڪچهري ٿي جنهن ۾ ميجر

اسحاق ۾ سندس پاٽيجو ڊاڪٽر مرتضيٰ موجود هئا. ميجر اسحاق سڄو بحث انهيءَ تي ڪيو ته "قوم ڪجهه نه آهي ڇاڪاڻ ته سنڌو درياءَ جي پنهي ڪنارن تي ڪشمير کان ڪيٽي بندر تائين هڪ قوم آهي. پوليءَ جو ٽورو فرق آهي. راجا ڏاهر جي وقت ۾ به سنڌ سڄي ڪشمير تائين هئي." همراهن جو بحث شام چئين وڳي کان شروع ٿيو رات ٻارهن ٿيا. ميجر اسحاق جا دليل ختم ٿيا. همراهه ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين ته "توهان وڏيرن جا ايجنٽ آهيو. انقلاب جا دشمن آهيو توهان هارين ۽ مزدورن جي خلاف آهيو. توهان پاڪستان جي مظلومن کي ويڙهائڻ ٿا چاهيو." پليجي صاحب چيس ته "ظالم ڪير آهي، مظلوم ڪير؟ انهيءَ جو فيصلو توکي نه پر تاريخ ڪندي. جت باهه ٻري اها جاءِ جلي يا ڪيا سيڪ پاڙي واليان نون، سو توهان کي ڪهڙو سيڪ ايندو. جڏهن هڪڙو پنجابي هاري سنڌ ۾ اچي هاريءَ کي بي دخل ٿو ڪري يا هڪ پنجاب جو مزدور سنڌ اچي سنڌي مزدورن لاءِ سرمائيدارن سان گڏجي ڪارخاني جو در بند ٿو ڪري، جڏهن هڪڙو جرنل اچي سنڌ جي هزارن ايڪڙن کي تحفي طور وٺي سنڌي ڳوٺن کي جيڪي هزارن سالن کان پنهنجا پڊ ٺاهيو ويٺا آهن انهن کي بي دخل ٿو ڪري، جڏهن پنجاب جو ڪامورو سنڌ ۾ اچي سنڌي ماڻهن جي نوڪرين جا دروازا بند ٿو ڪري، جڏهن سنڌ جو پاڻي بند ڪري ڊيم ٺاهي سنڌ جي زراعت ختم ڪري، سنڌ کي ويران ٿر ٿو بنائي، جڏهن سنڌ جي معدنيات ۽ بين وسيلن کي مرڪز جي نالي ۾ لٽيو ۽ ڦريو وڃي ٿو. جڏهن سنڌي ماڻهن کي ڏارين جي ڦرمار سبب ٻچا وات ۾ تا اچن، تڏهن ڪير ٿو مظلومن کي ويڙهائي، جڏهن انهيءَ ڦرلٽ کي مذهبي نظرياتي بنياد ڏيئي جائز ٿو ڪيو وڃي، تڏهن واقعي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڪير انقلاب ۽ انسان دشمن آهي ۽ ڪير دوست آهي" پوءِ ته همراهه جهل ئي نه ڏني ڪاوڙ ۾ پرجي ويهي رهيو. مون پيلجي صاحب کي چيو ته واهه جو پاڪستان جي دوري مان فائدو ٿيو آهي پٽڪو ڪريو عزت رهجي آئي. پليجي صاحب چيو ته ضروري آهي، پاڻ کي ٻيو ڪوبه رستو ناهي. انهيءَ ڪري جڏهن بک ۾ به ٿي ٻگڙا ۽ ڳڙ ملي ته به سنو. سو جڏهن پاڪستان ۾ پنهنجا هم خيال نه ٺاهيون، تيسين هنن جي معرفت لاڳاپا ملن. اهو سڀ کان سنو آهي. واقعي اڄ پاڪستان ۾ جيڪي لاڳاپا مليا آهن اهي ميجر جي معرفت ئي مليا هئا.

لاهور ۾ لاهور هوٽل ۾ هياسين صبح جو اخبار ۾ پڙهيم ته ڪسان هال ۾ پنجابي ادبي سنگت آهي. پليجي صاحب چيو ته هلبو بس تيار ٿي ڪسان هال وياسين. جتي سبط حسن، نجم الدين ۽ ٻيا اديب ويٺا هئا. اسان کي ڪير به ڪونه سڃاڻيندو هو. نالي وٺڻ سان پليجي صاحب کي سڃاتائون. ادبي سنگت هلي.

پليجي صاحب جڏهن پنجابي هولي، تاريخ ۽ ثقافت تي ڳالهايو ۽ آخر ۾ اهو چيو ته هن وقت پنجاب جا ماڻهو ڪيئن پنجاب جي بولي ۽ ڪي چڏي ڏاري بولي ۽ جي پويان پيا آهن. سندن پنجاب خوف ۽ لالچ ۾ اچي، پنهنجي بولي ۽ ثقافت خلاف ڏارين جي دلالي ڪئي آهي انهيءَ جو ايندڙ نسلن تي ڪهڙو اثر ٿيندو پنجاب جي ويجهي پاڙيسري قومن بلوچ سنڌي جن جي دوستي هزارن سالن کان آهي. جن جي شاعري کيڏي اُکير ۽ سڪ سان هر هنڌ ڳائي ويندي آهي. انهيءَ رشتي کي عارضي مفادن هيٺ ڪيئن ختم ڪيو پيو وڃي. پنهنجي دوستن کي ڪيئن دشمن ٺاهيو پيو وڃي. پنهنجي قوم کي تاريخي طرح ڪيئن اڪيلو ۽ يتيم ڪيو پيو وڃي. اهو ڪيترو تاريخي جرم آهي جو توهان اديب ۽ دانشور سوچي سمجهي پيا ڪريو. همراهن گهٽو بحث ڪيو پر انهيءَ تي متفق ٿيا ته پنجابي بولي ۽ کي قائم رکڻ لاءِ ڪم ڪندا.

اسلام آباد ۾ عبدالخالق چاچڙ اسلام آباد يونيورسٽي ۾ هو. اسان وٽس وياسين جتي پنجابي شاگرد به اچي گڏ ٿيا جن پليجي صاحب تي سوالن جي پرمار ڪري ڏني ته توهان ڪافر آهيو پاڪستان جا غدار آهيو. توهان ملڪ توڙيو ٿا. پليجو صاحب سيني جا سوال ٻڌندو ويو. آخر ۾ هنن مان هڪ چيو ته هن غدار وٽ ڪٽي آهي جواب جو ڏيندو" پوءِ پليجي صاحب چيس ته "هاڻ جي توهان جي جوابن ٻڌڻ جي طاقت هجي ته ٻڌو. جيئن مون توهان جا سوال ٻڌا آهن. "پليجي صاحب شروع ڪيو ته پاڪستان ڪيئن ٺهيو ۽ ٽهڻ کان پوءِ ڪيئن هلايو پيو وڃي، اسلام ڇا آهي، مسلماني ڇا آهي، ڪافر ڪير آهي. پورا تي ڪلاڪ پليجي صاحب ڳالهيو. تڏهن همراهن چيو ته واقعي سمجهڻ جي ضرورت آهي. اسان هن کان اڳ فقط هڪ پاسو ٻڌو آهي، هاڻ اسان کي وڌيڪ پڙهايو پوءِ چاچڙ حوالي ڪري آياسين.

پشاور ۾ افضل بنگش جي پچا ڪري. رات جو 8 بجي سندس گهر وياسين. همراهه سان ڪا واقفيت ڪانه هئي. نالي ٻڌڻ سان ڏاڍو خوش ٿيو. پليجي صاحب کي نالي سان ٻڌو هئائين. سڄي رات ڪچهري ٿي. افضل ڏاڍي عزت ڏني. مظلوم قومن جي ڳالهه به سمجهه ۾ آيس ٿي. ميجر اسحاق ۽ هن جي روپي ۾ زمين آسمان جو فرق هو. پليجي صاحب کي چيم ته همراهه کي تحريڪ ۾ شامل ڪجي. چيائين ته ائين نه آهي. هي ميجر ڪان وڌيڪ ڏکيو آهي، چاڪاڻ ته ميجر اُگهاڙو ٿي پيو آهي. سندس علاج ڪرڻ سولو آهي. هي همراهه هٽ به رکڻ نٽو ڏئي. انهيءَ ڪري هن کي سمجهائڻ لاءِ ايجا وڌيڪ ڪچهري جي ضرورت آهي، ٻيوته هي پناڻ ضابطي جا پڪا آهن. انهيءَ ڪري جيڪا ڳالهه رات ٿي آهي.

ماڻڪ چوڻو جن جوَ

اها پارٽيءَ ۾ رکندو. انهيءَ ڪري هاڻ هنن جي پارٽيءَ ۾ بحث سنو ٿيندو. انهيءَ نتيجي ۾ پنهنجا سڀا اتحادي ٿيندا. پاڻ کي سڀا اتحادي گهرجن. ائين نه ٿئي جو چپ ڏيئي سڄو ڳڙڪائي ڇڏين. تمام خيال سان هلڻو آهي. چوندا آهن ته آئي سنگ وڻڻ ته ڪن به ڪپائي ويئي. ائين نه ٿئي انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته پاڻ کي ايترو علم پڙهڻ گهرجي جو پاڻ پنهنجا ڪن بچائي اچون. جي علم نه هوندو ته موسيٰ ڪلٽي وارو ڪم هوندو. پاڻ همراهه موڪليون رابطي لاءِ ته هنن جون خبرون ٻڌي مڙس ئي وڃائي ڇڏيون. ڪڏهن ڪڏهن مني چپ سان پارٽيون ئي ڳڙڪائي ويندا آهن. انهيءَ ڪري جيڪو به هتي اچي، اهو سندرو مضبوط ٻڌيو اچي. واقعي ٿيو به ائين جو جيڪو ٿي همراهه پنجاب آيو. اهو الڳ پارٽي ٺاهيو ٿي آيو. اهڙيءَ طرح پليجي صاحب چيو ته پاڻ کي دنيا گهمڻ گهرجي. فاضل چيس ته بلڪل گهمنداسين. مون چيو ته سائين پاڻ وٽ دال ماني لاءِ ڏوڪڙ ڪونه آهن سو ٽا دنيا گهمون. پليجي صاحب چيو ته ڏس سيد جا ڪم. جي دال نه آهي انهيءَ ڪري دنيا ڪونه گهمنداسين. چا هميشه سڀا خواب ۾ سڀيون خواهشون نه ڪرڻ گهرجن.


هميشه بدترين حالتن لاءِ تيار رهو ۽ بهتر حالتن لاءِ ڪوشش ڪريو. سو اسان اڄ دال جي نه هڻڻ ڪري بک مرڻ لاءِ تيار آهيون ۽ دنيا گهمڻ جي لاءِ به ڪوشش ڪندا رهنداسين. خير نيٺ قرض کڻي لطيف آباد وارو بنگلو گروي رکي، فاضل صاحب ۽ پليجو صاحب بيروت ويا. جتان ڏوڪڙ ختم ٿيڻ تي واپس وريا. پوءِ مير علي بخش خان تالپر مرحوم جي لاڳاپن جي وسيلي ڪوشش ڪندا رهيا پر ڪٿياسين ڪونه. نيٺ اهو وقت آيو جو پليجي صاحب لنڊن ويو جتي ڊاڪٽر سيف الله نظاماڻي (سنڌي شاگردن جو پهريون ڪنويز) وٽ رهيو پوءِ ٻيا دوست به مليا جن ۾ سرور باري، نويد، ڊورا، تنوير، نرگس، فرزانه ۽ ٻيا دوست ملڻ آيا. پٽيان فاضل صاحب شهيد ٿي ويو. هتي اسان وٽ ڪهرام هو. پليجي صاحب کي فون تي اطلاع ڏنو ويو. پليجي صاحب جي نه هڻڻ ڪري آڻون راهوڪي وڃي وينس هزارين ڪارڪنن اوچنگارون ڏئي پاڪر پائي رُنا سيئي. آڻون اڳ ۾ دلير سو چاليهه ڏينهن هڪ هنڌ رهيس. انهيءَ وقت پليجي صاحب آيو. ڪارڪن اوچنگارن ڏيئي ساڻس ملڻ آيا. سندس صبر ڏسڻ وٽان هو. ڪيڏي مهل اکيون پاڻي مان پرجي ٿي آيس. وڏي حوصلي همٿ سان سڄي پارٽي، تنظيم کي پنهنجين سمجهاڻين ليڪچرن، ڳالهين سان بچائي ويو. سندس هميشه چوڻ هو ته پنهنجي ڏڪ کي طاقت ۾ تبديل ڪريو. دشمن اهو سوچي سمجهي فاضل کي شهيد ڪيو آهي ته جيئن اسان جي اهڙي چيلهه پڄي جو وري ساهه نه کڻي سگهون. واقعي پنهنجي چيلهه پڄي پئي آهي، دشمن جو وار سنڌ ائتو لڳو آهي. پر چا پاڻ پنهنجو وجود بچائي سنڌي عوام کي گڏ ڪري پنهنجي ڏڪ کي طاقت ۾ تبديل

ڪري سڄي پارٽيءَ جي هر ڪارڪن کي فاضل جهڙا حوصلا همتون ڏيئي سمجهوءِ ڏاهو ڪري هڪ پيرو فاضل جي شهادت جو قسم کٽي اهڙي قوت ٿيون جو دشمن تي وار ڪري سندس چيلهه پڄي وجهون. فاضل جو وير ڪنهن هڪڙي فرد سان نه آهي. فاضل کي ڪنهن هڪڙي فرد شهيد ڪو نه ڪيو آهي، پر فاضل کي معاشري جي ٺيڪيدارن پنهنجي ظالماٽي معاشري کي بچائڻ خاطر شهيد ڪيو آهي. انهيءَ ڪري فاضل جو وير تيسين هلندو جيسين هڪڙو به پورهيت دوست وطن دوست سنڌي جيئرو هوندو. جيسين هن ڌرتي تي فاضل جو پيار نٽو پوکجي. فاضل جهڙا حوصلا نه ٿا ٿين. فاضل جهڙا جوڌا پيدا نه ٿا ٿين. "تيسين وير رهندو نسلن تائين" هلندو. جيستائين ظالم معاشري کي بچائڻ وارو هڪڙو دلال جيئرو هوندو تيستائين جنگ هلندي رهندي. انهيءَ ڪري گهر گهر وڃوءِ گهر گهر فاضل جهڙي جوجهد ڪري، گهر گهر فاضل جي منزل ماٽڻ لاءِ مورچا ٺاهيو. پليجو صاحب وري لنڊن ويو. پئرس مان فون ڪيائين. آئون بيمار آهيان عالم شاهه کي جلد موڪليو. اسان سڀ پريشان جلديءَ ۾ همراهن پاسپورٽ ٺهرايو. ويزا ورتي مون کي ڪنيي جهاز ۾ چاڙهيائون، آئون ڪڏهن جهاز ۾ چڙهيو ئي ڪونه هئس، ٻي انگريزي پوري ساري هيٿرو تي قاسي پيس ڀيتون ڏيئي جنڊ ڇڏائي وري چيڪنگ ۾ گهر وارن پائوڊر جو وڏو ڊبو بيگ ۾ وجهي ڇڏيو هو. سو هيروئين جي سمجهي ورائي ڪٽي ويهاريائون. جيستائين ڊبو چيڪ ٿئي نيٽ ايٽ خير ٿيو آئون پگهر مان شرٽي ٻاهر نڪتس ٻاڪٽر سيف نظاماٽي سرور باريءَ ٻيا دوست ٻينا هئا، ڪلمون پڙهي همراهن ڏانهن نهاريم ته ٻيلي ڏٽڪا ٿياسين. پليجي صاحب جن جي ڪابه خبر ڪانه هئي، پوري هفتي کان پوءِ فون تي آئون اچان ٿو. تڏهن پيٽ ۾ ساهه پيو. تيسين ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي. نيٽ پليجي صاحب کي سرپرائيز ڏيڻ لاءِ ڪمپليٽ سوٽ پائي، هوائي اڈي تي ويس. پليجو صاحب ٻاهر آيو پر مون تي نظر نه پيس جڏهن سامهون آيس ته ٻئي پاڪر ڪٽي پاتائين ۽ ڪلي چيائين ته "توهان لنڊني ٿي ويا آهيو." خير گهمندي ڦرندي ڪچهريون ڪندي، پليجي صاحب کان پڇيم ته ڪر خبر مون کي گهرائڻ جو مقصد ڪهڙو هو. چيائين ته پئرس کان ريل رستي پئي آيس. دري کان ويٺو هئس ٻاهر اهڙا نظارا هئا جو دل پرجي آئي. فاضل ياد آيو ته اڄ فاضل گڏ هجي ها! ڪيڏو مزو هجي ها، هنن نظارن ۾ ويهي جيڪي خبرون ڪريون ها، سڄي عمر پڳل ڪار ۾ ڏڪا ڏيندي ٽائر بدلائيندي. جيڪي فيصلا ڪياسين انهن هتي پهچايو آهي. پر جي هتي هن سفر ۾ فيصلا ڪريون ها ته خبر ڪٽي پهچون ها! اهو ياد ڪري دل ۾ ياد آيو ته سنڌ ۾ ته جبر ڪري لڙڪن کي وهڻ ڪونه ڏنم! هاڻ تو اجازت ڏيان پلي هلن! انهن نظارن ۾ فاضل کي ياد ڪندي لڙڪ وهندي ياد آيو ته حياتي تي پروسو ڪونه آهي توکي گهرائجي ته ڪا ڳالهه دماغ ۾ اچي ۽ ڳوناٽي سوچ ۾ ختم ٿئي. سفر وڏو


آهي وڏي ڏهن جي ضرورت آهي انهيءَ ڪري جڏهن دنيا ڏڪل هوندي تڏهن ملڪ جي سياست جي خبر پوندي. جي نه ته ماٹهو هڪڙي دائري اندر پيو ڦرندو پوءِ وقت سر ڪو به وڏو فيصلو ڪري ڪونه سگهبو سو تون اچي ويو آهين. لنڊن گهمه. مون چيو ته گهماءِ صبح سويري ٻئي گهمڻ لاءِ پڪيڊلي بازار ۾ گهمڻ وياسين. مون سمجهيو ته اڄ واهه جو مزو ايندو. همراهه هلندي هڪڙي ڪتابن جي دڪان اندر گهڙيو. دوڪان تي جو دنيا جي هر حصي جا ڪتاب هئا. پليجو صاحب گهڙيو وڃي هڪڙي حصي ۾ ڪلاڪ ڪان پوءِ ڪتاب هٿ ۾ ڪلندي اچي چيو ته. عالم شاهه هن جن ٽڪري ۾ جيڪو علم آهي. اهو پنهنجي حالتن سان ملي ٿو جي هي ڪتاب سنڊ ۾ هلي. هي ٽڪرو سنڊي ماٹهو سمجهن ته واهه وڃي ٿيا خير."

صبح جو نڪتل دوڪان جو اڌ حصو مس ڏٺوسين، شام اچي ٿي. انهيءَ وچ ۾ پنجاهه ڪن ڪتاب چونڊيي پليجو صاحب ڪيي وينو هو. پليجي صاحب کي چيم ٽائيم ڏنو اٿو. چيائين نه وچ شام ٿي وئي، ايان ته سڄو دوڪان رهيو پيو آهي، وري خبر نه آهي ته وقت ملي يا نه، هي ڪتاب به هجن يا نه، سو هي ڪتاب ته سڀ ونڊاسون. خير ڪتاب ورتاسين. پورو ميل پنڊ جو ڪتاب ڪلهن تي ڪٹي ٻئي گهلبا اچون. پليجو صاحب پلجي ويو مون کي چيائين ته طرف جي ڪابه خبر نه آهي ته ڪيڏانهن پيا هلون مون چيو ته سڄو ڏينهن بک ٻيو پيرن ۾ بينا آهيون. ٻيو هي اٹ ڪتابن جا سو ضرور رستو پلبو. پر خير مون کي رستي جي خبر آهي، پهچي ويندا سين. چيائين تون سرڪيندي ڏکا نه هڻج. هيءَ سنڊ ڪانهي لنڊن آهي." رستي جي خبر نه هجي ته فون ڪريون. فرزانه اچي ڪٹي ويندي. مون چيو ته پهتا پيا آهيون پنڊ آهي. واقعي هڪڙي گهٽي چڙي ٻي ڏانهن وريا سين ته رستو پليجي صاحب کي سمجهه اچي ويو. چيائين سيد تون واقعي لنڊني ٿي ويو آهين. اهو اسان جو گهمڻ بس پوءِ سڄو زور هئس ته ڪتاب سنڊ ۾ پهچن ڪيئن ٿي هڙون ڪيوسين، 6 مهينن کان پوءِ ڪتاب گهر پهتا، تڏهن وڃي خير ٿيو.

لنڊن ۾ سرور باري، فرزانه، نويد، ڊاڪٽر سيف الله نظاماٹي جو گروپ ٺاهي، ڪم جي شروعات ڪئيسين. پليجو صاحب کان ڪابل جون خبرون پچيم چيائين "سيد پنهنجي آنٽ بينل آهي." مون پچيو ته ڪيئن. چيائين ڪابل ۾ تاريخ تي ليڪچر ڪيل هو. جنهن ۾ وڏا عالم ۽ پروفيسر، روس ۽ هندوستان جا هئا. مون سوچيو خدا اڪاري پار ڪندو خير دل جهلي شروع ٿياسين. تاريخ تي روم، مصر، يونان، يورپ ۽ ايشيا آفريڪا بابت ڄاڻ هئي. سا سڀ ڏني چوندا آهن فرسٹ ايمپريشن از دي لاسٹ ايمپريشن سو رک رکان کانه ڪيم. ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر نجيب سان ملاقات ٿي. چيائين " پليجو صاحب توهان جي ڪالهه جي ليڪچر تي هتي جي عالمن جي راءِ آهي ته پليجو تمام وڏو سياستدان، وڏو سائنسدان ۽ ڄاڻو آهي. هن جي دنيا جي علمن تي وڏي پهچ آهي. سو رڳو سنڊي



محترم قائد رسول بخش پلیجو صاحب



محترم رسول بخش پليجو




جيجي زرينہ بلوچ




ويٺل سيد عالم شاھ ستل محترم رسول بخش پليجو صاحب محبوب شاھ جي فيملي سان ڪٿي ۾



ويٺل سيد عالم شاھ، محترم رسول بخش پليجو، پروفيسر عزيز الدين احمد پٺيان مظهر تالپر ۽ ڊاڪٽر علي گل ميتلو




محترم رسول بخش پليجو صاحب، سسئي پليجو
اياز لطيف پليجو ۽ بختاور پليجو سان گڏ




رسول بخش پليجو صاحب پنهيان
غلام رسول گاجاڻي، مرحوم امام الله پيڙ



جيجي زرينہ بلوچ، محترم رسول بخش پليجو صاحب ۽ مصطفيٰ قريشي



محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز ۽ سيد عالم شاهہ (حيدرآباد)




محترم رسول بخش پليجو صاحب، محترمہ بينظير پٹو صاحبہ اوباوڑو ڈرٹي دوران



سيد عالم شاھ، آغا اڪبر ، محترم رسول بخش پليجو، ڪرامت علي



سید عالم شاھ، محترم رسول بخش صاحب، انڈین کائونسل انڈین کائونسلر جنرل شیر خان




وڈیرو شاھنواز خان جوٹیجو، محترم رسول بخش پلیجو، سید عالم شاھ



مخدوم محمد زمان (طالب المولیٰ) ذوالفقار علي ڀٹو ۽ محترم رسول بخش پليجو



محترم رسول بخش پليجو صاحب، عبدالحي ڀٹو پبڙ ۾ ڪلاس دوران



محترم رسول بخش پليجو صاحب، بئريسٽر اعتزاز حسن ۽
ٻيا وڪيل لاهور هاءِ ڪورٽ بار ۽ چيف جسٽس افتخار محمد
چوڌري ۽ ٻين ججن جي بحالي جي لانگ مارچ دوران



عبدالحڪيم هاليپوٽو، سيد عالم شاهه، عثمان بلوچ ۽ محترم رسول بخش پليجو



محترم رسول بخش پليجو پنهنجي امڙ سان گڏ



سيد عالم شاهہ محترم رسول بخش پليجو امداد حسيني



سید عالم شاہ، محترم رسول بخش صاحب، انڈین کائونسل انڈین کائونسلر جنرل شیر خان




سید عالم شاہ، افغان کائونسلر، جنرل انڈین کائونسلر جنرل کراچی ہ



محترم رسول بخش پليجو صاحب ۽ افغانستان جو
اڳوڻو صدر ڊاڪٽر نجيب الله ۽ اي اين پي اڳواڻ




سيد عالم شاهہ نواب اڪبر بگٽي صاحب ۽ ڊاڪٽر حليم قاضي ڪراچي ۾




لکا ڏنو محراڻي امين خٽڪ، سيد عالم شاهه، دهشگردن جي حملي ۾ زخمي ٿيل سنڌي جناح اسپتال ڪراچي




ادي ممتاز نظاماڻي، سيد عالم شاهه، ادي زاهده شيخ



شهيد عوام فاضل راهو سيد عالم شاهہ ايڈووڪيٽ حفيظ لاکو هائي ڪورٽ ڪراچي




سيد عالم شاهہ شهيد فا ضل راهو مرحوم محسن عباسي، ايڈو وڪيٽ لکاڻو بهراٽي
محترم رسول بخش پيلجو صاحب، آزاد بلوچ، ڈاڪٽر ياسين بلوچ ٽٽو



اسماعيل سوهو، مير علي بخش خان تالپر، شهيد فاضل راهو، مولا بخش کوسو ۽ ٻيا دوست نڻي ۽




قاضي غفار تقرير کندي استيج تي انيتاعالم شاهزادي ممتاز نظاماڻي محترم رسول بخش پيلجو صاحب ۽ گل حسن کيڙاڻو



سرور باري، سيد عالم شاهه مارڪس

جي مجسمي/تربت لنڊن ۾



محترم رسول بخش پليجو صاحب، سيد عالم شاهه، گل حسن ڪيڙانو

آغا خان اسپتال ڪراچي ۾

ماٹڪ چوٽو جن جو

ماٹھو پنھنجي ڳالھ سمجھن ٿا مڙا ٿي وڃن.

هندوستان ۾ امن ڪانفرنس ۾ پليجو صاحب ويو. ڇيائين پھريائين ٿا ڪتو به ڪونہ آيو ديرِ به ٿي وئي. ڳولي وڃي ڪانفرنس واري هنڌ پھتس. پنھنجي سيٽ تي ويٺس. همراهن کي ڏسي وات پاٽي پاٽي پئي ٿيو ٿا جي ، ويٺنامي سنگت ، روسي چيني ڳالھائين ٿا مزو ٿئي. ايتري ۾ مون کي سڏ ٿيو ٿا امن تي اچي ڳالھاءِ هاڻ اڳيان روس، چين، ويٺنام، افغانستان، هندوستان، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن جا مدبر ۽ ڏاها وينا هجن. انهن جي اڳيان مون کي ڳالھائڻ جو موقعو ملي. انهيءَ کان پوءِ ڇا گھرجي سو پورا ٻه ڪلاڪ ڳالھايم. جڏهن لٽس ٿا وڌن ورائي ورتو. ڪو پاڪر پيو پائي ٿا ڪو آٽوگراف پيو وٺي. بحرالحال منھنجي وهم گمان ۾ ڪونہ هو ٿا ڪو واقعي منھنجي اهڙي ڳالھ ٻيھندي. سيني وڌن سان ڪچھريون ڪيم. رات ديرِ سان ستس بخار ٿي پيو. ٻئي ڏينھن به وري منھنجو وارو آيو. منھنجي خيال ۾ نہ لڳس پر هيئان تاڙين جا ڦھڪا هئا. خير ٽيون ڏينھن آخري ڏينھن هو. هن ڏينھن فقط چند ماڻھن کي ڳالھائڻو هو. مون سوچيو اڄ آرام ڪبو. رڳو ٻڌبو. ڏسون ٿا همراهہ ڇا ٿا ڳالھائين. ايتري ۾ سيڪريٽري ڳالھائڻ لڳو ٿا پليجو صاحب هنن سيني وڌن متفق راءِ سان فيصلو ڪيو آهي ٿا هنن سيني کان پوءِ اختتامي تقرير توهان ڪندا. آئون حيران ٿي ويس سوچيم ٿا پليجي ٿا ڪو نہ ويو آهي، خير واقعي آخر ۾ مون کي سڏ ٿيو تاڙين جي گونج ۾ استيج تي ويس ۽ صدارتي تقرير ڪيم. پھرين ڏينھن جھڙي نہ پر چڱي ٿي، همراهن ڏاڍو داد ڏنو. سيني ملڪن جي وڌن دعوتون ڏنيون آهن. عالم شاهہ هاڻ ٻڌا تو ٿي چيو ٿا دال نہ آهي دنيا ڪيئن گھمنداسين. هاڻ هلي دنيا گھمہ هر هنڌ پنھنجا دوست آهن.

تاريخ ۾ پھريون پيرو سنڌ ۽ سنڌي ماڻھن جو ڪيس سڄي دنيا ۾ رکڻ جو موقعو مليو آهي. هاڻ مڙس ٿي پنيان ڪم ڪي سوريون ٿا ٻئي ڇڻا دنيا جا چڪر ڪيون. تڏهن وڃي ڪجھ پير ڪُپندا. ڇاڪاڻ جو هر هنڌ سنڌ ۽ سنڌين جا وارث پان ڪائو ڳاڙھا وات ڪريو سنڌي ٽيو سنڌين جي حوالي سان سڄي دنيا دنيا ۾ وينا آهن انهن کي ڪيڏي پنھنجا ماڻھو موڪلڻا آهن. انهيءَ لاءِ چوندا آهن "علي علي آهي پر بنڊ به ڳرو آهي." توهان کي چوندو آهيان ٿا پڙهو پڙهڻ کان سواءِ هن سڄي مسئلي کي آئون اڪيلي سِر منھن ڏيئي نہ سگھندس پر پارٽي هر مسئلي کي منھن ڏيئي سگھي ٿي. انهيءَ ڪري پاڻ مان جلدي جلدي عالم فاضل ۽ تقرير جا ڇاٽو پيدا ڪريون. جيڪي هر مورچي تي ڇمي ڪم ڪن.

ڊائـــري (1)

سيد عالم شاهه

هڪڙي ڏينهن پليجو صاحب منهنجي ملاقات تي آيو. سپرنٽينڈنٽ جي آفيس ۾ خلاصي ملاقات تي. ٻين ڪيترن حال احوالن سان گڏ پليجي صاحب ٻڌايو ته "هن وقت ذوالفقار علي ڀٽو کي قاسيءَ تي چاڙهيو ويو آهي" سياسي ڏريون سڀ خاموش آهن. پيپلز پارٽي جي موقع پرست وڏيرا شاهي انڊران اندر ضياءُ شاهي سان ٺهي وئي آهي، جيڪي ماٹهو پ پ سان بظاهر گڏ آهن. انهن جي خبر به نه آهي ته ڪڏهن ٽا نعري حيدري هٽن. اهڙي نموني ٻيون قوم پرست سڏائيندڙ ڏريون. يڻي دشمني ۾ ضياءُ سان ٺهي ويٺون آهن. پاڻ لاءِ ڪابه وات ڪانهي ته ڇا ڪريون؟ هن سڄي اونداهي دور مان ڪڙڻ لاءِ روشني جو ڪو هڪڙو به ڪرٽو ظاهر ٿئي. انهيءَ لاءِ سنگت جو خيال آهي ته راهوڪيءَ ۾ هاري ڪانفرنس ڪوٺائجي، جتي سڄي سنڌ جي ماٹهن کي گڏ ڪري، ڪٽان نه ڪٽان ڪا گهوڙي خيري هن اونداهي رات مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. مون چيو ته:

"هم يارانِ دوزخ، هم ياران بهشت."

اسان سنگت سان گڏ آهيون. جيڪو يارن جو فيصلو هوندو منهنجو به اهو فيصلو آهي. باقي جڏهن هن وقت کي به ماٹهو به گڏجي سياسي ڳالهه نٽا ڪري سگهن. سڄي ملڪ تان نر پکي پيو هڪلجي ته متان کو هن ظلم جي خلاف ڳالهائي، پيو ته پاڻ مولائي مڙس آهيون ڏوڪڻ جو حال به سيني کي ساريو پيو آهي. ٽيون جڏهن هر طرف کان ڪابه چون چران ٻڌڻ ۾ نٿي اچي، تڏهن هيترا ماٹهو گڏ ڪرڻ عوام دشمن قوتن تي وڏو وار آهي. هنن ڳالهين تي يارن ضرور سوچيو هوندو.

پليجي صاحب چيو ته "منهنجي ذهن ۾ اهي ڪتڪا آهن. رسڪ وڏو آهي. پر پي واهه ڪانه آهي يا پاڻ کي بچايون يا سڄي عوام ۾ خاص ڪري سنڌي ماٹهن کي بچايون. انهن ٻنهي ڳالهين مان هڪڙي ڳالهه کي اهميت ڏيٽي پوندي. منهنجي خيال ۾ پاڻ کي بچائڻ کان بهتر آهي ته سڄي عوام ۾ سنڌي ماٹهن کي بچائجي. اهو پاڻ تي تاريخي فرض آهي باقي رهيو خرچ، سو توکي خبر آهي ته پاڻ وٽ ٽڪو کو به کو نه هوندو آهي، تڏهن فاضل چوندو آهي ته خير آهي توهان کو به فڪر نه ڪريو. سڀ ڪجهه تي ويندو. سو هن پيري به فاضل صاحب سيني کان اڳيرو آهي. خبر نٿي پوي ته اهڙين مشڪل وقتن تي فاضل صاحب ۾ ڪهڙيون غيبي قوتون آهن، جو واقعي هر مشڪل کي آسان بنايو ڇڏي. باقي رهيا

ماڻهو گڏ ڪرڻ سو عوام ۾ هن ضياءَ شاهيءَ خلاف تمام گهڻي نفرت آهي. هنن هيترن ڏاڍن ۾ ڏهڪائن هوندي به، جي عوام کي ڪو رستو ملندو ته انهيءَ موقعي لاءِ هر ماڻهو تيار آهي. خير پليجو صاحب ته سنگت جي فيصلي مطابق ويو هليو.

راهوڪيءَ ۾ تاريخي ڪانفرنس ٿي، مون کي هر روز جي رپورٽ جيل اندر ملندي هئي. انهيءَ ڏينهن جو انتظار به ته خدا ڪري خير ٿئي! هڪڙي ڏينهن آڻون وهنجي ٻاهر ويٺو هوس ته گل حسن ميمڻ پريان هٿ ۾ اخبار ڪٽيو کلندو اچي. مون چيو ته "خير ته آهي" چيائين ته تو وارا يار اڄ يا سياڻي اچڻ وارا آهن. اخبار ۾ فاضل صاحب، حسين بخش ناريجو، مٺو مهيري، اسماعيل مهيري، گل محمد چانگ، ايڊريس ميراڻي، غلام قادر پليجو جن جي گرفتار ٿيڻ جو پڙهيم. ٻئي ڏينهن فاضل باجماعت اسپيشل وارڊ جي شينهن وانگر ٻاهران ٽي گجندو اندر آيو. ايندي شرط هڪل ڪري چيائين ته سيدا! متان چوين ته توکي جيل اندر به هڪڙو ڇڏيندا سين. ڏس ته ڪيئن نه اسان پاڻ کي ڪٽائي تو وٽ پهتا آهيون. هاڻ تون جهونو قيدي آهين. جلدي همرائن کي چانهه وغيره پيار. پوءِ وڏيڪ سڄي عمر هتي آهيون. پيا خبرون ڪنداسين. مون چيو پاڻ قاتل ڪونه آهيون جو سڄي عمر هتي هونداسين. فاضل صاحب چيو ته "سيد لوهه آهين، قاتل ته ڪونه آهين. پر عوام جي قاتلن جي خلاف ته آهين. عوام جا قاتل هن وقت حڪمران آهن. سي ڪي خوشيءَ سان ڇڏيندا" خير اسان اسپيشل وارڊ ۾ درخواستون وڃائي، بسڪيٽ چانهه ۾ مٽياري جي مائي سان همراهن جي خاطري ڪئيسين. فاضل صاحب چيو ته "ابا سيدا! واقعي جيل کي جمايو ويٺو آهين هاڻ پاڻ کي پرواهه نه آهي"

ٻئي ڏينهن فاضل صاحب جن کي بدين فوجي ڪورٽ ۾ ڪٽي ويا. جتي هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ڪري، ڪن دوستن کي بدين شهر جي سر عام بازار ۾ ڦٽڪا لڳائي، شام جو واپس جيل موڪليائون. مون کي خبر نه هئي ته همراهه ڪهڙي حال ۾ هوندا. سو هيڊ ۾ کير پيا وغيره ٻاهي ويٺو هو. رات جو همراهه آيا. مون سوچيو ته يار مايوس هوندا پر نه! يارن ۾ حوصلو ۾ همٿ هئي. انهيءَ سان گڏوگڏ ڦٽڪن جو سور وغيره به هين. همراهن کي سور جو گوريون ڪارايوسين. سڄي بدن کي تاڪورون ڪرايوسين. ڦٽڪا جنهن جي ٻڏڻ سان ماڻهو جي بدن مان ساهه نڪريو ويندو هو سو ضياءَ دور ۾ ايترا لڳايا ويا جو انهن ڦٽڪن جو ڏپ به لهي ويو. ٻئي ڏينهن پليجو صاحب به خيرسان اسپيشل وارڊ پهتو. ٽيندو ائين هو جيڪو سياسي قيدي جيل اندر ايندو هو. اهو پهرين پڇندو هو ته فاضل صاحب وارا ڪٽي آهن. پوءِ گهٽو ڪري ڪوشش ڪري اهو اسان وٽ ايندو هو. هاڻ اسان وٽ سياسي قيدين ۾ شاهه محمد شاهه، قمر راڄپر، ابوبڪر زرداري، فقير رحمت الله

ماٽڪ چوٽو جن جو

هيسباڻي، عنايت هيسباڻي (عرف ڪلتي)، اسلم پرويز غلام حسين پليجو مرحوم محمد صديق راهو وارا ۽ گڏ ٽيا. جيل اندر رهڻ لاءِ اصول ناهياسين. هڪڙي تعليمي ڪميٽي، ٻي مالي ڪميٽي ۽ ٽي جيل انتظاميه سان ڳالهه ٻولهه ڪميٽي ٺهي. رات ڏينهن جو پروگرام ٺهيو ته ڪيڏي مهل پڙهجي، ڪيڏي مهل مالي ڪائجي ۽ ڪيڏي مهل راند ڪجي.

بحرالحال سڄو شيڊول ناهيو ويو. ڪمن جي ورڇ ڪئي وئي جنهن مطابق اسان جو روزانو وقت گذرندو هو. اسان سان گڏ ٻين پارٽين جا دوست به هئا، پر جيل ۾ رهڻ جي اصول تي هلندي، اسان هم آهنگي هڪ ٻئي تي پروسو ۽ اعتماد وڌيو. جيل کي جيل نه، پر يونيورسٽي ۾ تبديل ڪري ڇڏيوسين. جيل اسان لاءِ تربيت گاهه جي صورت اختيار ڪري ويو. روزانو ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي ليڪچر يا سمينار ٿيندو هو. جيڪي دوست سنڌي نه پڙهيل هئا سي سنڌي پڙهڻ لڳا، انهن ۾ برداشتي ۽ بورچي به اسان سان گڏ هئا. جن دوستن جي انگريزي پڙهيل نه هئي يا انگريزي ۾ گهٽ هئا، انهن کي انگريزي پڙهائي وئي. اسان وٽ جڏهن رهڻ جي گنجائش نه رهي، تڏهن سياسي قيدين کي ٻئي طرف رهايو ويو.

هڪ ڏينهن فاضل صاحب ملاقات تان وريو ته ڪلندو اچي. هڪل ڪري چيائين "عالم شاهه فڪر نه ڪر! متان تون چوين ته آئون هڪڙو سيد جيل اندر آهيان، تنهنجي لاءِ تنهنجا متياري جا سيد اميد علي شاهه جاموٽ ۽ آفتاب شاهه جاموٽ کي به جيل اندر گهرايو اٿئون، تنهنجي پرسان وارد ۾ تا رهن، جي ايجان به ناراض ٿئين ته ٻيا به سيد گهرائي ڏيئين. مون چيو ته فاضل صاحب سيدن تي رحم ڪر، آئون هتي هڪڙو ڪافي آهيان."

خير اميد علي شاهه جاموٽ ۽ آفتاب شاهه جاموٽ جيل اندر انهيءَ ڪري آيا هئا جو آفتاب شاهه ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد جي اجلاس ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي قاسي خلاف نهرآئون پيش ڪيو هو جو پاس ٿيو. انهيءِ دور ۾ سخت پورهئي سان سڀني پائرن کي جيل موڪلڻ جو بندوبست ٿيل هو. جن مان في الحال به جيل اندر هڪ ئي لاڪپ اندر پهچي چڪا هئا، باقي پائرن جي به ڳولا هئي. رات ٿي چڪي هئي. مون اسپيشل وارد، جنهن کي عوامي وارد جو نالو ڏنو هو. انهيءَ دري مان مٿي چڙهي پائرن جي خبر چار ورتي، هو اڳڙين کي باهه ڏئي چانهه ناهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، سندن اکين ۾ دونهين جي ڪري پاڻي هو. همراهن کي ڪابه پرواهه ڪانه هئي. پنهنجي ڪيل عمل تي خوش هئا. ڇيائون ته مڙسن تي اهي ڏينهن ايندا آهن، مرڻ وقت زال کي امان چوڻ تي موت ڪري کو نه ويندو. سو جي مايوس ٿيندا سين ته چڏي ڪونه

ماڻڪ چوٽو جن جو

ڏيندا، باقي چانهه جا موالي آهيون. صبح جو چانهه موڪلجي ٿي ايڪڙين کي ساڙڻي چانهه ناهي آهي. ايڪڙيون به ختم ٿي ويون آهن. صبح جو فاضل صاحب سِير و ناهي چانهه جي ڪٽلي پيري پيت مٽان رسِي ٻڌي ڪين ڏني. مون نه مڪڙ ماکي ۽ مٽيارين جو مائو ڪين ڏنو همراهن لاءِ عيد ٿي وئي. جيسين سندن ملاقات ڪلي، تيسين فاضل صاحب ڪين هر شئي ڏني. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ سائين جن جي ملاقات ڪلي ۽ ڪجهه سختي گهٽ ٿي، پوءِ جيترا ڏينهن جيل اندر هئا. اوترا ڏينهن روز ملاقاتون پيون ٿيندیون هيون. پٽ مان سرون ڪڍي ويهي ڳالهائيندا هئاسين. انهيءَ ملاقات کي سائين اميد علي شاهه ٽيليويزن جو نالو ڏنو. پٽ پٽيان ڳالهائڻ کي وائرليس ملاقات جو نالو ڏنو هو. اهڙي نموني جيل جا ڏينهن گذرندا رهيا.

هڪ ڏينهن منهنجي ملاقات تي منهنجو پاءُ پرويز علي شاهه، علي مير شاهه ۽ گهر وارا آيا. منهنجي هر هفتي ملاقات ٿيندي هئي. گهر وارا مهيني ۾ هڪ پيرو ايندا هئا. ملاقات دوران گهر وارن چيو ته جاموٽ ڏوالفقار علي شاهه، سائين شهزادي شاهه صدرالدين کي موڪليو ۽ جاموٽ جا گهر وارا به گهر آيا هئا، انهن چيو ته توهان عالم شاهه کي چئو ته ضد ڇڏي پاڻ لکي ڏي ته سندس ضمانت آڻون ٿو ڪٽان ته هي باهر نڪري ڪجهه نه ڪندو. بس پوءِ ڇڏي ڏيندس. توهان سمجهايوس جي ها ڪري ته آڻون ڇڏرايانس. مون گهروارن کان پڇيو ته توهان کين چا چيو؟ گهر وارن چيو ته اسان چيوسين ته نه عالم شاهه لکي ڏيندو نه باهر ماڻ ڪري ويهندو. انهيءَ ڪري توهان جي مهرباني. باقي جي ڇڏنس ته سنو سائين چيو ته توهان ملاقات ڪري منهنجي طرفان چؤس، انهيءَ ڪري توهان کي ٻڌايون ٿا. مون چيو ته منهنجو جواب توهان وارو ساڳيو آهي. آڻون بزدل ۽ پاڙي ٿي، ڪنڌ هيٺ ڪري، باهر رهان، انهيءَ کان بهتر آهي ته جيل اندر حوصلي، همٽ ۽ مردانگيءَ سان رهان.

مون جيل اندران پنهنجي لاڳاپن وارن دوستن سان خطن وسيلي رابطو رکيو. هڪ خط مون اسان جي بيحد پائي ۽ سنيالڻ واري بُزرگ چاچا جاموٽ حاجي علي شاهه کي لکيو. مون ٻڌو ته پاڻ بيمار آهن سو جڏهن کيس منهنجو خط ملیو. تڏهن اهو خط بار بار پڙهي پئي ٻڌائين ته ادا جاموٽ حاجي خدا ڏنو شاهه جيڪو چاچا حاجي جاموٽ علي شاهه جو وڏو پٽ آهي، انهيءَ کي خط ڏنائين ته مون کي پڙهي ٻڌائي. جڏهن پاڻ خط پڙهي ٻڌائين، تڏهن کيس چيائون ته جهڙا توهان منهنجا پٽ آهيو اهڙو عالم شاهه به منهنجو پٽ آهي. ڏسو ته جيل اندران مون کي خط لکي، مون کي حوصلا ۽ همٽون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. عالم شاهه کي مون کان پوءِ به پاءُ ڪري سمجهه جو سو ٻئي ڏينهن ادا حاجي خدا ڏنو

شاهه جاموٽ ملاقات تي آيو. آئون ساڻس مليس. آئون به تمام خوش هوس، جيل جو ڪو تصور ئي ڪو نه هو. جيل اندر مون سان قيدي، سپاهي ۽ جيلر تمام سٺي نموني ملندي ڏسي چيائين "ادا واقعي بابا سائين جيڪو چيو اهو صحيح آهي. مڙس اهو جيڪو هر ڏڪ ۾ تڪليف کي پنهنجي سک ۾ تبديل ڪري" مون سمجهيو ته توهان جي ڏاڍي عزت ۽ احترام آهي. جيل ته توهان کي لڳي ئي ڪو نه ٿو. ادا سچ پچو ته توهان کي جيل اندر اهڙو ئي مڙسي سان رهندو ڏسي منهنجون سڀ مايوسيون ختم ٿي ويون آهن. مون سوچيو هو ته توهان کي سمجهايان ته هاڻ توهان کي لکي ڏيڻو پوي ته لکي ڏيو. ٻاهر اچو پر هتي توهان کي ڏسي، آئون شرمسار ٿيو آهيان ته منهنجو ياءُ جيڪو هيڏو حوصلو ۽ همٿ رکي ٿو انهيءَ کي اهڙي بزدلي واري صلاح ڏيڻ جو خيال مون کي ڇو آيو. مڙسن تي مهلون آهن. توهان کو چوري يا ڦڳي جي ڪيس ۾ ڪونه آيا آهيو. توهان پنهنجي اصولن تي رهندي، ظلم خلاف جدوجهد جي ڪري آيا آهيو منهنجي لاءِ جيڪو حڪم هجي اهو ٻڌائي، آئون تنهنجو ياءُ آهيان. جهڙا ٻاٻر چاچا علي مير شاهه ۽ بابا سائين، ايئن ٻاڻ به اهڙا ئي ٻاٻر آهيون. جيئن بابا سائين ۽ چاچا جن ڏک سک ۾ هڪ ٻئي سان گڏ هئا. ائين ٻاڻ به گڏ آهيون. پوءِ ادا حاجي خدا ڏنو ايندو رهندو هو.

ٻيو خط مون يار محمد شاهه کي مٽياري ۾ لکيو. هڪ ڏينهن سندس خيال اخبار ۾ پڙهيم. جن کان ڏاڍو متاثر ٿيس. دل ۾ سوچيم ته پاڙي ۾ آهي مڙس ماٺهو ۽ مڙسي وارا خيال رکڻ واروياري رکبي. ٻئي ڏينهن کيس خط لکيم اهڙي نموني ٻاهر اچي ساڻس ڪچهري ڪيم. اسان جي خيالن جي هم آهنگي وڌندي رهي. اڄ اسان جا هم خيال دوست جيڪي روز گڏجي رهندا آهيون. ذاتي طور توڙ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلن تي ڳالهائيندا آهيون. انهن خيالن جي اڳواڻي هيٺ هرڪو پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪم ڪندو آهي. هن وقت اسان جي انهيءَ ياري ۾ سائين يار محمد شاهه، نواز سمون، غلام نبي مغل (صحافي) قاضي سيف الله، قاضي مشتاق، سائين انور شاهه، سائين جمن شاهه ۽ چاچا عطا الله آهن. اسان مٽياري ۾ شام جو ستين کان سائڪل نوين بجي تائين ڪچهري ڪندا آهيون. ٻيو خط ارباب نور محمد پليجو جي وفات تي سندس پٽ ارباب عبدالحئي پليجو کي لکيم، جنهن ۾ مرحوم جي زندگي جي هر پهلو تي لکيم ۽ عبدالحئي کي انهيءَ خط ۾ لکيم ته ٻاڻ سندس انهيءَ عمل کي جاري رکندو رهندو ته ٻاڻ وڏيڪ عوام دوست ۽ انسان دوست ٿي سگهي ٿو. اڄ به عبدالحئي پليجو صاحب جڏهن به ملندو آهي ته تمام سٺي نموني ملندو آهي، کيس اهو خط اڄ به ياد آهي. هڪ خط ڳوٺ سائين موسيٰ کي (دڙي ۾) لکيم. اسان جو رواج آهي ته عيد نماز اسان سڀ راڄ گڏجي

ماڻڪ چوٽو جن جو

پڙهندا آهيون. راڄن واڱر پاڻ ۾ ڪيڏا به اختلاف هجن. پر عيد نماز گڏ پڙهبي. عيد ڏينهن اسان سڀ راڄ اسان جي ڳوٺ ۾ گڏ ٿيندا آهن. پوءِ مون کي پڳدار جي حيثيت ۾ مولود شريف ڳارائي، عيدگاهه ۾ وڃي ويندا آهن. ڳوٺ سومار ميمڻ، ڳوٺ صديق، ڳوٺ اسماعيل سومرو جا ماڻهو به عيدگاهه ۾ گڏ ٿيندا آهن. دستور مطابق نماز پڙهي، سائين موسيٰ خطبو پڙهندو آهي. پوءِ مون دعوت کي ڏيندو ته آئون خطاب ڪريان. آئون انهيءَ موقعي تي انسان دوستي عوام دوستي سنڌي ماڻهن جي ٻڌي تي ڳالهائيندو آهيان. گڏوگڏ سنڌ جي تازي صورتحال ۽ سنڌي ماڻهن جي مٿان آيل مشڪلاتن تي ڪجهه مختصر ڳالهائيندو آهيان. عيد نماز جي ختم ٿيڻ کان پوءِ وري مون کي پنهنجا ساڳي طرح مولودن سان ڳارائي گهر ڇڏيندا آهن. منهنجي جيل اندر وڃڻ ڪري آئون ٻه ٽي عيدون ڳوٺ عيد تي غير حاضر رهيس. انهيءَ ڪري مون جيل اندر رهڻ ۽ عيد تي نه پهچڻ ڪري هڪ خط لکيو. جو سائين محمد موسيٰ، خطبي کان پوءِ پڙهيو. خط تمام تفصيل سان هو. سائين محمد موسيٰ جي پڙهڻي ٻه ڏاڍي مِٺي هئي. انهيءَ ڪري خط پڙهڻ سان سڄي عيد گاهه ۾ سيني همراهن جي اکين ۾ پاڻي هو. منهنجي جيل مان نڪرڻ ۽ سنڌي ماڻهن تان مشڪلاتون ختم ڪرڻ لاءِ دعائون گهريائون. اهڙي نموني مون پنهنجي ٻارن گهروارن سان خطن وسيلي سندن رهنمائي ڪئي ۽ ڪين مايوس ٿيڻ نه ڏنو. اڄ منهنجي گهر اندر سڄاڻ ٻار تحريڪ جو گروپ آهي. جن پاڻ ۾ گڏجي اصول ٺاهيا آهن. هونئن ته اسان جو گهر ٻه عام سيدن جهڙو آهي. ريتون رسمون ٻه ساڳيون آهن. اڄ ٻه مٽيارن ۾ سيد گهراڻي جون عورتون ڪنهن ٻه گهٽي مان لنگهنديون آهن ته سامهون ايندڙ مرد منهن پٽ ۾ ڏئي بيهي رهندو. جيسين اهي عورتون مٽي وڃن، سندن اڳيان هڪ گولي جنهن کي پڙو پيل هوندو آهي، پري کان هڪل ڪندي ايندي ته بابا پري پاڪ پيا اچن.

اهڙين بيشمار ريتن رسمن جو شڪار اسان جو گهر ٻه آهي. مثلا شادي کان اڳ منهنجي گهر واري فخرالنساءَ کي فقط چار درجا سنڌي جا پڙهائي، گهر ۾ ويهاري ڇڏيائون. گهر ۾ ويهارڻ کان پوءِ سخت پردو ڪرايائونس، سندس لاءِ اهو فيصلو ٿيو ته سندس نڪاح قرآن شريف سان ٿيندو. سندس چوڏاري گهرو ماحول خوفزده ٺاهيو ويو هو جو هوءَ ڪنهن سان ڳالهائي ٻه نه سگهندي هئي. سندس ماءُ ۽ پيءُ گذاري ويا هئا. سندس پاءُ مرحوم الهه بخش شاهه جيڪو ڏاڙيلن هٿان شهيد ٿي ويو آهي. سو ٻه سادو انهن ئي ريتن رسمن تي هلڻ وارو هو. سندس خاندان جا سڀ ماڻهو شادي جي خلاف هئا. ايتري قدر جو منهنجي نڪاح ۾ منهنجو سالو مرحوم الهه بخش شاهه نه ويٺو پر مجبورن چاچا حاجي ڄاموٽ علي شاهه جي زور

ماڻڪ چوٽو جن جو

تي اهو نڪاح ڪيو ويو. شادي کان پوءِ اسان ٻئي اڪيلي سِر ڪيڏانهن ٻاهر نڪي وڃي سگهياسين. اهڙي دقيانوسي ماحول ۾ پهرياٽين منهنجي گهر واريءَ فخرالنساءَ منهنجو ساڻ ڏنو. گهر توڙي سياسي مسئلن تي اسان گڏجي صلاح ڪندا هئاسين. پوءِ جيترين حالتن اسان کي اجازت ڏني هئي، اوترو اسان اڳتي وِک کٽي انهن غلط رسمن رواجن کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. هن وقت منهنجا ست ٻار آهن. 2 پٽ 5 نياڻيون مرحوم الهه بخش شاهه جيڪو منهنجو پيٽوٻو ٻه هو. انهيءَ جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ اسان پنهنجي پيڙ سان گڏ رهياسين. جنهن کي ٻه ٻه نياڻيون آهن. جيڪي ٻه مون کي بابا چوندڙيون آهن. هن وقت منهنجي گهرو حالتن کي تبديل ڪرڻ ۾ ۽ سياسي حالتن ۾ منهنجي مدد ڪرڻ ۾ مون سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي هلڻ ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جنهن ۾ اسان جي گهر جا ٻار ميمبر آهن انهن وڏو ساڻ ڏنو آهي. گهرو يونٽ سيڪريٽري منهنجي پاٽيجي راحيلا بيبي آهي. جا هن وقت فرسٽ ايئر سائنس متياري ڪاليج ۾ امتحان پيئي ڏيئي. ڪاليج ۾ ڪوايڊيوڪيشن آهي. ٻيا ميمبر علي مير شاهه جيڪو ڏهين جو امتحان ٻيو ڏيئي. نادیا نائين ڪلاس ۾ آهي. قمرالنساءَ ستين ڪلاس ۾ آهي مونا ۽ حاجياڻي چوٿين ڪلاس ۾ آهن. ننڍين ۾ قرت العين ۽ رضوان شاهه کي — جي ۾ پڙهندا آهن. باقي سرينا ڏيڍ سال جي آهي. جنهن کي پيار ۾ گُڏي چوندا آهيون. سيئي باضابطه ويهي ميٽنگ ڪندا آهن. سندن گهرو منشُور هي آهي ڪوڙ ڪونه ڳالهائبو ننڍي وڏي جي عزت ڪبي، ٻائرن ۽ پينرن سان نه وڙهبو شوق ڪري پڙهبو ۽ فضول خرچي ڪانه ڪبي.

هاڻ مٽين اصولن هيٺ هلندي جي ٻار پاڻ ۾ وڙهندا ته گڏجي ميٽنگ ڪري هڪ ٻئي جي رهنمائي ڪندا. جنهن ٻه ٻار ٻئي سان بي واجبي ڪئي هوندي ته اهو ٻار چوندو ته واقعي اها مون بي اوجبي ڪئي آهي، پوءِ پنهنجو پاڻ تي خود تنقيد ڪيندو ته آئيندہ ائين کو نه ڪندس. گهر ۾ ايندڙ ماٺهو کي بااخلاق نموني ڪيکاريندا ۽ عزت ڪندا آهن. چاچا ماما کان سواءِ ڪنهن کي سڏ ڪو نه ڪندا، ڪنهن جو ٻه رُکو نالو نه ڪٽندا. پنهنجي روزانو خرچي مان ٿي حصا ڪندا، هڪ وي سي ۾ رکندا، ٻيو متيءَ جي گُگهي ۾ وجهندا ۽ ٽيون خرچ ڪندا. گگهي جا پيسا گڏ ڪري، ذاتي سامان ونندا. وي سي جا ملندڙ گڏيل استعمال ۾ ايندڙ گهرو سامان ونندا.

پڙهڻ لاءِ ٽائيم ٽيبل ٺاهي، انهيءَ مطابق پڙهندا ۽ هڪٻئي کي پڙهائڻ ۾ مدد ڪندا. پنهنجي وس آهر وقت ڪڍي، گهر جو ڪم ڪار ٻه ڪندا آهن. انهيءَ کان سواءِ گهر جي وڏن ياتين ۾ جي جهيڙو ٿيندو ته في الحال سڀ گڏجي الڳ ٿي

ويهندا، جڏهن جهيڙو ختم ٿي ويندو تہ پاڙ ۾ صلاح ڪري گڏجي، انهيءَ گهر جي وڏي پاتي وٽ اچي راند ڪندا ۽ ويهندا. ۽ پوءِ ڪي ننڍڙا ميمبر سندن ڪڇ ۾ ويهندا، وڏا پاڪر پائي ڪين چوندا تہ نانبي، ڏاڏي، مامي يا بابا توهان جي وڙهڻ سان اسان جي پڙهائي خراب ٿئي ٿي، اسان توهان جي جهيڙي ڪري پريشان ٿيون ٿا. اسان جي خوشين لاءِ ضروري آهي تہ توهان نہ وڙهو. ڏسو هار بہ جڏهن وڙهن ٿا تہ پاڙ ۾ نهيو ويجون. هڪ ٻئي سان پيار ڪريون ٿا، هڪ ٻئي جي مدد ڪريون ٿا. انهن ٻارن جي انهيءَ روبي جي ڪري گهرو جهڳڙا ڪافي ختم ٿي ويا آهن. انهن کان سواءِ اسان جو پنهنجو هر مسئلو وچ تي رکندا آهيون ۽ ننڍا وڏا گڏجي، انهيءَ تي ڳالهائي صلاح مصلحت ڪري، انهيءَ مسئلي جو حل ڳولهيندا آهيون. جنهن ڪري مون تان ڪافي پريشانيون ختم ٿيو وڃن. پارتي جا دوست جڏهن بہ ايندا آهن تہ انهن سان گڏ ٻار گڏجاٽيون ڪندا آهن. جن گڏجاٽين ۾ ملڪي صورتحال ۽ ٻيا موضوع رکي بحث ڪندا آهن. جنهن ڪري سندن خيال وسيع ٿيل آهن.

مثال طور ڪنهن بہ گهر جي ٻار کان پڇبو تہ ذاتي رشتن ۽ سياسي رشتن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ هي ٻڌائيندا ذاتي رشتا خسيس مفادن جي ڪري ٺٽي پوندا آهن، جنهن ڪري ذاتي رشتن جو پيار ۽ پنهنجائپ فقط تيستائين آهي، جيستائين ڪين کو ذاتي فائدو ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر انهيءَ جڳهہ تي سياسي رشتا اصولن ۽ هم آهنگي تي ٻڌل آهن، جن جي پنهنجائپ ۽ پيار ڪڏهن بہ ٽٽي نٿو سگهي. يا جيئن تہ توهان کي ڪهڙا پائر ۽ پينرون گهرجن؟ چوندا تہ اسان کي بهادر سمجهو پائر ۽ پينرون گهرجن. وري جي پڇبو تہ اهي بهادر ۽ سمجهو ڪيئن ٿيندا؟ چوندا تہ جي پائر ۽ پينرن سان وڙهبو يا نفرت ڪبي يا ساٽن پيار ۽ پنهنجائپ سان نہ ڳالهائبو تہ هو ضدي ۽ بزدل ٿيندا، جي ساٽن پيار ۽ پنهنجائپ سان ڳالهائبو ننڍي وڏي ڳالهہ تان کين چڙهون نہ ڏيبون تہ پوءِ بهادر ۽ سمجهو ٿيندا.

هڪ ڏينهن آئون گهر ۾ ڪونہ هوس. پليجو صاحب متياري ۾ آيو سجاڳ ٻار تحريڪ سان گڏجاڻي ڪيائين. سندن خيال ٻڌائين، ڏاڍو متاثر ٿيو. مون کي مليو تہ چيائين عالم شاهہ! تو جيڪو گهر ۾ ۽ ٻارن جي روين ۾ انقلاب آندو آهي، اهو اسان مان ڪنهن بہ ڪونہ ڪيو آهي، جو تو ڪيو آهي، اهو ڪم تاريخي آهي. واقعي اسان سيني کي تو وانگر پنهنجي گهرن ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. پنهنجون گهرو حالتون جي اسان جي خلاف آهن سي پنهنجي فائدي ۾ تبديل ڪرڻ گهرجن. اهڙي نموني گهر ۾ ڪافي ڪميون پيشون آهن، جي آهستي آهستي حالتن مطابق گڏيل صلاح مصلحت سان گڏجاڻيون ڪري، هم آهنگي وڌائي، اڳيان وڌنداسين. تہ ڳالهہ پئي هلي جيل جي! جنهن ۾ هوندي مون ٻاهر خط

ماڻڪ چوٽو جن جو

لکي پنهنجا رابطا برقرار رکيا آهن. منهنجي ٻن ڪيسن جي سزا پوري ٿي ته ٿي ڪيس لاءِ پوليس در تي آئي. وري گرفتار ڪري وئي. ٻئي ڏينهن ڪچو قيدي ٿي جيل اندر آيس. جيل انتظاميه مون کي ڪاري چڪر موڪليو جتي جيئي سنڌ تحريڪ جا دوست رهيل هئا. جيل انتظاميه جو خيال هو ته هي ڇوڪرا سڀ تحريڪ جي خلاف آهن. انهيءَ ڪري ويندي ئي هن کي هٽندا لٽيون. پوءِ انگريزن جي پاليسي وانگر ٻن کي ويڙهائي ڪمزور ڪري، پوءِ مٽن حڪومت ڪجي. سو جيل وارن به ائين ٿي ڪرڻ گهريو. آڻون به پهرين منجهي پيس ته هاڻ ڇا ٿيندو. خير ڪاري چڪر پهتس، جتي پنجاهه ڪن ڇوڪرا هئا. جي سڀ اسان جي خلاف هئا ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جا هئا. پهرين ته مون کي ڏسي حيران ٿي ويا ته هي اسان جي وچ ۾ ڪيئن آيو! پر پوءِ چوندا آهن ماڻهو ماڻهن سان ملي ماڻهو ٿيو وڃن. مون سوچيو ته جيڪي حالتون هجن، انهن کي سمجهي انهن حالتن مطابق هر قدم کڻڻ گهرجي.

هنن ۾ غلام مصطفيٰ جانوري دادو، مظفر شاهه لاڙڪاڻو سميع مگريو سکر، ناز سنائي ۽ ٻيا به ڪيترا دوست هئا، جن جا نالا ياد نه آهن. پهرين ته مون سان ڪو به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هو. پوءِ دادو جو لاشاري چوڪرو هو جو سيني ۾ وڌيڪ حرڪتي هو سو آيو. اچي چيائين ته توهان کي خبر آهي ته هي سڀ توهان جي خلاف آهن. پوءِ توهان هتي ڪيئن رهندا؟ مون ڪلي چيو ته هنن مان مون سان پهرين نه ڪو مليو آهي نه مون کي سچاڻي پوءِ منهنجي خلاف ڇو هوندا. انهيءَ ڪري ذاتي طرح مون سان ڪنهن جي به دشمني ڪانه آهي، باقي سياسي اختلاف آهن، سي به جي ماڻهو ويهندا، هڪ ٻئي کي گڏجي ٻڌبو هڪٻئي جي رهنمائي ڪبي ته اهي ختم ٿي سگهن ٿا. هن کان اڳ پاڻ کي گڏجي ويهڻ جو موقعو نه مليو آهي. سدائين ٻين جي ڪيل پروپيگنڊه تي هليا آهيون. هاڻ سرڪار مهرباني ڪري پاڻ کي گڏ رکيو آهي. هاڻ پاڻ هڪٻئي کي سمجهنداسين ۽ هڪٻئي کان سکنداسين، هن وڃي ٻين کي ٻڌايو ته يار عالم شاهه ماڻهو پلو آهي، جيڪو مون سمجهيو هو ته هي ڳالهائيندو ڪونه يا بزدل ٿي ڏڃي پڃي ويندو. ائين ڪونه آهي. اهو ٻڌي پوءِ سميع مگريو مظفر شاهه ۽ غلام مصطفيٰ جانوري ويجها اچڻ لڳا. اهڙي نموني انهيءَ ڳالهه تي متفق ٿياسين ته جيل اندر وجهڻ واري ساڳئي سرڪار آهي. جي جيل اندر اسان وڙهياسين، پنهنجون ڪمزوريون ظاهر ڪنداسين ته جيل وارا اسان کي استعمال ڪندا، انهيءَ ڪري جيل اسان جو ايڪو هئڻ گهرجي. مون چيو ته زبردست، بلڪل ٻڌي کان سواءِ اسان جيل اندر يا جيل کا ٻاهر هڪ قدم به اڳيان وڌي نه سگهنداسين. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته اسان ۾ ٻڌي هجي. ٻڌي تڏهن ٿيندي جڏهن اسان ۾ سهپ ۽ ضابطو هوندو. ضابطو ۽ سهپ

ماڻڪ چوٽو جن جو

تڏهن ٽيندي جڏهن اسان گڏجي ويهنداسين، هڪٻئي کي ٻڌنداسين ۽ ٻڌايل ڳالهين کي پنهنجي حالتن اندر پرکي ۽ پروڙي ۽ پوءِ هڪٻئي تي ذميواري وڌڻ ڪنداسين. جن ذميوارين جي ماتحت عمل ڪندا رهنداسين. پنهنجي روزاني جي عمل کي گڏجي چيڪ ڪري، گڏيل رهنمائي ڪنداسين، تڏهن ئي اسان جو هر قدم فتح ڏانهن وڌندڙ هوندو. پوءِ ته سڄي باريڪ جي هنڌي هڪڙي ڪئسين. سيني جي ملاقات گڏ ڪئيسين، پوءِ ڪيترو به ڪنهن جو سامان اڇي اهو وچ تي ورڇ ڪبو هو. انهيءَ لاءِ ڪميٽيون ٺاهيوسين، انهن ڪميٽين جي اڳواڻي هيٺ عمل ڪيوسين. پوءِ ته مزا ئي مزا هئا.

هڪڙي ڏينهن سائين مظفر شاهه وهنجڻ لاءِ پاڻي جي بالٽي پري رکي، صابڻ ٽوال رکيو. هاڻ وري ڪنهن شئيءَ کڻڻ لاءِ باريڪ ۾ آيو تيسين لاشاري وجهه وٽي ويجي وهنجڻ ويٺو. سائين جهومندو ڳائيندو اندر گهڙيو ته لاشاري الف اگهاڙو ٽيو پئي وهنجيو. پوءِ سائين ٻاهر نڪري ڪٽي رڙيون ڪيون ته هي ظلم هي ناحق ڏسو. سڀ همراهه گڏ ٿيا لاشاري وهنجي سائين جي ٽوال سان مٽو چنڊيندو ٻاهر ڪلندو هليو ويو. سائين جي رڙين تي ڪو به ڏيان نه ڏنائين. جيسين رات ٿئي تيسين مظفر شاهه ڪاوڙ ۾ پريو ويٺو هو. رات ٿي، ميٽنگ ٿي، لاشاري پاڻ تي تنقيد ڪئي ۽ ساڻين کان معافي ورتي، تڏهن ويجي معاملو نبريو.

هڪ ڏينهن سپرينٽنڊنٽ نورالاهي ڪاري چڪر ۾ آيو سڀ باريڪون خاموش هيون پر هنن يارن فيصلو ڪيو ته نورالاهيَ کي اسان جي باريڪ اندر اچڻ نه ڏبو سو سڄي باريڪ اندر ٽئيسٽ ڊانس ۽ گوڙ ڪري ڏنائون. نورالاهي ڪاوڙجي ويو. صبح جو سيني جي ملاقات بند ڪري چڏيائين. چوڪرا به ٻاکڙا ڏر سي به اڇي ويا جوش ۾ تن چا ڪيو جو جيل اندر ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڏني، انهيءَ وقت جيل ٽيندو هو چاکاڻ جو سياسي قيدي گهٽا هئا. به ٽي ڏينهن چوڪرا جيل انتظاميه لاءِ مٿي جو سور بڻيل هئا. هڪ ڏينهن مون کي نورالاهي گهرايو ته توهان وڏا آهيو هنن کي سمجهايو ته اسان جي عزت ڪن ۽ جيل کي سمجهن، مون چيو ته پهرين ته چوڪرا منهنجي پارٽي جا نه آهن جو منهنجو چوٽ ڪن. ٻيو ته توهان بي واجبي ڪري سندن ملاقات بند ڪئي آهي. ٽيون ته هي سياسي قيدي آهن، هنن سان عام قيدين وارو رويو رکبو ته پوءِ توهان جي عزت ڪيئن ڪندا. هي ڪي توهان جا غلام نه آهن جو هنن کي توهان بند وارڊ ڪري مجبور ڪري نماٽي هلائيندا. هي هر ڳالهه لاءِ تيار آهن. توهان کي ڪنهن به ڏڪي کان نه ڊڄندا، توهان هروپرو جيل ٽا خراب ڪريو انهيءَ حالتن جي ٽيڪ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ملاقات کوليو هنن کي اهي سهولتون ڏيو جيڪي

ماٽڪ چوٽو جن جو

سياسي قيدين لاءِ آهن، پوءِ رهي توهان جي عزت، سو توهان وڏا ٿي ايندا تہ عزت ڪندا، پر جي ڪامورا ٿي ايندا تہ هو توهان جي ڳيان مجبور ٿي نہ ايندا. خير نورالاهي کي فاضل صاحب ۽ پليجو صاحب جن چيو تہ ٻاهر بہ اخبارن ۾ بيان اڇڻ شروع ٿيا آهن. نورالاهي مجبور ٿي اسان جي ملاقات کولي، پوءِ چيائين تہ آئون وڏو ٿي اڇڻ ٿو چاهيان نہ ڪي سپرينٽنڈنٽ ٿي ايندس. خير همراهن کي سمجهايوسين. همرائن ڳالهہ سمجهي. نورالاهي وڏو ٿي آيو سيني سندس عزت ڪئي، اهو ضابطو ڏسي پچيائين تہ اهو انقلاب ڪيئن آيو جو توهان ضابطي ۾ آهيون، انهيءَ تي سيني چيو تہ توهان اسان کي عزت ڏينداتہ سئو پيرا توهان جي عزت ڏينداسين. پوءِ تہ مطالبا پورا ٿيا جيل اندر راندين وغيره ڪرڻ کي اجازت ملي. اسان سان گڏ ميرپورخاص جو همراهہ نالو چتو خان مري هو سو پاڻاري جي قانون هيٺ ٿي مهينا جيل اندر آيو مون سان نهي ويو هو. حال احوال ڪندي ٻڌايائين تہ ماتلي ۾ منهنجي سنگت آهي، انهن کي ڏسڻ لاءِ تنگ آهيان منهنجي مدد ڪريو تہ انهن کي گهرايان، پر ملاقات رُوبرو ٿئي. جنيدي جيلر دوست هو انهيءَ کي چيوسين جنهن واعدو ڪيو تہ پلي همراهہ جو يار اچي، ملاقات اندر ڪرائيندا سين. چتو خان خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپي، جنهن ڏينهن سندس ملاقات هئي، جنهن ملاقات تي انهن کي اڇڻو هو جن لاءِ چتي خان ڪيترا سامان گهرايا هئا. پر انهيءَ ڏينهن اخبار ۾ 5 فوٽو هئا جن ۾ ٽي عورتون ۽ مرد پوليس انهن عورتن ۽ مردن کي عيش ڪندي پڪڑيو هو. اڄان چتو خان ملاقات تي وڃي ٿي وڃي، تيسين اها اخبار جيئن جيل اندر آئي تہ چتو خان جيڪو ملاقات لاءِ تيار ويٺو هو تنهن انهيءَ اخبار ۾ فوٽو ڏٺو جو عيش ڪندي، پوليس پڪڑيو هو پوءِ ڪيڏانهن ويون ملاقاتون، ڪيڏانهن ويون يار سان ملڻ جون خوشيون، سيئي ڳالهيون خاڪ ۾ ملي ويون. پوءِ تہ ڪيس دلداريون ڏيئي مڙيئي ڪٽي ماڻ ڪرايوسين. همراهہ واعدو ڪيو تہ آئينده ڪڏهن ائين ڪو نہ ڪندو. جيئي سنڌ تحريڪ جي دوستن سان اهڙو تہ هائو ماڻو ٿي ويس جو اهو محسوس ئي ڪونہ ٿي ٿيو تہ ڪي اسان جا اختلاف بہ آهن، آئون سمجهان ٿو تہ اختلاف رکندي الڳ الڳ تنظيمن ۾ ڪم ڪندي بہ قومي ٻڌي جو ماحول ناهي سگهجي ٿو.

سيني جي وچ ۾ جي ڪڏهن ليڊرشپ بي ايمان نہ آهي تہ پاڻ ۾ هم آهنگي وڌائي سگهجي ٿي. چوندا آهن تہ لوبو وڙهجي پر ڪلويو نہ وڙهجي ۽ وڙهڻ وقت هميشہ ٿهڻ جا رستا چڏجن. جيئن قومي ٻڌي ڪري سنڌي عوام کي پنهنجي منزل تي پهچائي سگهجي. چاڪاڻ تہ هر تنظيم اندر ڪارڪنن جو وڏو تعداد فقط ٻڌايل پروپيگنڊائن جو شڪار هوندو آهي، پر ڪين خبر پئجي وڃي تہ

ڳالهه ۾ ڪجهه به ڪونهي. رڳو سندن ليڈرشپ جون واڳون سندن هٿ ۾ نه آهن ۽ ڪٽي ٻئي طرف آهن. سندن قومي مفاد نه آهن، پر فقط گروهي مفاد آهن ته سنڌي ماڻهو پاڻ مرادا به گڏجي سگهن ٿا ۽ نه رڳو پاڻ ۾ گڏجي سگهن ٿا پر پاڻ مان پنهنجي عوامي قيادت به ناهي سگهن ٿا. جنهن قيادت جي اڳواڻي هيٺ عوام فتحون حاصل ڪري، پنهنجي منزل ماڻي سگهي ٿي. انهيءَ لاءِ مخلصي، سچائي ۽ دوست دشمن جي سڃاڻپ جي جاڻ گهرجي. انهيءَ سڃي دور ۾ ائين سمجهيو ته هيءَ ڇوڪرا ته بلڪل اسان سان هم خيال آهن. اڄ به جڏهن ڪو انهن ڇوڪرن مان ملي ٿو ته اهو ئي احترام آهي. ڪڇي قيدي جي صورت ۾ باهر ڪيس جي تاريخ تي ويس. ڪيس سيشن ڪورٽ جي بلڊنگ اندر فوجي ڪورٽ ۾ هلندڙ هو. هر شنوائي تي دوست ۽ عزيز ملاقات تي ايندا هئا. هڪ ڏينهن منهنجو پاءُ نجف علي شاهه پنهنجي ڪنوار سميت مون سان ملڻ آيو. گهر وارا به گڏ هئا. هڪ طرف مون کي هٿ ڪڑيون پيل هيون. ٻئي طرف پاڇائي مون کي ڏسڻ آئي ته اهو ڪهڙو ڏير آهي، جنهن لاءِ سڀ پريشان آهن. انهيءَ ڏينهن پنهنجي پاءُ کي سندس ڪنوار سان گڏ ڏسي خوش ٿيس. منهنجي اکين ۾ خوشيءَ کان پاڻي پرجي آيو هو. مون کي هٿ ڪڑيون لڳل ڏسي، گهر وارا انهيءَ ڏک ۾ روئي رهيا هئا. جڏهن پاڇائي کي موڙو ڏنو ته سندس اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. اهڙي نموني ٻئي پيري ساڻگئي ڪورٽ ۾ ڪيس تي باهر آيس، جتي منهنجي ننڍڙي قمرالنساءَ جنهن جو مون سان ڏاڍو پيار هو تنهن مون کي هٿ ڪڑين ۾ جيل جي ڪپڙن ۾ ڏسي سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته هيءُ بابا نه آهي. چاڪاڻ جو جڏهن آڻون جيل اندر ويو هوس تڏهن هوءَ ڇهن مهينن جي هئي. ملاقات مهل سندس ڇمار 15 مهينا هوندي.

منهنجي دل ته چاهيو ته پاڪر پائي چميون ڏيانس پر آڻون ڪامياب نه ٿيس. ننڍڙي مون وٽ اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پر پري کان يڪ ٽڪ ڏسندي رهي ته آخر هي مون کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ ايترو زور چو ٿو ڏي. سيئي گهر وارا چونس ته هي بابا آهي تڏهن ششدر ٿيو بيٺي هئي. ساڻگئي ڏينهن ڪورٽ ۾ مايوس وينو هوس ته غلام نبي بهراڻي ۽ محمد خان مگسي به اچي مليا. غلام نبي بهراڻي مون کي ڪن ۾ چيو ته محمد خان وٽ وڃي واري زمين سنيال هيٺ آهي. اها نٿو سنيالي سگهي، سو توهان وٽ آيو آهي ته پنهنجو بندوبست پاڻ ڪريان، منهنجا ته تاڪ چڙهي ويا. هڪڙو ته محمد خان سان جيڪا لکت ۾ ايگريمنٽ ٿيل هئي، جنهن ۾ پليجو صاحب ۽ فاضل صاحب جون شاهديون هيون. جيڪي اسان ٻنهي جي وچ ۾ ضامن به هئا ته جيڪا به ڏر پنهنجي واعدي تان ڦرندي، انهيءَ جي ذميواري مٿن

ماڻڪ چوٽو جن جوڙ

هوندي. ايگريمنٽ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن لاءِ ٿيل هئي. هيو ته مون جڏهن محمد خان کي پنهنجي زمين حوالي ڪئي هئي، تڏهن پنهنجي سڄي راڄ ڪي گهرائيءَ کين سمجهايو هو ته بابا هاڻ محمد خان جي هٿ آهي، توهان منهنجا پراٽا راڄ آهيو انهيءَ ڪري توهان کي واضح ٿو ٻڌايان ته توهان کي جي ٻني ڪرڻي آهي ۽ هتي ئي ويهڻو آهي ته هاڻ توهان محمد خان جي چوڻ مطابق زمين ۾ پورهيو ڪندا. انهيءَ جي لاءِ جي توهان سان ڪا بي واجبي ٿي ته آئون توهان پاران محمد خان وٽ هڏل هوندس، پر جي توهان سان محمد خان کا به حساب ڪتاب جي يا ڪا بي بي واجبي ڪئي ته محمد خان پاران توهان وٽ آئون هڏل هوندس. هن وقت توهان وٽ جيڪو به منهنجو قرض وغيره رهيل آهي سو ختم ٿو ڪريان، هاڻ توهان منهنجا قرضي نه آهيو جي توهان کان پورهيو ٿي سگهي ته ويهو جي نه ته منهنجي طرفان توهان تي ڪابه پابنديءَ نه آهي. انهيءَ وقت منهنجو گهٽ ۾ گهٽ 1977ع ۾ 80 هزار هارين تي قرض هو جو مون چڏي ڏنو هو محمد خان وٽ ڏهه سال زمين سنيال ۾ آهي. يلي هيءَ پنهنجي مرضي سان ڪڙم سان ڳالهائي ۽ پنهنجا لاڳاپا رکي انهيءَ ڪري کيترا هاري ڇڏي ويا. باقي جيڪي وٺا تن محمد خان سان ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪيو. جنهن وقت محمد خان مون کي جواب ڏيڻ آيو تڏهن وٽس ڪو به جواز نه هو فقط ايترو چيائين ته آئون نٿو پهچان، پاڻ 60 ايڪڙ ڪمند پوکائي اهو فصل پئي مٽا ڪٽي چڪو هو پئيان پئي سال جي بانڊ سندس چڏڻ ڪري گاهه ۾ وئي. هارين سان به ڪو حساب نه ٿيو محمد خان گهٽيون چڙهيون هنيون. پر سندس پاءُ اڄ تائين حساب نه ڪيو ته نه ڪيو. هيو ته منهنجو پيو ڪو به وسيلو ڪو نه هو محمد خان کي منهنجي حساب مان هڪ هزار روپيه گهر خرچ ڏيڻو هو سو به چيائين ته هاڻ مون زمين چڏي تڏهن پئسا ڪو نه ڏينداس، مون غلام نبي کي چيو ته هي آهي، پيڙيءَ تي چاڙهي ڦرهو ڪيڻ، هيو ته آئون جيل اندر آهيان پئيان ڪو به سنيال وارو ڪو نه آهي. فصل به سڀ پاڻ ڪٽي ويو آهي، پئيان فصل تباهه ٿي ويو آهي. منهنجي جيل مان نڪرڻ جي ڪابه اميد نه آهي. انهيءَ صورتحال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هي ايترو ته ڪري جو جيسين آئون جيل کان ٻاهر اچان يا جيل ۾ رهندي ڪو پنهنجو بندوبست ڪريان. تيستائين ته هن کي چئو ته هڪ هزار روپيا گهر ڏيندو رهي پوءِ ٻاهر نڪري ساٺس حساب ڪندس. جي سندس وهنوار ٿيو ته پري ڏينداس، خير غلام نبي ٻهراٽي چيو ته عالم شاهه بلڪل صحيح ٿو چوي عالم شاهه جا ٻچا اسانجا ٻچا آهن. عالم شاهه کي ڏوهه ڪري جيل اندر ڪو نه آيو آهي. عالم شاهه هڪڙو قومي ڪارڪن آهي. هي ته سندس وهنوار آهي، پر جي نه ته به عالم شاهه جي گهر جو خرچ ڏيڻ گهرجي.

ماٽڪ چوٽو جن جو

محمد خان ائين ڪيڇي جيئن پٽ. بس پوءِ غلام نبي چيو ته ڪو به خيال نه ڪر جي محمد خان پڌسا نه ڏنا ته آئون ڏينڊس. پنهنجي گهر وارن کي چئي ڇڏ ته هر مهيني جي پهرين تاريخ مون کان هزار روپيا وٺيو وڃن. آئون جاڻان محمد خان جاڻي. باقي زمين سنيال جو بندوبست پنهنجو پاڻ ڪر. بس مون کٽي ماٽ ڪئي پي ڪا به وات ڪانه هئي.

جڏهن جيل جي اندر فاضل صاحب ۽ پليجو صاحب جن کي ٻڌايم ته همراهن چيو ته هر صورت ۾ پاڻ کي منهن ڏيڻو آهي پاڻ اندر آهيون، ڳالهه کي پکيڙ نه. خواري ٿيندي. سيد سر تي آئي اٽئي صحيح وڃ. خير جيل مان نڪرڻ کانپوءِ محمد خان مون سان حساب ڪتاب ڪو نه ڪيو. باقي مهرباني ڪري سندس ٽريڪٽر هفتي لاءِ ڏنائين ۽ ٽريڪٽر جو تيل به ڏنائين، جيئن نئون فصل پوکي سگهان. هارين گهٽي گهوڙا گهوڙا ڪئي ته اسان جو حساب ٽٽئي. کين چيم ته بابا محمد خان جا پاڻ تي احسان آهن، جو زمين ليول ڪري ڏني اٿس، انهيءَ تي خرچ آيو هوندس. پاڻ سيني جو حساب ويو انهيءَ ۾ ماٽ ڪري لڳو پنهنجي ڏنڊي سان. ڏڏل کير وري واپس ٽٽن ۾ ڪو نه ويندو. محمد خان پنهنجو پاءُ آهي، انهيءَ ڪري سنگت واري کي ڪو نه اُونهائيو. ڇڏيو منڊو واري ۾ خدا پاڻ کي ڪو نه ڇڏيندو. اهو دستاويز جنهن تي محمد خان، فاضل صاحب ۽ پليجو صاحب ۽ گهروارن جون صحيحون ٽيل آهن، سو اڄ به مون وٽ يادگيري طور موجود آهي. پليجو صاحب چوندو آهي ته بدترين حالتن لاءِ تيار رهو ۽ بهترين حالتن لاءِ ڪوشش ڪريو. انهيءَ اصول مطابق مڙيئي وڃي پار پياسين. باقي يار جي سرنهه جا پل ڏسي ڇڏياسين.

خير مون کي سزا لڳي، پڪو ٿي، ڪاري چڪر مان نڪري اچي، بي ڪلاس ۾ پهتس، جتي سيئي يار عوامي وارد مان بدلي ٿي آيل هئا، انهن پيڙو ٽيس. جتي ساڳيا مزا لڳا پيا هئا. فاضل صاحب چوندو هو ته پاڻ هنن ستن ڏينهن ۾ ضرور آزاد ٿيندا سين.

بي ڪلاس اندر اسماعيل مهيري ۽ مٺو مهيري جا جهيڙا به يادگار رهندا. اسماعيل مهيري سادو سودو هوندو هو ۽ مٺو ڳالهائڻ ۾ لهائڻ جو چڙتو هوندو هو. انهيءَ ڪري روز گهٽو ڪري سندن ويڙهه هوندي هئي. حسين بخش ۽ شبير شاهه مٺو مهيري جون ڪلون ۽ يوگ نه وسڻ جهڙا آهن. هڪڙي ڏينهن فاضل صاحب چيو ته عورت شريعت مطابق مرد کان چار مهينا ڏهه ڏينهن الڳ رهي سگهي ٿي، انهيءَ ڪانپوءِ وس واري آهي. بس پوءِ ته حسين بخش نڪ ته هٿ رکيو هوندو هو ته چار مهينا ڏهه ڏينهن ٿي ويا آهن، پٽيان خبر نه آهي ته پنهنجو انتظار ڪن يا نه

ماٹڪ چوٽو جن جو

ڪن. بي ڪلاس ۾ بورچي خاصخيلي هوندو هو جيڪو ڪنواري هوندي قيدي ٿي آيو هو. جنهن کي 14 سال ٿي ويا هئا، ڏاڍو مايوس رهندو هو. مون سان گڏ غلام حسين پليجو ۽ محمد صديق راهو رهندا هئا. غلام حسين مرحوم صديق کي چيو ته عورتن جي فوٽن واري پتن جي تاش ٻاهران ڪٽي اڄ ته بورچي کي خوش ڪريون. مرحوم صديق به دلچسپ ماڻهو هو سو شنوائي تان ورندي اها پتن جي تاش ڪٽي آيو. پوءِ ته روزانو هڪ پتي تسدي چپيل عورت جو فوٽو انهي بورچي کي ڏيکاري غلام حسين پليجو عورت جي سيني عضون تي ليڪچر ڏئي کيس سمجهائيندو هو. اهو بورچي ٽڏا ساهه ڪٽي وڏي دلچسپي سان اهو ليڪچر ٻڌندو هو. ٻاونجاهه ڏينهن اهو ليڪچر هليو. روزانو در بند ڪري اهو ليڪچر هلندو هو. فاضل صاحب وارا چوندا هئا ته اهو روز چا ٿا ڪريون پر اسان ۾ معاهدو هو. سو ڪنهن سان ٻرڪ به ڪانه ڪئيسين. اهو بورچي تيار ٿي ويو. ليڪچر ختم ٿيڻ کان پوءِ اهي پتا محمد صديق ٻاهر ڏيئي آيو چاڪاڻ جيل اندر رکڻ جهڙا نه هئا. انهيءَ ڪري جيل جي چاپي کان وڌيڪ ڊپ پليجي ۽ فاضل صاحب جو هو.

پليجي صاحب جيل انتظاميه سان ڳالهائي اهو فيصلو ڪيو ته هر جمعي تي سياسي قيدين کي اجازت هوندي ته هو ٻين سياسي قيدين سان وڃي واردن ۾ ڪچهري ڪن، انهيءَ ڪري هر جمعي تي اسان جي بي ڪلاس ۾ ڪانفرنس جو ڏيکاڻون هوندو هو. هڪڙي ڏينهن جيل اندر ملاقات ڪندي ڏٺم ته هڪڙو ٽڪل بيمار همراهه جنهن جا باقي وڃي هڏا ٻچيا آهن، تنهن اڇي منهنجي ڪلهن تي هٿ رکيو ڏٺم ته هي ته عبدالواحد آريسر آهي. مون چيو ته ڪر خبر هي حال ڪيئن ٿيا اٽئي ۽ ڪٽي آهين؟

چيائين ته ادا هن ظالم نورالاهي مون کي چڪرن ۾ اڪيلو رکيو آهي جتي نه پاڻي آهي نه ڪا ٻي سهولت آهي نه ئي مون کي هن بيماري ۾ ڊاڪٽر ٿو ڏسي. اڄ مس مس ملاقات تي ڇڏيو اٽن. همراهه اڇن ته چوان مون چيو ته پرواهه نه ڪر اسان سڀ تنهنجا آهيون، پنهنجي اندر سياسي قيدين جي جيل انتظاميه سان ڳالهائڻ جي ڪميٽي آهي. جنهن ۾ پليجو صاحب، شاهه محمد شاهه ۽ فاضل صاحب آهن. انهن اڳيان تنهنجو ڪيس ٽا رکون، نورالاهي ڪير ٿيندو آهي جو توهان کي اسان کان الڳ ڪري.

مون اچي پنهنجي ڪميٽي اڳيان عبدالواحد آريسر جو سڄو قصو رکيو. پليجي صاحب اوڏي مهل سپرينٽنڈنٽ کي ملڻ جي سلپ لکي. صبح جو ڪميٽي نورالاهي سان ملي، عبدالواحد کي سڀ سهولتون وٺي ڏنيون ۽ چڪر مان ڪيرائي سياسي قيدين سان رکايو. پوءِ هر جمعي تي پليجو صاحب عبدالواحد آريسر سان

ماڻڪ چوٽو جن جو

ڪچهري لاءِ وٽس ويندو هو ۽ ڊاڪٽر تي پريشر وجهي علاج ٻه ڪرايو. جيل اندر جن گروپن جا همراهه هئا، انهن جي هر آهنگي ايتري وڏي وئي جو فيصلو ڪيوسين ته جيل اندر گڏجي قومي ٻڌي ناهينداسين ۽ هڪٻئي جي ويجها ايندا سين.

جيل اندر دوا درمل جو ڪو ٻه بندوبست نه هو. انهيءَ ڪري قيدي تي هو ته هو پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري. اسلم پرويز کي خارش جي بيماري ٿي پئي، جيل اندر ڪو ٻه علاج ڪو نه هو. بس جوان مڙس جو علاج جيل اندر کهڙو ڪرائي جيسين علاج لاءِ ٻاهر وڃي تيستائين ماني تکي ۾ ڪِري ڪري وقت کي گذاريائين. شابس هجيس جو انهيءَ عذاب هوندي ڪڏهن ٻه لکاڻون نه ڏنائين ته آڻون بيمار آهيان. غلام قادر پليجو کي پيٽ ۾ سور جي تڪليف هئي، جنهن ڪري عام کاڌو کائڻ سندس لاءِ عذاب هو انهن جي لاءِ الڳ ڪِريءَ واري ماني تيار ڪرائڻ، کين دوا درمل کارائڻ ۽ سنڀال ڪرڻ لاءِ مون کي مقرر ڪيو ويو هو. آڻون تي وقت بيمارن تي لٽ ڪنيو ويٺو هوس، مزو اچي ويو. ڪو مون کان لکايو غلام قادر کي مرچن جو ٻوڙ ڏيو چڏي جيئن ڪڏهن ڪڏهن مڙيئي وات چهرو ڪري، هوڏانهن مون کي اچي ٻڌائي ته تو وارا همراهه ڪري پڇيو ٻيٺا آهن. منهنجو بورچيخاني ۾ وڃڻ، همرائن جو اهو ٻوڙ چڏي پيڃڻ ۽ فاضل صاحب جا ٽهڪ ڏيڻ اسان جي زندگي جي جان هئا. ايترو جو نيٺ اها ڪري ڪميٽي توڙٽي پئي. تڏهن وڃي همراهن جي مون مان جان ڇٽي. همراه جو ٻه ٻاهران علاج ٽيو ۽ لڳاتار ڪري ڪري ٺيڪ ٿي ويا هئا. مقصد ته جيل اندر هر ساٿي جو هر ڳالهه جو خيال رکيو ويندو هو جو ڪو ٻه ائين نه سمجهي ته اڪيلو آهيان يا جيل ۾ آهيان. سڀ کو ائين ته جيل اسان جو ڏاج آهي، اڇٽو وڇٽو آهي ڪهڙي ٻه حالت هجي ۽ جٽي ٻه هجون تڏهن ٻه حوصلا ۽ همٽون قائم رکون.

پنڌرنهن روزا "صبح ٽينڊو 15 جولاءِ

ڊائري (2)

سيد عالم شاهه

منهنجي آتم ڪهاڻي هلندڙ هئي. جيتري ڪهاڻي ٻڌائي هيم انهيءَ تي جيل اندر ساڻين جي ٽيڪا ٽپڻي پئي هلي ته ايڏا وڏا انڪشاف ٿيندا. عالم شاهه جي ڪهاڻي هفتو ڪن هلي ويندي. خير وري سڀ دوست گڏجي ويٺا. لطيف جي بيت سان گڏجاڻي شروع ٿي. مون کي حڪم ٿيو ته توهان پنهنجي رهيل آتم ڪهاڻي ٻڌايو. وري ضابطي ۽ دلچسپي هيٺ مڪمل خاموشي ڇانيل هئي. مون پنهنجي ڪهاڻي وري شروع ڪئي جا هن ريت آهي.

هنري اسڪول ۾ اسان ٻنهي پائرن جي دوستي خدا بخش ميمڻ جيڪو پڙ اسان جيترو هو تنهن سان ٿي. ايتري قدر جو اسان جا گهر وارا خدا بخش کي پنهنجو اولاد سمجهندا هئا ۽ خدا بخش جا گهر وارا اسان کي پنهنجو سمجهندا هئا. هنري اسڪول ۾ سائين زرگر تمام نيڪ ماڻهو هو جو سڄو اسڪول پرائيويٽ پاڻ هلائيندو هو. خاص ڪري تمام غريب چوڪرا جيڪي شايد نه پڙهي سگهن، تن کي هي پنهنجي خرچ تي پڙهائيندو هو. جن ۾ هڪڙو ميربحر چوڪرو جنهن جي ساڃي ٻانهن ڪاڻ هئي، تمام مسڪين هو انهيءَ جو نالو خير محمد هو جو هن پڙهايو هو. فائينل ڊيڀاري پهرين ساڳئي اسڪول ۾ پوءِ سرڪاري اسڪول ۾ ماستر ڪري رکايائين. خير محمد ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي هو سندس اخلاق ۽ پنهنجائپ جا اثر مون تي اڄ به آهن. هن وقت به جڏهن خير محمد ملندو آهي ته اها پنهنجائپ نظر ايندي اٿس. خدا بخش گهٽو ڪري منهنجي پاءُ جو دوست هو ٻئي هڪ جيڏا به هئا.

جمعي ڏينهن جو اسان کي موڪل هئي اسان ٻئي پائر اسان جو ٻيو گهر هو جتي بابا سائين رهندو هو. صبح جو اتي وٽس آياسين ته اڄ اسان کي ڏڪي وئي هل جتي ڪپڙا ۽ بوٽ وئي ڏئي. بابا سائين جيسين تيار ٿئي، تيسين مال لاءِ آندل مٽرن جي ول جنهن ۾ مٽرن جون ڦرهيون به هيون سي ٻئي پائر کائڻ ويهي رهياسين. اتفاق سان پريان کٽ تي هڪڙي بندوق رکيل هئي جنهن تي منهنجي نظر پئي. مون ڦرهيون چڏي وڃي، بندوق ۾ هٿ وڌا منهنجو پاءُ سامهون ڦرهيون کائي رهيو هو مون انهيءَ بندوق کي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي پاءُ کي چيم ته ڏس هن سان ڪانگ به مري ويندو آهي. مون کي ڪا به خبر نه هئي ته ڪو هن ۾ ڇا آهي. مون انهيءَ کي کڻڻ جي ڪئي ۽ سندس ڪنڌو واڙ ۾ ڦاسي پيو. انهيءَ کي واڙ مان چڏائڻ جي جدوجهد ۾ هن جو گهوڙو ڪو چڙهيل هو يا منهنجي

هيڏانهن هوڏانهن جي زورن تي چڙهي ويو انهيءَ وقت مون کي ڪابہ خبر نہ هئي نہ ئي مون اهو سوچيو تہ هي چا پيو ڪريان. مون ڏٺو تہ هيءَ ڪجي چو ڪانہ ٿي. انهيءَ دوران ٽڪاءُ ٿيو ٽڪاءُ سان مون کي خبر ئي ڪانہ پئي آئون ٽڪآئون جي حراس ۾ ڪري پيس مون ۾ ڪوبہ هوش نہ رهيو تہ وڌيڪ چا ٿيو. جڏهن مون کي هوش آيو تہ وڌيڪ گهر سڄو ماٺهن سان پريل هو. سڄي گهر ۾ ڪهرام متل هو سامهون منهنجي پاءُ نندڙي جو لاش پيو سندس منهن ۾ چيرا لڳل هئا. منهن جي بي هوش هئڻ ڪري سيني کي اهو ڊپ اچي ٿيو تہ هڪڙو تہ بندوق سان ويو ٻيو حراس ۽ ڊپ ۾ نہ ويجي. انهيءَ ڪري امان ۽ بابا جن کي ڪا بہ خبر ڪانہ هئي باقي مون کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ آس پاس جون مايون مون کي هنج ۾ ڪٽيون ويٽيون هيون. امان ۽ بابا کي جڏهن خبر پئي تہ آئون زندهہ آهيان ۽ مون کي هوش اچي ويو آهي تڏهن ڏوڙي اچي پاکر وڏائون. مون تي انهيءَ خوف ۽ حراس جو اثر ايترو تہ پيو جو ڪيترا ڏينهن بيمار پيو هوس. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ وري ڪابہ بندوق گهر ۾ نہ آئي نہ ئي ڪا بندوق مون کي ڪٽڻ لاءِ ڏني ويئي. انهيءَ ڪري اج بہ مون ۾ انهيءَ خوف جي ڪري مايوسي بزدلي ۽ خوف گهٽو حاوي رهندو آهي. ڪو بہ رسڪ نہ وٺي سگهندو آهيان. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ آئون مايوس ۽ ماڻ رهڻ لڳس، جنهن ڪري مون کي سيني اهو چوڻ شروع ڪيو تہ هي درويش ۽ الله لوڪ ماڻهو آهي. انهيءَ واقعي کان پوءِ خدا بخش ميمڻ سان وڌيڪ پنهنجائپ ٿي ۽ اج بہ جڏهن خدا بخش مون سان ملندو آهي تہ هو مون کي پنهنجو وڏو پاءُ سمجهي عزت ۽ احترام سان نوڙي ملندو آهي. هي مسڪيني جي ڪري مٽي نہ پڙهي سگهيو. پوءِ مزدوري ڪندي بس جو ڪنڊيڪٽر وجي ٿيو. منهن جي اڇيان ٻيڙي تہ ٿهيو پر ٻيري وغيره بہ پيئندو آهي منهنجي اڇيان جڏهن بہ ايندو آهي تہ مون کي پنهنجو پاءُ نظر ايندو آهي ۽ ساٺس ملي دلي سکون ملندو آهي.

هنري اسڪول بند ٿي ويو جنهن ڪري منهنجي داخلا سنڈي پرائمري اسڪول دڙو ۾ ڪئي ويئي. انهيءَ اسڪول کي خاص طرح سيٖ وڏو اسڪول چوندا آهن. هن جي بلڊنگ انگريز سرڪار جي وقت جي ٺهيل آهي جا اڄا بہ اهڙي مضبوط ۽ مٽي آهي ۽ سندس ڏيکآئون اهڙو شاندار آهي جو هر هڪ شاگرد وڏي فخر سان چوندو آهي تہ آئون هن اسڪول ۾ پڙهيو آهيان.

اسڪول ۾ پڙهائي بہ تمام سٺي رهي آهي. هن اسڪول جا شاگرد هن وقت تمام وڏن عهدن تي آهن. ڊاڪٽر يعقوب ميمڻ جيڪو هن وقت آمريڪا ۾ نيورو سرجن (دماغ جو ڊاڪٽر) آهي. آمريڪا ۾ دماغ جي ٻن يا ٽن وڏن ڊاڪٽرن

ماڻڪ چوٽو جن جو

مان هوندو. اهڙي نموني ڊاڪٽر محمد صديق ميمڻ جيڪو گلي، نڪ ۽ ڪن جو تمام سٺو ڊاڪٽر آهي، اهو به لنڊن مان وڏي ڊگري وٺي آيو هو. هن وقت آمريڪا ۾ آهي. ڊاڪٽر اقبال ميمڻ اکين جي ڊاڪٽري جي ڊگري لنڊن کان وٺي آيو آهي. ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ جانورن جو تمام سٺو ڊاڪٽر آهي جيڪو هن وقت آمريڪا ۾ آهي. انهيءَ کانسواءِ حاجي شمس الدين هن وقت اي ـ سي آهي. ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ به ايگريڪلچر جي ڊگري آمريڪا مان حاصل ڪري آيو آهي، هن وقت ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڈو جام ۾ سينئر پروفيسر ۽ ڊين آهي. سندس پوزيشن وائيس چانسلر جهڙي آهي. سندس نالو وائيس چانسلر لاءِ تجويز به ٿي ويل آهي. پر هميشہ سياسي بنيادن تي پروموشن ملندا رهيا آهن، انهيءَ ڪري ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ تمام وڏين صلاحيتن هوندي به وائيس چانسلر ٿيڻ کان رهجيو ويجي.

هن اسڪول جا ٻيا ته تمام گهڻا باصلاحيت شاگرد هن وقت پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ هوشياري سان ڪم ڪري رهيا آهن. پر پرائمري اسڪول جي حد تائين هن وقت به سائين نثار ميمڻ ۽ سائين روحل امين جا شاگرد جڏهن ڪنهن مقابلي ۾ ايندا آهن ته سندن حوصلا ۽ همٿون ڪنهن وڏي پبليڪ هاءِ اسڪول جي شاگرد کان گهٽ نه هوندیون آهن. انهن سان گڏوگڏ سائين غلام محمد جماڻي ۽ سائين محمد عثمان سمون جن جو تعليم کي وڌائڻ ۾ تعليمي ڪردار سڄي ٺٽه ضلع ۾ نروار آهي. پاڻ ٻئي هن وقت تعليم جي شعبي ۾ آفيسر آهن، انهن سيني سان گڏوگڏ سائين ارباب غلام مصطفيٰ ميمڻ ۽ سائين غلام قادر ميمڻ جي پڙهائي ۽ پنهنجائپ کي ڪوبہ شاگرد وساري نٿو سگهي.

آئون جڏهن پهرين ڪلاس ۾ وڃي وينس، تڏهن پهرين پهرين جيڪو شاگرد مون سان گڏ ويٺو هو تنهن سان منهنجي پهرين ڪابہ واقفيت ڪانہ هئي. پاڻ صاف ستڙو ۽ بااعتماد هو جو آئون ڪيس ڏسڻ سان ڏاڍو متاثر ٿيس. دل ئي دل ۾ سوچيم آئون به هن جهڙو شاگرد ٿيندس. سندس پهرين ڏينهن ئي اهڙو رويو هو جو منهنجي دل اندر گهر ڪري ويو. اسان ٻئي هڪڙي جمار جا هئاسين. سندس نالو محمد صالح عمراڻي هو. هو پڙهائي ۾ بہ ڏاڍو محنتي ۽ هوشيار هو.

مون کي پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ جي شهيد ٿيڻ ڪري، ذهن تي جيڪا مايوسي ۽ ڊپ هو. جنهن ڪري آئون خاموش رهندو هوس. انهيءَ ۾ منهنجي زندگي جو اهو پهريون سهارو هو جنهن مون کي همٿ ۽ حوصلو ڏنو. پيار ۽ محبت ڏني. پڙهڻ ۾ محنت ڪرڻ سيکاري. زندگي ۾ اڄ مون ۾ جيڪي بہ چڱا پاسا آهن. آئون سمجهان ٿو ته انهيءَ وقت جي محمد صالح منهنجو پرجهلو نہ ٿئي ها ته شايد

اڄ آئون هڪڙو جاهل وڏيرو هجان ها. مون ۾ سي سڀ خرابيون هجن ها جيڪي هڪڙي دادلي سيد جي ٻار ۾ هونديون آهن. پر محمد صالح عمراڻي جي سنگت، پائپي ۾ تبديل ٿي ويئي. آئون سندس گهر جو پاتي هوس. اسان ٻنهي کي ڏسي هر هڪ اها خواهش ڪندو هو ته اهڙا نيڪ، محنتي ۽ هوشيار چوڪرا اسان جا ٻه هجن. هنن جهڙو پيار ۽ محبت شل اسان جي اولاد ۾ هجي. اسان ڏڙي کان حيدرآباد مٿرڪ گڏ ڏني، زندگي جا 15 سال گڏ رهياسين. ايتري قدر جو جڏهن شادي مرادي ۾ آئون عمراڻين ۾ ويندو هوس ته مون کي سندن مائٽ ٻه عمراڻي سمجهندا هئا. پر جي محمد صالح مون سان گڏ منهنجي عزيزن ۾ هلندو هو ته هن کي سيد سمجهندا هئا.

نور محمد هاءِ اسڪول ۾ سائين بالادي محمد صالح کي صالح شاهه ڪري سڏيندو هو. محمد صالح جا ٻائر سوٽ ۽ عزيز ننڍا وڏا مون کي ايتري عزت ڏيندا هئا يا ايجان ڏيندا آهن. جهڙي محمد صالح جي ڪندا هئا. محمد صالح هڪڙو مسڪين گهراڻي جو فرد هو جنهن ڪري هو وڏيڪ پڙهي نه سگهيو. مٿرڪ پاس ڪري ايريگيشن ۾ ڪلارڪي ڪرڻ لڳو. سندس خواهش هئي ته ٻني مان سندس عزيزن مان شادي ٿئي پر اها ٿي نه سگهي. اتفاق سان ڪيس گڙدن جي تڪليف ٿي جنهن ۾ سندس ٻئي گڙدا ختم ٿي ويا جنهن مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. آئون وري ٻه ٻاڻ کي ٻي سهارو سمجهڻ لڳس. منهنجون همٿون ۽ حوصلا وري ٻه ڪمزور ٿي ويا.

مرحوم محمد صالح جي عزيزن وٽ ڪجهه نه رهيو. مرحوم صالح جا سيئي مائٽ مون کي ڏسي سڪون لاهيندا آهن. آئون سندس عزيزن ماءُ، پيءُ، پينرن ۽ پائرن کي ٻيو ڪو ٻه سهارو ڏيئي نه سگهيس پر اهو ڪيم جو اڄ تائين هر عيد جي صبح جو سج ايرندي شرط ڏڙي ويندو آهيان. پهرين ڪين منهن ڏيکاري سندن عيد ڪائي پوءِ وڃي ڳوٺ نماز پڙهندو آهيان. مرحوم محمد صالح جو والد صاحب چاچا ڪمون عمراڻي منهنجو اڄ تائين هر عيد تي اهڙو انتظار ڪندو آهي. جهڙو پنهنجي پٽ جو ڪجي. سندس چوڻ آهي ته ابا جڏهن توکي ڏسندا آهيون ته هي گهڙيون محمد صالح کي تنهنجي روپ ۾ ڏسي آڏت ايندي آهي. انهيءَ ڪري آئون جيئن ٿي عيد جي صبح وٽن ويندو آهيان ته منهنجي حيثيت مرحوم صالح جي گهر ۽ سندس خاندان ۾ هڪڙو وڏي جي برابر هوندي آهي. جيڪو ٻه ڪاج ڪن ته مون کان صلاح مصلحت باقائدگي سان ونندا آهن. آئون جڏهن سجاول ويجان ته اتي احمد عمراڻي جي گهر ضرور ويندو آهيان چو جو سندس گهر

ماٽڪ چوٽو جن جو

ڀر محمد صالح جي پيٽ آهي جا مون کي صالح جيتري عزت ڏيندي آهي. اڄ به جيئن پيٽ پنهنجي پاڻ کي ياد ڪندي آهي ۽ پنهنجي پاڻ جو انتظار ڪندي آهي. سندس گهر وارو احمد ته اسان جو يار آهي. سندس اولاد مون کي ماما سائين چوندا آهن. احمد يا ادي اڄ به سندن اولاد جي دانهن مون کي ڏيندا آهن ته پلي توهان جو مامو عالم شاهه اچي ته توهان کي ٺيڪ ڪرائيندس.

انهيءَ کانسواءِ مرحوم محمد صالح جو چاچو چاچا عارب ۽ سندس اولاد ڊاڪٽر لياقت، عبدالقيوم ۽ ٻيا به مون کي پنهنجو سمجهندا آهن. ايتري قدر جو سندن اها پنهنجائپ ڏسي سندن ٻيا عزيز جن ۾ خاص ڪري محمد يعقوب عمراڻي جو باصلاحيت همٿ وارو آهي سياسي سمجهه به رکي ٿو اهو به جڏهن سياسي ڳالهه نڪرندي آهي ته پاڻ پلي ڪنهن سان به سياسي طرح گڏ هجي پر منهنجي ڳالهه ڪندو آهي ته سائين عالم شاهه کان ٻاهر نه ويندس. عالم شاهه جو خيال ڪرٽو آهي.

منهنجو اولاد جڏهن به مرحوم محمد صالح جي عزيزن مان ڪنهن جي به گهر ويندو آهي ته هوائين کو نه سمجهندا آهن ته ڪو ڏارين ۾ آيا آهيون.

مرحوم صالح ۽ مون پنهنجي زندگي ۾ چانهه ۽ پان کائڻ کانسواءَ ٻيو ڪو به نشو نه ڪيو آهي. هڪڙي ڏينهن مرحوم صالح چيو ته اچو ته پنهنجو پاڻ کي درست ڪرڻ جي مهم هلايون. مون چيو ته بلڪل ٺيڪ آهي. پاڻ چيائين ته پاڻ پان کائڻ ڇڏيون. ڇاڪاڻ جو انسان کي ڪنهن به عادت جو محتاج نه هڻڻ گهرجي، عادتون انسان جون محتاج هڻڻ گهرجن. ڇاڪاڻ جو ڪنهن ڏکئي وقت ۾ ڪابه عادت کو به نشو ڪنهن ماڻهو مٿان حاوي هوندو ته اهو ماڻهو عادت يا نشي جو شڪار ٿي ويندو. زندگي ۾ ڪڏهن ڪنهن اڻيان مجبور نه ٿجي پر اهو نشو يا اها عادت ڪڏهن به ڪيس مجبور ۽ محتاج ڪري سگهي ٿي. انهيءَ ڪري اڄ کان پوءِ پاڻ عهد ڏا ڪريون ته پان کونه کائينداسين انهيءَ ڏينهن کان پوءِ اسان پان نه کاڏو. اڄ به جڏهن کو دوست مون کي پان کائڻ جي صلاح هڻندو آهي ته مون کي محمد صالح جو واعدو ياد ايندو آهي ۽ انهيءَ واعدي ياد ايندي مرحوم محمد صالح ياد ايندو آهي. جنهن جي ياد ڪرڻ سان سندس سيپ چگايون مون کي هڪ هڪ ڪري ياد ايندين آهن.

پرائمري اسڪول درڙي سان گڏ ٿي درجا انگريزي جا هلندا هئا. جنهن جو انهيءَ وقت استاد سائين علي بخش هو جنهن جو رعب ۽ دٻدٻو ايترو هوندو هو جو هن جي ڪڏهن اڻيان پيو هلبو هو ته هر انگريزي جو شاگرد ته ٺهيو پر پرائمري شاگرد به اهو چئي هٿي ويندو هو ته سائين انگريز پيو اچي. سائين علي بخش

ماڻڪ چوٽو جن جو

جڏهن فٽ بال کي ڏڪ هڻندو راند جي گرائونڊ تي ويندو هو تہ سندس ڏڪ سان فٽ بال هوائن سان راندين کندي مٿان کان هيٺ ڪرندو هو تڏهن اسان کيس حسرت سان ڏسندا هئاسين تہ اسان بہ انگريزي پڙهي ائين بال مٿي آسمان ڏانهن ڏڪ هڻي موڪليندا سين.

اسان انگريزي ۾ داخلا ورتي تہ اهي تي ڪلاس ختم تي ويا. انهيءَ جڳهہ تي ڏڙو شهر ۾ مڊل اسڪول قائم ٿيو جنهن جو پهريون هيڊ ماستر سائين ارباب غلام مصطفيٰ تي آيو. انگريزي استادن ۾ سائين ظفر ۽ ساڻي غلام قادر ميمڻ بہ هئا. انگريزي اسڪول پهرين جماڻي پاڙي ۾ چاچا عبدالله ميمڻ جي جڳهہ ۾ هلندو هو. پوءِ محمد صالح ماڇي حجام جي پاڙي ۾ مسواڙ تي هلندو هو جتان پوءِ سرڪاري بلڊنگ ٺهي.

انگريزي اسڪول ۾ پڙهندي، آئون ننڍين ڳوٺ ڏڙي شهر جي پاڙي ۾ عيساڻي ميمڻ وٽ رهندو هوس. چاڪاڻ جو منهنجي پيٽ عصمت بيبي جيڪا اربابن جي گهر قرآن شريف، امان استاد بصران وٽ پڙهندي هئي، اتي سڄو ڏينهن رهندي هئي. آئون بہ پڙهي ٻنپهرن جو اتي ويندو هيس، مرحوم عبدالله حڪيم ۽ بابا سائين جن جا پاڻ ۾ گهرو تعلقات هئا. مرحوم عبدالله حڪيم جي مآئون ۽ امان آمي جنهن کي سڄو ڳوٺ جيجي ڪري سڏيندو هو گهر جا سڀ ياتي بہ کيس جيجي چوندا هئا. جيجي مون کي ڏاڏو پائيندي هئي، گهر ۾ مرحوم عبدالله حڪيم جا ڇوڪرا جن مان محمد يوسف جيڪو مون جيترو هو. حڪيم انور ماستر سومار مون کان ٿورا ننڍا هئا. باقي حڪيم غلام مصطفيٰ ۽ ڊاڪٽر عزيز ۽ ٻيا ننڍا هئا. ڏڙي ۾ سمجهيو هو تہ اسان جو گهر اهو آهي مون پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن بہ نہ سمجهبو تہ ڪو آئون ڪنهن ٻئي جي گهر ۾ آهيان. جيجيءَ امان آمي وٽ آئون ۽ انور ٻئي ڇڪا ۽ ڇئي ڪار هئاسين. انهيءَ ڪري گهر جي سيني ٻارن کان وڌيڪ اسان جي ڇوڙ سان ماڻي ٻوڙ رڌبي هئي. اسان جو هر راز رکيو ويندو هو. گهر اوڙي پاڙي جا ننڍا وڏا اسان جو خيال رکندا هئا. مرحوم عبدالله حڪيم ۽ سندس نائي جيڪو سندس پرجهلو بہ هو ساڻس گڏ حڪمت جي دوکان تي ڪم ڪندو هو. اهي بہ اسان کي تمام گهڻو پائيندا هئا. چاڪاڻ جو اسان اسڪول جي ڪم سان گڏوگڏ گهرو ڪم ڪار ۾ هٿ پرائي ڪندا هئاسين. جنهن ڏينهن موڪل هوندي هئي. انهيءَ ڏينهن جيجي اسان سيني ٻارن کي پاڻ سان گڏ محمود واهہ جيڪو شهر جي پاسي ۾ وهي تو انهيءَ تي وڻي ويندي هئي. پاڻ ڪپڙا ڌوئيندي هئي اسان جهولڻيون وجهي ڍڳ مڇين جا مريندا هئاسين. جن

ماڻڪ چوڻو جن جو

ڀر ڦاهوٽا، ڪڇيڙ ۽ پوپريون خاص ڪري هوندیون هیون. واپس اچڻ تي امان جیجي ترينديءِ هئي ۽ اسين سڀ گهر جا پاتي ڪائيندا هئاسين. امان جيجي جون گهر ۾ گيهه جون برنيون ۽ سانڌاڻن جون برنيون پريل هوندیون هیون جيڪي به مون ۽ انور لاءِ هوندیون هیون، پاسي ۾ ميانجي خير محمد ۽ ميان جي نورو هوندا هئا. ماسي زيني جا منهنجي مڙئون جي پيڙ هئي اها به اسان کي پنهنجي اولاد وانگر پائيندي هئي. ٻيو گهر ماما صالح ميمڻ جن جو آهي ماما صالح سائيڪلن جو ڏنڏو ڪندو هو. ڪيس اڄ به سڄو شهر ماما چوندو آهي. ماما صالح جون پينرون خاص ڪري ادي بچان جڏهن به موڪل هوندي هئي تہ رات جو اسان سيني ٻارن کي بادشاهن جون آکاڻيون ٻڌائيندي هئي. سندس آکاڻي ٻڌائڻ جو اهڙو انداز هوندو هو جو ماڻهن ائين سمجهندو هو تہ اسان انهن بادشاهن ۽ راڻين سان گڏ آهيون. سندس ٻڌايل راڪاس جانور جي آکاڻي جنهن ۾ ڊپ ۽ خوف به هو تہ ٻهادرين، همٿن ۽ حوصلن جا درياهه به هئا. آکاڻي ٻڌڻ سان ٻڌڻ وارن ۾ انهيءَ بادشاهه جي فتح ٿيڻ جي خوشي ٿيندي هئي.

امان جيجي زالن ۾ زال هئي، پر جڏهن مرحوم عبدالله حڪيم گذاري ويو. محترم بابا سائين گذاري ويو ۽ مٽس ڏکيا ڏينهن اچي ويا. ٻار سڀ ننڍا هئا. تڏهن مردن جهڙو مرد ٿي سيني مسئلن کي اهڙو منهن ڏنائين جو سندس ناهيءَ مردانگي تي پويان به ستڙي ويا.

بابا سائين جي گذارڻ وقت مون کي ڪوڙي ۾ ڪري اچي گهر ويني، مجال آهي جو مون کي مايوس ٿيڻ ڏي. هر وقت حوصلن ۽ همٿن ڏيڻ سان گڏوگڏ پيار ۽ پنهنجائپ سان مون کي مڙسي جون راهون ڏيکاريون جيئڻ جا ڍنگ سيکاريا.

انگريزي اسڪول ۾ پڙهندي اسان جي دوستي جمن عرف بادام ميمڻ سان ٿي. هي غريب هو جنهن ڪري پڙهي ڪو نہ سگهيو. ويچي سندس مامي سان گڏ دوڪان ۾ ويٺو. پاڻ محنتي ۽ سڄار هو. جنهن ڪري اهو دوڪان تمام گهٽو وڌيو. اڳتي هلي جمن کي پنهنجي مامي گهر مان ڪڍيو ڇڏيو. هي اڪيلو بي سهارو ٿي دل هاري ويٺو. اسان کيس همٿ ڏياري درٻي شهر ۾ اهڙو ساڳيو دوڪان ڪيرايوسين، جنهن ۾ هن کي هڪ ڍڳي وڪڻي پئسا ڏنا. هن جو حيدرآباد اندر ڪاروهنوار هو. جنهن ڪري هن جو اهو دوڪان ناڪام ٿيو. پوءِ سندس پيڙ جي شاهه ڪريم ۾ شادي هئڻ ڪري پاڻ به شاهه ڪريم لڏي ويو. جتي به هن پورهيو ڪري سندس پيٽوئي جي ڪاروبار کي وڌايو. پر جڏهن ڪاروبار وڌيو تہ سندس پيڙ ۽ پيٽوئي به هٿ ڪڍيو. هن تي وري به بحران آيو. هن کي پير حيدر سائين کان مدد وٺي ڏني. جنهن ڪري هي وري به پيرن تي بيهجي ويو. هن درويش تي گهڻا لاها چاڙهيا آيا آهن. هن سان پائرن وارا

لاڳاپا آهن. اڄ بہ سندس اولاد توڙي گهر جي فيصلن کي آڻون نبيريندو آهيان. هو اڄ بہ اهڙو وفادار ۽ سچو آهي جهڙو پهرين هو.

ڏڻي ۾ مڊل اسڪول هئڻ ڪري فقط چار درجا انگريزي جا پڙهي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ حيدرآباد وياسين. جتي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي. مرحوم محمد صالح عمراڻي ۽ آڻون پائي خان جي چاڑهي تي ماما شاهہ محمد شاهہ وٽ رهياسين. محمد صالح نور محمد اسڪول جي هاسٽل ۾ وڃي رهيو. آڻون ماما جن وٽ ئي رهيس، پائي خان جي چاڑهي تي فقط اسان جو هڪڙو گهر سنڌين جو هو. هڪ ٻيا بہ گهر سنڌين جا هئا پر ٻين گهٽين ۾ اسان جي گهٽي ۾ مهاجر ڪائياواڙي ۽ پنجابين جا گهر هئا. پاڙي وارن جو اسان سان گهرو اچڻ وڃڻ جو رشتو هو. عورتون امان حليمان ببي (منهنجي مامي آهي مون کي سانڍيو اتس) جون معتقد هيون. سچو ڏينهن ڏاڪي ڦيٽي ۽ گهرو ڪمن لاءِ پيون ايندیون هيون. باقي ننڍا ڏينهن جا ڏينهن اسان سان راندين روندين ۾ گڏ هوندا هئا. اسان ڪڏهن بہ ائين نہ سمجهيو تہ ڪو هيءَ پنهنجائپ نفرت ۾ تبديل ٿيندي ۽ هي اسان جي سرن جا ويري ٿيندا يا اسان کي پنهنجا اباڻا پاڻ ڇڏي در در جو نوڪرون ڪائيون پوندیون. جڏهن اسان جو الله تعالي ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ سهارو نہ هوندو. ماما جن جي جڳهہ چون ٿا تہ جڏهن فقط حيدرآباد جو قلعو هو. شاهي بازار بہ ڪانہ ٻهي هئي. تڏهن نانا ڪرم علي شاهہ جن جا وڏا انهيءَ جڳهہ تي ويڙل هئا. سندن ٿي اجازت سان سندن پرسان شاهي بازار ۽ ٻيا گهر ٻهيا. نہ تہ اهو قلعي جي پرسان سپ ميدان سندن ملڪيت هئي. ڪنهن ٿي ڇيو تہ هن جي اجازت سان سندن ميدانن تي بازارون ٻهيون پاڻ سڃي علاقتي جا وارث هئا. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وقت ۾ بہ هنن جا وڏا اتي ئي ويڙل هئا. اڄ انهن جي اولاد کي پنهنجن پڊن تان تہ لوڏيو ويو آهي، پر کين ڪٽي بہ ڪا ٽڪري ويهڻ لاءِ نٿي ملي.

آڻون 1952ع ۾ جڏهن پائي خان جي چاڑهي تي وڃي رهيو هوس تڏهن منهنجو مامو شاهہ محمد شاهہ غريب هو. سندس ڪائين جو گدام هو جتي پاڻ پنهنجي هٿن سان پورهيو ڪندو هو. آڻون بہ اسڪول جي پڙهائي کان پوءِ سندس هٿ پرائي ڪرائيندو هوس. مون کي ياد آهي تہ ڏڪي گاڏين تي جڏهن ٻارڻ جون ڪائيون اڇي لهنديون هيون، تڏهن آڻون ماما سان گڏ اهي سپ ڪائيون ڪُلهن تي ڪٽي اندر گدام ۾ رکرائيندو هوس. هن ڪائيون توري ڏيندو هوس. هڪ دفعي ماما پنهنجي ڪنهن عزيز کي پئسا ڏنا تہ سستيون ڪائيون ٻاهران وٺي ڏي. هن اهي پئسا ائين کپائي ڇڏيا. اسان جو گدام ڪتي ويو. جنهن ڪري ماما وڏي گهوڙي

ماڻڪ چوٽو جن جو

گاڏي جنهن کي بگي ۽ چوندا هئا سا ورتي. آئون ساٽس انهيءَ گهوڙي گاڏي تي چڙهي هلائڻ سکيس. ڪڏهن ڪڏهن ماما جي غيرحاضريءَ ۾ آئون اها گهوڙي گاڏي ۽ هلائيندو هوس. سندن غربت ۾ ساٽن پورهيو ڪندي مون کي ڪڏهن ۽ اهو خيال نه آيو ته ڪو آئون زميندار گهراٽي جو آهيان. هي چا ٿو ڪريان نه ڪڏهن ماما جن مون کي زور پريو ته ڪو هروپرو پورهيو ڪريان. منهنجي پڙهائي لاءِ ته ماما ۽ امان جن جيڪي ڪوششون ورتيون اهي شايد سڳا مآئون پيءُ ۽ نه ونن. مون کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنائون. ايتري قدر جو اسان جي گهر جيڪا مائي پچندي هئي ته امان کين چوندي هئي ته هي منهنجو پٽيئي جو پٽ آهي منهنجا پائر ۽ پيءُ اڄ ۽ مجال آهي جو منهنجي ڳالهه کان ٻاهر ويجن. مون ڏٺو آهي ته جيڪو پيار ۽ پنهنجائپ غربت ۾ آهي ته جيڪا عزت مسڪيني ۾ آهي اها ٻئي ڪٿي ۽ نه آهي.

پاڙي ۾ منهنجي دوستي غلامون مهاجر جيڪو هن وقت ڪنهن ٻئنڪ ۾ تمام وڏو آفيسر آهي. ٻيو دلو پنجابي جيڪو ۽ حيدرآباد اندر ڪٿي ڪلارڪ آهي. ٽيون عزيز ڪائياواڙي ڏنڏي وارو آهي. منهنجا تمام گهاٽا يار هئا. اسان جي پاڙي واري مسجد ۾ گڏجي پنج وقت جي نماز پڙهندا هئاسين. مسجد اندر ٽيندڙ هر پروگرام ۾ جماعتين سان گڏ هوندا هئاسين. رمضان شريف جو سڄو رمضان پائي خان جي چاڙهي کان ونڊي مارڪيٽ تائين شاهي بازار جي ٻنهين طرفن روزي لاءِ دروازن تي ٽڪ ٽڪ ڪري اٽارينديا هئاسين. محرم جا ڏهه ئي ڏينهن جيڪي ۽ جلوس نڪرندا هئا. انهن سان گڏ اسان ضرور هوندا هئاسين. پاڙي اندر جڏهن ۽ ڪو قوالن جو پروگرام ٽيندو هو ته انهن قوالن جي پروگرام جي سربراهي ۾ ۽ اسان ضرور هوندا هئاسين. انهن سرگرمين جي ڪري پاڙي جا سڀ ننڍا وڏا عورتون ۽ مرد اسان جي عزت ڪندا هئا.

نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي شهري شاگردن جهڙوڪ اشرف قريشي جنهن جو گهر راحت سنيما وٽ هو خان محمد پنهور جنهن جو گهر سول اسپتال پرسان هو ۽ پيا ۽ ڪيترا سنڌي دوست هئا. جي اسڪول کان موٽندي گڏجي ايندا هئا. شام جو سرفراز ڪالوني پرسان ڪرڪيٽ راند ٽيندي هئي. موڪل جي ڏينهن حيدرآباد جي آسپاس گهمڻ ويندا هئاسين. هن وقت اشرف قريشي گورنمنٽ سائنس ڪاليج ۾ پروفيسر آهي. خان محمد پنهور ميرپور ساڪرو ۾ ڪنهن نوڪري ۾ آهي. دعائون سلام موڪلينڈو رهندو آهيان. باقي اشرف سان ملاقات ٿي ويندي آهي.

سڄي دڙي جي سنگت جنهن ۾ مرحوم محمد صالح عمراٽي، الهڏنو

ماڻڪ چوٽو جن جو

ڪوٽائي، عمر سومرو محمد صالح ميمڻ جيڪو هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ پرفيسر آهي. ڊاڪٽر محمد حسن ميمڻ جيڪو هن وقت ٻارن جو اسپيشلسٽ آهي حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ ٻارن جي شعبي ۾ آهي. مرحوم نعيم الدين ميمڻ، مرحوم هدايت الله شاهه ۽ ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ ۽ ٻيا ٻه ڪيترا يار خاص ڪري اشرف پنهور، محمد يوسف ڳلهڙو هاسٽل ۾ رهندا هئا. آڻون ٻه سال هاسٽل ۾ رهيس. اسان جي ڪمري ۾ مرحوم صالح عمراڻي، اشرف پنهور ۽ آڻون رهندا هئاسين. محمد اشرف جو ڳوٺ هوسڙي جي پرسان آهي. پاڻ تر جو سنو زميندار آهي اسان جا قافلا مهيني ۾ هڪ دفعو سندس ڳوٺ ضرور ويندا هئا. سندس پاءُ اڪبر پنهور ۽ ڊاڪٽر يوسف پنهور هن وقت ايگريڪلچر يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي. ڪيس اهي يادون اڄ ٻه ياد آهن. محمد اشرف پنهور تي جڏهن ڏکيو وقت آيو هو پنهنجا سندس سر جا ويري بيٺا هئا. آڻون ٻه پڙهائي ڇڏي ڏڙي وڃي ويٺو هوس، تڏهن پاڻ مون کي پنهنجو سمجهي پنهنجا ٻچا وٺي پنهنجي پاءُ ڀيٽ سميت پنهنجي گهر تر ڇڏي ٻنيون ٻارا ڇڏي اچي ڏڙي ويٺو هو. پوءِ ته پٽيان سندس چڱن مڙن جي چوڻ تي کين عزت ڏئي ڳوٺ ته ويو پر ساڻس گهرو جهيڙو سالن جا سال هليو. جنهن جهيڙي ۾ هلندي ڪيسن ڏڏن کي منهن ڏيندي ٻئي ڏريون تباهه ٿي ويون. زمينون وڪجي ويون. ڳوٺ ڇڏي ويو. هڪ طرف سنڌي ماڻهن کي پنهنجن شهرن مان تڙيو پيو وڃي. شهر دهشتگردن جي حوالي ڪيا ويا آهن. ٻهراڙيون ڏاڙيلن حوالي ڪيون ويون آهن. ڪنهن ماڻهو کي ڪابه ضمانت نه آهي ته شاگرد اسڪول يونيورسٽي ۾ سلامت به آهي يا نه آبادگار ۽ هاري پنهنجي ٻني ۾ سلامتي سان پورهيو ڪري سگهي ٿو يا نه؟ واپاري هڪڙي شهر کان ٻئي شهر تائين سلامت اچي وڃي سگهي ٿو يا نه؟ نوڪرين وارن جون نوڪريون به سلامت آهن يا نه؟ ته هر هڪ سنڌي شهر ۾ هجي يا ٻهرارين ۾ هجي. ڪيس اها پڪ ڪانه آهي ته آڻون پنهنجي گهر ويني دهشتگردن، ڏاڙيلن ۽ ڏاڙيلن جي آڙ ۾ رينجرس پوليس کان بچي به سگهان ٿو يا نه؟

ٽئي طرف اسان جا چوندڙ نمائندا ڏارين جي دلالين ڪندي پنهنجون ڪرسيون بچائيندي اکيون پورينديو خبر نه آهي ته سڄي قوم کي ڪهڙي اوڙاهه ۾ پيا اڇلائين. پڙهيل ڳڙهيل ڇگا مٺا ماڻهو ايڏا تائين پنهنجي خسيس مفادن خاطر پنهنجي پراڻين ريتن رسمن جو ڪاڄ ٿيو وڃن. اهو ڪو نه ٿا سوچين ته هي ڪنهن جي بازار ٻئي لٽجي. هي ڪنهن جي پيرن هيٺان زمين ٻئي وڃي. جي اها حالت رهي، اسان سنڌ دشمن سازشن جو شڪار ٿيندا رهنداسين. اسان هڪ ٻئي جي

ماٽڪ چوٽو جن جو

جنڊن ۾ هٽ وڃي سالن جا سال پنهنجو پاڙ ۾ وڃي پنهنجو پاڙ کي تباهه ڪري ڇڏيو ته پوءِ اسان جي ايندڙ نسلن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ اسان سنڊين ۾ ٻڌي ڪير ڪرائيندو؟ اها سڃي ڀالهه اسان کي ڪڏهن سمجهه ۾ ايندي جو اسان پنهنجو پاڙ کي هن اوڙاهه مان ڪيڏاسين؟ نور محمد هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ رهندي هڪ ڏينهن ڪنهن شاگرد جي چوري ٿي وئي. سيني کان پڇا ڳاڇا ٿي نيٺ خبر ڪانه پئي پوءِ فيصلو ٿيو ته ڪري تي صلوات سڳوري پڙهائي نالا ڪيڊجن اتي خبر پئي ته حسن ميمڻ اهي نالا ڪيڊي سگهي ٿو. صبح جو فجر جي نماز پڙهي چوڪرا مسجد اندر گڏ ٿيا ٽڪر جو ڪورو ڪرو هٽ ڪري، انهيءَ کي ڊاڪٽر حسن هڪڙي پاسي کان آڳر ڏئي جهليو ٻئي پاسي کان مون جهليو. هاڻ ڊاڪٽر حسن پڙهندو نالا وجهندي ويو. جڏهن چور جو نالو ڪري ۾ وڌائين ته ڪرو ڦرڙ لڳو چور پڌرو ٿي پيو.

هڪ دفعي مسلم هاسٽل جنهن ۾ اسان رهندا هئاسين. انهيءَ ۾ فلمي فنڪارن جو شو رکيل هو. جنهن جي ٽڪيٽ سڄي شهر ۾ وڪاميل هئي. فلمي فنڪارن جن ۾ رنگيلو شبانه ۽ فنڪار آيل هئا. ڪنهن کي به فنڪارن ڏانهن وڃڻ جي اجازت نه هئي، اسان ٻڌي چوڪرا گڏجي اٽڪل سٽڪل ڪري جتي ريهرسل پئي هلي اتي اندر وياسين، اسان کين ٻڌايو ته اسين فلم ناهڻ ٿا چاهيون. اسان کي صلاح جي ضرورت آهي، اسين به ڏسڻ وائسڻ ۾ چڱا موچارا پي لڳاسين هو به اعتبار ڪري ويا، پوءِ ته جيڪي به ٿي ڏينهن هئا. اوترا ڏينهن اسان به هنن سان ريهرسلون پئي ڪيون اسڪول ۾ سالياڻو راندیون ٿيون. مون لانگ جمپ ۾ حصو ورتو جنهن ۾ آڻون ٻئي نمبر تي آيس مون کي چاندي جو ٻلو انعام مليو.

هاسٽل ۾ رهندي هر قسم جي سوچ رکندڙ شاگردن سان واسطا پون ٿا ڪو ڏينهن اهڙو ڪو نه هو جو انهيءَ ڏينهن کا کل پوڳ نه ٿئي. انهيءَ کل پوڳ هلندي ڪڏهن واجبي ڪڏهن بي واجبي استادن جون مارون کاڏيونسين.

اسڪول ۾ هڪڙو استاد فارسي پڙهائيندو هو جيڪو هر شاگرد کي چوندو هو مائي پيالا انهيءَ ڪري سندس نالو به مائي پيالا پئجي ويو. ڪلاس هلندي چوڪرا فارسي گهٽ پڙهندا هئا. باقي لٽيون گهٽيون جهليندا هئا.

ٻيو استاد مولوي صاحب جنهن وٽ انگڙي واري لٺ هوندي هئي. هي عربي پڙهائيندو هو. مولوي صاحب ڏاڍو ضدي هوندو هو. جنهن به چوڪري تي ناراض ٿيندو هو ته پري کان لٺ جو انگڙو ڇڪي ۾ وجهي ڇڪي ونی اڇي بورڊ تي نڪ گسرائيندو هو پوءِ ڪيس پنهنجي ميز هيڻان ويهاري ڇڏيندو هو. انهيءَ ڪري ڪنهن شاگرد کان ويرِ ونڊو هوندو هو ته اٽڪل ڪري انهيءَ انگڙي جو شڪار

بنائيندو هو.انگريزي جو استاد انگريز جنهن جو نالو عائر صاحب هو. اهو ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي استاد هو. پڙهائي وقت تمام سنجيده هوندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ڪل مُک ۾ هوندو هو. هڪڙي ڏينهن ٻاهر ڪلاس هلندي ڏٺائين مود ٽي ويس شاگردن کي چيائين گڏهه وٺي اچو. ڇوڪرا گڏهه وٺي آيا ڪلاس اندر انهيءَ گڏهه تي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيائين. ڪلڙ جا ڪوڪريا، ٻيا استاد ۽ شاگرد پنهنجا ڪلاس ڇڏي اچي هي مزو ڏسڻ لڳا. هن گڏهن جي بناوٽ کان وٺي گڏهه جي ڪم ۽ گڏهه جي تونتين تي انگريزي ۾ سمجهايو ۽ ڪلايو.

سائين غلام حسين بالادي تمام سينئر استاد هو انهيءَ وقت سڄي نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل سڄي سنڌ جو نچوڙ هئي. سڄي سنڌ انهن جڳهن تي گڏ هئي ائين پي لڳو ته هي سنڌ جو مرڪز آهي جتان اسان تعليم حاصل ڪري سنڌ جي چپي چپي ۾ وڃي هڪڙي قوت ٽيندا سين. اسان سمجهيو ٽي ته اڄ جيتري سنڌين جي ٻڌي آهي، ڪا طاقت توڙي نه سگهندي. پر ڪجهه وقت اندر اهو مرڪز ٽٽي پيو. ڪلهه جيڪو اسان جو مرڪز هو سو اڄ ڏارين جو مرڪز ٻڌجي ويو آهي. ڪالهه جتي سنڌي ٻولي ۾ ٿهڪڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا اتي اڄ سنڌي ماڻهن جا لاش خون ۾ ٻڏل. اها طاقت خبر نه آهي ڪيئن ختم ٽي ويئي آهي. اهي ڏينهن به ڏينهن هئا.

نور محمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪري ڏنڌو جام ۾ جتي انهيءَ وقت ايگريڪلچر ڪاليج هو جنهن ۾ داخلا ونڊ لاءِ وياسين مون سان گڏ پروفيسر رجب علي ميمڻ، علي محمد عطار ۽ چوڏري مڪرم ٿتي ضلعي ڪان آيل هئاسين. پروفيسر رجب علي ميمڻ جو والد صاحب مرحوم چاچا عبدالله زندهه دل هو. تنهن مون کي چيو ته "ابا مون کي رجب علي چيو آهي ته ڪاليج اندر نه ڳالهائج، هاڻ تون ٽي ٻڌاءِ ته منهنجي ڳالهائڻ سان چا ٿيندو." مون چيو ته "چاچا توهان فڪر نه ڪريو رجب تمام هوشيار آهي سنڌس داخلا ٽي ويندي" خير انترويو ٿيا اسان چار ٽي ٿتي ضلعي کان چونڊجي وياسين. مين هاسٽل ۾ به هڪڙي ڪمري ۾ رهياسين اسان کي ڊپ هو ته پهرين سال جي ڇوڪرن سان فرسٽ ايئر فول ٿا ملهائين. تنهن ۾ شاگردن سان کي تمام وڏيون تعديون ٿا ڪن ۽ مسخريون ٿا ڪن.

هاڻ اسان جو بچاءُ انهيءَ ۾ هو ته اسان جي ضلع ٿتي جا سينئر شاگرد جن ۾ سائين محب اصغر شاهه ۽ مرحوم الهڏنو.سمون جي سڃا ٿين ۽ اسان کي فرسٽ ايئر فول جي رات جو اڳواٽ ٻڌاين ته پڄي وجون. خير شام جو اسان کي خبر پئي ته رات جو اهو شو ٿيندو. اسان به سج لهندي پيرن تي زور رکيو رات اونڌاهي ٻيو ته برسات جي موسم هئي جنهن ڪري اونڌاهي رات ۾ ڪنوڙ جو

ماٽڪ چوٽو جن جو

جهٽڪو هيڪاري ڊيڄارڻ وارو هو علي محمد عطار (جيڪو هن وقت ايگريڪلچر ورڪشاپ ۾ انجنيئر آهي) تنهن صلاح ڏني ته هلون مسجد اندر مسجد ۾ نڪن اندر ويڙهجي سُتاسين پر گرمي سبب ننڊ نه پئي آئي ۽ ٻئي چرياسين پرياسين پئي. پريان هاسٽل اندر چوڪرن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. چوڌري مڪرم اوچتو ڊپ ۾ رڙ ڪئي ته پڇو اچي ويا. اسان پگهر ۾ شرم نڪن اندر ويڙهيل هئاسين سي به نڪن مان نڪري اٽي ميدان ۾ پڳاسين. برسات ۾ ڪرندا ويجي پڪي رستي تي چڙهياسين. پريان به ڪي پڳل چوڪرا جن ۾ محمد هاشم موريائي جو ٽنڊو جام يونيورسٽي ۾ استاد آهي اهو ۽ ٻيا به شاگرد هئا. پهرين ته هڪ ٻئي کان ڏناسين پر پوءِ دل جهلي هڪ ٻي کان خبررون ورتيوسين. سڄي رات ويهي گذاريسين. صبح جو هاسٽل تي خير ٿيو تڏهن ويجي سُک ويناسين.

آئون ڪاليج اندر ڏيڍ سال رهيس جتي غفار پيرزادو عبدالقيوم چاچڙ انور ميمڻ، واحد بخش دايو ڊاڪٽر عبدالقادر مغل صاحب ۽ ٻيا به ڪيترا دوست هئا، خبر نه آهي ته ڪيئن وقت گذري ويو.

ڪاليج ۾ پڙهندي ڊاڪٽر رجب علي صاحب سان دوستي ۽ هم آهنگي وڌي. مرحوم محمد صالح عمراٽي کان پوءِ هن سان دوستي يائرن جي رشتي ۾ تبديل ٿي وئي آئون ڪاليج ڇڏي ويس پر هي جڏهن به ڏڻي ايندو هو ته منهنجي خبر چار ضرور ونندو هو. آئون به ڪيس ڳولي اچي لهندو هوس. مون تي جڏهن ڏُکيرو وقت آيو بابا سائين گذاري ويو. تڏهن هن گهر مون سان ساٿ ڏنو. ڪڏهن به مون کي اڪيلو محسوس ٿيڻ نه ڏنائون. منهنجي هر ڏک سک ۾ مون سان گڏ هئا. آئون به ساٽن هر مهل ۾ گڏ هوس. شهر ۾ هي خاندان غريب هوا انهيءَ ڪري پيو ته مرحوم چاچا عبدالله هڪڙو سچو انسان هو انهيءَ ڪري ڪنهن جي به رک رکان کو نه ڪندو هو. هر ڪنهن کي سچ چئي چڏيندو هو. جنهن ڪري ٻيا ميمڻ پنهنجي انهيءَ ۾ بي عزتي سمجهندا هئا. سيئي هن جي واڌاري ۾ خوش نه هئا ته ڪوهي خاندان وڌي پر ڊاڪٽر رجب ۽ سندس وڏو ڀاءُ سائين غلام محمد به محنتي ۽ پورهيت انسان آهي. سندن ٻڌي ۽ تعليم ڏانهن خاص توجه ڏيڻ يائرن جو هڪ ٻئي کي پڙهائڻ ۽ ڏنڊي ڏاڙي سان لڳائڻ جي ڪري اڄ هي گهر تعليم يافته آهي. سندن ننڍا وڏا چوڪرا چوڪريون پڙهيل آهن ڪالهه جن هنن سان ڳالهائڻ پسند نٿي ڪيو اهي اڄ هنن سان گڏ آهن. شهر اندر سندن اٺڻي ويهڻي به سيني سان آهي.

مون کي ياد آهي ته هڪ ڏينهن درّي شهر اندر بازار وچ ۾ مختيارڪار بٽوري، جن زميندارن تي بقايائون هيون انهن جا نالا پڪاري ڪين پوليس جي حوالي پئي ڪيو. مرحوم چاچا عبدالله به هو اتي منهنجو نالو پڪاريو چاچا عبدالله

جڏهن منهنجو نالو ٻڌو ته انهيءَ ميڙ مان رڙ ڪري مختيارڪار ڏانهن وڌيو ۽ هڪل ڪري چيائينس ته وري اهو نالو نه پڪار. چيائين انهيءَ جا گهٽا وارث آهن ٻڌائي گهٽي ڏل آهي منهنجي ٻي ڏل پياريل هئي باقي جيڪا هئي سا پاڻ پياري رسيد ورتائين، مختيارڪار کي چيائين ته "آئنده عالم شاهه جي باري ۾ جيڪو ڪم هجي مون کي چئجانءِ"

ٻيو پيرو منهنجي شادي وقت پيو سيپ بندوبست ڪيل هو باقي ٻه ٽي سئو جي ضرورت هئي ته اهي کيسي ۾ پيا هجن، متان لائن مهل سالي وغيره کي ڏيڻا نه پون. سو مون منهنجي پاءُ سائين لالا شاهه کي چيو ته "پنج سو روپيه ڏي" لالا شاهه جواب ڏنو ته "مون وٽ ته ڪونه آهن" هي جواب ڏئي هليو ويو. پنيان مون نه ڏنو اوچتو مرحوم چاچا عبدالله هڪل ڪئي ته متان دل لاٿي اٿئي. جيسين منهنجي سِسي ۾ ساهه آهي تيسين کو به فڪر نه ڪر آئون ويٺو آهيان. عالم شاهه حڪم ڪر مون کي پنهنجن ٻچن کان به وڌيڪ آهين. پهرين تون پوءِ منهنجا ٻچا آهن. انهيءَ وقت هزار روپيا ڪيڙي ڏنائين. مقصد ته ڪا اهڙي گهڙي ڪانه هئي. جنهن تي مرحوم چاچا عبدالله يا سائين غلام محمد منهنجو ساٿ نه ڏنو هجي، سندن هر ڳالهه جيسين آئون نه هوندو هوس تيسين مرحوم چاچا عبدالله کو به فيصلو نه ڪندو هو. ايتري قدر جو سندس شادين مرادين ۾ به آئون اڳواڻ هوندو هوس.

آئون جيل کان ٻاهر آيس. محمد خان زمين ڇڏي ڇڪو هو سيٽ جمع سائين لالا شاهه جي لهرن جا لوڏا نه سهي اهو به زمين سنيالڻ ڇڏي ويو. منهنجو پيو کو به سهارو کو نه هو. تڏهن سائين غلام محمد ۽ ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ پنهنجي پاءُ امير احمد منهنجي حوالي ڪيو ته وڃي منهنجو ڪاروبار سنيالي. امير کي سندس والده صبح جو سويل اٺاري ٻني تي موڪليندي هئي، چوندي هئي ته ابا پاءُ عالم شاهه الله جي آسري تنهنجي آسري زمين ڪري ويو آهي تون اڄا ستو پيو آهين. اُٺ وڃ وڃي پاءُ جي ڪاروبار کي سنيالیو جو سيپ حيران هئا ته هي ايتري خيرخواهي پيو ڪري سو چو؟ جيڏي مهل ڏس ته ٻني تي ٻينو آهي هارين جو حساب ڪتاب به صاف پئسي جي حساب ڪتاب جهڙو ڇڻو رکيائين. جو اڄ به ڪنهن کي شڪايت نه آهي. اسان جي مهاڳي اندر واريون زمينون جي امير احمد نه هجي ها ته پيا راڄ ڪٽي وڃن ها، منهنجي هارين کي اهي زمينون ڪو نه ملن ها، هن مرحوم ارباب غلام دستگير سان ڪوششون ڪري جيئن مون کيس چيو ته ائين ڪيائين. پوءِ جڏهن سائين لالا شاهه ۽ منهنجي ننڍي پاءُ پرويز علي شاهه جن جو رويو بدليل ڏٺائين تڏهن کلي ڪڏي حساب ڪتاب ڪري

ماٽڪ چوٽو جن جو

موڪلياٽين، اڄ بہ منهنجي حجت مٽس اوتري آهي.

آٽون اڳي ٻڌائي چڪو آهيان تہ منهنجي ذاتي زندگي جي شروعات مرحوم محمد صالح عمراٽي جي ڪري ٿي ۽ منهنجي سياسي ۽ ذهني پختگي جي شروعات ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ جي ڪري ٿي.

هڪ پيري ڪالیج جا دوست ڳوٺ (ڏڙي) گهمڻ آيا جن ۾ علي محمد عطار محمد هاشم موريٰاٽي، چوڏري مڪرم ۽ ڊاڪٽر رجب علي هٽا. سنڊن شوق هو تہ گهوڙي سواري ڪجي مون بہ تر جا پلا گهوڙا گهرايا. ڏڙي شهر کان ڳوٺ علي مير شاهہ تائين همرائن کي گهوڙن تي چاڙهيو رستي ۾ همرائن گهوڙن جون واڳون ڪٽي ڇڏيون. گهوڙا تہ انهيءَ انتظار ۾ هٽا. اسان سمجهيو هو تہ همراهن سڀ گهوڙي سوار کان واقف آهن. سو تڏهن خبر پئي جڏهن همراهن گهوڙن جي تيز هلڻ وقت گهوڙن جي لغامن مان هٿ ڪڍي گهوڙن جي ڪنڌ جي هرن ۾ هٿ وڌا، تان جو علي محمد عطار کي گهوڙي وڃي ڪيرايو. آٽون بہ گهوڙي تي هوس. گهوڙو ڀڃائي همراهہ کي وڃي اٽاريم. گهوڙي تان جڏهن همراهہ ڪريو تہ گهوڙو بہ سندس پر ۾ بيهي رهيو خير ٿيو زخم وغيرهہ کو نہ ٿيو. پوءِ تہ هارين ٻين گهوڙن کي ڊوڙائي وڃي جهليو پوءِ تہ اڄ تائين بہ جڏهن علي محمد عطار ملندو آهي تہ سندس گهوڙي سواري جون خبرون ٿيندیون آهن. ڪالیج ۾ هڪ پيري ڊاڪٽر رجب ڳوٺ هليو آيو. مون ۽ انور ميمڻ (جيڪو گمبٽ جو ويٽل آهي هن وقت وڏو آفيسر آهي) جا پٽسا ختم ٿي وبا. ڪالیج جون ميسون بہ بند هيون. اسان وٽ ڳوٺ جو پاڙو بہ ڪو نہ هو. تڏهن اسان جو هڪڙي مسڪين دوست واحد بخش دايي وڃي ٽنڊو ڄام مل ۾ مزدوري ملي جتان هفتي جي هن کي جيڪا مزدوري ملي، ان مان اتي جو قرض بہ ڏنوسين ۽ پارو ڪري ڳوٺ پهتاسين.

ڪالیج ڇڏڻ کان پوءِ ويهہ سال پوءِ آٽون بہ اوچتو پنهنجي ٻارن سميت ڪيس ڳولي وڃي ميهڙ پهتس. هن غربت جي ڪري ڪالیج ڇڏي ڏنو هو هن وقت ڳوٺ ۾ درزي جو ڪم پئي ڪيائين. مون کي ويهن سالن کان پوءِ ڏسي اهڙو خوش ٿيو جو خوشي ۾ اکين مان پاڻي نہ جهليس.

پنڌرهن روزا "صبح ٿيندو" سيپٽمبر 1991

ڊائـــري (3)

سيد عالم شاهه

جيل اندر اهو فيصلو ڪيوسين تہ هر هڪ قيدي پنهنجي آتم ڪهاڻي ٻڌائي. جيئن اسان سيني هڪ ٻئي جي زندگي جي لاهين چاڙهين، ڏکن ۽ سُکن، خامين ۽ خوبين کان واقف ٿيون تہ ڪيئن هر هڪ ساڻي پنهنجي عملي زندگي گذاري ۽ پنهنجي ڏکن سکن کي ڪيئن منهن ڏنو. جيئن اسان سڀ سنڌن عملي زندگي ۾ ڪيل جدوجهد کان سکون ۽ پنهنجي عملي تجربي جي روشني ۾ سنڌن رهنمائي ڪريون. اهڙي طرح سيني ساڻين پنهنجي گذريل حياتي بابت هر ڪا ڪچي ڦڪي ڳالهہ ٻڌائي. جنهن ۾ ماسيون بہ هيون ۽ مڙسيون بہ هيون، بي وفايون بہ هيون ۽ وفاداريون بہ هيون، فتحن ۽ شڪستن بابت تفصيلي حال احوال بہ هئا. هر هڪ جي زندگي ۾ ڏاڍيون مزي واريون ڳالهيون بہ هيون تہ غمگين ڳالهيون بہ هيون، هر هڪ ساڻي جو پنهنجي زندگيءَ جو احوال ٻڌائڻ جو ڍنگ حقيقي ۽ اهڙو مزي وارو اختيار ڏي ڪيو جيڪي بہ ٻڌندڙ هئا. انهن ڄاڻين ڏي سمجهيو تہ سنڌس هر گهڙي ۾ ساٿس گڏ آهيون، جڏهن غمن جي ڳالهہ ڏي آئي تہ سڄو ماحول غمگين ڏي نظر آيو پر جڏهن خوشي جو ذڪر ڏي آيو تہ سڄو ماحول ٽهڪڙن جي وسڪارن ۾ تبديل ڏي پئي ويو. اهڙي نموني ڏينهن جا ڏينهن اک چنپ ۾ گذري ڏي ويا جو خبر نٿي پئي تہ ڪيئن گذري ويا. ڳالهہ هلندي ماني تيار هوندي هئي. سيني کي اهو ڪوبہ محسوس ٿيندو هو تہ ڪو بک بہ لڳي آهي. هاڻ ماني ڪٽي ڪائجي. جڏهن زندگي بابت ڪهاڻي جو ڪجهہ حصو ويجي ڪنهن منزل تي پهچندو هو پوءِ ويجي ٽڪر پور جي ڪندا هئاسين. ڳالهہ هلندي جيڪڏهن ڪنهن جي ملاقات ايندي هئي تہ انهيءَ جي دل ئي ڪانہ چوندي هئي تہ ڪو ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ويجي ملاقات ڪريان. هونئن تہ جيل اندر ملاقات هڪ وڏي نعمت هوندي آهي. نہ رڳو انهيءَ قيدي لاءِ جنهن جي ملاقات ايندي هئي پر انهن سيني قيدين لاءِ جيڪي ساٿس گڏ رهندا هئا. ڇاڪاڻ جو جيل اندر ٻاهريون حال احوال ملاقات جي رستي ملندو هو. آزاد دنيا جون خبرون تہ ملاقاتي ٻڌائيندا هئا. پر هي داستان اهڙا حقيقي ۽ وٽندڙ هئا جو سيني کي ملاقتون وسري ويندیون هيون. لاچار ڪو ملاقات تي ويندو هو تہ اوستائين رسيس جو وقفو ڪيو ويندو هو جيئن ڪو بہ ساڻي ڪنهن بہ ساڻي جي زندگي جي هڪڙي بہ پهلوءَ کان اڻواقف نہ رهجي وڃي.

انهيءَ ڪري آتم ڪهاڻي جو اهڙو حقيقي مزو ڏي آيو جو هر هڪ جي

ماڻڪ چوٽو جن جو

اها خواهش هئي ته ڪڏهن ٿو منهنجو وارو اچي ته مان پنهنجي ڳالهه شروع ڪريان چو جو جنهن جي آتر ڪهاڻي پوري ٿيندي هئي ته انهيءَ تي وري رهنمائي وارو اجلاس شروع ٿيندو هو. جنهن ۾ سيئي ٻڌندڙ ساڻي واري سا، جيڪو هن ٻڌو هو. تنهن بابت تفصيلي رهنمائي ڪندا هئا ته هن ساڻي تي جڏهن هي ڏکيو وقت آيو هو تڏهن ڪيس هينئين ڪرڻ گهربو هو جڏهن ڪيس خوشي جو موقعو مليو هو تڏهن انهيءَ خوشي کي اهڙي نموني استعمال ڪري ها ته ايجان وڌيڪ بهتر نتيجا نڪرن ها. هاڻ جڏهن هر ماڻهو جي زندگي تي رهندڙ شاگرد، هاري، مزدور ۽ هر طبقي سان واسطو رکندڙ دوست، جن ۾ رسول بخش پليجو صاحب جهڙي جبري شخصيت، جنهن جي پيٽ ۾ دنيا جي علمن جا درياءِ وهندڙ هجن، جن تي جي عمل ڪجي ته ڪو به ماڻهو ڏکيو نه رهي. جڏهن شهيد عوام فاضل راهو جهڙن بهادر ماڻهن جن جي زندگي جو هر پل ۽ هر گهڙي عوام لاءِ وقف هجي ۽ هن جو هر ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن جدوجهد ۾ ٻڌل هجي. جو پنهنجي مسڪين ماڻهن کي پنهنجي منزل ڏيکارينڊڙ هجي. اهڙي نموني شاه محمد شاهه، قمر راچپر، رحمت الله هيسباڻي، عنايت هيسباڻي، اسلم پروين شبير شاهه، جهڙا شاگرد اڳواڻ جن جي زندگي ۽ جوش ۽ جذبو هجي، جو جي عملي وٽي ته منزلون پري به ويجهيون ٿي سگهن ٿيون، انهيءَ طريقي سان گل محمد چانگ، اسماعيل مهيري، هوت خان پوو جن جي زندگي ۾ هيئين طبقي جي ڏکن سورن جي سرهاڻ هجي، ساڳي طريقي سان غلام قادر پليجو حسين بخش ناريجو، ادريس ميراڻي، محمد صديق راهو، غلام حسين پليجو منو مهيري ۽ عالم شاهه جهڙن مڊل ڪلاس ماڻهن جي زندگي اڳيان وڌڻ ۽ شڪستن کي فتحن ۾ تبديل ڪرڻ جون خواهشون هجن. ۽ هي سڀ انهيءَ ساڻي جي زندگي جي پنهنجي پنهنجي نظر سان ڏسي پوءِ رهنمائي ڪندا هئا. ۽ انهن جي ڏيل رهنمائي ٻڌڻ کان پوءِ هر هڪ ساڻي پنهنجو پاڻ ائين آئين ٿي سمجهيو ته اڄ کان پوءِ، مون کي نئين زندگي، نون ڳٽن، نون رستن ۽ نون راهن تي هلي گذارڻي آهي. هاڻ اسان جون منزلون ۽ مقصد به واضح ۽ صاف آهن. هاڻ پنهنجي خامين کي درست ڪرڻ ۽ خوبين کي اجاگر ڪرڻ جا ڍنگ ۽ طور طريقا به نوان ملي ويا آهن. هاڻ زندهه رهڻ جون خواهشون ۽ تصور نه نوان ملي ويا آهن. تڏهن هر هڪ انهيءَ اوسيئڙي ۾ هو ته ڪڏهن ٿو اهو اعزاز مون کي ملي ته آئون پنهنجي زندگي ۾ گهاريل هر گهڙي کي ساڻين اڳيان رکان، جيئن سيئي ساڻي منهنجي انهن گهڙين کي نئين سر گهڙڻ جي وات ڏسين. جن تي هلي آئون پنهنجي زندگي کي انسان ذات جي تاريخي وهڪري جو حصو بنايان ۽ نقش پنيان ڇڏيان. جيڪي قيامت تائين سچ ۽ حق وات ڏيکارينڊا رهن.

ماٹڪ چوڻو جن جو

اتي اهو به فيصلو ٿيو ته سيئي ساڻي پنهنجي آتم ڪهاڻي هن گڏيل بحث جي روشنيءَ ۾ لکي پوءِ ڪتابي صورت ۾ چپرائي انهيءَ فيصلي مطابق يوسف بلوچ جي پنهنجي زباني سچي پچي ڪهاڻي "جنم قيدي" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ چپي. جنهن جو مهاڳ اسان جي ڏاهي، مدبر استاد سائين محمد ابراهيم جوئي صاحب لکيو. جنهن جو انهيءَ ڪتاب جي باري ۾ چوڻ آهي ته اهڙي حقيقي عام قيدي جي پنهنجي ڪهاڻي جنهن پنهنجي زندگي جي سيني لاهين چاڙهين ۾ هن معاشري ۾ ڪيئن هڪڙي مسڪين ماڻهو سان بي انصافيون ظلم ٿين ٿيون ۽ ڪيئن هو هڪڙين غلط ريتن رسمن جو شڪار ٿي نئين جواني ۾ عمر قيد ڪاٽي ٿو اها ڳالهه نئين آهي. اهڙي نموني گل محمد چانگ جيڪو هڪڙو مسڪين پورهيت هاري آهي. سندس زندگي هن طبقاتي ڪشمڪش ۾ زخمي آهي. هن جي اندر ۾ خواهش ۽ تڙپ آهي ته هي پنهنجي زخمن جو علاج پاڻ ڪري. پوءِ جڏهن هن کي رسول بخش پليجو صاحب ۽ شهيد عوام محمد فاضل راهو جهڙي انسان دوست قوم پرست ۽ پورهيت سوچ رکندڙ اڳواڻن جي قيادت ملي ٿي ۽ انهيءَ قيادت جي اڳواڻي هيٺ هو هارين جي منظم قوت ٿي ايري ٿو ۽ پاڻ سان گڏجي. گڏيل طرح هن سماج جي نابرابري خلاف جدوجهد ڪري ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ بدين شهر جي وچ ۾ هڪ چوڪ تي هزارين ماڻهن جي وچ ۾ ڦٽڪا ڪائي جيل اچي ٿو. جنهن جي درڻ پري ڪهاڻي جنهن ۾ دل ڏارينڊڙ ڪيترا انڪشاف آهن. اها آتم ڪهاڻي به محترم ڏاهي استاد محمد ابراهيم جوئي صاحب جي رهنمائي هيٺ چپجي ظاهر ٿي. جنهن جي باري ۾ جويو صاحب جو چوڻ آهي ته هي پهريون ڪتاب آهي هڪڙي اڻ پڙهيل هاري، جنهن پنهنجي تعليم اسڪول ۾ پوري ساري پڙهي پر هاري تحريڪ ۾ اچڻ ڪان پوءِ پڙهيو ۽ انهيءَ ئي پنهنجي پورهيت هٿن سان لکي ڇپائي آهي اهو به دنيا جي ادب ۾ نئون واڌارو آهي. اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪتاب محترم پير اختر بلوچ جو لکيل آهي. جنهن ۾ به هن سماج جي ٻڌڻ کي ٽوڙي، تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪڙي سنڌي نوجوان نياڻي پنهنجي قومي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي شهر ۾ بک هڙتال ڪري ڏورانهين هنڊ پنهنجي گهر ۽ عزيزن کان پري، سکر جيل اندر رهي. انهن قيد جي حالتن تي ڪتاب لکو جنهن جو نالو "قيدياڻي جي ڊائري" هو اهو به ڇپجي آيو. اها رسم ۽ روايت به سنڌ اندر بلڪل نئين هئي.

انهن ڪتابن جي باري ۾ محترم پليجي صاحب جو چوڻ آهي ته هي حقيقي داستان جيڪڏهن دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪري ڇپائجن ته اهڙا

قهر ڏسي، دنيا دنگ رهجي ويجي تہ جڏهن انسان غلامي جون زنجيرون ٽوڙي چند تي قدم رکي چڪو آهي. انسان اڄ خلا ۾ گهمندي باقي ڪائنات کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ کوجنائون ڪري. جڏهن انسان پنهنجي ڌرتي کي ايٽرو سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي جو سڄي دنيا جون خبرون پل ۾ هر هنڌ رسيو ويون. هڪڙو ماڻهو جي چاهي تہ دنيا جي هڪڙي ڇيڇڙي کان بئي ڇيڙي تائين اک پور اک پٽ ۾ پهچيو ويجي. انهيءَ وقت سندڙ اندر اهڙا ڪلور ۽ اها ڳالهہ ۽ ماڻهو ٻڌن تہ ان ظلم خلاف نفرتون وڌي ويون. انسان ذات جي واڌاري جو حصو بنجي ويجي. تنهن ڪري دنيا جي ادب ۾ اها نئين روايت آهي ۽ زبردست واڌارو آهي. خير انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. مس مس منهنجو وارو آيو تہ هاڻ عالم شاهہ تيار ٿئي. مون پنهنجي آتم ڪهاڻي شروع ڪئي مس تہ شاهہ محمد شاهہ رڙڪئي تہ مٽياري جا سيد ڳالهہ ڪابہ نہ ڇڏجان، متان وچ ۾ گهوپيون هڻين. انهيءَ تي فاضل صاحب چيو تہ سيد کوڙ ڪونہ ڳالهائيندو سندس ڪچيون ڪيون جيڪي بہ خبرون هونديون سي ضرور ٻڌائيندو. حسين بخش، شبير شاهہ ۽ منو مهيري پنهنجي شرارتي نظرن سان نهاريو تہ هاڻ مزو ٿئي، ڏسو تہ عالم شاهہ جا کهڙا قصا آهن. پريان محترم پليجو صاحب خاموش، ضابطي کي برقرار رکڻ ۽ آتم ڪهاڻي جي جلدي شروعات ڪرڻ جي انتظار ۾ وينو هو. سندس نظرن اهو پئي چيو تہ عالم شاهہ ضرور پنهنجي حقيقي زندگي سڻي گذري آهي. سيني تي خاموشي جو ضابطو لڳو تڏهن ويجي ماحول ۾ ٿهڪڙن جي خاموشي ٿي. پرسڪون بااعتماد ماحول ۾ مون پنهنجو قصو هن طريقي سان شروع ڪيو.

منهنجو نالو محمد عالم شاهہ پٽ علي مير شاهہ عرف علي محمد شاهہ. عيسيٰ پوٽو پاڙو مٽياري (معتلوي) خاندان، اسان جو خاندان هرات کان آيو ۽ مٽياري شهر ۾ آباد ٿيو. اڄ مٽياري خاندان جا چار پاڙا آهن، هڪ اسان جو خاندان جنهن ۾ موسيٰ پوٽو عيسيٰ پوٽو صدردين ٽکڙائي ۽ ڏاڏاهي حصا آهن. جن جو اڳواڻ جاموٽ ذوالفقار علي شاهہ آهي، ٻيو پاڙو جراڙ پوٽو آهي، جنهن جو اڳواڻ جاموٽ حاجي خدا ڏنہ شاهہ آهي. ٽيون پاڙو پاڪيل پوٽو آهي، جنهن جو اڳواڻ جاموٽ حاجي ميرا دل شاهہ آهي چوٽون پاڙو ميرال پوٽن جو آهي، جنهن جو سلسلو ختم ٿي ويو آهي. هن پاڙي جو سادات جيئل شاهہ آهي. انهيءَ سان گڏ هن پاڙي ۾ سائين جي ايم سيد بہ اچي ويجي ٿو ۽ سيني سيدن جو مرشد سخي هاشم شاهہ جنهن جو اڳواڻ سائين سيد محمد زمان شاهہ آهي، اسان جو خاندان جنهن جون زمينون ۽ گهر مٽيارين ۾ بہ آهن تہ ضلع ٺٽہ، تعلقا ميرپور بٺورو لڳ ڏڙو ڳوٺ علي مير شاهہ ۾ بہ آهن. تعلقا سجاول ديهہ کيرال، ضلع ٺٽا ۾ بہ آهن. کيترن

ماٹڪ چوٹو جن جو

پيڑهين کان اسان جو گهر ۾ رهڻي کهڻي ٻنهين طرف آهي. جڏهن ايڏا پڪا رستا نه هئا نه بسون وغيره هيون تڏهن به اسان سياري ۾ اونهاري جي موسم لاڙ يعني ڳوٺ علي مير شاهه لڳ دڙي ۾ رهندا هئاسين ۽ اونهاري ۾ سرءُ جي مندن ۾ مٽياري شهر، عيسيٰ پوتي پاڙي ۾ رهندا هئاسين. اسان جا وڏا اڻن جي سواري رستي مٽيارين کان دڙي ايندا ۽ ويندا هئا. جڏهن عورتن سان سفر ڪندا هئا. ته اڻن تي ڪجاوا رکي انهي ڪجاوي ۾ ڇئن کان پنجن عورتن کي ويهاري اڻن رستي سفر ڪندا هئا. انهيءَ ڪري مٽياري کان دڙي تائين جنهن جو فاصلو 80 ميل آهي، انهيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه راتيون رستي ۾ رهندا هئا، اڪثر ڪري هڪڙي رات حيدرآباد کان پريان گنجي ٽڪر تي پنهورن وٽ يا ٽڪڙائين وٽ ترسندا هئا. بي رات رات ٻني شهر جي پاسي ۾ سائين دين محمد شاهه ۽ باقي رستي ۾ ڪٽي ٻنهڙن جو ڪٽي صبح جو نيرن ڪرڙ لاءِ مختلف راڄن جهڙوڪ: پنهور ڪاتيار، قبول محمد شاهه سعيدپور واري جي وڏن وٽ، پليجن ۽ لاشارين وٽ به ترسندا هئا. انهيءَ ڪري مٽيارين ۾ منگواڻن، آرائين، بهراڻين، پنيرن، ڏيٽن، خاصخيلي ۽ خشڪن جي راڄن سان خاص طرح، باقي آس پاس جي سيني راڄن سان اٺڻ ويهڻ هو.

اهڙي نموني لاڙ ۾ شيدي، ميمڻ، ساند، ماچي، شورا، پرهياڻ سيال، دوها، ڪڏا، ڏيٽا، خاصخيلي، چانگ، سوڍا، سميجا، ميربحر، لغاري، سومرا، لاشاري، ڪانڊڙا، درس، زئنور، پنهور ذات جي راڄن سان شادي مرادي، خوشيءَ غمي، مرٽي پرٽي، اچڻ وڃڻ جو رستو هو.

چوندا آهن ته وڏو علي مير شاهه گهوڙي تي چڙهندو هو. شنگور شيدي سندس اڳيان گهوڙي جي واڳ ونڊندو هو. هو ڏينهن ۾ ميٽاري کان دڙي ايندا هئا. آئون به هڪ پيرو اُڻن ۽ گهوڙن تي هڪ پيرو ڏڳي گاڏي تي 1948ع ڌاري مٽيارين کان دڙي سفر ڪري آيو هوس.

منهنجو ڏاڏو جنهن جو نالو مون تي آهي، اهو درويش هو. ڪيس هڪ پاڻ ميرل شاهه (ولي الله) ڪوٽ عالمي وارو هو. جنهن جي پڳ هن وقت مون وٽ آهي. بي سندن هڪ پيٽ عصمت بي بي هئي. پاڻ اهڙو الله لوڪ ماڻهو هو جو ڪيس زماني جي نفعي نقصان سان ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. انهيءَ ڪري لاڙ جون زمينون حاجي مُرڪڙ ساند ۽ پوءِ محمد وريل سنيالينداهو هڪ ڏينهن سائين عالم شاهه وڏو سهن جي شڪار تان پنهنجي رچ ڇنائي پئي آيو ته رستي ۾ سندن زمين جي ان جي بتائي ٿي هئي، باقي پنيان کرين تي فقيرن ۾ ورهائڻ جو ان ڏڳيون ٿي رکيو هو. سائين عالم شاهه سان ماچي به گڏ هئا. جن سائين کي چيو ته هن

ماٽڪ چوٽو جن جو

چڱڙين مان ان ڪٽون. جنهن مان رڇ وٽون. سائين چيو ها. پوءِ اهو ان ڪٽي اچي رڇ ورتائون. پٽيان ڪنهن ماڇي سائين وڏي کي چيو تہ ڪري تي وينل واهي چيو تہ آئون ڪمدار حاجي مُرڪ ساند کي ٻڌائيندس تہ اهو ان سائين عالم شاهہ ڪٽائي ويو آهي. سائين جو اهو ٻڌو سو وڃي ڪمدار جي ڊپ کان ماڇين جي گهرن ۾ لڪيو تہ ڪمدار کان ان کٽڻ جي اجازت نہ ورتم. انهيءَ ڪري ڪمدار ناراض ٿيو هوندو. سائين تي ڏينهن ٻاهر نہ نڪتو. جڏهن ڪمدار حاجي مرڪ خان کي خبر پئي تڏهن سائين کي وڃي گهر کان ٻاهر آندائين.

مقصد تہ سائين سادو هو جو پنهنجي ڪمدار کان ڏڇندو هو متان نہ هي وڃي ادي وٽ شڪايت نہ ڪري.

سائين عالم شاهہ کي بہ پٽ هڪ نياڻي هئي. هڪ منهنجو والد صاحب علي مير شاهہ ٻيو نعيم شاهہ جيڪو جواني ۾ گذاري ويو. ٽين آسو بيبي پيٽ هئي. پيءُ جي سادگي ڪري بابا سائين ۾ پڻي جو نيپاج سندن پڻي عصمت بيبي ٿي ڪيو. سائين علي مير شاهہ هڪڙو لاڏلو پٽ هو جنهن کي چوٽ چائڻ وارو سواءِ عصمت بيبي جي ٻيو ڪير بہ ڪونہ هو انهيءَ ڪري ننڍي هوندي کان ارڏو هو.

بابا سائين جي پهرين شادي پنهنجي پيٽ ٻدو ڏيئي متياري مان ڏاڏا الهہ بخش شاهہ جن شادي ڪئي. ڏاڏا الهہ بخش شاهہ منهنجي گهرواري فخر النساءَ بيبي جو سڳو ڏاڏو هو. جيڪا شادي ڪرڻ کان پوءِ جلدي مري وئي. باقي پڻي جي اولاد مان هن وقت سندس پوٽو نعيم شاهہ ۾ ڏي شاهہ بيبي ۾ شاهہ بيبي جو پٽ ادا حاجي جيڪو پڙ درويش آهي ۾ منهنجي گهرواري فخر النساءَ بيبي جا سندس ڏوهٽي آهي.

بابا سائين اڪيلو ۾ دادلو پٽ هئڻ ڪري اهڙو ارڏو هو جو گهٽو ڪري لاڙ ۾ رهندو هو. گهٽ ۾ گهٽ سو عورتن سان سندس تعلقات هئا. جن مان ڪيترين تہ وٽس وينل هيون جن جو اولاد بہ هو جو ساٽس گڏ هو. انهيءَ ڪري ڪوبہ سادات سنگ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. انهيءَ ڪشمڪش ۾ سندس جمار وڏي ٿي وئي. انهيءَ وقت بہ لاڙا هلندڙ هئا. هڪ علي مير شاهہ نپٽو ٿي مري ويندو پوءِ سندس ملڪيت سڄي قبضي ۾ ڪبي. انهيءَ ڪري اها ڏر هميشہ اها ڪوشش ڪندي هئي تہ بابا سائين جي شادي نہ ٿئي ۽ نہ ئي ڪيس کو ڏاڏي پوٽي مان اولاد ٿئي جو هن جي سڄي ملڪيت ۽ راجن ڪرمن جو وارث ۽ پڳدار ٿئي. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ بابا سائين جي شادي ناممڪن هئي.

آخر ڪار ٻيو چارو نہ ڏسي ڏاڏي عصمت بيبي متياري ساداتن مان سڀ آسرا لاهي، پڻي آسو کي پاڻ سان وٺي. اٽن تي چڙهي، درياهہ ٻيڙين رستي پار

ڪري دادو ضلع متياري جي آمهون سامهون شهر اُنڙ پور وئي. نانا حسن شاهه ۽ بچل شاهه پائر رهندا هئا جن سان ڪيترن سالن کان تعلقات ٽٽل هئا. چاکاڻ جو نانا ننڍو هو سندس پيٽ ڀاپو بيبي عالم شاهه وڏي جي گهر ۾ هئي. سا جڏهن گذاري وئي تڏهن انهيءَ ڪري نانا جن بابا ۽ پڻي کي به نه ڏٺو هو. انهن کي فقط اها خبر هئي ته اسان جي پيٽ جو اولاد آهي سو جڏهن ڏاڏي عصمت بيبي ۽ پڻي آسو بيبي کي ايندو ڏٺائون تڏهن ڏاڍا حيران به ٿيا ۽ خوش به ٿيا ته سندن وچڙيل عزيز مس مس مليا آهن. ڏاڏي جن رات رهيا ڏاڏيون خبرون چارون ٿيون. ڏاڏي بابا سائين لاءِ نانا حسين شاهه کان سنگ گهريو. جنهن جي ڄمار پنجاهه کان چڙهيل هئي. نانا جي وڏي ڏيءَ ڪنڊ بيبي نانا بچل شاهه جي پٽ ماما مير محمد شاهه کي ڏنل هئي باقي ٻيو نمبر ڏيءَ بيگو بيبي جنهن جي ڄمار 8 سال هئي انهيءَ جو رشتو بابا سائين لاءِ گهريائون. هيڏانهن جو رشتو بابا سائين لاءِ گهريائون. هيڏانهن ڪاتي ۽ گدري وارو ڪم هو جي ڪاتي گدري تي ڪري تڏهن به گدري کي جوکو جي گدرو ڪاتيءَ تي ڪري تڏهن به گدري کي جوکو. نانا جن کي پنهنجي پيٽ جا سور ياد هئا ٻيا بابا جي افعالن کان واقف هئا. ٽيون ڄمار جو به فرق هو انهيءَ حالت ۾ ڏيءَ ڏيڻ ۾ وڏو ظلم هو ٻئي طرف پيٽ جو سدائين لاءِ بند ٿي وڃڻ سڄي ملڪيت ڪتن ڪانگن جي حوالي ٿي وڃڻ جو خطرو ٽيون پيٽ ۽ ياٽيجيءَ کي بي مانو ڪري موڪلڻ معنيٰ سدائين لاءِ هڪ ٻئي مان آسرا لاهڻ برابر هو. انهيءَ ڪري کين جواب ڏيڻ به ناممڪن هو. نيٺ نانا سائين مجبور ٿي اکيون پوري اهو ڇيو ته مون ڏيءَ ڏني پر سمجهندس ته اوڙاهه ۾ هٿ سان ماري ڇڏي اٿم. اهڙي نموني بابا کي سنگ مليو پر شادي کان پوءِ نانا سائين گذاري ويو. امان جي عمر به 14 سال ٿي ته بابا سائين ست اندر هو تڏهن سندس شادي انڙپور ۾ ٿي. امان کي ڪابه خبر نه هئي ته ظلم ڪيئن ڪيو ٿئي. چوندا آهن ته "نياڻين جي منهن تي بيبي فاطمه جي ماڻ جي مهر لڳل آهي" سو امان به ماڻ مني ۾ پرڻجي متياري آئي. پر بابا گهڻو ڪري دڙي (لاڙ) ۾ رهندو هو ناهيءَ ڪري امان کي به مجبورا لاڙ روانو ڪيو ويو. ڏاڏي عصمت بيبي پيرسن هٿ ڪري گهڻو متياري ۾ رهندي هئي.

امان لاڙ ۾ بابا سائين سان رهي. اتي جو ماحول اڻ وٽندڙ هو. چوڌاري بابا جي سرتين جو گهيرو هو. سندس خيال هو ته اهڙو خوف زده ماحول ناهجي جنهن ۾ بيبي سدائين اسان جي محتاج هجي. واقعي ٽيو به ائين جو انهيءَ ماحول ۾ امان کي دوري جي بيماري ٿي پئي. ويجهو ڪو اهڙو ڊاڪٽر وغيره سنو ڪونه هو جو سندس مڪمل علاج ٿئي، مڙئي سڳن. ڦيٽن ۽ ڦڪين رستي علاج هلندڙ هو. انهيءَ ۾ ست

ماڻڪ چوٽو جن جو

سال گذري ويا پر اميد جو ڪو بہ آسرو نہ ھو جنھن ڪري اھو پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ شادي ٿي پر اولاد ناممڪن آھي.

الله مان اميد ڪانہ لاھبي آھي. متياري ۾ لاڙ جي سيني راڄن ۾ ڪو بہ اھڙو اولياءَ ۾ سڳورو ڪونہ ھو جنھن تي منھنجي جمڙ لاءِ ڪا نہ باسي ھجي. چاڪاڻ جو بابا جي ٻئي اولاد بہ اھو رستو ورتو جيڪو راڄن خلاف ھو. سيني جو خيال ھو تہ جي ھنن جي ورڇڙھنداسين تہ ڪتا بہ ماس ڪونہ ڪائيندا. انھيءَ ڪري رب جي ستائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ رستو نہ رھيو ھو.

آخر ڪار خدا خدا ڪري امان کي اميد ٿي سيني راڄن ۾ اھي 9 مھينا خوشيون ھيون. ھر گھر ۾ راڳ رباب ھئا تہ اجھو ٿو بابا ڄاپي. متيارين ۾ بہ ڏاڏي عصمت بيبي وٽ ماٺھن جي مبارڪن جا ميڙ ھئا ۾ چيائون پئي رب سائين کي ضرور سڄ ڏيندو. ڏاڏي امان کي لاڙمان گھرائي ورتو 9 مھينا متياري ۾ رھي.

جڏھن منھنجي جمڙ جو وقت ويجھو آيو تڏھن انھن ڏينھن شيدين گھنگھريا ناھي رکيا ھئا. اھي بہ ٿي ڏينھن مڱڻھار بہ انتظار ۾ وينا ھوندا ھئا تہ جيئن پٽ جمڙ جي خبر پوي تہ خوشي ڪرڻ شروع ڪري ڏين. لاڙ ڪان روز ٻئي ڏينھن ماٺھو ايندو ھو تہ چا ٿيو. گھر سجو راڄن جي مائين سان پريو پيو ھو تہ انھيءَ خوشي جي موقعي تي گڏ ھجو. چاڪاڻ جو ھر ھڪ ماٺھو ائين سمجھيو تہ اھا اسان جي خوشي آھي. نيٺ جمع جي رات پره مھل 4 بجي دائي جيڪا سنجھي مان گھر آيل ھئي انھيءَ سيني کي خاموش رھڻ لاءِ چيو. امان وٽ اندر فقط پڦي آسو بيبي، امان لتي شيدڙ ۾ دائي ھنيون. ٻيون سڀ مايون گھر جي اڱڻ ۾ وينيون ھيون. ٻاھر گھٽي سڄي شيدين ۾ مڱڻھارن سان پريل ھئي. جنھن پڇين ٿي توھان تي ڪھڙو الھام آيو آھي تہ ڪو پٽ جمندو جنھن تي ھنن کي ايترو اعتماد ھو جو چيائون ٿي تہ بابا ضرور ايندو.

خير اندران ٻار جي روئڻ جو آواز آيو ڏاڏي سيني کي ھڪل ڪئي تہ اھو آواز منھنجي ياءَ جو آھي اندران امان لتيءَ پوڳ ڪرايو تہ مائي ماٽ ڪريو ڏيءَ آھي. پر ڏاڏي چيس ھل ڙي ھل روئڻ ٿي منھنجي ياءُ جو آھي. ايتري ۾ پڦي آسو بيبي مون کي ٽوال ۾ ويڙھي آٽي ڏاڏي کي ڏنو. پوءِ تہ اندر ۾ ٻاھر نچڻ ٽپڻ دھل شرنائيون شروع ٿي ويون. انھيءَ وقت ايترو تہ خوشيءَ ۾ اندر ۾ ٻاھر گوڙ ھو جو متيارين جي سڄي شھر ۾ دھلن ۾ شرنائين جا آواز گونجي رھيا ھئا. رات وچ ۾ مبارڪون ڏيڻ وارا گھوڙن اُڻن ۾ پيدل روانہ ٿيا ويا. جيڪو مبارڪ ڏيڻ ٿي پھتو تنھن کي ڪٽان مينھن ڪٽان ڏڳو ڪٽان ٻکري ٿي ملي. چاڪاڻ جو انھيءَ وقت مبارڪ ۾ ڪونہ ڪو وھٽ ڏيٽو ھو. ٻيو تہ راڄن خدا کان اھو ڏينھن ٿي گھريو

ماڻڪ چوٽو جن جو

سو ڪو بہ مبارڪ ڏيڻ وارو ڪٽان خالي نٿي موٽيو. اهڙي طرح ست ڏينهن متياري ۽ درٻي ۾ خوشي هلندي رهي. ست ڏينهن ٻنهي جڳهن تي مناين جا تالهه پئي ورهايا. سيئي راج قافلا ڪري متياري ۽ درٻي مبارڪون ڏيڻ لاءِ ڳيچ ڳائيندا پئي آيا. متياري شهر جا سيئي سيد ڏاڏي کي گهر اچي مبارڪون ڏيڻ آيا.

ٻہ تي مهينا مون کي ڏاڏي ڪو نہ چڏيو جڏهن آئون سُرڻ جهڙو ٽيس تہ تڏهن لاڙ ويس، جتي بہ ساڳيون خوشيون هلندڙ هيون. مهراج لالچند جيڪو بابا جو جگري يار هو مٽائي جو سڄو بندوبست انهيءَ جو هو. امان جي بيمار هڻڻ ڪري سندس ٽڇ ايتري ڪانہ هئي جا منهنجي پورت ڪري سگهي، سو جڏهن درٻي هوندي هئي تہ انهيءَ وقت جيڪي بہ ٻارن واريون مايون هيون. انهن جي ٽڇ پيئندو هوس. انهيءَ ڪري گهٽو ڪري انهيءَ ٽڇ پيڻڻ لاءِ گهر کان ٻاهر راڄن جي حوالي هوندو هوس. اهڙي طرح ڪو بہ اهڙو راج رهيل نہ هو جنهن جي ٽڇ منهنجي پيٽل نہ هجي. مثال شيدين ۾ امان ڇتا شيدڻ، امان صفوري شيدڻ، امان حوا عرف (ڪنڊل) شيدڻ مان ڇٽي شيدڻ، ساندن ۾ امان امي ساندڻ، ڪڏن ۾ امان مري ڪڏي، سومار ميمڻ ڳوٺ ۾ امان حوا ميمڻ، درٻي ۾ امان آمي ميمڻ، سيالن ۾ امان آسي سيال، گڏن (خاصخيلن)، امان ويسر گڏي، سومرن ۾ امان جومي سومري، ٻهراڻين ۾ امان ٻچي ٻهراڻي تہ هر وقت مون کي ٽڇ ڏيڻ لاءِ تيار هوندين هيون. متياري ۾ امان لٽي شيدڻ، دادو منگواڻي جي گهرواري، آرائين ۾ غلام حسين آرائين جي ماءُ مقصد تہ اهي خاص هيون باقي جيڪا بہ ٻار واري آئي تي بہ تي ڇڙاتا ڏيئي تي چڏيم. چون تا تہ مون پنجن سالن تائين پئي ٽڇ پيتي. ايتري قدر جو هڪڙي ماءُ کي تي ٻار ڇاوا تہ مون ٽنهين ٻارن سان ٽڇ پيتي.

مثال طور آئون ٻاهر ٻارن سان راند پيو ڪندو هوس تہ اتفاق سان پريان مايون پاڻي پرڻ پيون ايندين هيون تہ آئون ڊوڙي امان امان ڪري ويندو هوس، انهن مان ضرور ڪا نہ ڪا منهنجي ماءُ هوندي هئي. اها گهڙا لاهي مون کي ٽڇ پياري پوءِ ويندي هئي. هن وقت سيني راڄن جي مون سان محبت ۾ قرب انهيءَ ڪري بہ آهي جو آئون سيني جو ٽڇ شريڪ ياءُ ۾ پينرون بہ مون کي ادا ڪري سڏيندا آهن. منهنجو اڄ بہ ساٽن اهوئي رشتو آهي. جيڪو پائرن ۾ پينرن جو رشتو هوندو آهي. هن وقت بہ ساٽن ڏک سک ۾ گڏ آهيان.

ڪڏهن ڏڳي گاڏين ۾ پوش ٻڌي، اولياڻن تي وڻي راڳ ڳائي، پي سکائون ڏنائون. ايتري قدر جو ٻڌي، ٽرپارڪر، بدين، حيدرآباد ۾ دادو ضلع ۾ تہ ڪو بہ اولياءِ اهڙو نہ هو جنهن تي نہ ويس. تازو جڏهن پنجاب ويس تہ امان چيو تہ ابا ملتان ۾

ماڻڪ چوٽو جن جو

جتان ملتاني، ملتان ايندا آهن ۽ پوءِ سڄي سنڌ ۾ روڻ ٽاهي ڪائيندا آهن، انهيءَ پير تي تنهنجو سلام آهي سوپري اڇجان. آئون بہ جڏهن پهرين ملتان ويس تہ امان جي هدايت موجب ملتان ۾ بهاءُالدين زڪريا جو سلام پيري آيس، پيو تہ ٿهيو پر واڻين جي مندرن ۾ سڪائون ڪوڪڙين مينگهواڻن ۽ جوڳين جو سڪائون جيڪي منهنجي لاءِ باسيل هيون. سي بہ سڀ پوريون ڪيم.

هڪڙي ڏينهن متيارين ۾ ادي جلو بيبي ان پي چندرايو تہ آئون ننڍڙو سال ڪن جو هوس. سو ڊوڙي وٽس ويس، ڪيس اشاري سان چيم اي معنيٰ مون کي ان ڏي. ادي جلو بيبي جيڪا منهنجي پڦي آسو جي ڏيءَ ۽ منهنجي گهرواري جي ماءَ آهي تنهن منهنجي جهولي ۾ ان وجهي چيو تہ شئي وٺ. آئون بہ پٽ پٽ ڪندو ٻاهر نڪتس، ٿورو اڳيان چوٽ واڻئي جو دوڪان هو. اڃا انهيءَ تائين پهچان ٿي پهچان تيسين چوٽ واڻئي مون کي پري کان ڏٺو تنهن ڊوڙي اچي مون ڳلهي تي ڪنيو. پوءِ مڱٺهار گهرائي دهلن ۽ شرناين سان مون کي ڳلهي تي ڪٽيو نچندو اچي، حويلي جي در تي ٻينو. ڏاڏي عصمت بيبي پڇيو ڇا آهي. ڪيس ٻڌايائون تہ چوٽ واڻيو بابا سائين کي ڪلهي تي ڪٽيو نچندو اچي. چوي ٿو تہ امان کي مبارڪون ڏيڻ آيو آهيان تہ هاڻ بابا سائين ايترو ٽيو آهي جو ان ڪٽي مون وٽ شئي وڻڻ آيو آهي. انهيءَ خوشي ۾ آيو آهيان، پوءِ تہ چٽ واڻئي کي پلي مينهن مبارڪ ۾ ڏاڏي ڏني. اهو سڄو ڏينهن انهيءَ خوشي ۾ ڳائڻ ۽ وڄائڻ ٽيو. جيسين ڏاڏي جيئري هئي ايترا ڏينهن ڪو اهڙو ڏينهن خالي نہ هو جو منهنجي خوشي نہ ٿي هجي. ٻيو تہ بہ گهر ۾ منهنجون سوٽيون امان، ادي ٿرئي ۽ ماسي سفيان جن بہ ڏاڏي اڳيان پيون ڳائيندیون هيون.

هڪڙي ڏينهن لاڙ ۾ هيس، بابا مون کي نار تي ڪٽي ويهاريو جيڪو پيجاري تي رکيل هو. نار هلندي مون ٿهڪڙا ۽ ٽپا ڏنا اها ڳالهہ جڏهن ڏاڏي تائين پهتي تہ يڪدم مون کي لاڙمان گهرائي ورتائين، پوءِ گهر ۾ ڍڳو ٻڌي مون کي انهيءَ کي هڪلرائي ڏنائين. جڏهن انهيءَ ڍڳي کي هڪليندي مون ٿهڪڙا ڏنا، اهي ٻڌائين جنهن تي خوش تي سڄو ڏينهن راڳ ڳارائي خوشي ڪيائين.

ڏاڏي جي وفات کان پوءِ بابا سائين جي لاڙ ۾ رهڻ ڪري اسان کي وٽس رهڻو پيو. مون کان پوءِ هڪ ياءُ چٽن شاهہ ۽ هڪ پيڑ جائي جنهن جو نالو ڏاڏي جو عصمت بيبي رکيائون ۽ پيار منجهان کيس گڏي سڏيندا هئا.

مون کي پهرين والي شاهہ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو چاڪاڻ جو اسان جي ڳوٺ علي مير شاهہ ۾ اسڪول نہ هو. آئون گهر کان پري اڪيلو اسڪول ۾ ويهان اها ڏيکيرڙي ڳالهہ هئي. چو جو سيني جو دادلو هئڻ

ماٽڪ چوٽو جن جو

ڪري ضدي ٿي پيو هوس. اسڪول بہ ڳوٺ کان ميل ڪن پنڌ تي هو. پيو تہ اسڪول ۾ اسان جي ڳوٺ جي وچ ۾ پيچاري واهہ آهي. جو انهيءَ وقت ڇهہ مهينا وهندو هو ڇهہ مهينا سڪو رهندو هو. انهيءَ ڪانسواءِ ٻيا اسڪول ٿورا پري هئا. انهيءَ ڪري هيرائڻ خاطر والي شاهہ ۾ ڇڏيائون مون ضد ڪيو تہ مون سان گڏ ويهي تہ ويندس جي نہ تہ مٽان ٿي زمين تي ڪري پوندو هوس. مجبورن ادي ماروي مون سان گڏ اسڪول بہ ٿي مهينا گڏ وئي. جيسين وڃي آئون هريس. والي شاهہ ۾ بين ڇوڪرن سان گڏ سوڌا بہ پڙهندا هئا. انهن جو ڳوٺ بہ ٿي ميل پري هو انهيءَ ۾ رمضان سوڌو عبدالله سوڌو ۽ ولي سوڌو گڏهن تي چڙهي اسڪول ايندا هئا. هو اسڪول اچڻ بدران رستي ۾ گڏهہ چارين (کيڙن) ۾ ڇڏي، سڄو ڏينهن اسڪول کان نٺائي شام جو ڳوٺ ويندا هئا. هڪ ڏينهن استاد کي خبر پئي تہ همراهہ اسڪول کان نٺائي رستي تي لڪا ويٺا آهن. انهيءَ ڏينهن سيئي استاد گڏجي هنن مٽان وڃي ڪڙڪيا. همراهہ گڏهن سوڌو ڏبجي پيا. پوءِ همراهن سان جيڪا ٿي انهن کي ڏسي منهنجو ارواح ئي ڪجي ويو تہ ڪو آئون بہ ڪڏهن اسڪول کان نٺايان. مون کي هميشہ اهو خوف ويٺل هوندو هو تہ جي اسڪول نہ ويندس تہ مون سان بہ اهوئي حشر ٿيندو جيڪو سوڌن سان ٿيو آهي. استاد جن ۾ سائين يوسف ڪيڑانو سائين محمد اسماعيل ۽ ٻيا سڀ تر جا ئي هئا. اهي مون کي تمام گهڻو پيار ۽ پنهنجائپ ڏيندا هئا.

پنڌرنهن روزا "صبح ٿيندو" سيپٽمبر 1991

سائين عالم شاهہ ۽ فيملي

انٽرويو: سيد فدا حيسن شاهہ

مٽياري ۽ ڏڙي جي وچ ۾ هن جي سونهن سنڌي پتڪي ۽ اجرڪ ۾ جرڪي ٿي. هو سياستدان پڻ آهي. پهرين اوچي درجي جي روين ۽ ماڻهپي جو سمبل آهي. سيد عالم شاهہ جيڪو عوامي نيشنل پارٽيءَ جي ڪريڊٽ تي اڄ به پنهنجي سڳنڌ جو پرچار ڪندو نظر ايندو آهي ۽ سندس سڳنڌ، سنڌ ۽ سنڌي آهن. هو باغن ۾ نہ پر دلين ۾ گلابن ۽ موتين جهڙن روين جا ٻوٽا پوکي ٿو ۽ مٽياري ايڪشن ڪميٽي ۾ سيد حاجي جلال شاهہ، حاجي غلام حسين ميمڻ، شوڪت ابڙو ۽ محمد خان مگٽهار سان مسئلن کي حل ڪري ٿو. شام جي ڪچهري ۾ سيد يار محمد شاهہ وٽ جي اين مغل، نواز علي سمون، قاضي فضل الله، سيف الدين قاضي، سان سونهن کي ونڊي ٿو. ڏڙي کان وٺي ٽر تائين، مٽياري کان وٺي لنڊن جي ايٽرو ايئرپورٽ تائين سنڌيت هن جي وجود ۾ واجٽ ڪري ٿي. پنهنجي گهر ۾ واحد ٻيٽ گڏي جو منجهس ساهہ اٽڪيل آهي، انهيءَ بيواهہ ٻيٽ جي ڏيءَ سندس ڌُنهن آهي، پنهنجي ڏيئرن کي هن گهر ۾ اُتساهہ ڀريل آئين ۽ منشور ڏنو آهي، ڏيئرن جي تعليم تي خاص ڏيان ڏي ٿو. شعور جي هوا ۾ گهلجندڙ سيد عالم شاهہ، شاهہ لطيف جي شعر جيان گهرائپ جو مظهر به آهي ۽ منٽو جي ڪهاڻين جيان بولڊ به. سندس هن تفصيلي انٽرويو ۾ عبرت ميگزين سندس حاصلات کي شيئر ڪيو آهي ۽ سندس گهر جي آئيڊيل ماحول جي عڪاسي به. جتي علمي، ادبي، فني ۽ ايستائين جو ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ شخصيتن جو اڪثر اچڻ ٿئي ٿو ۽ هو سيد هجڻ جي باوجود پختو يقين رکي ٿو ته سنڌياڻين کي پنهنجا جوهر مختلف فيلڊز ۾ آزمائڻ گهرجن. خوشبو جي مجموعي هن درويش صفت انسان کي اچو ته فيملي سميت شيئر ڪريون.

سيد عالم شاهہ ولد علي مير محمد شاهہ عيسي پوٽا سادات مٽياري جي جنم يومي مٽياري آهي، 8 مئي 1941ع تي سندن پيدائش تي، شروعاتي تربيت تن سالن کان وٺي علي مير شاهہ لڳ ڏڙو ضلعو نٽو ۾ تي، پرائمريءَ کان پوءِ مڊل ڪلاس به ڏڙي ۾ پڙهيائون، اتي ساٽن گڏ ڈاڪٽر رجب ميمڻ، سابق وائيس چانسلر زرعي يونيورسٽي ٽنڈو جام، مرحوم محمد صالح عمراڻي آهي. محمد صالح عمراڻيءَ سندن شخصيت تي اخلاقي ۽ مذهبي اثر ڇڏيا، ۽ سندن ادبي ۽ سياسي شروعاتي رهنمائي سيد اڪبر شاهہ ۽ ڈاڪٽر رجب ميمڻ ڪئي ۽ پوءِ نور محمد

هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ميٽرڪ ڪيائون، جتي به سال پنهنجي مامي شاهه محمد شاهه وٽ پائي خان چاڙهي تي رهيا ۽ به سال مسلم هاسٽل ۾ رهيا. جتي سندن روم ميٽ اشرف پنهور ۽ محمد صالح عمراڻي هئا. ڊاڪٽر حسن ميمڻ چائلڊ اسپيشلسٽ ۽ ڊاڪٽر صالح ميمڻ پڻ سندن دوستي ۾ رهيا. ڊاڪٽر اعجاز آرائين، سيد شهاب الدين شاهه، سيد فضل علي شاهه، سيد محمد علي شاهه، مرحوم (باقيل پوٽا) ۽ مرحوم هدايت الله شاهه، پروفيسر اشرف قريشي اسڪولي يار رهيا، ان کان پوءِ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ۾ داخلا ورتي، ڊاڪٽر رجب ميمڻ سان گڏ داخلا ورتائون ۽ هاسٽل ۾ به گڏ رهيا. اتي سندن دوستي جي حلقي ۾ ڊاڪٽر عبدالقادر مغل، وي سي زرعي يونيورسٽي، عبدالغفار پيرزادو سيڪريٽري، انور ميمڻ، عبدالقيوم چاچڙ سيڪريٽري، پروفيسر محمد هاشم موريائي، محمد هاشم لغاري سيڪريٽري، چوڌري مڪرم علي محمد عطار انجنئير ورڪشاپ آف بلڊوزر شامل هئا. والد جي اچانڪ وفات جي ڪري يونيورسٽي جي پي سال مان پڙهائي ڇڏي ڪين واپس ورٽو پيو. ڏڻي لڳ ڳوٺ علي مير شاهه ۾ ڪين علي مير شاهه ولي جي پڳ مريدن، خادمن ڪين ٻڌائي، اتي پنهنجي زمينداري سنياليائون، سندن شناختي ڪارڊ، ووٽر لسٽ، ڊوميسائل سڀ ڳوٺ علي مير شاهه لڳ ڏڻي جا آهن. سندن زميندارئ متياري ۽ سجاول تعلقو ديهه ڪيرال ۾ آهي، جيڪا سنياليل رهيا آهن.

سندن شادي 1984ع ۾ سندن سوٽ بيبي فخرالنساءَ ڏيءَ مرحوم مير محمد شاهه سان ٿي، هن وقت ڪين به پٽ علي مير شاهه، جيڪو هيئنر مڪينڪ جي آخري سال ۾ آهي، سندن شادي هڪ سال اڳ ۾ ڪئي آهي، ۽ سيد عالم شاهه به هينئر هڪ پوٽو شايان علي شاهه به آهي، اها شادي سيد عالم شاهه پنهنجي پاٽيجي راحيلا شاهه سان پٽ علي مير جي شادي ڪرائي. سيد عالم شاهه فخر مان ٻڌائي ٿو ته منهنجي پاٽيجي ۽ ٽُنهن راحيلا شاهه فزڪس ايم ايس سي جي آخري سيمسٽر ۾ آهي. سندن ٻيو پٽ انون ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيو آهي. نياڻين ۾ ڊاڪٽر نادير ڊينٽل جي ٽي سال ۾ آهي، قمر ٻئي سال ۾ ايل ايم سي ۾ ۽ فاريه هينئر فرسٽ ايئر ميڊيڪل جو امتحان ڏنو آهي، انهيءَ سان گڏ سندن ٻي پاٽيجي مونا شاهه به ساڳي ڪلاس ۾ آهي، چوٽين نياڻي قرات العين، انگلش ميڊيم ۾ انون ڪلاس پاس ڪيو آهي، پنجين نياڻي سبرينا انگلش ميڊيم ۾ چوٽون ڪلاس پاس ڪيو آهي، بيبي سونيا هاءِ سيڪنڊ ڪلاس ۾ پڙهي ٿي.

سياسي شروعات ۾ عالم شاهه ٻڌائي ٿو ته ون يونٽ لڳڻ وقت جڏهن آئون نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس ته مسلم هاسٽل کان وٽي ون يونٽ

ماٹڪ چوٽو جن جو

خلاف جلوس ڪڍيوسين، جنهن جي نتيجي ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ پنجابي چوڪرن سان جهيڙو ٿيو تنهن کان پوءِ زرعي يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن ون يونٽ خلاف جهيڙو ڪيو ۽ اتي پنجابي شاگردن سان ٽڪر ٿيو. ڏڻي ۾ اچي اسان سنڌي ادبي سنگت جا بنياد وڌو. ڏڻي جي سوشل ويلفيئر سوسائٽي ناهي، جنهن جو صدر آڻون چونڊيو ويس ۽ جنرل سيڪريٽري محمد عثمان سمون ۽ ميمبر مرحوم نجم الدين ميمڻ، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، سيد اڪبر شاهه، محمد عثمان سومرو چونڊيا ويا. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان 1968ع ۾ عظيم عاليشان جلسو ٿيو تنهن ۾ رسول بخش پليجو ۽ ٻيا دانشور اديب شريڪ ٿا. انهن ۾ سوسائٽيءَ جا ميمبر ۽ ارباب وزير ميمڻ، پيپلز پارٽي جو سابق ايم اين اي ۽ ارباب ستار ميمڻ ۽ شهر جا معزز ماڻهو هئا. سوشل ويلفيئر سوسائٽي جي ڪريڊٽ تي ڏڻي جي صفائي، صحت، اسڪولن لاءِ ڪم ڪيوسين. ڏڻي ۾ ميران شاهه ولي جو ميلو ڪرائڻ ۽ هر هفتي ميلاڪڙو ڪرائڻ ۽ ڏڳن ۽ اُڻن ۽ گهوڙن جون ڊوڙون ۽ انهن کي انعام ڏيڻ، مهمان جي آجيان ڪرڻ ماڻهن جي مرڻ پرڻ ۾ گرمجوشيءَ سان شريڪ ٿيڻ، ڪادي پيتي جو ڪم سنپالڻ ۾ سڀ قيادت وارا ڪم ڪياسين. انهيءَ دوران گل حسن ڪيرانو سائين يوسف ڪيرانو علي محمد پرويز حنيف سومرو ۽ بٹوري ۾ ڏڻي جي پرسان جيڪو شهر آهي اتي محمد قاسم پٹ، اعجاز خواجو، اسماعيل سوهو، شير خان لنڊ، پروفيسر لڪمير جيڪو هينئر لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ آهي، منگهن لال شرما، هارون ڪاڙڪ، پنهون ترڪ، دوست گڏيا ۽ پوءِ اسان ڪم جو دائرو سجاول سب ڊويزن تائين وڌائي ڇڏيو. ڊاڪٽر رجب ميمڻ ۽ اڪبر شاهه جي نظرياتي ويجهڑائيءَ ڪري رسول بخش پليجي سان پهرين ملاقات بٹوري ۾ ٿي، پي ملاقات ڏڻي ۾ ٿي، جتي گڏجاڻيءَ دوران هاري ڪارڪنن منهنجي وڏيري هٿ ٿي سخت احتجاج ڪيو تہ انهن وڏيرن کي چوٽا شامل ڪري ۽ انهن کي ڪٽي ڪڍڻا انقلاب آڻيندؤ. منهنجو مثال ڏيندي هُنن چيو جيڪو بلڪل صحيح هو تہ عالم شاهه هن وقت ملي گهوڙي ٿي چڙهي آيو آهي. جنهن کي چانديءَ جا زيور پيل آهن ۽ ڪيس خود بوسڪيءَ جو پٹڪو بوسڪيءَ جا ڪپڑا ۽ چانديءَ جو سينبل ۽ چانديءَ جو ٹهيل چهبڪ سندس هٿ ۾ آهي. آڻون انهيءَ وقت اهو ٻڌي مايوس ۽ شرمسار ٿيس ۽ مون کي آڻيندڙ دوست مون کي ڏسي ڏاڍا شرمسار پئي لڳا تہ هي تہ قصو سمورو اونڌو ٿي ويو. پر جڏهن پليجي صاحب اتي ٻيهي انهن ڳالهين جو جواب ڏيندي ڇيو تہ انقلاب صرف هاري ۽ فقط ڪپڑا ڦاڻل ماڻهو نہ آڻيندا آهن، چاڪاڻ تہ مسڪين ماڻهو هن عام معاشري ۾ اقتصادي طرح سان ۽ معاشري جي ريتن رسمن ۾ ايترو تہ جڪڙيل آهن جو هو انهيءَ مان آزاد ٿي پنهنجي جنگ اڪيلي سِر وڙهي سگهن، اهو ممڪن نہ آهي، هو انهن زنجيرن مان تڏهن آزاد ٿي سگهن ٿا ۽ پنهنجي پاڻ کي تڏهن طاقتور ڪري

ماٹڪ چوٽو جن جو

سگھن ٿا جڏهن مختلف طبقن جا باشعور، بهادر، سمجهو ايماندار ماڻهو ساڻن گڏ هوندا. پوءِ اهي پلي ڪهڙي به ڪلاس يا ذات پات سان تعلق رکندا هجن، آئون سمجهان ٿو ته عالم شاهه احسان سان گڏ هلندو، گڏجي ڪم ڪندو ۽ هن ۾ اهي سڀ صلاحيتون آهن ۽ هو پورهيت ذهن آهي جو هو هن ڏکهي جنگ ۾ آخر تائين جدوجهد ڪري سگهي ٿو ۽ آئون ذميواري سان چوان ٿو ته هي ڪندو اهي پليجي صاحب جا لفظ پڌي منهنجي مايوسي ۽ پريشاني، شرمساري ۽ پنهنجي طبقي جي ڪمزورين کي ڪيڻ لاءِ هن کان وڌيڪ ٻيو ڪو به سهارو نظر نه آيو ۽ مون عهد ڪيو ته آئون آخر تائين هنن ڪامريڊن کي غلط ثابت ڪندس ۽ پليجي صاحب جي اعتماد مطابق انسان ذات ۽ پنهنجي قوم جي پلي لاءِ پليجي صاحب جي قيادت هيٺ هر قرباني ڏينڊس. ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انهن جي اڪثريت پليجي صاحب کي چڏي وئي آهي پر آئون اڄ به انهيءَ عهد کي ياد ڪري اهو سمجهان ٿو ته انسانذات ۽ قوم جو چوٽڪارو انهيءَ وات ۾ آهي، جيڪا پليجي صاحب جي وات آهي. پليجي صاحب اڄ تائين جن ڳالهين جي نشاندهي ڪئي آهي. ڪالاباغ ڊيم، سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن کي سياسي، سماجي، اقتصادي طور تي يتيم ڪرڻ، سنڌ ۾ دهشگردي پکيڙي سنڌي ماڻهن کي اڪيلو ڪرڻ، سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڪاپي ڪلچر، پٽا خوري ڪلچر، ڪلاشنڪوف ڪلچر پيدا ڪري، سنڌ جي استادن، شاگردن ۽ نياڻين تي دڙڪا دهمان ڏئي انهن کي اپاهج ڪري پڙهڻ کان روڪڻ ۽ سنڌي ماڻهن کي ڏارين جي جهول ۾ اُڇلائڻ جي سازش کي بي نقاب ڪرڻ ۽ سيني مسئلن جو حل ڳولهڻ، پارٽيءَ ۾ ڪم ڪندي پليجو صاحب مون کي سڏو پرومشن ڏئي پارٽيءَ جي مرڪز ۾ ڪٽي آيو ۽ اڄ ڏينهن تائين مکي عهدن تي رهندو اچان. پارٽيءَ جي اندر پليجو صاحب سان گڏوگڏ مير علي بخش خان، مرحوم فاضل راهو گل حسن ڪيڙانو مرحوم منصور عباسي، مرحوم رشيد پٽي ۽ ٻين ڪيترن دوستن سان ڪم ڪندي مزو آيو. پارٽيءَ جي جيڪا به جدوجهد ٿي آهي. انهيءَ ۾ گڏ رهيو آهيان. ايم آر ڊي دوران سنڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي اڳواڻن سان سنڌ جو دورو ڪيو جنهن ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه، قمر الزمان شاهه، نويد قمر، مخدوم رفيق الزمان، شامل هئا. اسان سيني گڏجي ايم آر ڊي جي سمورن شهيدن جي گهر وياسين ۽ انهن جي مدد ڪئي سون. آخر ۾ قمر الزمان شاهه لطيف آباد واري گهر ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي. مشاهد حسين جيڪو ان وقت مسلم اخبار جو ايڊيٽر هو. تنهن کي ضياءُ شاهي جي ظلمن جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ سموري سنڌ جو دورو ڪيو. انهيءَ کان سواءِ سنڌ جي حالتن تي ملڪ جي ٻين اڳواڻن سان گڏجي ٽوئر ڪيا. انهن ۾ عزيز الدين احمد، ڊاڪٽر فيروز الدين خواجو ۽ پارٽيءَ جي قيادت، فاضل راهو، محمد خان مگسي، حاجي خان

ماٽڪ ڇوٽو جن جو

ستابو محمد ابراهيم منشي، مير علي بخش خان سان گڏجي ڪيترا ئي دفعا سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ رسول بخش پليجي سان سنڌ جو پهريون تفصيلي دورو ڪيو. انهيءَ کان پوءِ تنظيم جا بنياد وڌاسين. ان وقت پليجي صاحب وٽ پئسو هو ڪو نہ، مون وٽ پئسو هو. ان وقت پليجو صاحب گهٽو ڪري بيمار رهندو هو. پوءِ پليجو صاحب سان گڏجي پاڪستان جو دورو ڪيو. ميجر اسحاق، پروفيسر عزيز الدين احمد، افضل بنگش، ولي خان، ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ، محمد خان اچڪزئي، خير بخش خان مري، پروفيسر جميل عمر، پروفيسر خالد محمود، نجم الدين سيد، افراسياب خٽڪ، اجمل خٽڪ لطيف آفريدي، غلام محمد بلور، افضل خان، اصغر خان، يحيٰ بختيار ۽ بين ڪيترن ئي ليڊرن سان ملندا رهندا آهيون. ۽ انهن کي پنهنجي موقف کان واقف ڪيو آهي، سنڌ جي ريگستاني علاقي ٿرپارڪر جو پهريون دفعو سياسي دورو مون ڪيو. اتي جي پس منظر ۽ ماڻهن سان ملي مسئلن جي چنڊچاڙ ڪري، ٿر جي جاچ ڪئي سون تہ ڪٽي ٿر ۾ منو پاٽي آهي ۽ ڪٽي آبادي ٽي سگهي ٽي، ۽ ٿر کي ڪيئن سرسبز ڪري سگهجي ٿو اها تفصيل مون اخبار جهان کي ڏني، جيڪا تفصيلي ڇپي جنهن کان پوءِ غفار خان جي جنازي نماز ۾ پشاور ۾ جڏهن جنرل ضياءُ آئون مون سان گڏجي نماز پڙهي رهيو هو تہ آئون ان وقت عوامي نيشنل پارٽيءَ سنڌ جو صدر هوس. تڏهن ضياءُ مون کي چيو تہ ٿر جي باري ۾ توهان ڏاڍو سٺو لکيو آهي. ۽ انهن جڳهن تي توهين ڪيئن پهتا، انهيءَ کان سواءِ بلوچستان جي علاقي جيوٽي ۾ فوجي آپريشن ٿيو تڏهن آئون ۽ پروفيسر عزيز الدين احمد لسبيلي کان ترڪن تي چڙهي تربت پهتاسين جتي ڊاڪٽر مالڪ سابق وزير تعليم بلوچستان جيڪو ان وقت عام ڪارڪن هو سندس هاسپيٽل جون پيتون ڪڇي مٽي جون هيون ۽ ڪاٺ جون بينچون پيل هيون ۽ پيو اڪرم بلوچ سابق اسپيڪر بلوچستان، ان وقت عام ڪارڪن جي حيثيت ۾ پان جي مانڊٽيءَ تي ويٺل هو. هن وقت اهي بي اين ايم ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ جي گروپ ۾ آهن. انهن سان گڏجي بلوچستان جي مختلف علاقن جو دورو ڪري، ماڻهن سان ملي، حقيقتون هٿ ڪيون ۽ واپس ڪراچيءَ ۾ اچي پريس ڪانفرنس ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ سمورو پاڪستان بلوچن جي حمايت ڪرڻ لڳو. اهي مظلوم بلوچ اڄ بلوچستان ۾ وڏي سياسي قوت رکن ٿا. اهي اڄ اسيمبليءَ ۾ ميمبر آهن، انهيءَ کان سواءِ پليجو صاحب، اسماعيل راهو مظهر تالپر، حسين بخش ناريجو سان سوات، گلگت ۽ جابلو علاقي جي ڳوٺن ۾ وياسين جتي ايڊوڪيٽ ياسر، افضل خان، خان آف سوات، اظهر غفار خان جي مڙهه سان گڏ جلال آباد ويس. جتي غفار کي دفن ڪرڻو هو. پليجي صاحب جي قيادت ۾ خان غفار جو لاش جڏهن تربت ۾ لاهي رهيو هوس تہ هڪ پاسي افضل خان عوامي نيشنل پارٽي سرحد جو صدر ۽ پاسي ۾ آئون سنڌ جو صدر هوس. مون

ڪي اجرڪ جو پٽڪو ٻڌل ڏسي ۽ دفن ۾ حصو ونڊي ڏسي روس جي وفد جي اڳواڻ ۽ هندوستاني صدر ڊاڪٽر نجيب کان پڇيو ته اهو ڪير آهي. تڏهن نجيب ولي خان ڏانهن نهاري جواب ڏنو ته اهو اسان جو سنڌي دوست سيد عالم شاهہ صدر عوامي نيشنل پارٽيءَ سنڌ آهي ۽ اهو اجرڪ جو پٽڪو سنڌن ثقافت جي نشاني آهي. ان کان پوءِ جڏهن فاضل راهو شهيد تي ڇڪو هو ۽ پليجو صاحب ورلڊ ٽوئر تي ويل هو ته پليجو صاحب جرمنيءَ مان فون ڪري مون کي لنڊن اچڻ لاءِ چيو آئون لنڊن پهتس ته مون کي رسيو ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر سيف نظاماڻي، سرور باري، فرزانہ باري، نويد ۽ بيا ڪيترائي دوست هيٿرو ايئرپورٽ تي آيل هئا. پليجو صاحب فون ڪري باري کان پڇيو ته عالم شاهہ پهتو؟ ۽ ڪيئن آهي؟ ته باري چيو ته عالم شاهہ پهتو ته آهي پر سادو ماڻهو آهي، پليجي صاحب مون کي فون تي ٻڌايو ته باري وارا تو لاءِ هي ريمارڪس پاس ڪري ويٺا آهن. لنڊن ۾ اتي هڪ بحث مباحثي ۾ انگريزن جي هڪ محفل ۾ اهو بحث ٿيو ته مرد زور آهي يا عورت، جنهن ۾ عورت ڪامياب ويون، ته سيني ميدانن ۾ ترقيءَ ۽ هڪجهڙائي جي باوجود سيڪس ۾ عورت مظلوم رهندي، انهيءَ جو وائنڊ اپ ڪندي مون چيو ته انسانذات اڃان هلي انهيءَ جو حل بہ ڳولهي ونڊندي، مون بہ ڪلاڪ دليل ڏنا، وري ٻئي ڏينهن تي پليجي صاحب وٽ مون لاءِ ريمارڪس پهتا ته عالم شاهہ سادو ڪونهي، ڏاڍو سمجهو ۽ سُلجهيل ماڻهو آهي. اسان جو اندازو غلط هو اتي ڄام صادق علي سان ملاقات تي هئي. انهيءَ دعوت ۾ شاهنواز خان جوٽيجو حاڪم علي زرداري، پ پ واري نگهت ۽ سموري دنيا جي سياسي پارٽين جي ورڪرز سان ملاقات تي، مختلف سمينارن ۾ شرڪت ڪئي. ۽ عوامي نيشنل پارٽي جو بنياد وڌو ۽ فريال گوهر ۽ جمال شاهہ سان بہ لنڊن ۾ ملاقات تي ۽ باقاعدي انهن سان بحث ٿيو ته ڊرامي ۽ فلم جي معرفت ماڻهن کي ڪيئن تعليم ڏجي، ٻيو دورو لنڊن جو وري 1991ع ۾ ڪيو. مير شير محمد، عمر، شهاب مغل، ڊاڪٽر سيف، ڊاڪٽر شهاب سان ملاقات تي، اها جذوجهد منهنجي گهر جي ڪاميابيءَ، تعليم ۾ ڪاميابيءَ جو ڪريڊٽ سمورو رسول بخش پليجو کي وڃي ٿو. جنهن جي شفقت ۽ رهنمائي خاندان ۽ اولاد تي آهي ۽ انشاءَ الله هميشہ رهندي.

س: سيد عالم شاهہ گهر ۾ توهين سياستدان هوندا آهيو يا پيءُ؟

عالم شاهہ: شايان پوتي سان ٻيو رويو علي مير شاهہ پٽ سان ٻيو رويو ۽ پوپري (سونيا) سان انهيءَ جهڙو رويو هوندو آهي، ڪوشش ڪري گهر جي هو ڪم ۾ گڏ هوندو آهيان.

س: ننڍڙين سان ڪهڙو رويو آهي؟

عالم شاهہ: دوستن وارو رويو آهي، ڊاڪٽر قمر سان في الحال ڪاوڙيل

ماڻڪ چوٽو جن جو

آهيان تہ بيبي سڳوري سوچي ٿي. جنهن ٻار ۾ انا ڏسندو آهيان يا هن جي هر آهنگي ٽٽندي ڏسندو آهيان تہ پوءِ وري اسين ميٽنگ ڪري نٿي ويندا آهيون.

س: ٻارن جي فرمائش؟

عالم شاهہ: ٻار ڪورس جا ڪتاب، پوپري چوي ٿي تہ سانچو ڊيزائينگ وارو هجي، چاڪليٽ اسپائوٽ هجي، اهي فرمائشون هونديون آهن.

س: گهر واري سان هر آهنگي هئي؟

عالم شاهہ: گهرواريءَ سان منهنجي پيڙ جي خط و ڪتابت هئي. هوءَ منهنجي سوٽ جي ڏيءَ هئي، مون کي گهرواريءَ جي نماڻائي ۽ هر مسئلي تي سندس هر آهنگي ۽ ڪيترو بہ وڏو مسئلو هجي. هو ڳالهہ کي سلجهائي ڏيندي. زندگيءَ ۾ قرب جو مطلب ۽ اهميت منهنجي گهرواريءَ مون کي سمجهائي ۽ ٻارن ۾ شعور ۽ هر آهنگي جو ڪريڊٽ بہ گهرواريءَ کي وڃي ٿو.

س: پيڙ سان توهان جو تعلق ڪيئن رهيو؟

عالم شاهہ: اسان ٻنهي جي شادي بہ گڏ ٿي، سندس گهر وارو شهيد ٿي ويو. تنهن ڪري سياست ۾ رهڻ ڪري منهنجي پيڙ منهنجي ٻارن جي پيءُ جو رول ڪيو.

س: ٻارن ۾ فري ڪير آهي؟

عالم شاهہ: پوپري فري ۽ وہ. هي آهي. هاڻ شايان بہ ويجهو آهي.

س: گهر ۾ جهيڙو ٿئي تہ ڪير پرچائيندو آهي؟

عالم شاهہ: منهنجي ننهن راحيلا شاهہ سيڪريٽري آهي، ۽ اهو گهر جو ادارو باقاعدي هر مهيني گڏجاڻي ۾ اهي جهيڙا بہ حل ڪيا ويندا آهن.

س: گهر ۾ علم، قرب، شعور جي هر آهنگيءَ ۾ ڪهڙن ماڻهن جو اثر آهي؟

عالم شاهہ: هن گهر يا اداري جي گڏجاڻين ۾ وڏو اثر رسول بخش پليجو جو آهي، تنهن کان پوءِ پروفيسر عزيز الدين احمد، سرور باري، فرزانہ باري، سائين سليم شاهہ، پروفيسر آغا خالد، سيد يار محمد شاهہ، ڊاڪٽر بخت جمال، گل حسن ڪيڙانو، پروفيسر بدرالزمان شاهہ، سيد آصف شاهہ، پروفيسر پرشوتم واسواڻي، سليمان ڏاهري، شهناز راهو جاويد پٽو نفيسہ هودبائي، ڊاڪٽر رجب ميمڻ وغيره.

س: سيد عالم شاهہ جڏهن جيل ۾ ويو تہ اوهان تي ڇا گذري؟

فخرالنساءَ (گهرواريءَ): سندن مامي شاهہ محمد شاهہ ٻڌايو هو اسين ڏهني طور تي تيار بہ هياسين، خدا جو شڪر آهي تہ قومي محاذ تي منهنجو گهر وارو وڙهيو پئي.

س: شادي رات ڇا پاتو هو؟

فخرالنساءَ: سوسيءَ جو پڙو هو جنهن کي ڪنجري چوندا آهن.

ماڻڪ چوٽو جن جو

س: جهيڙو ٿئي تہ پوءِ ڪير پرچائي؟

فخرالنساءَ: هاڻ تہ جهيڙو ميٽنگ ۾ ختم ٿيندو آهي.

س: سائين جي دورن ٿي وڃڻ سان ڪهڙا حالات ٿيا؟

فخرالنساءَ: ماڻهن ڇيو تہ عالم شاهہ ٻي شادي ڪئي آهي، پر اهو افواهہ هو پوءِ سنڌياڻي تحريڪ ۾ وڃي مون دوري تہ ڏنو تہ ماڻهو هيترن مسئلن ۾ گهيريل آهن ۽ شوق پيدا ٿيو تہ انهن ماڻهن لاءِ ڪم ڪجي. ايستائين جو سيدن جي ڪٽنب ۾ رهندي ڪوڙ مسئلا ٿيا، وڏو مسئلو هو پر هاڻ نياڻيون پڙهيل آهن، سڀ ڏک سُور لهي ويا.

س: شاپنگ ۾ ڪنهن جو زور هلندو آهي؟

فخرالنساءَ: سائين بس بل ڏئي ڇڏيندو آهي، گهٽو بحث ڪو نہ ڪندو آهي.

س: نواب ڪيفي، نورالهدي شاهہ جي دستاويزي فلم برائيڊس آف قرآن لاءِ توهان جي حويلي کي شوٽ ڪري توهان جو انٽرويو ڪيو. ڪيئن تجربو رهيو؟

فخرالنساءَ: سنو تجربو رهيو. بي بي سي تي انٽرويو ڏنوسين تہ بہ گهٽن ماڻهن اعتراض ڪيو. پر اسين هر مثبت قدم کي ساراهيندي آُتساهہ سان ڪندا آهيون.

س: پارن مان ڪير پيارو آهي؟

فخرالنساءَ: قمر، جنهن تي پيٽ جو نالو آهي، علي مير شاهہ پٽ پوپري پٽ آهي.

س: شادي تي ڪپڙن جي گهرج هجي، پوءِ پار سائين عالم شاهہ کي چوندا يا توهان کي؟

فخرالنساءِ: اهو سيڪريٽري (ڪُنهن) ڪم ڪندي آهي.

س: سائين پارن جي ڪيتري هيلپ ڪندو آهي؟

فخرالنساءِ: پارن جي هر مدد ۾ سائين اڳيان هوندو آهي، ايستائين جي پارن کي اسڪول جي ڪم ۾ مدد بہ ڪندو آهي.

س: گهر ۾ قائم آئين ۽ منشور جي وصف ٻڌايو؟

سونيا: (8 سالن جي): ڪوڙ کو نہ ڳالهائبو سچ ڳالهائبو ياءُ پيٽ سان کو نہ وڙهبو فضول خرچي ڪانہ ڪبي، گهر جو ڪم ڪار ڪبو ضد کو نہ ڪبو شوق ڪري پڙهبو ننڍي وڏي جو خيال ڪبو.

س: سبرينا (9 سالن جي آهي) گُڏي جي پليجو صاحب سان گڏ سالگرهہ ڪندا آهيو. توهان کي امان، بابا ۽ مان ڪير ٿو وٺي؟

سبرينا: ٻئي وٽن ٿا، ٻيو مون کي اسڪول جا ڪتاب وٽن ٿا، وڏن جو ادب ڪرڻ گهرجي، ٻيا ماڻهو نہ تہ چوندا تہ پاڻ جي عزت نٿا ڪن تہ ٻين جي عزت ڪيئن ڪندا، قوم جي خدمت ڪيئن ڪري سگهبي.

س: علي مير شاهہ توهان گهر ۾ ڪيئن ٿا ڊيل ڪريو؟

علي مير شاهہ: سڀ گهر جا ٻار خرچي بچائيندا آهن، انهن مان انهن کي توئر

ماٽڪ چوٽو جن جو

ڪرائيندا آهيون. پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ جي ذميداري محسوس ڪندا آهيون.

س: سياڻي توهان جي گهرواريءَ کي نوڪري ملي ته ڪرڻ ڏيندؤ؟ رات جو شايان لاءِ ڪير اُٺندو آهي؟

علي مير شاهه: مون کي ڪو اعتراض ڪونهي، ٻئي اُٺندا آهيون. پر هاڻ ڪير ته راحيلا ئي پياريندي آهي، ٻار جي پاڻي صاف ڪرڻ ۽ ٻار کي تنجي ۾ ٻه پاڻ وجهندو آهيان. گهر ۾ اهي شيون مون لاءِ ٻه ضروري آهن.

س: راحيلا علي مير شاهه کان پيسا ونڊندا آهيو يا....؟

راحيلا: گهر جو خرچ آڻون هلائيندي آهيان.

علي مير شاهه: پاڻ آڻون ٻه هن کان ونڊندو آهيان.

س: اوهين بابا کان ڪيترا متاثر آهيو؟

علي مير شاهه: بابا سڻپيءُ آهي، انهيءَ ڪري ئي سڻو سياستدان ٻه آهي.

س: بابا سان گڏجي جلوسن ۾ ويندا آهيو؟

علي مير شاهه: ايس بي تي سجاڳ ٻار تحريڪ ۾ رهيو آهيان هينئر سنڌي شاگرد تحريڪ جو ميمبر آهيان. بي اي مڪينيڪل انجنيئرنگ فائنل ۾ آهيان. ايم بي اي ڪرڻ جو ارادو آهي. جوائنٽ فيصلي کي ترجيح ڏيان ٿو. امان، بابا، پڦو سان گڏ رهڻ ۾ مزو آهي ۽ هاڻ ته اسان جو نچوڙ شايان آهي.

س: ڊاڪٽر نادیہ اوهان ڊينٽل چو چونڊيو؟

نادیہ: مون کي ڊينٽل يا بي ڊي ايس ۾ وڌيڪ چارم محسوس ٿيو.

س: توهان جون ٻيون ڪهڙيون ترجيحات آهن؟ بابا سان ڪهڙي فرمائش ڪندا آهيو؟

گهر جا ڪم ڪار اهو دل چوندي آهي ته بابا جن سان وقت گذاريون.

س: بابا جيل ۾ رهيو ته اهو دور ڪيئن رهيو؟

نادیہ: ڏاڏي کان پڇندا هئاسين ته بابا جيل ڇو ويو آهي، ننڍا هئاسين، انهيءَ ڪري ڏک جو احساس ڪو نه ٿيندو هو پر ڏکيو لڳندو هو.

س: گهر ۾ آئين ۽ منشور کي ترجيح ڏيو ٿا؟

نادیہ: ڇوڪريءَ لاءِ اهو ضروري آهي ته گهر ۾ مائٽن جي مدد ڪجي، سينې تي ڪم ورهايل آهن. انهيءَ ڪري پوپري ۾ چانهن ناهي ٿي، فاريہ ۽ عيني سيڊو سامان جي چارج سنياالين ٿيون، گهر ۾ ڪم ورهايل آهن ته ڊسيپلين رهي ٿو.

س: اڳيان چا پروگرام آهي؟

نادیہ: بابا جي پلاننگ آهي ته مٽياري ۾ هڪ وڏو هاسپيٽل ناهرايون، جنهن ۾ سڀ ڇوڪريون هجن، ڇو ته غربت جي ڪري مسئلا ٿين ٿا، ايستائين جو گائنالوجست جا ٻه الڳ شعبا هجن. ايڪسري ۽ الٽرا ساؤنڈ الڳ هجي ۽ اها پلاننگ ڳوٺن ۾ مروج ڪرڻ ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

ماڻڪ چوٽو جن جو

س: گھر جي سيڪريٽري (نُنھن راحيلا شاھ) هوندي اوھين سڀ ڪم ڪيئن ڪندو؟

راحيلا شاھ: اسين ساڻي جي حيثيت ۾ زال، ڏيءُ، نُنھن جي حيثيت ۾ ڪريون ٿا ۽ پوري ڪوشش ڪريون ٿا تہ ڪنھن کي شڪايت جو موقعو نہ ملي. گھر ۾ اھو ڊسيپلين جو مظاھرو انھيءَ ڪري ٿا ڪريون تہ اسان جي ميمبرن ۾ اعتماد وڌي، اسان جا ھڪبئي ۾ ذاتي نہ پر ساڻي رشتا آھن، انھن جو مان رکڻو آھي.

س: ايل ايم سي ۾ ڊاڪٽر قمر توھين ڪيئن محسوس ڪندا آھيو؟

قمر: ايل ايم سي ۾ ھڪ ذميدار شاگرد جي حيثيت سان ويندا آھيون پر عالم شاھ جي نالي سان ماڻھو وڌيڪ عزت ڏيندا آھن تہ بابا تي فخر ٿيندو آھي.

س: ماحول مطابق گھر ۾ اھو ڊسيپلين ضروري آھي؟

نادیہ: ياءُ، علي مير شاھ کي نوڪرياڻيون شيڊياڻيون ڏيج ڏائي (يعني اھا نوڪرياڻي، جيڪا ڏيج ۾ ملي) ڊائنا ۽ نوري آھن، پر اسين انھن کي ٻہ پينرون سمجھون ٿا ۽ انھن سان گڏ ويھي ماني کائون ٿا، گھر ۾ انھن کي نوڪرياڻين جيان نہ پر پينرن جيان ڊيل ڪيو ويندو آھي.

س: رسول بخش پليجو اوھان وٽ اچي ٿو تہ اوھين ٻارانھن کي ڪيئن فيل ڪندا آھيو؟

نادیہ: پليجو صاحب ٻارن سان راند ڪندو آھي ۽ اسان سان دوستن جيان ڳالھيون شيئر ڪندو آھي.

س: ميگزين گھر ۾ ايندو آھي؟ پڙھڻ متعلق ڇا خيال آھي؟

قمر: فلمي شوبز گھٽو پڙھندا ھئاسين، بابا جن وارا سياسي ڪتاب پڙھندا آھن. شي وغيره مان گھٽو ڪري ڊزائينگ بڪ خريد ڪندي آھيان. شوق ڪري پڙھڻ سان اُتساھ پيدا ڪرڻ، بابا ھوم ورڪ ڪرائيندو آھي، ايس ايس بي تي جي مرڪزي آرگنائيزر رھي آھيان، فنڪشن ۾ پليجو صاحب ھميشہ تقرير لاءِ مون کي چوندا آھن.

سائين سيد عالم شاھ کان يادگار ڳالھيون شيئر ڪرايوسين تنھن کان. پوءِ سائين جو ۽ سندس پوري فيملي جو انٽرويو ورتوسين، انھيءَ کان پوءِ اسان سائين جن کان موڪلايوسين.

پنڌرنھن روزا "عبرت" 15 اپريل 1999

رسول بخش پليجي صاحب کي مون ڪيئن ڏٺو آهي!

غلام نبي بهراٽي چوندو آهي ته پاڻ هڪ ٻئي جا پائر، پيءُ، ماءُ، پيٽ، دوست، ڊاڪٽر ۽ ساٿي آهيون. سو واقعي جڏهن پليجو صاحب جي باري ۾ سوچيندو آهيان ته هن ۾ اهي سڀ گڻ آهن، جيڪي هڪ سڳي رشتن ۾ آهن. پليجي صاحب منهنجي رهنمائي هر رشتي وانگر ڪئي آهي. جڏهن مون کي رهنمائي جي ضرورت هوندي آهي تڏهن جيئن هڪڙو پيءُ پنهنجي اولاد کي خراب ٽيٽ نه ڏيندو آهي ۽ اولاد کي خراب ٽيٽ کان بچائڻ لاءِ سختي ڪندو آهي. اهڙي نموني پليجو صاحب جڏهن به ڪا گهٽ وڌائي ڏسندو آهي، خاص ڪري مون کي نالا ياد نه ايندا آهن يا تقرير روانگي سان نه ڪندو آهيان يا شعر ياد نه هوندا آهن يا ڪاب ڳالهه سوچي سمجهي نه ڪندو آهيان، تڏهن اهڙي تنقيد ڪندو آهي جو اکين ۾ پاڻي اچي ويندو آهي پر مجال جو پليجو صاحب کي ٽورو بر رحم اچي، بي رحم ٽي ويندو آهي. چوندو آهي ته سنڌي ماڻهن جي سياسي ڄمار تمام ننڍي ٽيندي آهي، انهيءَ ڪري منجهن برداشت جو مادو نه آهي. ٽوري ۾ ويهيو رهن، انهيءَ جو سبب علم نه هئڻ آهي. سو هڪ ته پڙهو ڪونه ٿا، ٻيو ته جيڪو آئون چوان ٿو اهو نه غور سان ٻڌو ۽ سمجهو ٿا ۽ نه ئي وري پنهنجي جاڻ وڌايو ٿا. جڏهن پليجو صاحب جي ڏنل رهنمائي هيٺ جڏهن به ڪو عمل ڪندو آهيان ته ان جا نتيجا تمام سٺا نڪرندا آهن. ڪڏهن ڪا غلطي ڪندو آهيان يا سست ٽي ويندو آهيان يا بيمار ٽي ويندو آهيان ته پليجو صاحب ماءُ وانگر دلداري ڏيئي پر گهور لهندو پر ور ور ڏيئي ٻيو پچندو ۽ رهنمائي ڪندو رهندو جيستائين انهيءَ مسئلي مان آجو نه ٽيندو آهيان. اهڙي طرح جڏهن پاءُ جي ضرورت محسوس ڪندو آهيان ته پليجو صاحب پاءُ ٽي مدد ڪندو آهي. جڏهن پيٽ جي ضرورت هوندي آهي ته هڪڙي پيٽ پاءُ جو انتظار ڪندي آهي درن ۾ واجهائيندي آهي، انهيءَ وانگر پليجو صاحب ڏسندو آهي، پيٽ وانگر انتظار ڪندو آهي پر جي ايان به نه آيس ته بنا پروگرام جي متياري واري گهر اچي نڪرندو آهي. اهڙي نموني ڪڏهن استاد ٽي دنيا جي علمن تي سمجهاٽي ڏيندو آهي ته ڪڏهن روزمرهه جي روين، تصورن، خواهشن ۽ عمل تي رهنمائي ڪندو آهي ته ماٺهوءَ جا رويا ڪهڙا هجن مثال پنهنجو پاڻ سان رويو پنهنجي ڪم سان رويو. گڏجاڻين فيصلن ۽ عمل بابت رويو هن سماج ۽ انقلاب لاءِ رويو دشمن ۽ دوست سان رويو مقصد پنهنجي زندگيءَ جي پل پل سان رويو ڪهڙو هئڻ گهرجي. انهيءَ رويي مان پاڻ کي

ماڻڪ چوڻو جن جو

پنهنجي پارٽي ۽ عوام ۽ انقلاب کي ڪهڙو فائدو ٿو رُسي، اهو سمجهي انهيءَ مطابق رويو درست ڪرڻ گهرجي. اهڙي نموني بهادري، عزت، بي عزتي، غيرت بابت فرسوده تصور ختم ڪري نوان تصور ناهڻ گهرجن. مثال ذاتي بهادري کي ئي اهميت ڏيڻ، ذاتي عزت ۽ بي عزتي جي جڳهه تي گڏيل عزت ۽ بي عزتي جي تصور کي قائم رکجي. ذاتي غيرت جي جڳهه تي گڏيل قومي انقلابي غيرت جو تصور قائم ڪرڻ سان ئي اسان جو چوٽڪارو ٿيندو. اهڙي طرح سان سڀ خواب، سڀيون خواهشون ڪرڻ گهرجن. ذاتي خوابن ۽ ذاتي خواهشن جي جڳهه تي گڏيل خواهشن جا تصور ڪرڻ گهرجن. اهڙيءَ طرح روزڪنهن نه ڪنهن موضوع تي اهڙي نموني ڀالهائيندو آهي ۽ پوءِ اها سائنس هجي، فلسفو هجي، ڪائنات هجي، اها سياست هجي، اها تاريخ هجي، اهو جدليات جو علم هجي يا ادب پر ماڻهو سمجهندو اهو ته منهنجي زندگي اڌروي آهي. انهيءَ کي سمجهڻ ڪانسواءِ واقعي منهنجي زندگي اڌوري آهي. پڙهڻ ۽ پڙورڻ لاءِ شروعات کان وٺي گهوڙا گهوڙا ڪندو اچي. هڪ ڏينهن پٽر کي چيائين ته علمي ڪلاس ڪجن، ڪتاب لکجن ۽ ڪتاب پڙهجن. پٽر چيو ته ڇا جا ڪتاب اهڙا ڪتاب جي ماڻهو لکڻ چاهي ته هر ڪو لکي سگهي ٿو جي آئون روزمرهه ۾ جيڪو ڪريان ٿو اهو لکان ته ڪتاب لکجي وڃن. پڙهڻ جو تائيم ڪٿي آهي پر جي تائيم ملي ته پڙهي ڇڏجي. پليجي صاحب چيو ته پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونه ٿيندو. پوءِ زور ڪري ڏهن ڏينهن جا ڪلاس رکياسين، جن ۾ مائو جي قولن جا سڀ باب ۽ دنيا جي سڀني انقلابن تي ليڪچر رکياسين. اتفاق سان انهن ڪلاسن کان اڳ منهنجي شادي جي منائي ورهائي وئي. آئونمتياري ويس سيدن ڊوڙائي ڪڏيو خوار خراب اهڙو ٽيس ۽ بي عزتي ٿي. جڏهن فاضل صاحب وٽ ويس ته روئي پيس. فاضل صاحب ڏٺو ويو پليجي صاحب ڏانهن، پليجو صاحب نه ڪڇيو نه پڇيو. سڏا آياسين ليڪچر واري جڳهه تي، مون کي انتظامي ڪميٽي تي کڻي رکيائين. هاڻ آئون ٿي ويس لوهه ڪيڏانهن ويا روئڻ ڪيڏانهن وئي منهنجي بي عزتي، وٽ وڃان نظرياتي بحث، دماغ ۾ ڀالهيون ٿي ٻيون. آخر ۾ چيائين ته توسان انهيءَ ڏينهن ويهي گڏ روئجي ها ته به روئي پئي سگهياسين پر اهو علاج نه هو. اصل علاج اهو هو جيڪو ڪيوسين هاڻ ڏس مڙس ماڻهو ٿي وئين نه؟ مقصد ته پليجو صاحب جيڪا ڀالهه سمجهندو آهي ته هيءَ ڪرڻ کپي ته اها هر صورت ۾ ضرور ڪندو آهي. پر فرق فقط اهو آهي ته اها اڪيلي سر نه پر سمجهائي، ماحول ناهي، سيني کان گڏيل فيصلو وٺي پوءِ ڪندو آهي چوندو آهي. ڪيڏي به صحيح ڀالهه هجي پر آهي ته

هڪڙي ماڻهو جي، تنهڪري اها ڪو به فائدو نه ڪندي پر انهيءَ ڳالهه لاءِ صحيح ماحول ٺاهي، سيني جي گڏيل فيصلي سان ٿيندي ته انهيءَ جا نتيجا سڀ نڪرندا، انهيءَ ڪري پنهنجي صحيح ڳالهه ڪنهن تي مڑهڻ بدران سمجهائي، ماحول ٺاهجي جيئن اڳيون سمجهي ته نه رڳو اها صحيح آهي پر اها منهنجي به ڳالهه آهي. آئون به ائين ٿو سوچيان، جيئن تجويز رکندڙ ٿو سوچي. سنڌ جي جيلن ۾ پهرين سياسي قيدي ۽ عام قيدي جو وڏو فرق هوندو هو. سياسي قيدي عام قيدين سان ملڻ پسند نه ڪندو هو. پر جڏهن کان اسان جيلن ۾ وياسون، پليجو صاحب، فاضل صاحب، حسين بخش ناريجو، ادريس ميراڻي، گل چانگ، اسماعيل مهيري، محمد صديق راهو ۽ ٻيا دوست، انهن هفتي جي سيني ڏينهن جو پليجي صاحب ٽائيم ٽيبل ٺاهيو. جنهن ۾ هفتي جي سيني ڏينهن کي ڪمن ۾ ورهايو ويو. جنهن ۾ پڙهڻ، لکڻ، عام قيدين سان رابطو ڪرڻ وغيره وغيره.

هفتي ۾ ٻه ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي ليڪچر هوندو هو. ڪنهن ڏينهن هر ساڻي پنهنجي آتم ڪهاڻي ٻڌائيندو هو. ڪنهن ڏينهن ڊراما ڪندا هئاسون. اهڙو ٽائيم ٽيبل ٺهيو جو جيل کي يونيورسٽي ۾ تبديل ڪري ڇڏيوسين. اسان سان ٻيا به سياسي قيدي جهڙوڪر شاهه محمد شاهه، قمر راڄپر، رحمت الله هيسباڻي، عنايت هيسباڻي ۽ ٻيا به جيڪي عام ۽ سياسي قيدي هئا. اهي لکڻ پڙهڻ ۾ شامل هوندا هئا. انهيءَ دوران ڪيترا ڪتاب لکيا جي جيل اندر فيئر ڪري ٻاهر موڪليا، جيل اندر عام قيدين سان رابطو رکي، انهن جي ڪمن ڪارين ۾ سندن مدد ڪري، ساٿن دوستيون رکي، سمجهائي، ساڻي ڪيوسين جيل ۾ پيلجي صاحب جي رهنمائي هيٺ گل محمد چانگ سندس آتم ڪهاڻي لکي ٻاهر موڪلي. جيڪا "پنهنجي پچار" جي نالي سان ڇپي آهي. ٻيو پليجي صاحب جي همٿ افزائي ۽ رهنمائي سان يوسف بلوچ هڪ ٻئي جنم قيدي پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي "جنم قيدي" جي نالي سان ڇپي. ٽيون اختر بلوچ قيدياڻي جي ڊائري لکي جا قيدياڻي جي نالي سان ڇپي آهي.

پليجي صاحب جي جيل جي ڊائري ڇپائي هيٺ آهي. مقصد ته جيل جيل نه هو هڪ يونيورسٽي هو. جنهن ۾ عام قيدي به گڏ رهڻ سان وڏي ڄاڻ حاصل ڪري ٿي سگهندو.

هڪ پيري عبدالوحيد ڪٽپر جي زماني ۾ 160 قيدي جيڪي جنم قيدي هئا، آزاد ٽيا ۽ وري ٻڌا جن کي وري آزاد ڪرائڻ لاءِ پليجو صاحب هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪئي. جنهن جو وڪيل پليجو صاحب هو. رٽ وڃهڻ وارو آئون ٽيس. ڪيس جڏهن هلڻ وارو هو انهيءَ ڏينهن پليجو صاحب جنگشاهي ۾

هو. صبح گڏجي ڪراچي اچڻا هئاسون. رات جو پليجي صاحب جي پيٽ ۾ خرابي ٿي پئي. صبح جو پليجو صاحب آيو ۽ چيائين ته اج هاءِ ڪورٽ ۾ ايڊووڪيٽ بار ايٽ لا سيد عالم شاهه پيش ٿيندو چو جو منهنجي طبيعت خراب آهي، آئون نٿو هلي سگهان. اها آخري تاريخ هئي همراهه يا آزاد ٿين يا جنم قيد ڪاٽين. مون کي پگهر وهڻ شروع ٿيو. حڪم جي تعميل ڪري سندس لکيل پتو جنهن ۾ رهنمائي لکيل هئي، ساڻ کڻي هاءِ ڪورٽ آيس. جج صاحب آيا، ڪيس جو سڏيو ٿيو ۽ آئون اڪيلو بينس، نه ڪيم پڇا نه ڳاڇا، جيڪو پني تي لکيل هو سو جلدي پڙهي ويس. جڏهن ختم ڪيم ته پگهر پئي وهيو. وڪيلن پئي ڏٺو جج نه پئي ڏٺو. پر آخر ۾ جج آرڊر ڪيو ته سيئي قيدي آزاد ڪيا ويجن. منهنجي خوشيءَ جي حد ڪانه هئي، وڪيلن به مبارڪ ڏني. بس پوءِ سيني جي آزاديءَ جو آرڊر وٺي حيدرآباد آيس. ٻئي ڏينهن سيئي همراهه آزاد ٿيا. آئون واپس پليجو صاحب وٽ آيس، سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايم چيائين " زبردست! هاڻ ٻڌاءِ! وڪيل توکان وڏو ڪير آهي. جنهن هڪ ڏڪ سان هيترا قيدي آزاد ڪرايا سي به جنم قيدي فقط هر ڪم ڪرڻ وقت حوصلي ۽ پنهنجو پاڻ تي اعتماد جي ضرورت آهي"

پليجو صاحب ذاتي طرح پاڻ ڏانهن توجهه نه ڏيندو آهي. هڪ پيري ٻئي ۾ جتن جي آخري آرگيومينٽ لاءِ پليجو صاحب سنبري نڪتو. جڏهن ڪورٽ جي در تي پهتاسين ته سڏ ٿي چڪو هو. پليجو صاحب اوچتو چيو "عالم شاهه! پاڻ هٽ منهن ڪونه ڏوتو آهي. بس هٽن سان پچيون ڪيڙي ڪورٽ ۾ ويو.

هڪ پيري جامشوري سنبري نڪتاسون، پليجو صاحب کي فُل سوٽ پيو هو. رستي ۾ ڪوٽ مان رومال ڪيڙي نڪ صاف ڪيائين پر اهو رومال نه پر سندس جوراب هو. مقصد ته پنهنجي ذات ڏانهن توجهه نه ڏيندو آهي. ان ڪري سندس گهر ۽ ٻارن ڏانهن ذاتي توجهه نه هڻڻ ڪري اوڏو آهي نه چوڏو آهي. هڪ ڏينهن پليجو صاحب تي وارنٽ هجن. پليجو صاحب چيو ته جي ٻڌجي ويس ته شايد تکڙو نه ڇڏين، انهيءَ ڪري سندس ڏيءَ شهناز جنهن کي گهر ۾ پروين سڏيندا آهن، جيڪا اسلم کي ڏنل آهي انهيءَ لاءِ چيائين ته ان جي شادي ڪجي، مون اسلم سان ڳالهايو. پوءِ امان سان ڳالهايوسين جنهن ٻن ڏينهن جي مهلت گهري جو ڪنوار جو وڳو هڪ ڏينهن ۾ نه ٿي مليو. خير ٻن ڏينهن کان پوءِ شادي جي تاريخ رکي ويئي. شاديءَ جي ڏينهن پليجو صاحب جو وڏو پٽ سليم آيو چيائين ته ادي جي شادي ايتري تکڙي چو ٿا ڪرايو. سڄي ڳالهه ڪري چيائين ته منهنجي شادي به اج ڪرايو. پليجو صاحب سان ڳالهايم. چيائين ته ڪنوار آئي

ماٹڪ چوٽو جن جو

اٽس؟ چيم ها. بس رڪشا تي چڙهي گهر آياسين. ڪنوار ڪان پڇياٽين جنهن ڪنڊ هيٺ ڪيو پر ڪپڙا نه هٿا اوڏي مهل هڪ حاجياٽي جا ڳاڙها ڪپڙا ڪنوار کي پارايا ويا ۽ اهڙي طرح ڪلاڪ کان پوءِ سليم جي شادي ٿي، جنهن تي ٽوٽل خرچ 60 روپيا آيو.

لياري عثمان پارڪ وٽ جڳهه مسواڙ تي ورتيسون، جنهن ۾ عارب رهندو هو. آئون پليجو صاحب ۽ لکانو بهراٽي حيدرآباد مان ڪراچي اچي انهيءَ جڳهه ۾ رهياسون. عارب خالي اچي انهيءَ ۾ سمهندو هو. باقي جڳهه خالي رهندي هئي. پر اسان اچي رهياسين. پليجي صاحب کي شايد ڪو ڪتاب لکڻو هو انهيءَ ڪري حيدرآباد ۾ نويڪلاٽي نه هئڻ ڪري ڪراچي ۾ وڌيڪ نويڪلاٽي هئي، جڳهه جي ڪاڪوس جي اهڙي حالت هئي جو گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينا صفائي ڪانه ٽيل هئي. جڳهه جي ٻاهر جو دروازو ڪولي ويهي نه سگهبو هو. ليٽرين ۾ ويڙهه تہ ممڪن ئي ڪو نه هو. پليجي صاحب چيو تہ "اها صفائي ڪنداسين" پاڻ هليو ويو. مون کي چيائين تہ پاڻي پريندو ڏينداچ. پاڻ صفائي ڪيائين مون پاڻي ڏنو. ايتري بدبوءِ هئي جو آئون نڪ ٻڏي پاڻي ڏينداهيس. تڏهن انهيءَ ڏپ جي ڪري متي ۾ سور ٿي پيو بيمار ٿي پيس. ٻاهر نڪري اُلٽيون ڪرڻ لڳس پر پليجي صاحب جيئن ٻينو هو تيئن ٻينو رهيو. تيسين ڪونہ ويٺو جيسين صفائي مڪمل نہ ڪيائين. پوءِ صفائي تي وڏو ليڪچر ڏنائين تہ "جيڪو ماٹهو ڊونڊ کي صاف نٿو ڪري سگهي، جنهن ۾ هن صفائي جي جرئت ۽ حوصلو ناهي. اهو ماٹهو هن هزارين سالن جي معاشري جي ڊونڊ کي ڪيئن صاف ڪري سگهندو. پيو تہ اسان کي هر اهو ڪم ڪرڻ گهرجي، جيڪو پيو ڪو نہ ڪري سگهي. اصل برتري اها آهي تہ هر نہ ٽيندڙ ڪم ڪجي ۽ ڪري ڏيکارجي." پوءِ انهيءَ جڳهه ۾ جيترا ڏينهن هٿاسين، انهيءَ کي صاف ستُرو رکيوسين، جو جيڪو ايندو هو سو چوندو هو واقعي توهان ڏکين حالتن کي بهتر حالتن ۾ تبديل ڪري سگهو ٿا. پليجو صاحب چوندو هو تہ " ڪتو جتي بہ ويهي ٿو تہ اتي بہ پنهنجو پڇ هڻي پوءِ ويهي ٿو. پاڻ تہ انسان آهيون پاڻ کي نہ رڳو رهڻ جي جاءِ صاف ڪري ويهڻ کپي پر روزانہ پنهنجي ڪم جي ڪارڪردگيءَ جو بہ جائزو وٺڻ گهرجي تہ اڄ مون ڪيترو وقت صحيح طريقي سان صحيح ڪم لاءِ گذاريو ۽ ڪيترو وقت منهنجو رائيگان ويو. اهان چنڊچاڙ ڪري پنهنجو پاڻ تي تنقيد ڪري، پنهنجي ذهن کي روزانو صاف ڪرڻ گهرجي. تہ جيئن هن معاشري جي خرابين جا اثر جيڪي اسان تي روز پون ٿا انهن کي ڪڍي، بهتر انسان ٿي گذاريون. پيو تہ بهتر انسان ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ وڌن جي قولن کي ياد ڪجي جيئن هڪ ڏاهي چيو آهي تہ ڪي انسان زندهہ رهن ٿا

ماڻڪ چوٽو جن جو

فقط ڪائڻ لاءِ! جيڪي ڪائڻ لاءِ زنده رهن ٿا انهن جي سڄي زندگي ڪائڻ پٽيان گذريو ويجي. ڪائڻ ۾ اهڙا انڊا ٽيو ويجن جو زماني جي ڪنهن به ڇڳائي مٽائي جي ڪابه خبر ڪانه ٿي پوين. هڪڙي ڏينهن ڪتي جي موت مريو ويجن! سندن زنده رهڻ سان انسان ذات کي ڪوبه فائدو نٿو ملي. پر ڪي ماڻهو صرف ايترو ڪائين ٿا ته جيئن زنده رهي سگهون. انهن ماڻهن جي زندگي جا ڪيترا عظيم مقصد آهن، جيڪي جيتري به زندگي گذارين ٿا (اها ٿوري آهي) اهي ڏيهاڙا تاريخ جو ورق بنجيو وڃن. پاڻ کي به پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ زنده رکي، ڪجهه ڪرڻو آهي ۽ ڪري ڏيکارڻو آهي."

پليجو صاحب کي پنهنجو گهرو ماحول نه آهي، سندس زندگي رڳو سڄي قوم ۽ عوام لاءِ گذري آهي. انهيءَ ڪري سندس عزيز ۽ اولاد منجهائنس خوش نه آهن، انهيءَ ڪري گهرو ماحول ۾ ڪيس مزو نه ايندو آهي پر جڏهن منهنجي گهر ايندو آهي، سندس مٽان ٻارن جا ميڙ هوندا آهن. پليجي صاحب جهڙو ماڻهو جيئن ٻار چونس تيئن ٻارن جي چوڻ مطابق عمل ڪندو رهندو آهي، ٻار چوندس ته گهمڻ هلو ته هزار ڪم ڇڏي، ٻارن سان گڏ گهمڻ هليو ويندو. تازو مٽياري ۾ آيو منهنجي حاجياڻيءَ ڪم ڪار لاءِ وٽس ويئل هئي، حاجياڻيءَ جي چمار ست سال آهي اسان سمجهيو ته پليجو صاحب لکندو هوندو پر خبر پئي ته حاجياڻيءَ اڳڻ ۾ ڪرسي اونڌي ڪري، پليجي صاحب کي چيو ته چاچا توهان ٽانگي تي چڙهندا؟ ته پيلجو صاحب لکڻ ڇڏي حاجياڻيءَ سان ڪيترو وقت راند ڪندو رهيو. جيئن ٿي حاجياڻيءَ چيس تيئن ٿي پاڻ ڪيائين. آڻون ويس ته حاجياڻيءَ چيو ته چاچا مون سان هن ٽانگي ۾ چڙهي هليو آهي. خير مون پليجو صاحب کي چيو ته توهان هي لکڻ جو ڪم ڇڏي، راندين پيا ڪريو. چيائين ته "ٻارن کي جواب نه ڏيڻ گهرجي. سندن ڪچا ذهن آهن جي ڪين جواب ڏبو ته سندن اعتماد ٽٽي پوندو. انهيءَ ڪري سندن ڳالهه مڃي، ٻارن سان ٻار ٿي، جيڪا ڳالهه سمجهائبي، اها هنن کي سمجهه ۾ ايندي. اهڙي نموني اهي ٻار ذهين ۽ هوشيار ۽ چيوڪار ٿيندا آهن."

هن پيري چيائين ته "هاڻ مٽياري ۾ اچڻ سان ئي ٿو سمجهان ته پنهنجي گهر پيو هلان، ڪابه نواڻ محسوس نٿو ڪريان." گهر وارا ننڍا وڏا سڀ پليجي صاحب سان اهڙا ته ٺهي ويا آهن جو هن کي پنهنجي گهر جو ياتي ٿا

سمجهن. پنهنجي ڏکن سکن جو پائيوار ٿا سمجهن.

منهنجي ننڍڙيءَ ڏيءَ جنهن جي ڄمار 5 سال آهي انهيءَ کان پڇيم تہ پليجو صاحب توهان کي چوٽو پائني ۽ توهان کيس چوٽا پانيو؟ چيائين تہ بابا چاچا پليجو پنهنجو ساٿي آهي. "آئون" جي بيماري نہ اٽس انهيءَ کري ٽو پائني. اسان بہ سندس ساٿي آهيون ۽ اسان ۾ بہ "آئون" جي بيماري کانہ آهي." مون پنهنجي ڏيءَ راحيلا ۽ علي مير شاهہ ۽ آني کان پڇيو تہ پليجو صاحب جي اچڻ سان توهان چا سکيا آهيو ۽ چا ٿا محسوس کريو؟ تڏهن چيائون تہ "ذاتي رشتا، خوف، لالچ ۽ ملکيت تي ٽڪي پوندا آهن. انهن جو پيار ۽ پنهنجائپ فقط نفعن ۽ نقصانن تي هوندو آهي. انهيءَ کري ساڻين جا رشتا ڪڏهن بہ نہ ٽٽندا آهن انهيءَ ۾ پنهنجائپ ۽ پيار هميشہ لاءِ هوندو آهي. انهيءَ کري پليجو صاحب جڏهن ايندو آهي تہ اسان کي ساٽس ڪچهري کرڻ ۽ سکڻ جو شوق وڌندو آهي."

ماهوار "تحريڪ" رسول بخش پليجو نمبر

عظيم زندگي ـ شاندار موت - شهيد فاضل راهو

فاضل صاحب سان پهرين ملاقات ٽنڊو محمد خان ۾ ٿي، جتي گڏجاڻي رکيل هئي. ٽنڊو محمد خان جا دوست غلام نبي بهراڻي، محمد خان مگسي، حاجي قاسم، مريد علي رند جيڪي فاضل صاحب جا ذاتي يار هئا. جن هن کي سياست ۾ آندو. جڏهن غلام محمد بڙاج پوڙ کان پوءِ زمينون هڪ ته جنرلن ۽ ڪرنلن کي ڏنيون ويون. باقي ڪجهه ڪٽنب وسيلي ڏنيون ويون. جن ۾ فاضل صاحب اڳواڻي ڪري لوڪل هارين کي ڪٽايون. انهيءَ جي ڪٽائڻ ۽ ڪامورن سان لهه وچڑ دوران ٽنڊو محمد خان وارا يار سندس درست ٿيا. ٽنڊو محمد خان وارن يارن جو لاڙو سياست ڏانهن هو. جن فاضل جهڙو مڙس ماڻهو سچو ايماندار جفاڪش، نه ٽڪجندڙ ۽ ويڙهو همراهه ڏسي، کٽي سنگت رکي. هنن جي ٽيم ورڪ جي ڪري لوڪل ماڻهن کي زمينون مليون. پيو لوڪل ماڻهن کي زمينون ملڻ کان پوءِ آفيس جي چڪرن کان بچائڻ، زمين تي قبضا وڻي ڏيڻ ۽ زمينن کي آباد ڪرڻ، پاٽي ۽ رستا وڻي ڏيڻ ۾ فاضل صاحب وڏي همٿ کان ڪم ورتو ۽ ماڻهن کي وسائڻ ۽ بچائڻ ڪري. فاضل صاحب تي ماڻهن جو اعتماد ۽ پروسو ايترو هو جو فاضل صاحب جيڪا به ڳالهه ڪري انهيءَ تي هزارين ماڻهو بيهجي ويندا هئا. جنهن ڪري تر جي جاگيردارن، ڏارين، جرنلن ۽ ڪرنلن کي ڏاڍي تڪليف ٿي. جنهن ڪري فاضل صاحب جون دوستيون ته گهڻيون ٿيو پر دشمنيون به وڏي ويون. انڪري انهيءَ سڄي قوت کي بچائڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ضروري هو ته انهيءَ اعتماد ۽ پروسي کي تنظيم جي شڪل ڏجي. ٽنڊو محمد خان وارن يارن ۽ فاضل کي به اهڙن بهادرن، بي لوث ۽ قومي تڙپ رکندڙ ماڻهن جي ضرورت هئي. جن کي گڏ ڪري سندي ماڻهن جي هڪ وڏي قوت ناهجي. فاضل صاحب کي جڏهن پنهنجا هم خيال ۽ ساڻئي جذبي وارا دوست مليا. جڪي سنڌ جي هر مسئلي کي پنهنجو سمجهن. مسڪين ماڻهن جي ڏکن سکن کي گڏي، هڪڙي قوت ۽ طاقت ناهين. جيئن سيئي گڏجي پنهنجي تقدرين جا وارث پاڻ ٿين. اها ڳالهه جڏهن فاضل صاحب کي سمجهه ۾ آئي ته اها ذاتي ياري بدلجي ڏهني ۽ سياسي ياري بنجي وئي. جنهن ڪري ڪهڙو به مسئلو ٿيندو هو ته ٽنڊو محمد خان ۾ گڏجي صلاح مصلحت ڪري. ڳالهه جي سيني پاسن تي سوچي. انهيءَ مسئلي جو حل ڳولهي. هر ڪو پنهنجا ڪم ورهائي روانو ٿيندو هو ۽ پوءِ وري مقرر ڪيل وقت تي اچي

پنهنجي عملي ڪم جي رپورٽ ڏبي هئي. انهن ڏينهن ۾ اهڙي قسم جي گڏجاڻي هئي، جنهن ۾ جيسين فاضل صاحب اچي تيسين اهو ٻڌم ته "وڏيرو فاضل ۽ اجهو ٿو اچي." مون سوچيو ته هتي رڳو هڪڙا اڪامورا، پيا مون جهڙا سيد، ٽيان فاضل جهڙا وڏيرا گڏ آهن. ڳالهه مسڪين ماڻهن جي ۽ سنڌي قوم جي پئي ٿئي، خدا خير ڪري. متان ان هاري دوست جي ڳالهه سچي نه ٿئي. پر پليجي صاحب سان جڏهن اها ڳالهه ٿي، تڏهن پليجي صاحب چيو ته "ائين نه آهي ته ڪو هن ڪان اڳ دنيا ۾ فقط مسڪين ماڻهن جي ڳالهه ڪئي آهي. پر ڳالهه ائين آهي ته مسڪين ماڻهن جي ڳالهه مان هڪڙي قوت تڏهن ٺهي آهي جڏهن مسڪينن هارين ۽ مزدورن سان گڏوگڏ سيني طبقن جي ماڻهن مان انسان دوست ماڻهو به انهن سان اچي گڏيا، تڏهن انهن ماڻهن جي فتح ٿي آهي، انهيءَ ڪري سنڌ جي هارين، مزدورن ۽ سنڌي ماڻهن جي هڪڙي قوت ناهڻ ۾ به سنڌ جي هارين، مزدورن ۽ پورهيتن سان ٻين سيني طبقن جا محب وطن، انسان دوست ماڻهو ساڻ هوندا. تڏهن ٿي سنڌي ماڻهو سوپارا ٿي سگهندا، انهيءَ ڪري فاضل راهو جهڙا محب وطن، انسان دوست ماڻهو ئي گڏ ٿي سنڌي ماڻهن کي سوپارو ڪندا."

ٽيو به ائين ته فاضل صاحب جي سنگت ۾ اچڻ سان رنگ ئي ٻيا ٿي ويا. جڏهن کو مسئلو ٽيندو هو ته فاضل صاحب وٽ "نه" ته هوندي ئي ڪونه هئي. پوءِ اهو مسئلو پلي نڏيڙو هجي يا وڏو هجي. اهو مسئلو لڻ جو هجي يا پئسي جو هجي پر فاضل صاحب پهرين اُٿي ڪڙو ٿي ويندو هو ته اهو ٿي ويندو. ٽيندو به ائين هو جو واقعي ناممڪن مسئلو حل ٿي ويندو هو.

هڪ مسئلو:

شڪاري هارين جو مسئلو هو. شڪاري گولاڙچي تعلقي ۾ هاري هئا. هڪ پيرو ڪين انهيءَ ڪري بيدخل ٿي ڪيو ويو جو هو هاري تحريڪ جا ميمبر ٿي گڏجاڻيون ڪندا هئا. انهيءَ جرم ۾ تر جي جاگيردارن ۽ ڏارين گڏجي جيڪي به هاري فاضل صاحب سان لڳ لاڳاپي ۾ آيا. انهن تي ڪوڙا ڪيس ڪرائي انهن کي بيدخل ٿي ڪرايو. شڪاري هارين تي به ڪيترائي ڪوڙا ڪيس ڪرائي انهن کي پوليس هٿان مارائي، سيني ڳوٺ جي مردن کي ٻڌائي، ٽنڊو محمد خان جيل موڪليو ويو. جيئن انهن جي ضامن ڪٽائڻ ۾ به مهينو ڪن لڳي وڃي. پٽيان هنن جو خيال هو ته شڪاري هارين جون تيار ٽيل ساريون (چانور) جيڪي تمام وڏا ڪوڙ هئا. سي ڪٽائي ويجن ۽ زور زبردستي ڪري، سندن گهر به ڏهرائي ڇڏجن. عورتن ۽ ٻارن کي پنهنجي اباڻي گهرن مان ڪڍي، گاڏين ۾ چاڙهي، ڪٽي پري ڇڏي اچجي. جيئن نه هجي بانس نه وڄي بانسري، سو جيئن ٿي شڪاري هاري

گرفتار ٿي ويا، پنيان فاضل صاحب هارين جي گڏجاڻي ڪوٺائي انهيءَ فيصلي مطابق تر جي سيني هارين جون زالون ۽ ٻار مدد ۾ شڪارين جي ڳوٺ پهچي ويا. رات جو عورتن فيصلو ڪيو تہ ٻار پري رستا جهلي ويهن، جيئن ٿي پري کان پوليس، جاگيردارن ۽ ڏارين جون گاڏيون ڏسن تہ رڙيون ڪرڻ شروع ڪن. پوڙهين لاءِ فيصلو ٿيو تہ پوڙهيون وڏي اڳيان وڃن نڪون ۽ پڇ ويڇائي. پوليس، جاگيردارن ۽ ڏارين جي گاڏين اڳيان بيهي رهن ۽ للراٽيون ڪن تہ ابا ان پلي ڪٽو گهر پلي ڏاهيو پر مهرباني ڪري، اسان جا مرد جيلن مان ڪڍايو. اهڙي نموني نوجوان چوڪريون انن جي ڪوڙن.چوڏاري ڪنڊين جا ڍنگر ڪٽي ويهي رهن. فيصلي مطابق جيئن صبح جون گاڏيون ايندیون ويو تہ سون ٻارن روئڻ شروع ڪيو. پوڙهن آيلن کي ڏتاري گاڏين مان لاهي ويهاريو تہ پهرين اسان جي مردن جو بندوبست ڪريو. پوءِ ان پلي ڪٽو ايتري ۾ آيل همراهن ڏنو تہ خير آهي. پوڙهين کي دلاسا ڏئي پوءِ سپ ڪم ائين ڪيو جيئن ڪرٽو آهي. هنن جو پوڙهين سان ڳالهائڻ، تيسين نوجوان چوڪريون ڪنڊن وارن ڍنگرن سان هنن مٽان ڪڙڪي پيون. همراهہ انهيءَ ڳالهہ لاءِ تيار ئي ڪين هئا. جو مٽن چوطرف ڍنگرن جا وسڪارا ٿي ويا. پوءِ همراهن نہ ڪئي هم نہ تم، اٽي پيرن کان ڪم ورتائون مڙسن جا سامان اتي رهيا، گاڏيون اتي رهيون، همراهہ ڪپڙا ڦاڙائي جان بچائي روانا ٿي ويا. پنيان فاضل شڪاري هارين جو ضامن بہ ڪٽائي آيو. سامان سپ راهوڪي باحفاظت پهچايو ويو. پوءِ تہ ڪيترن ڪامورن جا ڪتڪ اچي راهوڪي پهتا. فاضل صاحب اتي ساٽن مليو. ابا خير تہ آهي! همراهن ڳالهہ ڪري ٻڌائي فاضل صاحب چيو تہ "مڙئي خير آهي" "اچي هي توهان جون گاڏيون، هي توهان جا سامان سنياليو ڪٽو" "راڄن مان پاڪ ڪونہ ويا آهن" ڳالهہ ڳالهہ سان چٽندي، توهان تڪڙ ڪئي. هي مسڪين هاري آهن. هنن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي هنن ڪا توهان جي چوري يا زوري ڪئي يا توهان جو حصو پتي نہ ڏنو آهي جو ايتري چڙهائي ڪيو." "هي مسڪين آڻين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهاڙي سومراوانگر آهن. ڏاها ٿيو انهيءَ مان ڪجهہ بہ ڪونہ ورندو. مسڪين ماريندي ڇا ورندو ۽ هي غريب ڪيڏانهن ويندا." خير فيصلو ٿيو همراهہ ڏوهاري ٿيا. شڪارين جا ڪيس لٽا، سپ خير ٿيو: اهڙي نموني پهرين پهرين ڏارين جو زور هو. چوطرف چڪ ٽهيل هئا. ڏارين پنهنجا قانون ٺاهيا. جيڪو بہ انهن جي خالي زمين مان لنگهي ويندو هو انهيءَ سنڌي کي پڪڙي ذاتي جيلن ۾ وجهي، ٿي ڏينهن ڪمارائي پوءِ ڇڏيندا هئا. ڏارين جي خالي زمين ۾ ڪو ڍور ڍڳو اچي پيو تہ اهو ڪاهي ويندا هئا.۽ ڳرا ڏنڊ وڌي پوءِ ڇڏيندا هئا. فاضل

ماٹڪ چوٽو جن جو

صاحب "ظلم بند ڪريو تحريڪ" هلائي اهي ظلم هر جڳهه تي ظاهر ڪري، انهن ظالمن سان ويڙهه ڪائي اهي بند ڪرايا. هڪڙي طرف "مون پڪ سچاتا پنهنجا هئا، ڪلهه ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾" تر جا جاگيردار ۽ ڪامورا به ڏارين سان هئا. حڪومت ايوب خان جي هئي. ٻئي پاسي مسڪين سنڌي ماڻهو فاضل صاحب ۽ سندس پارٽي فاضل صاحب چوندو هو ته "پليجو صاحب جي گاڏي ڪي آئون اسپيڊ ۾ پاڻهي ٽووجهان. باقي ڪو ايڪسيڊنٽ ٿيو ته منهن ڏجانس."

اهڙي طرح "نيلام بند ڪريو تحريڪ" سڄي سنڌ ۾ هلي ته فاضل ان ۾ اڳيرو هيو. "لسٽن واري تحريڪ" هجي ته به فاضل صاحب اڳيان هر مسئلي جي حل ڪرائڻ ۾ فاضل صاحب جو ڪردار اڳواڻي وارو هو. فاضل صاحب ڪڏهن به پنهنجي ڳالهه ٻئي جي مٿان مڑهڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هميشه مسئلو سيني جي اڳيان رکندو هو. پوءِ انهيءَ تي جيڪو فيصلو ٿيندو هو ته پوءِ پير ٻڌي انهيءَ تي ٻيهندو هو. جيسين ان کي ڪامياب نه ڪري.

گولاڙچي ۾ تيل نڪتو تيل نڪرڻ تي ٻاهران مزدور آندا ويا. جن کي وڏا پگهار ڏنا ويا. ٻاهران ڏڳي گاڏيون آنديون ويون. جن کي هڪ روز جا 200 روپيا ڏنا پر تر جي ماڻهن کي خالي ڏهه پيسي واري نوڪري به نه ملي.

ٻيو جيڪي زمينون متاثر ٿيون انهن جي مالڪن جو نالو نشان به نه هجي. ڪير به چوڻ وارو ڪونه هو. فاضل صاحب اهو مسئلو سڄي سنگت اڳيان رکيو. ان کي سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ ڪنيو ويو. تيل جي ڪوهن کي اتي جي رهندڙ ماڻهن گهيراءَ ڪيا. فاضل صاحب تر جي ماڻهن سان مليو ته فيصلو ڪريو ته ٻاهران آيل گاڏي 200 روپيه تي وڻي اسان هتي اها گاڏي 100 ۾ ٿا ڏيون. ٻاهريون مزدور 100 روپيه روز ٿو وڻي. هتي جو مزدور 50 روپيه ٿو وڻي. ٻاهرين مزدور 4 ڪلاڪ ٿو ڪم ڪري. هتي جو مزدور 10 ڪلاڪ، ٻاهريون مزدور مهيني ۾ 10 موڪلون ٿو ڪري. هتي جو مزدور هڪ ڏينهن به موڪل نٿو ڪري. ته پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو اهو بار ڏوئڙ جو ڪم سنڌي ماڻهن کي نٿو ڏنو وڃي؟

خير پوءِ ڪجهه سنڌي ماڻهن کي نوڪريون مليون. اها جدوجهد ايجا به هلندڙ آهي.

جن سنڌي ماڻهن جون زمينون تيل جي ڪوهن ۾ آيون. فاضل صاحب چيو ته "بابا! جتي تيل ۽ گئس نڪتا آهن. اتي انهن ماڻهن کي انهيءَ جو حصو ٿو ڏنو وڃي. رايلٽي تي ڏني وڃي، هتي سنڌ ۾ زمين جي مالڪن کي رايلٽي ڏني وڃي. اها جدوجهد ايجا تائين هلندڙ آهي. فاضل صاحب انهيءَ لاءِ مڪمل تياري ڪئي هئي ته هاءِ ڪورٽ ۾ انهيءَ لاءِ رٽ داخل ڪجي. انهيءَ پريشر ڪري، اتي مالڪن

ڪي ڪجھ معاوضو ڏنو ويو.

فاضل صاحب جو عوام سان رويو اهڙو هو جو هر ماڻهو هن ڪي پاءُ، پيءُ ۽ سهارو سمجھندو هو. فاضل صاحب جي زندگي جو هر ڏينهن هڪ مثال آهي. فاضل صاحب صبح جو گھران نڪرندو هو تہ رستي ويندي جيڪي بہ ماڻهو ملندا هئس اهي گاڏي ۾ ڪٽندو ويندو هو نہ رڳو ڪٽندو ويندو هو پر سندن مسئلا بہ پڇندو هو، پوءِ جنهن جو بہ جنهن آفيس ۾ ڪم هوندو هو. اهو پڻ ڪندو هو، پوءِ چاهي اهو ڪم هڪڙي تپيدار ۽ سپاهي کان وٺي وڃي، ايس پي ۽ ڊي سي تائين ڇو نہ هجي. پر فاضل صاحب انهيءَ ماڻهو سان گڏجي واسطيدر آفيسر وٽ وڃي ڪم ڪرائي پوءِ شام جو واپسي تي ڪين بس اسٽينڊ تي ڇڏيندو هو. رات جو گھر پهچندو هو. فاضل صاحب جتي بہ ڇانهن پيئي اتي سيني ويٺلن کي بہ پياري، جتي بہ مائي کائي اها بہ سيني ويٺلن کي کارائي. اهڙي نموني ماڻهو حيدرآباد سڏو رستو جهليو ٻيئا هوندا هئس. ڇاڪاڻ جو فاضل صاحب جا ڏينهن ورهايل هئا. تہ هي ڏينهن بدين، هي ڏينهن حيدرآباد، جمعي ڏينهن ڳوٺ فيصلا ٿيندا هئا. جمعي ڏينهن فاضل وٽ ايترا ماڻهو فيصلن تي ايندا هئا جو ميڙو متل هوندو هو. وري اعتماد ۽ پروسو بہ اهڙو جو واري سان ايندا ويندا هئا. فيصلو ٿيندو. فيصلو بہ اهڙو ٿيندو جڏهن جهڙو مڪ مان وار نڪري ويندو هو. سيئي ڏريون نہ رڳو فيصلو قبول ڪنديون هيون پر اهڙو ڦهي ويندیون هيون جو سيئي هڪ ٻئي جي ڏڪ سڪ ۾ پائيوار ٿيندیون هيون. فاضل صاحب چوندو هو تہ "بابا چوٽا وڙهو سنڌي ماڻهن جا هونئين بہ دشمن گھٽا آهن. توهان تي ڏکيا ڏينهن ايندا بہ اچڻا آهن. انهيءَ ڪري پنهنجا ڏاتا ويڙ ڇڏيو. ذاتي دشمنيون ختم ڪريو. ٽڪي پئسي تان وڙهڻ بند ڪريو. ڪانگ ڪتي تان وڙهڻ ڇڏيو. اچو تہ گڏجي پنهنجي وڏي دشمن کي سڃاڻو تہ هيءَ مسڪيني حالت ڇو ٿي آهي."

هيتري هوندي سوندي ڇو سنڌي ماڻهو پوٺتي پوندا وڃن، پنهنجي وڙهڻ مان پاڻ کي ڪهڙو فائدو ٿيندو اجايو پوليس جا ڪاج ٿيندا، ڪورٽن جا چڪر هٽندا، وڪيلن ۽ وزيرن جي آفيسن جا چڪر ڪاٽيندا، پنهنجا گھر ٻار ڇڏي، دربدر ٿيندا، انهن دشمنين مان ڇا ورندو سرندو هن کان اڳ انهن چڪرن ۾ ڪافي سنڌي ماڻهن پنهنجا الهہ تلهہ ڏئي ڇڏيا آهن، شهر پاڻ کان ويا. دريا پاڻ کان ويا، لکها ايڪڙ زمينون پاڻ کان ويون، نوڪريون پاڻ کي نٽيون ملن. سنڌ جا وسيلا پاڻ وٽ نہ آهن، سنڌ جي بولي اسان کان پئي کسجي، سنڌ تي ڌارين جا ڪتڪ پيا اچن، اجان بہ هڪٻئي جي ڇنڊن مان هٿ نٽا ڪيون. هڪ طرف توهان کي

پنهنجي ڏرتي تي اقليت ۾ تبديل ٿيو ڪيو ويجي، ٻئي طرف پنهنجو وڏيرو پنهنجي ذاتي انا، خوف لالچ ۽ نفرت ۾ غرق ٿي، ڌارين جي دلالي ڪري، پنهنجي ڏرتي جي ماڻهن جو ويري ٿي فقط پنهنجي "آئون" جي بيماري جو شڪار ٿيو ٿئي، ڪرسي پنيان ڊوڙ پئي پويس، اهو ڪونہ ٿو ڏسي تہ سندس ايندڙ نسل بہ اهڙا ئي غلام هوندا جهڙا توهان. پوءِ بہ اکيون پوريون ٿيو اٿس."

تون منهن ڏئي ٻن، ويهہ ڪائي نہ مرين،
تان جي مليرِ ڇايون، توسين، سنگ نہ ڪن،
تون ڪيئن منجهان تن، ٿي پاڻ سڏائين ماروي.

سو بابا پنهنجا ڏٺي پاڻ ٿيو. پنهنجي واڳ پنهنجي هٿ ۾ رکو. ڇا ورندو انهن روزمرهہ جي جهيڙن مان. واقعي ٿيو بہ ائين، جو ڪوبہ صوبيدار ڪڙيو گهنور ۽ گولاڙچي ٽاٽي تي ايندو ئي ڪونہ هو. ڇاڪاڻ جو انهيءَ سڄي تر جا فيصلا فاضل صاحب وٽ ٿيندا هئا. ۽ سڀ ماڻهو ڏهي ويندا هئا. انهيءَ ڪري ٽاٽي تي ڪير بہ ڪونہ ويندو هو. ڪو اڙيو ٽڙيو ٽاٽي تي ڪنهن وڏيري جي زور ڪري ويو تہ فاضل صاحب ميڙ وڻي وڃي انهيءَ وڏيري وٽ نڪرندو. هو چوندو هوس تہ "ابا! تنهنجي منهن تي اهو پوي ٿو جو پاڻ جي هوندي فيصلا ٽاٽي تي ٿين." راڄن جو ميڙ ٿيندو هو تہ همراهہ ڪٽي هٿ ڪيندو هو. پر جي ضد ڪيائين تہ فاضل انهيءَ ميڙ سوڏو ٽاٽي تي صوبيدار کي چوندو تہ "ابا همراهہ ڏهي ويندا تون اجايو خوار ٿيو آهين. ماڻ ڪري همراهن مان هٿ ڪڍ باقي ورندئي نہ سرندئي" جي صوبيدار هٿ ڪيو يا تہ واهہ جي نہ تہ انهيءَ ميڙ سوڏو ايس پي ۽ ڊي ايس پي وٽ، تان جو همراهہ ڇڏائي پوءِ گهر ايندو هو.

هڪڙي پيري فاضل صاحب جو پٽ مرحوم صديق ڇا ٿو ڪري جو حيدرآباد مان مائي ڪٽي سڏو ڳوٺ پهتو. فاضل صاحب کي خبر پئي تہ صديق ٻانهن ڪٽي ويو آهي. فاضل صاحب گرم ٿي ويو تہ "اهو وري ائين ڪيئن ٿيندو" فاضل جو پٽ ۽ ٻانهون ڪٽي تہ پوءِ ماڻهو ڇا چوندا تہ فاضل پنهنجي پٽ کي سمجهائي نہ سگهيو." ڏاڍي ڪاوڙ هيس. اهڙي ڪاوڙ مون فاضل صاحب کي ڪڏهن بہ ڪانہ ڏٺي هئي. مون سمجهو تہ اڄ صديق جو خير نہ آهي. پليجو صاحب کي خبر پئي. تنهن فون ڪري فاضل کي گهرايو. فاضل لطيف آباد ۾ آيو. مڙس سڄو ڳاڙهو لڳو پيو هو. پليجو صاحب فاضل صاحب کي سمجهايو تہ "جي پاڻ پنهنجي ڪاوڙ کي نہ بچائي سگهنداسين تہ قصو ڪيئن هلندو، خير آهي، ڏڏو ٿي، انهيءَ مسئلي کي بہ تون پيءُ ٿي نہ پر هڪ اڳواڻ ۽ ساٿي ٿي حل ڪر. هي مسئلو هڪ ڏينهن جو ڪونهي. اهو ڪاوڙ بدران ڏاهپ ۽ سمجهداري سان حل

ماڻڪ چوٽو جن جو

ڪر. فاضل ۾ جيتري ڪاوڙ هئي اها خبر نہ آهي ڪيڏانهن وئي. مون فاضل صاحب کان ادب ۽ احترام ۾ سکيو ته هي سندس ذاتي مسئلو هو. سندس عزت ۽ بي عزتي جي ڳالهه هئي ته راڄ ميڻ ۽ اولاد نہ ميڻ. پر پليجو صاحب جيئن ٿي سمجهايس تيئن پئي ٽڏو ٽيو. ايڏي ڪاوڙ پي ويو. پليجي صاحب کي ورندي ئي ڪانہ ڏنائين. آخر ۾ چياٿين ته "چگو پلا مون کي ڇڏ ته رات وچ ۾ اهو فيصلو حل ڪريان. جي نہ ته صبح جو ماڻهن کي خبر پوندي ته پاڻ کي دنيا ڇا چوندي؟" پليجو صاحب چيس پلي وچ پر صديق ۽ گهروارن کي ڪجهه به نہ چوٽو آهي. هي مسئلو اهڙي نموني حل ڪرٽو آهي جو لٽ به نہ ٽٽي ۽ نانگ به مري." ٽيو به ائين فاضل صاحب رات وچ ۾ راهوڪي ويو. محمد صديق سندس وڏو پٽ سيني جو مٽس راز گهر وارن چيو ته ٺيڪ آهي هاڻ صديق ڪنوار آندي آهي ته گهر کان ٻاهر نہ ويندي. سو گهر جا سڀ زيور پارائي پينگهي ۾ ويهاري در تي پاڃائي ويهي رهي. فاضل صاحب گهر پهتو ته صورتحال ٻي هئي. ٻيو ته فاضل صديق جي ماءُ جي تمام گهٽي عزت ڪندو هو. زندگي ۾ ڪڏهن به انهيءَ کي ڪجهه به نہ چياٿين. اها به سندس سڳي سوٽ، فاضل کي ننڍڙو ڪري پاليو هٿائين. صديق سان دل هيس ڳالهه به ڏکوري هئي. پر فاضل صاحب سڏو اندر ويو چوڪري کي چياٿين ته "امان جي هن طريقي سان هتي هوندئين ته نہ تنهنجي عزت هوندي نہ اسان جي رهندي. سيڪو چوندو پاڇوڪڙ وٺي آيا آهن. تون چيو ڪر مون سان واپس حل پوءِ توکي عزت احترام سان پرٽائي وٺي ايندا سين." گهروارن به هن کي ايترو ٽڏو ڏئو تڏهن ڳالهه سمجهه ۾ آين. چوڪري وٺي فاضل رات وچ ۾ ڏٽين جي حوالي ڪئي. ڪجهه ڏينهن اندر مرحوم صديق جي شادي وڏي ڌام ڏوم سان ٻئي هنڌان ڪياٿين.

اسان جو هڪ ٽيم ورڪ هو. پليجو صاحب، فاضل صاحب ۽ آئون گهٽو ڪري گڏ هوندا هئاسين. هلندي مسئلن تي بحث ٿيندا هئا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئاسين. هڪ پيري ذاتي مسئلا غور هيٺ آيا. فاضل صاحب پنهنجو مسئلو رکيو ته اسان ۾ رسم آهي ته گهر کان ٻاهر چوڪري ڪانہ ڏٻي. پليجي صاحب چيس ريتون رسمون اسان لاءِ زنجيرون آهن. انهيءَ ڪري جيڪي غلط ريتون رسمون آهن، انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ کي اڳيان نڪرڻ گهرجي. فاضل توهان ئي انهيءَ ۾ اڳواٽي ڪري پهل ڪريو. انهن زنجيرن کي تون ئي توڙيندي. تڏهن توکي ڏسي ٻيا به اهو رستو ونڊندا. فاضل صاحب چيو ته اهو ڪم ڏکيو آهي پر ائين ڪبو جيئن توهان چئو ٿا. چاڪاڻ ته پنهنجو ڪم آهي ته جيڪو ڪم بين کان نٽو ٽٽي يا ٻيو ڪو نہ ٽوڪري سگهي. اهو واقعي پاڻ کي ڪرڻ گهرجي. هڪڙي ڏينهن فاضل

ماٽڪ چوٽو جن جو

صاحب اسلم پرويز کي گهرائي پڇيو ته خليل ڪيئن آهي؟ اسلم چيو ته همراهه سنو آهي. خير ته آهي؟ فاضل صاحب چيو ته شهناز جو سنگ خليل کي ڏيڻ ٿو چاهيان. تون خليل کان پڇ ته سندس ڇا خيال آهي؟ ته اسلم خليل قاضي کان پڇيو ته خليل کي وهم گمان ۾ به ڪونه هو ته ڪو ائين به ٿي سگهي ٿو. سو ٻڌي ڪٽي ها ڪيائين. هڪ فاضل صاحب جو مٽس اعتماد ڪرڻ ٻيو ٻيٽ شهناز جهڙي سمجهو ڏاهي بهادر عورت جو ساٿ ساڻي ٿيڻ. سندس لاءِ وڏي ۾ وڏو اعزاز هو. سو نه ڪيائين هم نه تم چيائين ها. فاضل صاحب اهو ڪم ائين ڪيو جو جيئن ٿيڻ گهرجي. پوءِ ڳوٺ وارا ناراض ٿيا. گهروارا ناراض ٿيا. ويندي ساڻي جمعو نوحاڻي به سڃو ڏينهن رُنو ته فاضل ڇا ڪيو. فاضل سيني کي سمجهايو ته پاڻ سڀ هڪ آهيون، ڪير به ڪنهن کان هيٺ يا مٿي نه آهي. سيني جي عزت هڪ جهڙي آهي. پاڻ کي گهرجي ته جنهن نظرئي جي پرچار ڪريون ٿا انهيءَ جو عمل به پهرين پاڻ ڪيون. ان جو فائدو ته هي ٿيندو جو پاڻ انهن سماجي زنجيرن مان آزاد ٿي ويندا سين. ٻيو ته سموروعوام ڏسندو ته هي جيڪي چون ٿا سو ڪن ٿا. اهڙي طرح ڦڙي ڦڙي تلاءَ وانگر سڄي عوام جوا عتماد ۾ پروسو گڏ ڪري، هڪڙي قوت ٺاهي سگهندا سين.

سنڌياڻي تحريڪ ٺاهيسين ٻيٽ شهناز ان جي صدر ٿي. اسان گاڏي ۾ گڏ حيدرآباد کان ڪراچي پئي آياسين. پليجو صاحب، فاضل صاحب ۽ آئون شايد رستي ۾ ڳالهه نڪتي ته سڄي ليڊر شپ راهن ۽ پليجن جي هٿ ۾ آهي. انهيءَ تي گڏيل بحث ڪندا آياسين ته اهو سنو آهي جو سيئي پارٽي جي اڳواڻي هيٺ آهن. پر سياست انهن بن گهرن تائين محدود نه رهڻ گهرجي. ٻين پاسن تي به ليڊر شپ پيدا ڪرڻ گهرجي. ڪراچي پهچي فاضل صاحب چيو ته انهيءَ جي شروعات آئون ٿو ڪريان، شهناز کي صدارت تان استعيفيٰ ڏياري انهيءَ جي جڳهه تي ڪا ٻي ٻيٽ آڻڻ گهرجي. پليجي صاحب چيس ته انهيءَ اصول تي متفق آهيون ته ٻي ليڊرشپ پيدا ڪجي پر سنڌياڻي تحريڪ لاءِ ٻيٽ شهناز جهڙي چوڪري به ملي. پوءِ سوچيندي فاضل چيو ته نيڪ آهي شروعات ڪجي جي اُن ۾ اڳواڻي جا گڻ نه هوندا، پر پوءِ آهستي آهستي ايندا ويندا. نيٺ انهيءَ ڏينهن ٽيليفون تي پاڻ حيدرآباد ڳالهايائون جتي سنڌياڻي تحريڪ جي گڏجاڻي هلندڙ هئي. فاضل صاحب کين هدايت ڏني ته توهان پريس ڪانفرنس ڪري صدارت تان استعفا ڏيو. انهيءَ جڳهه تي گڏيل فيصلي مطابق ٻيٽ صاحبزاديءَ ڏاهري صدر چونڊي وئي. مقصد ته جيڪا ڳالهه فاضل کي سمجهه ۾ اچي وئي ته انهيءَ تي عمل به انهيءَ وقت شروع ٿيندو.

ماڻڪ چوٽو جن جو

فاضل صاحب جن جيل ۾ هئا تہ پنيان مرحوم صديق وفات ڪري ويو. فاضل صاحب کي پيرول تي هڪ ڏينهن لاءِ ڇڏيو ويو ۽ فاضل صاحب ڳوٺ پهتو. فاضل جي صديق سان تمام گهڻي دل هئي. مرحوم صديق بہ پيءُ جهڙو دلير هو. صحافين جي جدوجهد ۾ مرحوم کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس ڪراچي وٺي آيا. فوجين ڪيس زمين اندر ڪڍ ڪٽي ان ۾ اندر بيهاري مٿي وجهي چيائونس تہ سچ ٻڌاءِ تہ ڇا آهي جي نہ تہ اتي جيئرو ڪڍ ۾ بند ڪنداسين پر مرحوم چين تہ چريا ٿيا آهيو. "آئون فاضل جو پٽ آهيان. پلي پوري ڇڏيو باقي خير آهي." فوجين جي چڪر ۾ نہ آيو. اهڙو دلير پٽ شهيد ٿئي. انهيءَ ڏينهن حوصلو ڏارڻ ڏکي ڳالهہ آهي پر فاضل تہ پهاڙ هو هن تان ڪئين طوفان گذري چڪا هئا. هي ارڏو مڙس انهيءَ وقت پهاڙ وانگر پئي لڳو. سندس اهو حوصلو ۽ همٽ ڏسي هر ماڻهو ائين پئي سمجهيو تہ فاضل فاضل آهي. هن سان ڏکر ڪائڻ هر ڪنهن جي وس ۾ نہ آهي. مرحوم صديق جو لاش ڪٽي قبرستان ڏانهن پئي وياسين. فاضل صاحب جي پر ۾ بہ نوجوان دوست ساٿس گڏ هئا. فاضل سان گڏ هلندي سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو. تڏهن هڪڙي نوجوان دوست پڇيس تہ فاضل صاحب اسان بہ تنهنجا پٽ آهيون هن کان اڳ تنهنجا بہ ڪيترا ڪونڊر پٽ شهيد ٿيا هوندا. فاضل ان وقت پاڻ سنيالي ان نوجوان کي ياکر پائي چيائين تہ "توهان سڀ منهنجا صديق وانگر پٽ ۽ ساٿي آهيو. سنڌ جا سڀ نوجوان منهنجا ساٿي آهن. ايجا بہ خبر نہ آهي تہ ڪيترا ساٿي ۽ پٽ شهيد ٿيندا ۽ ٿيا آهن پاڻ هر قرباني لاءِ تيار آهيون."

حيدرآباد ۾ سنڌي ٻولي ڪنوينشن پئي ڪيو سون سڄو بندوبست ٺيڪ هو. شاميانہ لڳي چڪا هئا. صبح جو 10 بجي ڪنوينشن شروع ٿيڻ وارو هو 10 ٽي چڪا هئا مهمان اچي رهيا هئا. پنڊال ماٺهن سان پرجي رهيو هو. ان وقت پليجي صاحب گهرايو ۽ ٻڌايو تہ پنهنجي خلاف وڏي سازش ٿي آهي. اڄ جنهن ڪنوينشن جي سڄي تياري پاڻ ڪئي آهي، دعوتون پاڻ ڏنيون آهن خرچ پاڻ ڪيو آهي، استيج پاڻ ٺاهي آهي، مزوري پاڻ ڪئي آهي پر راتون رات ڏينڊڻ پاڻ ۾ ڪي همراهہ ڦيرائي ڇڏيا آهن، جن جي استيج تي اڪثريت آهي. اهي هن سڄي ڪنوينشن کي پنهنجي خلاف استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. هاڻ ڇا ٿئي. فاضل چيو "خير آهي" فيصلو ڪري، انهيءَ ڪر کي ورهايوسين، استيج تي پهچي لائوڈ اسپيڪر تي مون کي قبضو ڪرڻو هو استيج تي ويٺل همراهن تي فاضل صاحب کي قبضو ڪرڻو هو ۽ استيج جي چوڌاري پنهنجا همراهہ فاضل کي ٻيهارڻا هئا. پوءِ پليجو صاحب کي اچڻو هو. فاضل ۽ آئون پنڊال ۾ وياسين تہ

صورتحال واقعي ٻي هئي. مون وڏي وڃي اسٽيج تي چڙهي مائيڪ هٽ ۾ ڪنيو. اسٽيج تي ويٺل جيسين فيصلو ڪن ٿي ڪن. تيسين مون اناؤنسمنٽ ڪري پليجو صاحب کي اسٽيج تي گهرائڻ جو اعلان ڪيو. اسٽيج تي ويٺل همراهه اٿن ٿي اٿن تہ فاضل اسٽيج تي چڙهي آيو. همراهن کي ڪي ڪٽي ويهاريائين تہ ڳالهيون ٿا ڪيون. همراهه فاضل صاحب سان ڳالهين ۾ لڳا تيسين پليجو صاحب اسٽيج تي پهچي ويو. تنهن ايندي ئي مائيڪ وٺي ڳالهائڻ شروع ڪيو. اسٽيج تي ويٺل همراهن کي فاضل چيو تہ هيٺ اچو تہ ڳالهايون. تيسين اسٽيج تي ٻيا همراهه قبضو ڪري ويهي رهيا. اهڙي نموني هر مسئلي جو حل فاضل صاحب وٽ هو.

حيدرآباد ۾ لساني جهيڙا ٿيا، فاضل صاحب، پليجو صاحب سڄي مسئلي تي ڳالهائي رهيا هئا تہ فقير جي پڙ ۾ رهندڙ آر احمد سومرو جي فون آئي تہ منهنجي گهر جي چوڌاري گهيرو آهي، ڪيڏي مهل بہ مون کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. فاضل فون تي چيس تہ خير آهي، توهان تيار ٿيو ضروري سامان ٻڌي رکو گهر وارن کي تيار ڪريو آئون اچان پيو. فاضل اٿيو پنهنجي رائفل ڪنيائين ڊاتسن ۾ چڙهي بہ همراهه رائفلن سان ڪٽي فقير جي پڙ ۾ ويو. ويندي شرط هڪل ڪيائين تہ هٽي پري ٿيو. دشمن جيسين فيصلو ڪن ٿي ڪن، تيسين فاضل جي گاڏي وڃي در تي ويني، گهر وارا تيار هئا ضروري سامان سودو ڪٽي انهن کي باحفاظت ڪٽي آيو. سندن وار بہ ونگو نہ ٿيو. همراهه ڏسندا ئي رهجي ويا. فاضل مهل جو مڙس هو. ڪا مهل اچي وئي تہ دشمن کي سوچڻ جو موقعو ئي ڪونہ ڏيندو هو جيسين دشمن سوچي تيسين فاضل صاحب پنهنجو ڪم ڪري ويندو هو. فاضل صاحب جي حشمت ۾ تاب اهڙو هوندو هو جو پريان دشمن في الحال لڏي ويندو هو. پوءِ جون خبرون پوءِ.

تحريڪ رسالي جو ڊڪليريشن ونڊو هو. جنهن لاءِ مختلف وقتن تي مختلف ڪمن لاءِ ويڙهو پوندو هو. تحريڪ جو ايڊيٽر آئون هيس. تحريڪ تي ڪيس پيا ٿهندا هئا. فاضل کي چوندا هئا تہ عالم شاهہ کي وٺي اچ تہ مچدکي تي صحيح وٺي ڇڏي ڏيونس. اهڙي نموني فاضل صاحب کي جيڪو همراهه هٽ ايندو هو انهيءَ کي عالم شاهہ ڪري وٺي ويندو هو ۾ صحيح ڪرائي وٺي ايندو هو ۾ تحريڪ پئي نڪرندي هئي. فاضل صاحب کي چوندا هئا تہ عالم شاهہ ڪيڏي مهل بندرو ڪيڏي مهل ڊگهو وٺيو اچين خبر نہ آهي تہ عالم شاهہ کهڙو آهي پر فاضل صاحب جا سيني سان اهڙا رشتا هئا. هي اهڙو يار ويس هوندو هو جو ڪير بہ هن کي جواب نہ ڏيندو هو.

هڪڙي ڏينهن وري تحريڪ تي ڪيس ٿيو فاضل سمجهيو تہ اڄ بہ

همراهه وٺي ٿو صحيح ڪرائي اچان. همراهه هٽ اچي ويس، درس استاد هو تنهن پڇيس فاضل ڪيڏانهن؟ فاضل چيس هليا اچون ٿا. سڏو سٽي ٽاٽي تي. صوبيدار چيس ته عالم شاهه حاضر ڪريو. فاضل چيس "اجهو هي عالم شاهه آهي" ڏاڍو سٺو ڪيو اٿئي. هاڻ عالم شاهه جي چڏ، ظامن ڪرائي وڃ. اسان تي ڏاڍو زور آهي هن تي وارنٽ آهي. استاد چيو ته ويس مارجي. فاضل يڪدم ٻڪالهه کي سمجهي ويو ته دال ۾ ڪالاڙ آهي. صوبيدار عالم شاهه کي حاضر ڪرڻ لاءِ اٽيو ته فاضل چيس چگو جي ائين آهي ته پوءِ ترس ته ٿورو عالم شاهه سان ڪم آهي سو لاهي ٽن منٽن ۾ تا اچون. پوءِ پڪا ڪاغذ ناهه جيسين صوبيدار جواب ڏئي تيسين فاضل استاد کي چيو ته عالم شاهه اڃ ته همراهه سان ٻڪالهائي وٺون. اچي گاڏي ۾ ويٺو. همراهه کي ڪٽي استاپ تي آيو چيائينس ته سائين پڃ متان اچي نه وڃين آري ۾ استاد پگهر مان شسر جُتي اچي چنڊيائين کوروراهه ۾ اتفاق سان آئون انهيءَ ڏينهن کوروراهه ۾ هيس. سائين مون کي گڏيو ٻڪالهه ڪري ٻڌيائين ته هئين بچي آيو آهيان. پوءِ همراهن جون هجن ڪلون.

ٻئي ڏينهن راهوڪي ۾ فاضل صاحب مليو چيائين، سائين خير آهي. تنهنجي بدارن مڙس جو سِر ٽي ويو پوءِ اتڪل ڪري مڙس کي بچايم. هاڻ پوليس کي خبر آهي ته عالم شاهه اهو آهي، جيڪو هنن اکين سان ڏٺو آهي، سو ڳولينداسائين کي، سو ته قيامت تائين هٿ ڪونه ايندين. باقي تون پئي ٻانهون لوڏيندو بي ڏڙڪ پيو هل. سيد ٿورو هجئي متان چئين ته نه وڃي عيش ڪر.

آئون پنهنجي مڱٽي ڪرڻ ويس، متياري پهتس، مهمان، اوڙو پاروا چي ويا، عزيز مٽ مائٽ اچي ويا. سائين جاموٽ حاجي علي شير شاهه دُعا ٽي گهري ته جيئن دُعا گهري مٺائي ورهائجي ته مرحوم ماما عطا الله شاهه مون ڏانهن نهاري اشاري ۾ چيو ته ابا چگو ٽيو پنهنجن سان گڏئين. اهو اشارو منهنجي مرحوم الله بخش شاهه ڏٺو. نه ڪيائين هم نه تم. پٽي ڏنائين گار ته اٽو آيا آهن سنگ وٺڻ. سيئي حيران ٽي ويا، اسان ماڻ ڪري ٻاهر نڪتاسين منهنجي ايڏي بي عزتي ٽي سو وٺي پڳس، سڏو آيس فاضل صاحب وٽ. فاضل جو پري کان مون کي ڏٺو ته سيد مٺائي کارائي. فاضل جو ايترو چوڻ منهنجو اوچنگار ڏيڻ. فاضل صاحب حيران ٽي ويو ته سيد کي ٽيو چا. اوڏي مهل خبرون پڇائين ته ڪر خبر خير ته آهي، مون سڄي ٻڪالهه ڪري ٻڌايس. فاضل چيو ته خير آهي پاڃائي اها وٺنداسين. سيد ويندا ڪيڏانهن. پر منهنجي جا ايڏي بي عزتي ٽي هئي سو روئڻ بند نه ٿئي، فاضل صاحب، پليجي صاحب کي فون تي سڄو احوال ٻڌايو. پليجي صاحب چيس ته

عالم شاهه کي ڪٽي اڇ. خير پليجي صاحب وٽ پهتاسين تنهن منهنجي حالت ڏسي خبرون ٿي ڪونه پڇيون. اسان ٿئي نڪتاسين. سڌو هيرآباد جي جڳهه تي آياسين. جتي هفتي جا ڪلاس رکيل هئا. جن ۾ سائين محمد ابراهيم جويي، پليجو صاحب ۽ ٻين دوستن جا لڳاتار ليڪچر رکيل هئا. پليجي صاحب مون کي ڪلاس جي انتظامي ڪميٽي جو سيڪريٽري چونڊيو آڻون ته ڪتي هلي ڪان قابو ٿي ويس. سڀ ڳالهيون وسري ويون. هفتو ليڪچر ٻڌي پائي خان جي چاڙهي تي گهر آيس، جتي جنهن ماڻ مون کي سانڊيو آهي اها ۽ ٻيو سڀ راڄ حيران پريشان وينا هئا ته هي يڪدم گم ٿي ويو خودڪشي ڪيائين يا ڇا؟ سائين جاموٽ ۽ سائين غلام رسول شاهه جن منهنجي سالي کي سمجهايو ته اهو سڏو ڪونه ڪيو اٿئي، خير منهنجي شادي جا ڏينهن ٻڌا.

شادي جا ڏينهن ته ٻڌا پر مون تي هئا گرفتاري جا وارنٽ سو ڇا ڪجي؟ فاضل صاحب چيو ته خير آهي شادي رات توکي ٻڌجڻ ڪونه ڏيندا سين، اسڪيم هيءَ نهي ته به گهوٽ ٿا تيار ڪريون. عالم شاهه گهوٽ ٿي ويندو هو اندر لائون لهڻ، انهيءَ وقت جي پوليس آئي ته اڪبر شاهه کي عالم شاهه کي پوليس حوالي ڪنداسين. اڪبر شاهه عالم شاهه ٿي ويندو. صبح جو سڃاڻپ ڪري اڪبر شاهه کي ڇڏائيندا سين. ٻيو مڙيئي خير.

ممتاز پٽي جي حڪومت هئي سندس سيڪريٽري مسعود نوراني هو. فاضل صاحب انهيءَ ڏينهن مسعود نوراني کي فون ڪري حقيقت ٻڌائي، مسعود نوراني واعدي ڪيو ته اڄ رات پوليس ڪانه ايندي. اهڙي طرح اٽڪل سان منهنجي شادي ٿي وئي. لال رهجي ويو ۽ پريت به رهجي وئي.

هڪ پيري پليجي صاحب، فاضل صاحب، پٽر سنڌي، ابراهيم منشي ۽ آڻون سڪر ڪان رات جو موتياسين. رات اونداهي آسمان تي ڪڪر، ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪنوڙ جي تجلي جي روشني ڏسڻ ۾ پئي آئي. باقي سڀ خير هو. قاضي احمد ۽ سڪرنڊ جي وچ تي پليجي صاحب جي ڪار جا ٻئي ٽائر پنچر ٿي ويا. رات جا 12 ٽيا هجن. فاضل صاحب چيو ته منشي ابراهيم ۽ پٽر گاڏي وٽ ويهن. عالم شاهه پليجي صاحب سان گڏ سڪرنڊ ۾ هلي. ڪنهن هوٽل ۾ ويهن باقي آڻون ٽائر ٺهرائي واپس اچان ٿو. منشي ابراهيم چيو ته پٽر منهنجي ننڍپڻ جو سنگتي آهي مون ڳالهه قبول ڪئي آهي پر پٽر چيو ته هن اونداهي ۾ آڻون هتي ڪونه رهندس، اچان ايتري ۾ هئاسين تيسين هڪ ٽرڪ کي فاضل هٿ ڏنو جا بيني. فاضل صاحب پليجي صاحب کي سڏي ٽرڪ تي ويهاريو تيسين پٽر به ڊوڙي چڙهيو ٽرڪ تي. فاضل صاحب به ٽائر ٽرڪ تي رکيا، پنيان آڻون رهي پيس

ماٽڪ چوٽو جن جو

ابراهيم منشي به رهي پيو سڄي رات منشي شعر ٻڌايا. صبح جو فاضل صاحب ٽائر ٺهرائي وريو. گاڏي ۾ وجهي حيدرآباد پهتاسين. پليجي صاحب جي گاڏي هميشہ ڏکي استارٽ هئي پر فاضل هر ڏکيو ڪم پاڻ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن اسان کي ڪيڏانهن ٻاهر ويڙهو هو. صبح جو سوير اڻي پليجي صاحب گاڏي ڪيڙي پر استارٽ نہ ٿئي. مڙس ٻہ. پليجو صاحب استرينگ تي آڻون ڏکڻ وارو. صبح جو 6 کان 10 اڇي ٿيا. اسان کان گاڏي چالو نہ ٿي. رستي هلندي همراهن کي منٽون ڪري گاڏي ڏکائي. پر همراهہ سيپ ڪو هليو وڃي باقي اسان ٻئي پگهر ۾ شرم. وڃڻ به ضروري. فاضل صاحب گهر فون ڪئي تہ همراهہ ڪونہ وريا ۽ گهر چيائون تہ صبح کان پيا گاڏي ڏکين پر هلين کانہ ٿي. فاضل سڏو آيو اڇي ڏسي تہ چوڪ تي پليجو صاحب استيئرنگ ۾ هٿ، آڻون پٽيان گاڏي پيا ڏکيون. فاضل سندس گاڏي بيهاري، پليجي صاحب کي چيو تہ ٽورو گاڏي کي ڏسون تہ بيماري کهڙي آهيس. فاضل گاڏي جي بيٽري وغيره ڏني تہ ٺيڪ آهي. فاضل چڙهي گاڏي چالو ڪئي تہ گاڏي چالو نہ ٿي. فاضل صاحب لهي گاڏي جو تيل ڏٺو تہ گاڏي ۾ تيل نہ هو ئي ڪونہ. اسان خوامخواهہ تيل بغير 4 ڪلاڪ گاڏي ڏکڻ ۾ پورا هٿاسين. بس پوءِ فاضل سندس گاڏي ۾ چڙهي تيل وڌي آيو.

پليجي صاحب وٽ باقي جڏهن ويهہ يا پنجويهہ روپيہ بچندا هٿا تہ نہ گاڏي جو تيل هوندو هو نہ ماني ۽ دال لاءِ ڏوڪڙ هوندا هٿا. فاضل صاحب بہ ڳوٺ هوندو هو. تڏهن پليجو صاحب چوندو هو تہ اڄ هلون عيش ڪريون پوءِ گاڏي ڪاتي اڇي ٻاکري ران پچرائي کائينداسين هٿاسين. جا انهيءَ وقت 20 روپيہ ۾ ملندي هئي. صبح جو فاضل ايندو هو پڇندو هو تہ خير آهي. پليجو صاحب چوندو هئس. تہ اسان عيش ڪيو آهي، (عيش معنيٰ سجائي.) فاضل صاحب سمجهي ويندو تہ همراهہ ڪوٽ ۾ آهن. بس ايڏا اسان مس اُٽندا هٿاسين تہ فاضل جي ٻئي هنڌان نہ ڦٻندو هو تہ لطيف وڪيل کان يا ڪنهن ٻي هنڌان پئسا هٿ ڪري اڇي ڏينڊو هو سندس چوڙ هو تہ "پئسن جي پراوهہ نہ ڪريو ملڪ سڄو پنهنجو آهي".

فاضل صاحب جي منهن تي سدائين مُرڪ رهندي هئي. ڪڏهن بہ اسان کي پئسن جي وگهي ويهڙ نہ ڏنائين. سندس آبادي جو 15 سيڪڙو پارٽي تي خرچ ڪندو هو باقي ذاتي خرچ هوندو هوس. گهٽ وسيلن ڪري، پنهنجا ذاتي خرچ گهٽائي ڇڏيائين پر سنگت کي ڪڏهن لکا ڪانہ ڏنائين تہ ڪو ڏوڪڙ ڪونهي. پريس لڳائڻ جو فيصلو ٿيو. پئسا ڪٿا اچن؟ فاضل صاحب چيو خير آهي، پليجي صاحب جو لطيف آباد وارو بنگلو گروي رکي پئسا ڪٽي آيو. ان وچ ۾ فيصلو ٿيو تہ پليجو صاحب ۽ فاضل صاحب بيروت وڃن. فاضل صاحب چيو خير آهي اهي

ماڻڪ چوٽو جن جو

پئسا کٽي ٿا هلون. واپسي مان بنگلو گروي مان چڏائيندا سين ۽ پريس ۾ لڳائيندا سين، ٽيو به ائين همراهه گهمي آيا ۽ پريس به سلڳي. خبر نه آهي ڪيئن ڪٽان پئسا هٿ ڪري اچي نڪرندو هو.

صفا موڙي ٽيندي هيس ته پليجي صاحب وٽ ڪونه ڪو ڪيس وارو وٽي ايندو هو ته هي ڪيس ڪٽڻو آهي. پليجو صاحب جو به چوڻ هوس ته فاضل جي سمجهين ته هاڻ اڳيان وڌڻ مشڪل آهي ته پاڻ وٽ وڪالت وارو هٿيار آهي، اهو به ڪم اچي سگهي ٿو. فاضل صاحب ۽ پليجي صاحب ۾ اندراسٽيڊنگ اهڙي هئي جو واقعي ڪنهن ٻالهه جي لکا ڪانه ڏيندا هئا. ڪيس پليجو صاحب ڪٽندو هو. پليجي صاحب گهٽ ۾ گهٽ خون جو ڪيس ڪٽندو هو. سو اٽندي ڏهه پندرنهن هزار ملي ويندا هئا. مقصد ته فاضل ڪٽان نه ڪٽان ڪونه ڪو رستو ڪڍي ايندو هو. هو ڪم ۾ ڪڏهن رڪاوٽ ڪانه پوڻ ڏنائين.

آڻون جون 1989ع ۾ گرفتار ٿي، ستي لاڪپ تي آيس ته پهرين ته اعتماد نه پيا ڪن ته واقع ڪو آڻون عالم شاهه آهيان پر پوءِ مون چين ته بابا سچ پچو آڻون عالم شاهه آهيان. تڏهن به همراهن سچاٽپون ڪرايون. 18 ڏينهن فوجي چانوٽي وٽي وڃن مختلف طريقن سان اذيتون ڏيڻ جو ڏندو شروع ڪيائون. ڪيس هلندڙ هو. ڏسان ته فاضل پر لوڏيندو اچي، ايندي شرط چيائين "سيد خبردار" هاڻ خبر پئي آهي هاڻ تنهنجي واڳ منهنجي هٿ ۾ آهي. تون ويندين ڪيڏانهن. مون چيس ته آهي خير، هڪ خط ڪڍي ڏنائين جو فاضل صاحب ڏانهن لکيل هو. اهو خط منهنجي گهرواريءَ فخرالنساءَ لکيو هو، جنهن ۾ لکيل هو ته "ساڻي فاضل خوش هجو"

ادا، ساڻي گرفتار ٿيو آهي سندس گرفتاري پهرين آهي، اسان کي اندیشو آهي ته ساڻي اسان جي گهرو حالتن ڪري يا ٻئي ڪنهن طريقي سان بزدل ٿئي ۽ لکي ڏي، انهيءَ ڪري توهان سندس خيال رکجو ۽ ڪيس همٿ ڏيارجوس ته ڪنهن به صورت ۾ لکي ڏيڻو نه آهي. بزدل ٿيڻو نه آهي، پنهنجي قوم کي لڄائڻو نه آهي، هن کان پوءِ جي ساڻي بزدل ٿيو دل لاتائين ته توهان ذميوار آهيو. اسان جي طرفان ڪيس يقين ڏيارينداته هيڏانهن جو ڪوبه فڪر نه ڪري. وڌيڪ خير.

توهانجي پيڙ خيرالنساءَ شاهه

خيرپور سينٽرل جيل پهتس. مون کي 9 مهينا قيد بامشقت جيل اماڻيو ويو. هڪ ڏينهن پ پ جو بدين جو ڪارڪن سومرو جيل ۾ هو. مون وٽ بدين جو خون ۾ جهليل ميز هوت برداشتي طور چڏيل هو. جمع جو ڏينهن هجي، سڄي جيل کي ليپو پئي آيو. ليپو معنيٰ هڪڙي پوري ۾ رسو وجهي انهن متان پاڻي هاري هم چورس هڪ ميل جيل کي راڳو ڪبو. اهو ڏکيو ڪم آهي. انهيءَ ۾ هڪڙو

ٽڪل همراهه جنهن کان اهو ليپو نٽي ٽي سگهيو، ميز هوت کي سچاڻيندو هو چياٿين ته سائين کي چئو ته هن ڪمان مون کي ڇڏائي، منهنجو ڪوبه اوهي واهي ڪو نه آهي. ٻي ملاقات تي فاضل صاحب آيو. جنهن کي چيمر ته هن همراهه تان ڪمعاف ڪراءِ فاضل انهيءَ مهل نور الاهي سپرنٽينڊنٽ جيل وٽ وڃي همراهه جو ڪمعاف ڪري، مون سان گڏ رهايو. پوءِ فاضل صاحب شام جو حيدرآباد کان راهوکي پئي آيو ۽ حيدرآباد اسٽينڈ تي هڪ پيرسن ٻيٽو هو ساٽس معصوم نياڻيون ۽ ٻار هٿ ۾ ساٽس ڪپل سامان ٻه هو. فاضل صاحب کي هٿ ڏنائين چياٿين ته "ابا مون کي فلاڻي ڳوٺ وڃڻو آهي، گهڻو پاڻو ونندين"

فاضل صاحب چيس ته

"چاچا ڳوٺ ڪٽي اٽئي؟"

ٻڌايائين ته "تلهار کان اندر ڪچي ۾ آهي."

فاضل صاحب چيس ته "چاچا پاڻي ۾ نهي پونداسين، توهان چڙهو." پوءِ فاضل صاحب اهو ڪٽائي ڀاٽسن ۾ رکايو. پوڙهي کي تلهار پرسان ڪچي ۾ سندس ڳوٺ وڃي لاٽائين. پوڙهي همراهن کي سڏ ڪيو ته اچي سامان لهرائين. جيسين ڳوٺ وارا اچن ٿي اچن ته فاضل اهو سامان پاڻ لاهي هيٺ رکيو. مٽان ڳوٺ وارا ٻه اچي ويا. جن کي پوڙهي چيو ته گاڏي جو پاڻو همراهه کي ڏيو ته ويچارو وڃي. فاضل صاحب کي سچاتائون ته هي ته فاضل صاحب آهي. خير فاضل صاحب ته موڪلائي آيو. هيئنر محمد اسماعيل جي اليڪشن مهل جڏهن ووٽن لاءِ انهيءَ ڳوٺ ويا تڏهن اهو پوڙهو روئيندو آيو ۽ اچي سڃي ڳالهه ڪري ٻڌايائين ته فاضل صاحب جا اسان تي اجهو هي وڏ آهن. مون کي سندس پٽ ڏيکاريو ته منهنجون اکيون ٺرن. اهڙي طرح هزارين ماڻهو هوندا جن جو فاضل صاحب سهارو ٿيو هوندو. جن جي خبر ڪنهن کي ٻه ناهي، پوته فاضل چڱائي کي اخبار ۾ نه آڻيندو هو.

هڪڙي ڪيس ۾ اسان گڏجي ميجر جلال وٽ فوجي ڪورٽ ۾ آياسين. اسان ٻنهي کي گڏ هٿ ڪڑيون پيل هيون، چاڪاڻ جو اسان ٻئي ٽرڊ ڪلاس جا قيدي هئاسين، انهيءَ ڪري هٿڪڑي پارائڻ لازمي هيون. مون پنهنجي بچاءُ ۾ ٻه ڪلاڪ دليل ڏنا ته ڪيس ڪوڙو آهي، تحريڪ ۾ ڪو به اهڙو مواد نه آهي، جو اسلام خلاف هجي. پر جڏهن فاضل صاحب جو وارو آيو تڏهن چياٿين ته "تون ڪوڙو تنهنجي ڪورٽ ڪوڙي، تنهنجو قانون ڪوڙو توکي فقط اسان کي 6 مهينا سزا ڏيڻ جو اختيار آهي، سو ڏي ته اسان واپس جيل وڃون بک تي وينا هوندا" ميجر جلال رڳو ڏسندو رهيو ڪيس حشمت ڪانه ٽي جو وڏيڪ ڳالهائي.

فقط ايترو چيائين تہ توهان کي 6_6 مهينا قيد آهي، جيل اندر فاضل صاحب ۽ آئون رڌڻي جي حوالي هوندا هئاسين هڪڙي ڏينهن پليجي صاحب چيو تہ فاضل ۽ عالم شاهہ کي رڌڻو چڏايو وڃي جي نہ تہ هي ڪونہ پڙهندا. جيل اندر ميٽنگ ٿي پليجي صاحب چيو تہ توهان پڙهڻ ۽ لکڻ کان لهرائي رڌڻي جو سهارو ٿا ونو. اڄ کان پوءِ توهان تان رڌڻ جو ڪم ختم. توهان پڙهو ۽ لکو. رڌڻو حوالي ٿيو شاهہ محمد شاهہ جي، فاضل صاحب چيو تہ اسان ٻئي ڪم ڪنداسين. پليجو صاحب چيس توهان کي فاضل ۽ عالم ٽيڻو آهي. فاضل صاحب منهنجو هٿ مٿي کڻي چيو پليجا صاحب ڏس اسان ٻئي فاضل ۽ عالم آهيو. پليجو صاحب چيس برابر فاضل ۽ عالم آهيون پر ٻئي پڙهي فاضل ۽ عالم ٿيو.

پوءِ تہ واقعي فاضل ايترو پڙهيو ۽ لکيو جو واقعي فاضل ۽ عالم ٿي ڏيکاريائين. آخر ۾ فاضل صاحب ڪمند تي ريسرچ ڪري، انگ اکر گڏ ڪري اهڙو مواد ٺاهيو جو اهو سواءِ ڪنهن عالم ۽ فاضل جي ڪير نٿو ٺاهي سگهي. جيل اندر فاضل صاحب پوءِ ليڪچر ڏيندو هو. جيل اندر فاضل جو عام قيدين، سياسي قيدين ۽ جيل انتظاميا سان اهڙو رويو هوندو هو جو ڪنهن جي مجال جو فاضل صاحب جي ڳالهہ کي ڪو بہ رد ڪري. اسان سان جيل ۾ حسين بخش ناريجو، شاهہ محمد شاهہ، ابوبڪر زرداري، قمر راچپر، اسماعيل مهيري، مٺو مهيري، ادريس ميراڻي، اسلم پرويز، رحمت الله هيسباڻي، عنايت هيسباڻي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي سياسي توڙي عام قيدي آيا ۽ ويا پر فاضل جي سڪ ۽ اُڪير اڄ بہ ملندا تہ ضرور هوندن.

جيل اندر اسان کي وندرائڻ لاءِ فاضل صاحب چوندو هو تہ "بابا مبارڪ هاڻ توهان هنن اٽن ڏينهن ۾ آزاد ٿيندا تہ چوندا اٽن ڏينهن ۾ سو جڏهن بہ ڪو بہ آزاد ٿيندو هو تہ چوندو تہ سياڻي آزاد ٿيندين، سياڻو ايندو ضرور ايندو.

ڪنهن بہ قيدي کي جو ڪنهن ٻئي جيل اماڻيندا هئا تہ فاضل چوندو هو تہ ابا مبارڪ حڪومت ويچاري سمجهو تہ همراهہ هڪڙي هنڌ رهي ٽڪا هوندا، تڏهن ٿا توهان کي تفريح ڪرڻ لاءِ ٻئي جيل موڪلين. جيل ۾ هر سومر چٽڪيون ڪيڻي انهيءَ تحت ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو هوندو هو. ڏينهن پکو نڪتو فاضل صاحب جو هڪ سومر مائي ٿي، مٿي کي گندي ٻڌي ڪنجهي، ٻئي سومر تي يونيورسٽي جو شاگرد ٿي داداگيري ڪري ڏيکاري. فاضل صاحب آهي اداڪاريون ڪري ڏيکاريون.

فاضل صاحب بہ پيرا ڪرفيو جي پيڪڙي ڪئي هڪ پيرو تہ نڪري ويو. ٻيو پيرو فوجين سان منهن ماري ٿي پيس. فاضل صاحب جيئن ڪرفيو ٽوڙي فتح چوڪ کان ٻاهر ٻئي نڪتو تہ اتي فوجين بس کي ٻيهاري سنڌي ماٺهن کي

ڪڙ ڪري بيهاريو ۽ گاريون گند ڏيندا رهيا. فاضل صاحب گاڏي بيهاري هنن کان پڇيو ته هي سڀ ڪهڙي قانون ۾ پيا ڪريو. هڪ طرف سنڌي ماڻهن جو قتل عام ڪريو پيو توهان آهيو سي هي گند ڪريو ٻيئا آهي، فوجين ڏٺو ته هڪ هي ڪرفيو ٽوڙيو اندران پيو اچي، ٻيو وري هتي اسان کي پيو دٻائي. فاضل کي چيائون ته تو ڏوهه ڪيو آهي هل چانوٽي ۾. فاضل ماڻهن کي چيو ته اڙو توهان بي گناهه آهيو چو ڪڙ ٿيا آهيو. هنن کي طاقت ئي ڪانه آهي، توهان سوين ماڻهو گڏ ٻيئا آهيو جو توهان کي هي هٿ لاهين. ماڻهن ۾ همٿ پيدا ٿي، واقع ماڻهو جيڪي نڙيا پيا هٿا هي فاضل کي ڏسي گڏ ٿي ويا. وڏو هجوم ٿي ويو ماڻهن هنن جي ظلم جي باري ۾ ڪئين خبرون ٻڌايون. فاضل چيو ته اچو ته هلون هنن جي ميجر وٽ ته "ڪتا قابو ڪر" فاضل جي اعتماد ۾ لهجي کي ڏسي فوجين ڏٺو ته ڳالهه ڳچي ۾ پئجي وئي آهي. پهرين چار پنج پوءِ 10 پندرهن پوءِ هزار کن گڏ ٿي ويا. گوڙ وڏو ٿي ويو. هنن وائرليس تي هيڊڪوارٽر کي اطلاع ڪيو. جتان ٻٽي گاڏيون ۾ ميجر اچي ويو. فاضل ته جلسا عام ڪري ٻيٺو هو. جنرل ضياءَ ۾ فوجي ٽولي تي ڳالهائي رهيو هو ميجر جي ڏسڻ تي اڳيان فاضل پٺيان ماڻهو. فاضل کي ميجر سڃاتو ٻيو ماڻهن جا ميڙ فاضل ميجر کي ماڻهن اڳيان ڪري، شاهديون وٺي سپاهين جي ظلمن جا داستان ٻڌائڻ شروع ڪيا. هزار ماڻهو شاهد ميجر سمجهي ويو متي رابطو رکيائين، انهن سپاهين جي انهيءَ ناکي تان بدلي ڪري، پٺي طرف موڪليائين. فاضل کي ٽڏو ڪري، روانو ڪيائين. ڪرفيو ۾ وقفو به ٿي ويو ماڻهو به روانا ٿيا. فاضل صاحب تي دوستن وڏو ڪيس ناهيو ته توهان ڪرفيو ٽوڙيو ٿا جي هي پٺيان گولي هلائين ۾ اتفاق سان خدا نه ڪري جي لڳي وڃي ته هي چوندا ته اسان کونه سڃاتو. ڪرفيو توڙيو پئي ويو اسان بيهاريو ته نه ٻيئو پوءِ اسان فائر ڪيا آهن. ائين نه ڪر توهان جي زندگي فقط توهان جي نه رهي آهي ته توهان جي زندگي سان سنڌي عوام جا مفاد گڏ آهن. آئيندا ائين نه ڪجانءِ. فاضل صاحب تنقيد قبول ڪندي چيو ته هڪ ته سنڌي ماڻهن کي فاضل اڳيان ذليل ڪن. فاضل انهن کي ڏسي هليو وڃي. سنڌي ماڻهن به ڏسن ته فاضل کين ذليل ٿيندي ڏسندو وڃي. انهيءَ کان موت وڌيڪ بهتر آهي. انهيءَ وقت مون کي توهان جا ضابطا ۽ تنقيد ياد نه پيون جو آئون ماڻ ڪري هليو وڃان، ماڻهن کي حوصلو همٿ نه ڏيان. پيو ته هنن کي طاقت نه آهي ته هي مون کي ماري سگهن. آئون هنن جي مارڻ جو نه آهيان. باقي سنڌي ماڻهو جن لاءِ اسان جي هڪڙي زندگي ڇا جي لک زندگيون به هجن ۾ سنڌي ماڻهن کي اهي سڀ گهرجن ته انهن لاءِ حاضر آهن.

هڪ پيرو پاڻ بيمار ٿيو. ڪمن جي ڪري کيس ٽائيم نه هو جو هو پنهنجون ٽيسٽون ڪرائي، علاج ڪرائي. متياري کان منهنجي گهر وارن اسلم

ماٽڪ چوٽو جن جو

راهوءَ جي امان کي فون ڪري پڇيو تہ "ادا" فاضل ڪيئن آهي. گهروارن ٻڌايو تہ ٺيڪ نہ آهي. علاج بہ نٿو ڪري. منهنجي گهر وارن صبح جو گاڏي ڪري حيدرآباد اچي فاضل صاحب تي تنقيد ڪئي تہ توهان رڳو پنهنجي ٻچن جا وارث نہ آهيو پر سڄي سنڌ سان گڏ اسان ٻچن جا بہ توهان وارث آهيو. توهان جو پنهنجو پاڻ ڏانهن، پنهنجي صحت ڏانهن اهو رويو رهيو تہ ڪم ڪيئن هلندو. توهان کي ڏسي سڀ ائين ڪندا. فاضل صاحب کين يقين ڏياريو تہ آئون ڪراچي وڃي سڀ ٽيسٽون ڪرائي، علاج باقائدي ڪرايان ٿو. ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر رب صاحب کي ڏيکاري علاج شروع ڪيائين. مون کي گڏيو چيائين سيد کهڙو مون تي حملو ڪرايو اٿئي. پهرين تہ مون سمجهيو تہ متيارين جي سيدن مان پاڃائي آهي، متيارين جي جهلڪ تنهنجي مڱڻي واري ياد هئي. سو پهرين تہ ڏڃي ويس تہ اڇي ڪڙڪيا آهن. پر جڏهن پاڃائي وارا آيا تہ ڏٺم تہ ادي منهنجي پيٽ عصمت جنهن جي باري فاضل صاحب جو خيال هو تہ مون جهڙي مائيٽي ڳوٺ خدا جي هوندي پاڻ سان ڳالهائڻ جي تڪڙي ۾ تيز نڪتي ۾ منهنجي گهرواريءَ لاءِ چيائين تہ سيد پاڃائي جي تنقيد اهڙي هئي جو آئون پنهنجو پاڻ تي شرمسار ٿيس تہ واقعي ڇو علاج لاءِ دير ڪيم. منهنجي پنهنجائپ اهڙي هئي جو مون سمجهيو تہ سڳي ماءُ يا ڪو سينئر ساٿي پيو هداتيون ڪري.

فاضل صاحب لاءِ چون ٿا تہ هي ذاتي دشمني وارو قتل هو پر ائين نہ آهي فاضل صاحب کي هڪ پيرو لانڊي جيل اندر زهر ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. آمر فاضل کي جيلن ۾ وجهڻ ۾ مڃ جيل موڪلڻ ۾ سيڪٽ ڏيڻ لاءِ فارمولا ڪري چڪا هئا. فاضل صاحب کي جنرل ضياءَ طرفان اهو چوائي تہ توهان سان پٽي جي دور ۾ بي واجبيون ٿيون آهن توهان سان هاٿي انصاف ٿيندو. توهان اسان سان تعاون ڪريو. توهان سنڌ جي گورنري ونو سنڌ ۾ حالتن کي ٺيڪ ڪريو آئون توهان سان گڏ آهيان. فاضل صاحب چيس تہ جنرل صاحب اسان جي جنگ پٽي سان نہ هئي، اسان جي جنگ سنڌي عوام ۾ مسڪين ماڻهن جي مفادن لاءِ آهي ۾ رهندي، انهيءَ ڪري آئون پنهنجي سنڌي ماڻهن سان غداري ڪري، گورنري ڪريان اهو ممڪن نہ آهي. انهيءَ کان سواءِ تيل ڪمپنين طرفان کيس ڪيتريون ڏوکڙن جون آڇون ڪيون ويون تہ رڳو آئون ڇو؟ جي پئسا سمجهو تا تہ اسان جا جائز آهن تہ سيني سنڌي ماڻهن کي ڏيو باقي آئون توهان جي خريد ٿيڻ جو نہ آهيان. منهنجي قيمت توهان وٽ تہ ٿهيو پر توهان جي وڏن وٽ بہ کانہ آهي. اسان اڳ ۾ ئي پنهنجي مسڪين سنڌي ماڻهو وٽ وڪاٽا آهيون. توهان انهن تي ناٽو لڳايو جيکي توهان جي پڙين تي ويکو وڏيرا وينا آهن.

فاضل صاحب کي شهيد ڪرڻ جي سازش ٿهڙ شرط فاضل صاحب جو ذاتي فائيل متي گهرايو ويو. فاضل صاحب تي تعلقي ۾ خاص طرح سندس ذاتي

تضاد هٽ ڪرڻ لاءِ خاص ٽيمون موڪليون ويون. فاضل صاحب جي تر جي جاگيردارن کي خريد ڪيو ويو پوءِ ٻيو ڪو به پلان هٽ نه آين، هڪ ڪوڙو بهانو ڪري شهيد ڪرايو ويو.

چانگن جو مسئلو حقيقت ۾ هي هو ته گهٽا سال اڳ جڏهن فاضل جائوئي کو نه هو تڏهن هڪڙا چانگ ويڙل هٿا انهن جي بانهن اهي جوابدار ڪٽي ويا. فاضل صاحب جي والد انهن مسڪين چانگن جي بانهن ورائي ڏٽين کي ڏني. انهيءَ دوران جوابدارن جو پوليس جي گهيري دوران ٽڪر ٽيو هو. جوابدار ٻين ڪيترن ڪيسن ۾ گهربل هٿا. انهيءَ ڪري جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي. جيئن کين رستو ملي ته هي پڇي وڃن. انهيءَ فائرنگ ۾ پوليس جوابي فائرنگ ڪئي. جنهن ۾ هڪ جوابدار مري ويو. انهن کان پوءِ فاضل صاحب چانگن جون ٽاهه ڪرائي چڏيو. جوابدار چانگ، فاضل صاحب جي اوطاق تي ايندا رهندا هٿا. پليجي صاحب ڪنهن دور ۾ شهيد جي انهن قاتلن مان هڪ لکوءِ کي 9 دفعا آزاد ڪرايو هو فاضل صاحب سندن ڪيترا فيصلا ڪيا ۽ تر جي ماٹهن سان گڏ هنن کي به زمينون ڪٽايون. جيڪي هنن جي گهرن اڳيان هيون. شهيد ٽيڙ کان ڪجهه وقت اڳ گولاڑچي ۾ ڪٽتون جيڪي قسطن نه پيارڻ ڪري هزارن ايڪڙ رد ٿي ويون هيون ۽ لکين روپيه جيڪي ڏارين کٽي جنرلن ۽ ڪرنلن جي زمينن تي بلدوزر وهايا هٿا. اهي سنڌي ماٹهن تي لڳايا ويا هٿا. فاضل صاحب هزارين مسڪين هارين جي قيادت ڪري، ڪمشنر حيدرآباد جي آفيس اڳيان ڏرٽو هٽي وينو جنهن جي نتيجي ۾ زمينون بحال ٽيون. ڪوڙا قرض، بلدوزرن جا معاف ٽيا. سنڌي هاري تحريڪ جي اڳواڻن جمعو نوحاٹي ۽ ٻين جي ڪميٽي ٺهي جيڪا تصديق ڪندي ته جنهن هاري سان بي واجبي آهي انهيءَ جي لسٽ ناهي ڪمشنر صاحب کي ڏيندا. انهيءَ لسٽ تي زمينون بحال ٽيندیون. جوابدار چانگن جون ۽ سؤ ايڪڙ زمينون رد ٽيون هيون، جنهن لاءِ شهيد ٽيڙ کان هفتو اڳ ساڳيا چانگ فاضل صاحب وٽ اوطاق تي آيا هٿا. فاضل سندن زمين بحال ڪرائي کين ڏني. شهيد ٽيڙ کان ٻه ڏينهن اڳ فاضل صاحب جوابدارن جي مينهن جي واڙي تي ويو هو. جتي سندن چانهه پيتي ۽ سندن واڙي تان پنهنجي واڙي لاءِ مينهن جو سودو ڪيو هو.

فاضل صاحب جيل ۾ هو. ضياءَ اليڪشن جنهن ۾ ايم آر ڊي بائيڪاٹ ڪيو هو گولاڑچي جي تڪ ۾ يوسف چانگ، علي مير شاهه (جماعت اسلامي) ۽ پير معشوق بينا هٿا. تر جا يار سول اسپتال ۾ داخل فاضل صاحب سان مليا، چيائون ته جيڪي اميدوار آهن انهن ۾ علي مير شاهه چڙهندو ته جماعت اسلامي جيڪا سنڌي ماٹهن جي قاتل جماعت آهي يا چڙهندو پير معشوق جيڪو ڪنهن ماٹهو سان ملي ئي ڪونه. نه ماٹهو سياٹنس انهيءَ جي چڙهڻ سان به ماٹهن کي ڪوبه فائدو نه ٽيندو. انهيءَ ڪري هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ فاضل صاحب آخري

ماٹڪ چوٹو جن جو

رات جو همراهن کي نيا پو موڪليو ته يوسف موالي آهي پر تر ۾ آهي ماٹھو ملي سگھن ٿا. انهن جي پلي مدد ڪريو. يوسف چانگ کي ڪابه چڑھڻ جي اميد ڪانه هئي، نه ئي پولنگ تي ويو. شام جو جڏهن ويو ۽ ڪڙيو گھنور ۾ خبر به پيس تہ فاضل صاحب جي چوٹ تي ڪامياب ٹيو آهيان تڏهن هار ونڊي سڏو راهوڪي محمد اسماعيل راهو کي وڃي پارائين ۽ چيائين ته اليڪشن ۾ توهان چڑھيا آهيو آئون ڪونه چڑھيو آهيان. فاضل صاحب دشمن هجي ها ته ڪڏهن به ائين ڪونه ڪري ها. فاضل صاحب کي شهيد انهيءَ ڪري ڪيو ويو جو نه هي ٹُنُو نه وڪيو. ٻئي طرف ايم آر ڊي جي جدوجهد جي سڃي سنڌ ۾ اڳواڻي فاضل صاحب ڪئي سڃي گھر گھر ويو. ڪارنر ميٽنگون ڪيون. رات ڏينهن هليو پ پ جو ڪو هٽ نه آيس. پوءِ ڪارڪنن مولا بخش چانڊيو غازي صلاح الدين کي ڪٹي منظم جدوجهد ڪيائين. پيو فاضل صاحب تيل تي جيڪا ريسرچ ڪري ڪيس ٹاهيو هو سو هاٹ هاءِ ڪورٹ ۾ ويڙھو هو سو هر هنڌ انهن جي بي واجبين خلاف جدوجهدون ڪرايون. جنهن ڪري جتي به تيل ۽ گيس ٹي نڪتو ته ماٹھو پنهنجا حق ونڊ لاءِ گڏ ٹي هڪ ٹي ويا ٹي. ڪمند جي آبادگارن ۽ هارين سان ٹيندڙ بي واجبين ۽ سرمائيدارن جي ڪڙون جي گھوپين تي ريسرچ ڪري ڪيس ٹاهيو هو جنهن تي به هاءِ ڪورٹ ۾ ويڙھو هو ۽ انهيءَ تي به جدوجهد ڪرائڻ جي اهڙي ڳالهه سنگت ۾ به رکي هٹائين. پنهنجي تقريرن ۾ به انهيءَ باري ۾ ڳالهايائين. هو ضياءِ ۽ سنڌن ڇاڙتن سان به نه ٹهيو انهيءَ ڪري سواءِ فاضل کي شهيد ڪرائڻ جي پيو ڪوبه رستو هنن وٽ نه هيو. هنن سمجهيو ته فاضل اڪيلو آهي. اهو قتل ٹي ويندو ته انهيءَ سڃي لهر ۽ سڃاڻپ کي ختم ڪري سگھبو. پر اهي پليل هٹا هن وقت فاضل جي سوچ هر سنڌي جي سوچ بڻجي چڪي آهي. هاڻ ته فاضل جي پارٹي جي اڳواڻي هيٺ اها سوچ تنظيمي شڪل وٺي چڪي آهي. انهيءَ جو مظاهرو هر سال سندس ورسي تي لکين ماٹھن جو گڏ ٹيڻ آهي.

ماهوار "عوامي تحريڪ" شهيد فاضل راهو نمبر

جيواڻي جو سانحو بلوچ عوام جي ڏڻن تي لوڻ برڪڻ برابر آهي

(عوامي نيشنل پارٽي جي مرڪزي سينئر نائب صدر جناب عالم شاهه مرڪزي ڪميٽي جي ميمبر پروفيسر عزيز احمد ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻ جناب امير گل ڪٽوهڙ مارچ جي پهرين هفتي ۾ بلوچستان جي علاقي مڪران جو دورو شروع ڪيو ۽ جيواڻي ۾ بيگناهه عوام متان پوليس جي وحشياڻي فائرنگ بعد صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو. ان صورتحال بابت مٿين اڳواڻن 6 مارچ تي منجهند جو 3 وڳي ڪراچي ۾ جناب رسول بخش پليجي جي رهائشگاهه تي پريس ڪانفرنس ڪي خطاب ڪيو. اُردو اخبارن بدستور مظلوم قوميتن سان ٿيندڙ ظلمن کان ڪن تار ڪندي ان کي گول ڪري ڇڏيو جڏهن ته سنڌي ۽ انگريزي اخبارن، هلال پاڪستان ۽ ڊان ان کي اهميت سان شايع ڪيو اسين پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ ان پريس ڪانفرنس جو متن ڏيئي رهيا آهيون —ادارو)

جيواڻي جو سانحو اصل ۾ ان مجرمانه بدسلوڪي جو نتيجو آهي جيڪو اڄ تائين پاڪستان جي مختلف حڪومتن بلوچستان جي عوام سان اختيار ڪيو آهي. جيواڻي بلوچستان جي عوام سماجي ۽ معاشي بدحالي جو هڪ مثال آهي. پاڪستان ٺهڻ کان چاليهن سالن بعد به وفد جيڪا سماجي ۽ معاشي بدحالي بلوچستان ۾ ڏٺي آهي اها ناقابل بيان آهي. جيواڻي ۾ ٿيل فائرنگ ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيل قتل ان مظاهري جو نتيجو هئي. جيڪو جيواڻي جي عوام پيئڙ جي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ جنريٽر لڳائڻ جي سلسلي ۾ ڪيو هو. وفد کي مڪران ويجي معلوم ٿيو ته فقط جيواڻي نه پر گوادر ضلعي جو هيڊڪوارٽر به پيئڙ جي پاڻي کان محروم آهي. گوادر جي ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ برسات جي پاڻي کي گڏ ڪري عام ماڻهن کي مهيا ڪيو ويندو آهي. گذريل بارنهن مهينن دوران برسات نه پوڻ ڪري خود گوادر ۾ پاڻي جي اٽاٽ جو مسئلو ايترو شديد ٿي ويو آهي جو پاڻي جو هڪ ڊبو ڏهن کان پندرنهن روپين ۾ وڪجي ٿو. خود جيواڻي ۾ چار

ڪوهہ آهن جن جو پاڻي مڪاني آبادي لاءِ ناڪافي آهي ۽ برسات نہ هئڻ ڪري انهن جي سطح ڪري پئي آهي، سڄو ڏينهن انهن ڪوهن مان پاڻي حاصل ڪبو آهي، شهر ۾ هڪ جنريٽر به لڳل آهي پر اهو فقط سرڪاري ڪامورن ۽ ڪوسٽ گارڊ جي ڪتب لاءِ مخصوص ٽيل آهي. جيواڻي جو عوام ڪافي عرصي کان پاڻي جي فراهمي جو مطالبو ڪري رهيو هو. هڪ مهينو اڳ بي ايس او جي چيئرمين جي دوري جي موقعي تي ٽيل عام جلسي ۾ پاڻي جي فراهمي جو مطالبو پيش ڪيو ويو هو.

موجوده صورتحال ان وقت نئون موڙ ورتو جڏهن خليج جي هڪ شيخ اهو محسوس ڪندي ته پاڪستان سرڪار پنهنجي شهرين کي پاڻي فراهم ڪرڻ لائق ناهي، خيرات طور مڪران جي انتظاميہ کي ٻہ جنريٽر ڏنا. ان ڪري جيواڻي جي عوام اهو مطالبو ڪيو هو. 20 جنوري تي ان مطالبي لاءِ شهرين جو هڪ وفد مڪاني مختيارڪار سان مليو پر مختيارڪار ڪامورڪي حاڪماڻي لهجي ۾ چيو ته ٻئي جنريٽر ڪنهن ٻي جڳهہ لاءِ وقف ڪيا ويا آهن ۽ ڪنهن ٻہ گوڙ ٻوڙ جي ڪابہ ضرورت ناهي.

21 جنوري تي شهرين هڪ جلوس ڪڍيو. هي جلوس وچ شهر مان لنگهيو جتي مسواڙي گهر ۾ پوليس ٽاٽو پٽ قائم آهي، پوليس جلوس ۾ شامل ماڻهن کي گاريون ڏنيون، کين مشتعل ڪيو ۽ پوءِ ۾ مختيارڪار جي موجودگي ۾ هجوم تي فائرنگ شروع ڪئي. اعليٰ سطح تي اهو فيصلو ڪيو ويو هو تہ ان علاقي جي عوام کي طاقت سان خاموش ڪرائڻ لاءِ اهو ضروري آهي. تنهنڪري عين ان وقت جڏهن پوليس فائرنگ ڪري رهي هئي تہ اسسٽنٽ ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ بلوچستان رزرو پوليس (بي آر پي) جو هڪ يونٽ ٻہ پهچي ويو ۽ ان ٻہ هڪدم فائرنگ شروع ڪري ڏني. جاءِ واردات تي هڪ عورت عاز گل، ستن سالن جي هڪ نينگري ياسمين ۽ هڪ مرد غلام نبي مري ويا.

فائرنگ کان پوءِ هڪدم ڪرفيو جو اعلان ڪيو ويو ۽ رواج جي ابتڙ لاش کڻڻ نہ ڏنا ويا. رات جو لائوڈ اسپيڪر تي اعلان ڪيو ويو تہ لاش وارث کڻي وڃن. پر جڏهن عاز گل جو پاڻ لاش کڻڻ آيو تہ کيس گرفتار ڪيو ويو.

فائرنگ کانپوءِ ڇهن ڏينهن تائين جيواڻي جي سموري آبادي کي گهرن کان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنو ويو. ويندي کين ضروري حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ٻہ گهرن مان نڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويئي. دوڪان بند هئڻ سبب شهري آبادي کي روزاني استعمال جي شين جي سخت قلت کي منهن ڏيڻو پيو. مليشيا وارن عام استعمال جي شين کي چوٽي قيمت تي وڪيو. ماڻهن کي ڊيجاريو ويو. جيواڻي جو هوائي اڈو ان ڀاڪر بند ڪيو ويو تہ ان جو رن وي خراب ٿي ويو آهي. شهر جو رابطو ڪالهہ

ماٹڪ چوٽو جن جو

تائين باقي دنيا سان ڪٽيل هوءِ شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر کان پرميشن ونڊ ضروري آهي. يعني جي بلوچستان مان بہ ڪو تعزيت لاءِ جيواڻي ويڙ چاهي تہ ان کي اجازت ناهي. گهٽ ۾ گهٽ 14 ماڻهو ايجا تائين نظربند آهن.

جيواڻي جو سانحو ڪيترين اهم ڳالهين جي نشاندهي ڪري ٿو جن جو نوٽيس ونڊ هر عوام دوست شهري لاءِ ضروري آهي.

(1) پاڪستان ٺهڻ جي 40 سالن بعد بہ ان جي مختلف علائقن ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي جو فرق گهٽ ٿيڻ بجاءِ وڌندو پيو وڃي. هڪ طرف پاڪستان ۾ اهڙا شهر موجود آهن جتي عاليشان پارڪ، ڦوهارا، سوئمنگ پول (ترڻ لاءِ تلاءَ) موجود آهن تہ ٻئي طرف بلوچستان جي صوبي ۾ اهڙا ضلعي ۽ تعلقي هيڊڪوارٽر بہ آهن جتي ايجا تائين پيئڻ جو پاڻي بہ ميسر ڪونهي. پاڪستان سرڪار بلوچستان جي نام نهاد ترقي جا ترانا ڳائڻ ۾ ٽڪجي ئي نٿي پر ان صوبي ۾ جنهن جا معدنيات جا ذخيرا سڄي ملڪ ۾ ڪتب پيا اچن، اڄ بہ چالیهن سالن گذرڻ بعد بہ پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ سڪي رهيو آهي. ڪيترن ضلعي ۽ تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ بجلي فقط سرڪاري ڪامورن لاءِ مهيا ڪيل آهي. جڏهن تہ عام ماڻهو گاسليٽ ٻارڻ تي مجبور آهي ۽ شديد گرمي هوندي بہ پکو استعمال ڪرڻ جي لائق ناهي. ڪراچي کان تربت 587 ڪلوميٽر رستي جو وڏو حصو ڪچي سڙڪ يا ڪجهہ ڪجهن تي بنا سڙڪ جي پيچرن تي مشتمل آهي. عوام سفر ڪرڻ ۾ جيڪا تڪليف محسوس ڪندو آهي ان کي بيان نٿو ڪري سگهجي. مڪاني زراعت، صنعت ۽ ڪاريگري ۾ تمام گهٽو ئي پوٽتي پيل آهي. بلوچي عوام تي هي ظلم گذريل 40 سالن کان ڪيو پيو وڃي ۽ جيواڻي جو واقعو ڦٽن تي لوڙ ہر ڪرڻ جي برابر آهي.

(2) اها انتهائي شرمجي ڳالهہ آهي جو ان صورتحال جي نتيجي ۾ جيڪو ڪم حڪومت کي ڪرڻ کپندو هو. اهو باهريون حڪومتون خيرات طور ڪري رهيون آهن. نہ فقط اهو تہ خليج جي شيخ پاڪستان جي علائقي تي رحم کائي بہ جنريٽر عطا ڪيا پر آمريڪا ۽ ڪيترين يورپين حڪومتون سڏوسنئون هن علائقي ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي جا منصوبا ٺاهي رهيون آهن. اها ڳالهہ شرمناڪ هڻڻ سان گڏوگڏ انتهائي خطرناڪ پڻ آهي.

(3) سنڌ ۾ ڏاڙيلن جي خاتمي بهاني پُرامن ۽ هٿين خالي شهرين تي جيڪو ظالم ڪيو ويو آهي ان کي هاڻي بلوچستان ۾ دهرايو پيو وڃي. ماڻهن جي مسئلن کي غور سان ٻڌڻ بجاءِ انهن کي "لا ۽ آرڊر" جو مسئلو قرار ڏيئي پوري

ماٽڪ چوٽو جن جو

طاقت سان ڪچليو پيو وڃي. اهو مسئلو وڏيڪ اهيمت وارو آهي ڇو تہ ڊپٽي ڪمشنر گوادر، صوبائي وزير اعليٰ جو ويجهو مائٽ آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ عوام کي ڪچلڻ لاءِ اهو فيصلو مٿين سطح تي ڪيو ويو آهي.

انهن حالتن ۾ اسين مطالبو ٿا ڪريون تہ:

(1) سموري واقعي جي هاءِ ڪورٽ جي جج کان انڪوائري ڪرائڻ کان اڳ مڪاني ڪامورا شاهي، يعني واسطيدار مختيارڪار، استنٽ ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر، ايس پي کي بدلي ڪيو وڃي تہ جيئن ماٺهو بنا ڊپ ڊاءَ جي انڪوائري ڪميٽي سامهون صورتحال جي عڪاسي ڪري سگهن.

(2) انڪوائري ڪميٽي ۾ هاءِ ڪورٽ جي جج سان گڏوگڏ مڪاني آبادي جي نمائندن سامهون صورتحال کي پڻ شامل ڪيو وڃي.

(3) بلوچستان جي وزيراعليٰ کي ان صورتحال بابت هڪ طرفن بيانن ڏيڻ کان روڪيو وڃي جيئن ڪميٽي آزادانہ طور ڪم ڪري سگهي.

(4) بي ايس او جي ڪارڪنن جا گرفتاري جا وارنٽ رد ڪيا وڃن.

سيد محمد عالم شاهه جو انٽرويو

عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري

انٽرويو: شفيق ڪانڊڙو

سجاڳي: اوهان جو نئين پاڙ ڪيئن گذريو؟

سائين عالم شاهه: منهنجو گهٽو نئين پاڙ ضلعو ٺٽو تعلقو ميرپور بٺورو ڳوٺ علي مير شاهه لڳ ڏڙي ۾ گذريو. نئين پاڙ ۾ منهنجي مائٽن بيمار هئڻ ڪري ۽ ان جي ٽڄ جي ڪوٽ هئڻ جي ڪري مون اسان جي ڳوٺ ۾ آس پاس جي ڇانگن، ساندن، سومرن، شيدين، خاصخيلين جي عورتن جي ٽڄ تي گذارو ڪيو. تنهنڪري منهنجو گهٽو وقت انهن عام ہارن سان گڏ ٽڄ پيڙ سان ان ماحول ۾ گذريو. چون ٿا ته مون گهٽي ۾ گهٽي يا گهٽ ۾ گهٽ تقريبن چار سال تائين ٽڄ پيتي ۽ هڪڙي هڪڙي جيڪا منهنجا مائٽون آهي انهيءَ ۾ ٻه ٻار جاوا ته انهن ہارن سان ٻه مون ٽڄ پيتي. جڏهن مايون پچاريءَ تي پاڻي پرڻ ويندیون هيون. آئون ہارن سان راند پيو ڪندو هوس ۽ پريان جيڪڏهن منهنجي مائٽون پاڻي پرڻ پئي ايندي هئي ته اتان آئون ہارن کي ڇڏي ڊوڙي ويندو هوس ۽ هوءَ دلا لاهي مون کي ٽڄ پياريندي هئي. ان ڪري منهنجي عام ہارن جيڪي ڇانگ، سومرا، شيدي ۽ خاصخيلي هئا. تن ہارن سان دلچسپي ٿي ۽ انهن سان گڏ نئين پاڙ گذاريو.

سجاڳي: ڇا توهان نئين پاڙ ۾ شرارتي رهيا آهيو؟ جيڪڏهن رهيا آهيو ته توهان پنهنجي ڪيل ڪا وڏي شرارت ٻڌايو؟

سائين عالم شاهه: منهنجي خيال ۾ ہار جو جيڪو نيپاج ٿئي ٿو. اهو مائٽون تي ٿئي ٿو. جهڙو ان کي گهر ۾ هنج جو ماحول ملي ٿو. ان گهر جي ماحول مطابق ہار شين جي پرک ڪري ٿو. منهنجي مائٽون جيئن بيمار هئي، تنهنڪري مون کي اتي ڪو سنو خوشي جو ماحول ڪو نه مليو. مون کي ماحول مليو پهراڙيءَ جي عورتن جو ۽ ٽيون اهو ته منهنجي والد صاحب کي تمام گهڻي وقت کان پوءِ اولاد ٽيو ۽ ان کي اها اميد ئي ڪانه هئي ته هن کي اولاد ٽيندو جيڪي ٻه راڄ، ڪڙم جا ماڻهو هئا. تن جي ٻه خواهش هئي ته سائين کي اولاد ٽئي. پوءِ آئون پيدا ٽيس ته جڙ ته سيني جو پٽ ٽيس. ان ڪري مون کي شرارت جو موقعو ئي ڪو نه مليو باقي جيئن ته گهڻن جي هٿن ۾ هوس. ان ڪري ضدي هوس ۽ جيڪا ٻه ڳالهه ڪندو هوس، اها منهنجي پوري ٽيندي هئي. هڪڙي دفعي، مون کي ياد ڪونهي پر چون ٿا ته هڪڙي وڏي ڇانهين وٽي آيا، مون چيو ته اها مون کي ڏيو ته مان ڪٽان،

هاڻي جيترو وزن ڇانهين ۾ اوترو مون ۾ا ڇيائون توکان ڇانهين ڪجندي ٿي ڪانه. پر مون ضد ڪيو ۽ ڇانهين ڪنيم. جيڪا مون کان ڪري پئي ۽ ذرا ذرا ٿي وئي ۽ ڪنهن جي ڪم جي نه رهي.

سجاڳي: ڇا توهان ننڍي هوندي پڙهائيءَ جي معاملي ۾ پنهنجي ڪنهن دوست سان مقابلو ڪيو ۽ ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟

سائين عالم شاهه: ننڍي هوندي اسان جو ڳوٺ ڏڙي کان ٽن فرلانگن تي هو ۽ اتي اسان جي اسڪول ۾ ڪو به ڳوٺ ڪونه هو. انهيءِ ڪري صبح سوير آئون ۽ منهنجي پيٽ ننڍڙي گوليءَ (گهوڙي) تي چڙهي اسڪول ويندا هئاسين يا ڪو اتي جو مائٽ اسان کي ڪلهي تي کڻي ايندو هو. ان ڪري پڙهڻ جي لاءِ اسان کي ڏڙي اچڻو پوندو هو. مقابلي جي ڳالهه ڪانهي. باقي پهرين درجي سنڌي کان وٺي مئٽرڪ تائين منهنجو دوست مرحوم صالح عمراڻي مون سان گڏ پڙهيو. مون پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ به اها ڳالهه ڪئي آهي ته آئون اخلاقي ۽ علمي طرح سان انهيءِ کان متاثر هوس. انهيءَ کي ڏسي مون کي وڌيڪ پڙهڻ جو شوق ٿيو. هو پڙهڻ جو تمام هوشيار هو ۽ لائق ۽ بااخلاق ماڻهو هو. آئون سمجهان ٿو. مون ۾ چڱائين جي جيڪا شروعات ٿي ۽ مون کي جيڪو پڙهڻ جو شوق ٿيو سو ان صحبت جي ڪري ٿيو ۽ اسان جو پاڙ ۾ ايترو (لاڳاپو) هو جو نور محمد هاءِ اسڪول ۾ جڏهن مئٽرڪ پڙهندا هئاسين ۽ اتي اسين گڏ رهندا هئاسين. تڏهن ڪنهن کي خبر ڪانه پوندي هئي ته هي عمراڻي آهي ۽ انهن عزيزن جي، مائٽن ۾ آئون ويندو هوس ته مون کي عمراڻي سمجهندا هئا. تنهڪري محمد صالح عمراڻي جيڪو 64 — 1963ع ۾ گذاري ويو. ان جي صحبت جو مون تي گهڻو اثر پيو.

سجاڳي: ڇا اوهان ڪڏهن اسڪول کان گسايو ۽ ان جا ڪهڙا سبب هئا؟

سائين عالم شاهه: مون پهرين ٻڌايو ته منهنجي صحبت محمد صالح عمراڻي سان هئي. هو بااخلاق ماڻهو هو. ان ڪڏهن به اسڪول مان ڪو نه گسايو. تنهڪري مون کي ياد ڪونهي ته مون ڪو گسايو هجي. اسڪول مان گسائڻ جي سنگت ٿي ڪانه ملي ۽ نه ڪو اهڙو ماحول مليو.

سجاڳي: ڇا اوهان ننڍي هوندي ڪڏهن ڪا چوري ڪئي جيڪڏهن ڪئي ته کهڙي هئي ۽ ان ۾ اوهان ڪامياب ٿيا؟

سائين عالم شاهه: ننڍي هوندي چوري مون ڪانه ڪئي پر منهنجو سوٽ آهي سائين حسين شاهه اهي حيدرآباد ۾ رهندا هئا. آئون ڏڙي مان پڙهڻ لاءِ هتي آيس. هو شهر جو رهاڪو هو تنهڪري هوشيار هو. سو اسان هڪ ماندٻيءَ تي وڃي بيٺاسين. مون وٽ پئسا هئا. مون هڪ ڪيڪ ورتو ته تيسين هن برنيءَ مان

وڏيڪ بسڪيٽ ڪيڊي ورتا، جنهن جي مون کي خبر ڪانه هئي. جڏهن ٽورو اڳيان وڌياسين تہ هن مون اهي ڪيڪ ۽ برنيءَ مان بسڪيٽ ڏنا، جيڪي مون ورتا، تيسين پنيان منڊٽيءَ واري ڏسي ورتو. پوءِ هو پڇي ويو ۽ ان جي ڏوهہ ۾ مانڊٽيءَ واري مون کي ٻڌي ويهاري ڇڏيو. (سائين جي نندڙي پٽ رضوان شاهہ سميت سڀ ڪلن تا) پوءِ منهنجي مامي مون کي پٽسا ڏيئي ڇڏايو. چوري مون ڪانه ڪئي پر ٻئي جي چوريءَ ۾ ٻڌجي ويس.

سجاڳي: اوهان جيڪڏهن گهر ۾ رُسندا هئا تہ ان جو اظهار ڪيئن ڪندا هئا؟

سائين عالم شاهہ: جيئن مون پهرين گذارش ڪئي تہ آئون دادلو هوس. ان ڪري ضد گهٽو ڪندو هوس. تنهڪري منهنجي مآئون ۽ ٻيا آس پاس جا پائڙ وارا چوندا آهن تہ ننڍي هوندي آئون جڏهن ضد ڪندو هوس تہ پٽ تي ڪري پوندو هوس، پوءِ چڙيون هٽندو هوس ۽ تمام گهٽو روئندو هوس. جيئن هو مون کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. تيئن آئون وڏيڪ چڙيون هٽندو هوس ۽ پوءِ هٽي هٽي جڏهن چڏيندا هئا ۽ پاڻهي جڏهن ٽڪبو هوس، تڏهن بس ڪري اٿي ويهي رهندو هوس.

سجاڳي: ڇا ننڍي هوندي اوهان ۾ قومي جذبو هيو؟ ۽ اوهان جي نظر ۾ غريب ماڻهوءَ جي ڪهڙي حثيت هوندي هئي؟

سائين عالم شاهہ: مون پهرين گذارش ڪئي تہ ڇاڪاڻ تہ منهنجي پروش غريب ماڻهن جي وچ ۾ ٿي. ان ڪري مون کي تصور ۾ بہ ڪونہ هو تہ هي ٻيا آهن ۽ هو ٻيا آهن. مون کي انهن بيحد پيار ڏنو منهنجا ڪيترائي پائر ۽ پينرون آهن. اڄ بہ اهي مون کي ساڳي عزت ڏين ٿا. تنهڪري آئون انهيءَ غربت جي ماحول ۾ پليس، هُيس تہ مرشد مون کي سڀ سهولتون هيون، پر ايتري قدر جو ناني مري هوندي هئي. ذات جا ڪڌا آهن، انهن جو ڳوٺ اسان کان فرلانگ ڪن پري هوندو هو اهي مون کي ڳڙ پت ڪارائيندا هئا. تنهنڪري مون کي ڳڙ پت وٽندو هو. ان ڪري مان ڳوٺ منجهان گهٽو ڪري انهن وٽ ڳڙ پت ڪائڻ لاءِ ويندو هوس، سو مون کي انهن جي ايڏي محبت ۽ ايڏو پيار مليو. ننڍي هوندي کان ئي مون پنهنجو پاڻ کي الڳ سمجهيو ئي ڪونہ تہ آئون کو انهن کان اپر ڪلاس ۾ آهيان، امير پار آهيان، مرشد آهيان، معني انهن جي محبت، پيار ۽ پنهنجائپ ايترو مائل ڪيو جو آئون سمجهان ٿو تہ هينئر بہ منهنجي جيڪا قومي جذبي رکڻ واري طبيعت آهي، ان جو بنياد اهي ڳالهيون آهن.

ماڻڪ چوڻو جن جو

سجاڳي: اوهان جي نظر ۾ پارٽن جي تنظيم ڪيئن هجڻ گهرجي؟

سائين عالم شاهه: پارٽن جي تنظيم ۾ به ٻي خيال رکڻ ڪپن. هڪڙو ته جتي به تنظيم جا يونٽ کوليا وڃن. اتان جي ماحول کي نظر ۾ رکيو وڃي ۽ ان ماحول ۾ پارٽن جي راند جا کهڙا طريقا آهن. اهي راندين اتي انهن سان گڏ ڪرڻ ڪپن. انهن جي لاءِ راندين جا پروگرام رکڻ ڪپن. ته جيئن پار انهن راندين ۾ شريڪ ٿين. چاڪاڻ ته پار چاهيندو ته آڻون انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيان. جيڪڏهن اتي ٻي ڪا راند ڪبي ته اها انهن کي ايندي ئي ڪانه ته هو چڙهندو ڪيئن؟ پر جيڪڏهن اها راند هن کي ايندي هوندي ته ان سان گڏجي ان ڳوٺ ۾ اها راند ڪبي ته انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيندو. پار خوش ٿيندو ۽ وڌيڪ دلچسپي وٺندو. تنهنڪري پنهنجي علاقي مطابق پارٽن جي راندين جا بندوبست ٿيڻ ڪپن.

هتي خاص ڪري اهو آهي ته پارٽن جي ڇاڻ محدود آهي. تنهنڪري سجاڳ پار تحريڪ جو بنياد اهو رکيو ويو آهي ته مختلف علاقن جا پار ٻين علاقن ۾ وڃن ٿا. جيئن اسان هڪڙي علاقي جي ڇاڻ ٻين علاقن کي ڏيئي سگهون. هڪڙو علم پڙهڻ سان اچي ٿو. ٻيو علم اسان کي سفر سان اچي ٿو. ٽيون علم اسان کي هڪٻئي کي ڏسي اچي ٿو. تنهڪري پار کي پهراڙيءَ ۾ پڙهڻ جو ايترو ماحول کو نه ٿو ملي يا هو ايترا وسيلا نه هڻڻ ڪري هڪ ٻئي وٽ وڃي نٿا سگهن. پر جيڪڏهن پار هڪٻئي وٽ ايندا يا گڏيل فنڪشن ڪندا ۽ ٻيا پار به ان ۾ ايندا ته ان سان انهن ۾ ڇاڻ پيدا ٿيندي. ٻيو اهو ته اسين ڪوشش ڪريون ته پنهنجي تنظيم ۾ پارن کي ڪا نه ڪا لا چگهائي ڏسڻ ۾ اچي ۽ انهن جي پنهنجي مائٽن وٽ عزت ٿئي. يعني سجاڳ پار تحريڪ ۾ ڪو پار هجي ته ان جي اسان جي تنظيم ۾ ايڏي عزت هجي ۽ هو اسان جي تنظيم مان علم پرائي ايڏو هوشيار ٿئي جو ان کي مآئون پيءُ ۽ پنهنجي علاقي وارا ماڻهو اسان جي تنظيم جي ڪري پائين ۽ عزت ڏين. جيئن ٻيا مائٽ به پنهنجي پارن کي هن تنظيم ۾ شامل ڪرڻ تي وڏو فخر محسوس ڪن ته هنن سان گڏ هوندو ته هي سڌري ويندو. معنيٰ هن جي سنگت سڻي آهي. اڳ ۾ جڏهن تنظيمون کو نه هيون. تڏهن ماڻهو چوندا ته بابا هن کي سنگت ئي اهڙي خراب ملي! پر جيئن ته هينئر تنظيم جو تصور آهي ته چوندا ته هن کي تنظيم سڻي ملي آهي. تڏهن هي بااخلاق ٿيو آهي. هن کي تنظيم سڻي ملي آهي. تڏهن هي هوشيار ٿيو آهي. هن کي تنظيم سيکاريو آهي. تنهڪري ماڻهن کي پائڻي ٿو. معنيٰ ته جيڪي به انساني گڻ آهن. ان جو مثال ان تنظيم جي ڪري مليو آهي.

سجاڳي: اوهان سجاڳ پار تحريڪ جي ماضي، حال ۽ مستقبل کي ڪيئن ٿا سمجهيو؟

سائين عالم شاهه: اسان سمجهون ٿا ته سجاڳ پار تحريڪ اسان جي ايندڙ نسلن جي ضمانت آهي. سجاڳ پار تحريڪ مان اسان کي پنهنجي پارٽيءَ ۽ قوم لاءِ سياسي، نظرياتي ۽ ذهني ڪيڊر ملندو. تنهڪري مان سجاڳ پار تحريڪ کي وڏيڪ اهميت ڏيان ٿو. جيڪڏهن اسان چاهيون ته پنهنجي قوم، نسل ۽ پنهنجي خاندان جي خدمت ڪريون ۽ اسان جا ايندڙ نسل سڌا ۽ بهترين هجن ۽ اسان جي قوم فتحون حاصل ڪري ته پوءِ اسان کي پنهنجي گهر ۾ سجاڳ پار تحريڪ جا يونٽ کولڻ گهرجن. اسان کي گهرجي ته اسان سجاڳ پار تحريڪ جي تنظيم کي بهتر ڪريون ۽ انهن جي تربيت ڪريون ته جيئن سڀ نسل اسان کي ملي. نه رڳو سڀ نسل ملي پر نسلن جو سڀ سلسلو ملي، ته جيئن اسان جي اها ڳالهه گهٽي تائيم تائين هلي ۽ آخر تائين اها شيءِ اسان کي سڌا ڪيڊر ڏئي.

سجاڳي: اُسريل ملڪن جي پارڻن ۽ سنڌ جي حالتن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

سائين عالم شاهه: اُسريل ملڪن جي پارڻن جو ماحول هڪڙو علمي ماحول آهي. انهن کي ڪپڙا سڌا ملن ٿا. سڀ پاڻي ملي ٿو. سڀ صحت ملي ٿي. پر سنڌ جي پهراڙين ۾ پارڻن کي سڀ پوشاڪ ڪانه ٿي ملي. انهن کي پيئڻ لاءِ سڀ پاڻي ڪونه ٿو ملي. سندن صحت جو خيال ڪو نه ٿو ڪيو ويجي. اسڪول سڌا ڪونهن. سڌا استاد ڪونهن ۽ اسان جي پهراڙين ۾ اڃان به جاگيرداري نظام ۾ اسڪول هلن ٿا. اهو پار تي جيڪو ڏٺائون آهي ۽ پار پنهنجي گهر ۽ مائٽن جي پريشر ۽ پنهنجي ڳوٺ جي جاگيرداري ذهنيت جي پريشر ۾ رهي ٿو. شهرن ۾ اهو جاگيرداريءَ وارو پريشر ڪونهي ۽ اسريل ملڪن ۾ وڏيڪ بهتر آهي. آئون جڏهن لنڊن ويو هوس ته اتي آئون سرور باري وارن وٽ رهيس، اهي ڪم ڪار تي هليا ويندا هئا. آئون اتي اڪيلو گهر ۾ هوندو هوس. انهن جي ڏيءَ تزين منهنجي "سفير" هوندي هئي. اها ٽوٽل انگريزي پڙهندي هئي ۽ دوستن وٽ وڃي ويندي هئي ۽ آئون انهن سان اتي گڏجي راند رهندو هوسته اتي مون ڏٺو ته انهن کي صفائيءَ جو خيال هوندو هو ۽ انهن جو پاڻ ۾ رويو وڏيڪ بهتر هوندو هو هر ڳالهه جو خيال رکندا هئا.

هڪڙي دفعي تزين جي ساهيڙي بينش آئي. جيڪا اسان جي دوست شاهد جي پرويز جي ڏيءَ آهي. شاهد پرويز ان وقت لنڊن ۾ هوندو هيو ۽ هينئر اسلام آباد ۾ اڪائونٽس ۾ سيڪريٽري آهي. سو اهي راند ڪندي هڪڙئي سان وڙهڻ لڳيون. مون ڏاڍو (مزو ورتو) ۽ ڏٺم ته ماٺهو انگريزي ۾ ڪيئن روئي ٿو.

ماڻڪ چوٽو جن جو

ڪيئن وڙهي ٿو ۽ انهن کان متاثر ٿيس. آئون چوان ٿو ته اهو ساڳيو ماحول پهراڙيءَ کي به ڏنو وڃي ۽ جاگيرداري ذهنيت جيئن آهستي آهستي ختم ٿيندي ويندي تيئن اهو ماحول وڌيڪ بهتر ٿيندو. پهراڙين ۾ جيڪي به اسڪول آهن. تعليمي ادارا آهن. انهن تعليمي ادارن ۽ شهري تعليمي ادارن جي وچ ۾ هر آهنگي هجي ۽ اچڻ وڃڻ هجي. جيئن پهراڙيءَ جا ٻار شهر جا اسڪول ۽ ماحول ڏسن. انهن کي ته اهو ملي ڪو نه ٿو. تڏهن به معلومات انهن کي ملي ۽ شهر جا ٻار پهراڙيءَ ۾ وڃن ته جيئن ڏسن ته اتي انهن کي ڪهڙو ماحول ملي ٿو.

سجاڳي: پنهنجو جيڪو موجوده تعليمي ڍانچو آهي. مثال طور پرائمري تعليم آهي ته اها انهن جي پوليءَ ۾ آهي ڇا پرائمريءَ کان وٺي انگريزي پوليءَ ۾ جيڪا هڪ بين الاقوامي ليول جي پولي آهي. ان کي لاڳو ڪيو وڃي يا نه؟ جيئن وڏن شهرن جي اسڪولن ۾ آهي؟

سائين عالم شاهـ:مسئلو رڳو لاڳو ڪرڻ ڪونهي. مسئلو آهي انهيءَ ماحول ناهڻ جو. جيڪڏهن اسان پهراڙيءَ جي اسڪولن ۾ انگريزيءَ جو هڪڙو سبجيڪٽ رکي ڇڏيون. پر جيڪڏهن اتي اهو ماحول هوندو ئي ڪونه ته اها شيءِ اسان کي وٽندي ئي ڪانه. باقي انگريزي تمام ضروري آهي، ان لاءِ علمي ۽ نفسياتي ماهر علائقي جي حوالي سان ريسرچ ڪن ته اسان انگريزيءَ کي ڪيئن هينئين ليول تي رکون. پهراڙيءَ جي ماحول مطابق اسان کي اها شيءِ آهستي آهستي، ٿوري ٿوري رکڻ کپي ته جيئن ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ جيڪي نالا آهن، ٻار اهي نالا ڪٽن مثال طور، نوز معنيٰ (نڪ)، آئيز معني (اکيون) ڊوگ معنيٰ (ڪتو) وغيره. انهن جا نالا ڪٽجن ته جيئن آهستي آهستي اهو ماحول مٽي اچي. پر مدرسن ۾ جيڪا ڳالهه شروعات ۾ ماٺهو سمجهي ٿو اها شايد انگريزيءَ ۾ ڪونه سمجهندو. تنهڪري پهرين، ٻئين، ٽئين، چوٿين درجي تائين مدرسن جو زور هجي ۽ اتي اسان جي جيڪا پولي هجي، اها آخر تائين پنهنجي پولي هجي ۽ ان سان گڏوگڏ انگريزيءَ به هجي ٻي ليول تي، پوءِ اها سمجهه ۾ ايندي، پر اها اسان جي مدرسن ۾ هوندي ڪانه. رڳو انگريزي هوندي ته پوءِ اهو ٻار پلجي ويندو. پوءِ نه ڪو هيڏانهن جو ٿيندو نه ڪو هوڏانهن جو. ٻار جو پهريون استاد ان جي مآئون آهي. ان کي بچائڻ لاءِ مآئون جي لولي به سنڌي ۾ ڏئي ٿي. ان کي پائنئين به سنڌيءَ ۾ ٿي، ان کي پهراڙيءَ ۾ جيڪا پنهنجي نندڙي سنگت ملي ٿي، اها به سنڌي پوليءَ ۾ ملي ٿي، اهو ماحول به سنڌي پوليءَ ۾ ملي ٿو ۽ اتي جيڪو شيون آهن، تن جا نالا به سنڌيءَ ۾ آهن ته انهيءَ طريقي سان اها شيءِ جيڪڏهن ڪٽبي ۽ ان کي ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي طريقي سان سڀ شيون جيڪڏهن ماٺهو ٿوري ڪوشش ڪندو ته ٿيندين، اسان کي علمي طرح سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ڪيئن ان کي آهستي آهستي هم آهنگ ڪريون، ته پوءِ اها شيءِ اسان

کي فائدو ڏيندي يا نہ جڏهن ڪنهن بہ هڪڙي شيءِ تي زور ڏبو يا ان کي صفا چڏي ڏبو يا ان کي صفا انگريزيءَ ۾ لڳائي چڏبو تہ بہ نقصان ٿيندو جي سڏو لڳائي چڏبو تہ بہ نقصان ٿيندو تہ اهو علمي ماهرن جو ۽ حڪومت جو فرض آهي تہ ان کي ڪيئن ٿيڪنيڪي طريقي سان لاڳو ڪن.

سجاڳي: سجاڳ پار تحريڪ تي توهان جي ڪا تنقيد؟

سائين عالم شاهہ: سجاڳ پار تحريڪ تي تنقيد تہ منهنجي ڪانهي، باقي رهنمائي خاطر مون هميشہ انهن کي چيو آهي تہ جنهن ڳوٺ وڃن، ان جا ڏٽي ٿين. ننڍڙا ننڍڙا فنڪشن ڪجن، انهن کي سنو ماحول ناهي ڏجي ۽ سڌا ڪيڊر پيدا ڪجن، جيئن انهن جي عزت ٿئي. مثال طور: هينئر آئون شڪاپور ويس. اتي اسان جي شفيق ڪانڊڙي جي والد صاحب جي باري ۾ مون کي ٻڌايائون، هونئين بہ تہ اسان جو فرض آهي تہ هڪٻئي جي مدد ڪريون، پر منهنجي ذهن ۾ اهو هو تہ شفيق ڪانڊڙي جي حيثيت پنهنجي والد وٽ ڪيئن هوندي هن مون کي ڪو نہ چيو هن لهرايو تہ الائي سائين وٽ ٽائيم ڪو نہ هوندو ۽ چوندو تہ پنهنجو ذاتي ڪم ڪٽي آيو آهي ۽ پٽس عوامي تحريڪ جو ميمبر ڪونهي. انهيءَ لاءِ هن مون کي ڪونہ چيو تہ بابا جي بدلي هيڏانهن ٿئي. پر زوريءَ چيو مان تہ پٽهين ڳالهہ ئي ڪو نہ ٿو ڪري، مون توکي چيو تہ تون هيڏانهن وڃ. هيڏانهن وڃ ..... هيڏانهن وڃ، پوءِ چوي ٿو تہ سائين آئون دورن تي هوس. بابا دورن جي توکي ضرورت آ، پر پٽهين مسڪين هتي وينو آ، تنهن جو مسئلو ڪيئن ٿيندو؟ تہ هي حيران ٿي ويو تہ هاڻ سائين کي ڇا چوان! آئون چوان ٿو تہ تنظيمي ڪم سان ويندس، چوي ٿو تہ نہ پٽهين جي ڪم سان وڃ. هاڻ اهو ڪيئن ٿيندو؟ هن بہ پنهنجي جڳهہ تي صحيح ڪيو، ڇاڪاڻ جو هر وقت ماٺهو پنهنجا پنجاهہ هزار مسئلا ڪنيو بينو هوندو تہ ان جو ماٺهو تي الائي ڪهڙو اثر پوي. تنهڪري سپ کو ان ڳالهہ جي ڪري لهرائي ٿو تہ جيڪڏهن انقلابي آهي تہ انقلابي ڳالهيون ٿيڻ کپن. پر جيڪو انقلابي آهي ان جو فرض آهي سوچي تہ جيڪو انقلابي مون سان گڏ آهي، انهيءَ جي پنهنجي بہ معاشري ۾ ڪهڙي عزت ٿئي ٿي؟ جيڪڏهن منهنجي رڳو ٿوري چوڻ سان هن جي بدلي اتي ٿي وئي تہ هن جا اهي پئسا بچيا، ان مان ڪجهہ سجاڳ پار تحريڪ کي ملي ٿو ۽ هو گهر بہ ٺهرائي پيو. تہ هر هڪ جيڪو بہ اسان جو بااثر ماٺهو آهي ۽ اهو جتي بہ وڃي تہ اسان جا جيڪي سجاڳ پار آهن، انهن سان ڪچهري ڪري ۽ جيترو ٿي سگهي، رهنمائي ۽ مدد ڪري تہ جيئن معاشري ۾ اسان کي عزت ملي.

سيد عالم شاهه جو انٽرويو

عوامي نيشنل پارٽي جو مرڪزي سينئر نائب صدر

انٽرويو: نظير لغاري

سوال: ايران عراق جي جنگ جي سبب خليج جي صورتحال پهرين ڪنهين هئي پر خليج ۾ آمريڪي طياره بردار جنگي جهازن جي اچڻ ۽ خليجي رياستن جي جهازن تي آمريڪي جهنڊو لهرائڻ کان پوءِ خليج جي صورتحال کي حيران ڪندڙ چيو پيو وڃي. اوهان جي پارٽي انهيءَ جي باري ۾ ڪهڙي راءِ رکي ٿي؟

جواب: اسان جي خيال ۾ ته جنگ جي شروعات آمريڪا جي مفادن خاطر ٿي هئي، تنهن کي ڏيگهه ڏيڻ ۾ به سامراجين جو هٿ هو. آمريڪا چاهي ٿي اهو ٿو ته غريب ملڪ پاڻ ۾ وڙهن ۽ هو پنهنجو پاڻ ۾ وڙهڻ جي لاءِ سامراجي ملڪن کان هٿيار حاصل ڪن، دنيا ۾ ڪٿي به جنگ هجي، انهيءَ جو سڌو سنئون فائدو انهن ملڪن کي ٿيندو آهي، جيڪي هٿيارن جو واپار ڪن ٿا. انهيءَ جي ابتڙ جنگ ۾ شامل نه صرف نوجوان مرندا آهن، باقاعده انهن جي مالي سياست ۽ ثقافت به تباهه ٿيندي آهي، آمريڪا سامراج اهو چاهي ٿو ته غريب ملڪن کي جنگ جي باهه ۾ ڏڪي ڪين تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو وڃي ۽ هتي افراتفري پيدا ڪئي وڃي ته جيئن افراتفري جي سبب اتي مستقبل ۾ ترقي پسند سوچ نه اچي ۽ غريب ملڪن جي عوام پنهنجي مستقبل ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي مستقبل تي نه ويچارين، هو پنهنجن ئي مسئلن ۾ منجهيل رهن، انهن جا سياسي ۽ مالي جهيڙا ايتري قدر سخت ٿي وڃن جو هو سندن حل جي لاءِ دهشتگردن جي غلامي قبول ڪن ۽ هو هميشه جي لاءِ سامراجن جي هٿان گروي رهن، آمريڪا پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهي ملڪن جي عوام کي بيوقوف ڪري ان جو استعمال پيو ڪري، هن وقت آمريڪا خليج ۾ پنهنجون پاڙون مضبوط ڪرڻ جي لاءِ خليجي ملڪن کي وڙهائڻ ۽ انهن جا اختلافات وڌائڻ جي لاءِ سازشون ڪري رهيو آهي. هن خطي ۾ آمريڪي جهازن جي موجودگي اهو ثابت پئي ڪري ته هو هتي دخل اندازي ڪرڻ پيا چاهين نه صرف ايترو بلڪ سندن نفرت مان اها ڳالهه به واضح آهي ته آمريڪا هن خطي ۾ پنهنجا مستقل اڈا قائم ڪرڻ چاهي ٿو. هو خليج ۾ هڪ جنگي حصو قائم ڪرڻ چاهين ٿا، آمريڪي منصوبي تحت (1985 ريپڊ ڊيپلوئمينٽ فورس) ۾ واضح ٿيو آهي،

ماٽڪ چوٽو جن جو

جنهن ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪا جنوبي ايشيا جي ملڪن ٿائيليند، انڊونيشيا، پاڪستان، افغانستان، ايران ۽ خليجي ملڪن ۾ پنهنجو اثر قائم رکڻ ۽ پنهنجي مفادن جي نگراني جي لاءِ فوج ۾ واڌارو ڪندو.

پاڪستان ۾ به آمريڪا اسان جي ملڪ جي متعلق گڏيل اعلان ڪري، حڪمرانن کي ايٽمي مسئلن جي بنياد تي بليڪ ميل ڪري پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هو اسان جي ملڪ ۾ پنهنجي تعلقاتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو. آمريڪا ايرندو وسطي مشرقي ايشيا ۽ ايرندو پري جي ملڪن ۾ به پنهنجي سياسي فوج ۽ جاسوس ماهرن کي موڪلي پنهنجو قبضو جمائڻ چاهين ٿا ۽ آمريڪا خليج ۾ رهي ايران تي پنهنجو دٻاءُ ون رکڻ چاهي ٿو ۽ ان جي خلاف رجعت پرست قوتن جو اتحاد قائم رکڻ چاهي ٿو ته جيئن ايران ۾ مطلق العنان بادشاهن جو دور واپس آڻي سگهن. تنهن کان سواءِ آمريڪا خليجي رياستن ۾ ايران جي اسلامي انقلاب کي سرسبز خواب ڏيکاري اتي وڌيڪ مداخلت ڪري پنهنجي مفادن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو جيئن خليجي رياستن جون واڳون مڪمل طور هنن جي هٿن ۾ هجن. تنهن جو هڪ مثال هي به آهي ته ڪويت جي تيل جي جهازن کي فوجي تحفظ ميسر ڪرڻ آهي ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اهڙي طرح جي ڪاروائين جي ذريعي آمريڪا سوويت يونين کي پڙڪائڻ چاهي ٿو ۽ انهيءَ مقصد جي خاطر هو خليجي رياستن جي اندر زبردستي گهڙي آيو آهي.

سوال: ڪجهه تجزئي نگارن جو خيال آهي ته روس خليجي رياستن سان پنهنجي تعلقاتن کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ نُهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيو آهي، خليجي رياستن سان تعلقاتن جي سلسلي ۾ نين روسي پاليسين جا اثر خطي تي ڪهڙي طرح اثرانداز ٿيندا؟

جواب: هڪ ته اها به ڳالهه آهي ته آمريڪا خليجي ملڪن ۾ گهٽي ڪليل مداخلت جي سبب خليجي ملڪن جي به مجبوري ٿي سگهي ٿي ته هو پنهنجي آزادي جي بقاءَ جي لاءِ سوويت يونين جي ڊگهي مدد کان جيئن ته مون پهرين به چيو آهي ته آمريڪا هن علاقي ۾ هر هر پنهنجا هٿ مضبوط ڪري رهيو آهي جڏهن ته اهو به واضح آهي ته هي ڳالهه سوويت يونين کان ڊڪيل لڪيل ناهي ته هو پنهنجن پاڙيسري ملڪن ۾ ايتري وسيع پيماني تي ڪليل مداخلت ڏسي وائسي پنهنجون اکيون بند نٿو ڪري سگهي. ممڪن آهي ته هڪ عالمي طاقت جي حيثيت سان سوويت يونين خليجي ملڪن سان پنهنجا رابطا وڌائڻ ضروري سمجهي. خليجي ملڪن مان روس جي بهتر تعلقاتن جي نتيجي جا اثر ڪم اچي سگهن ٿا، تنهن جو تفصيل هي آهي ته

ماٹڪ چوٽو جن جو

(1) انهن ملڪن تي سامراجن جو ڏاٽون ۽ آمريڪي مداخلت گهٽ ٿي ويندي.

(2) خليج ۾ سامراجن وڙهو ۽ حڪومت ڪرڻ واري پاليسي اختيار ڪئي آهي. هنن جا اها پاليسي ڪمزور ٿيندي ۽ هن علاقي جي مختلف ملڪن جي عوام کي هلندڙ دوستي ۽ پائيچاري وارو رشتو پيدا ٿيندو ۽ علاقي ۾ امن قائم ٿيڻ جا موقعا وڌندا.

(3) آمريڪا خطي ۾ روسي اثر کي وڌندو ڏسي ڪُليل مخالفت جو مظاهرو ڪري سگهي ٿو. اهڙي قسم جو مظاهرو هو ليبيا ۾ حملي جي صورت ۾ ڪري چڪو آهي.

(4) خليجي ملڪن مان روس جي تعلقاتن جي نتيجي ۾ علاقي ۾ امن و امان قائم ٿي سگهي ٿو ۽ اسان جهڙن ملڪن جي وسيلن جي چوڪيداريءَ جي بجاءِ پيسا صحت، تعليم ۽ عوام جي پلائي تي خرچ ٿيندا. انهيءَ سان گڏ خود خليجي ملڪن جي عوام ۾ اهو احساس به پيدا ٿيندو ته آمريڪي مفادن کي مڙهڻ جي سبب جي ڪري انهن جي آزادانه حيثيت متاثر ٿيندي آهي البته انهن ملڪن ۾ خارجہ پاليسي جي حوالي سان هڪ نئين سوچ پيدا ٿي رهي آهي. انهيءَ سان علاقي ۾ چڪتاڻ جي صورتحال ختم ٿي ويندي.

سوال: اوهان جي پارٽي پاڪستان ۾ قومن جي حقن جي ڀالهه ڪري ٿي. پارت ۾ هن وقت گورکالينڈ، منيپور، اپرندي پنجاب ۽ مرهٽن جي طرف کان جيڪي تحريڪون هلايون پيون وڃن ان جي باري اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: اها ته هر ملڪ جي ذميواري آهي ته هو پنهنجي قومن جي ثقافتن، تهذيبن ۽ هولين جي ترقي کي آزادانه موقعو ميسر ڪن. اسان قومن جي حقن کي تسليم ڪريون ٿا. اسان سڄي دنيا جي عوام جي لاءِ حق گهرون ٿا ته دنيا ۾ مظلوم قومن جي حقن جي ڀالهه کي کنيو ويجي. اسان تنهن جي حمايت به ڪريون ٿا.

سوال: هاڻ اسان افغانستان ڏانهن ٿا اچون ته اوهان جي پارٽي جي اڳواڻن جا افغان حڪمرانن سان گهاتا تعلق آهن. تازو نجيب الله جي طرف کان ظاهر شاهه ۽ افغان مجاهدين کي اقتدار ۾ شامل ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي وئي آهي، انهيءَ تي اوهان جو ڇا تبصرو آهي؟

جواب: افغانستان جي حڪومت يا پارٽي پنهنجي مفادن جي لاءِ جيڪا به پاليسي يا دور انديشي آڻيندي تنهن لاءِ ممڪن آهي ته هو سندن مفادن مطابق هلي جتي جي حڪومت پنهنجي عوام جي پلائي جي لاءِ جيڪو به قدم کڻندي ظاهر آهي ته هو انهيءَ تي گهڻو غور ويچار ڪندا جتي جو تعلق آهي بقول اوهان جي ته گهرو تعلق آهي

اسان تہ گھٽن ويجھن ملڪن سان پنھنجا تعلقات ناھڻ چاھيون ٿا.

سوال: اوھان جي خيال ۾ افغان مسئلي جو حل ڇا آھي؟

جواب: افغان مسئلو جو واحد حل ھي آھي تہ پاڪستان جو ھن مسئلي سان ڪوبہ تعلق نہ آھي. افغان حڪومت کي پنھنجي ذاتي مسئلن ۾ خودمختياري حاصل آھي. اسان کي افغان حڪومت جي دشمنن کي پناھ ڏيڻ جو سلسلو ختم ڪرڻ گھرجي. ھتي موجود افغانين جي رھڻ جو سلسلو ختم ڪيو وڃي. انھن ملڪن ۾ دھشتگردي جي آزادي نہ ھئڻ گھرجي. سيني افغانين کي واپس موڪليو وڃي. اسان جي پارٽي جي صدر خان عبدالولي خان ايتري حد تائين بہ ڇيو آھي تہ اسان واپس افغانستان وڃڻ وارن جي ذميواري کڻون ٿا.

سوال: اوھان حال ۾ ئي برطانيہ جي دوري تان واپس آيا آھيو اوھان جي خيال ۾ عالمي مسئلن جي باري ۾ يورپي عوام جي ڪھڙي راءِ آھي؟

جواب: عام طور تي نظريو ايندو آھي تہ عالمي مسئلن جي باري ۾ يورپي عوام ۾ پراڻن ريتن رسمن جا عنصر ملن ٿا. تنھن جو وڏو ثبوت برطانيہ ۾ ٽوري پارٽي ۽ جرمني ۾ ھلمٽ ڪوھل جي ڪاميابي آھي ٽين دنيا جي قرلٽ جي لاءِ ٽرانس نيشنل ڪمپنيون جيڪي ڪاروايون ڪنديون آھن انھن جي آمدني يورپي جي عوام کي رشوت طور ملندي آھي پر يورپي ملڪن جا مفاد جيئن جيئن گھٽ ٽيندا پيا وڃن تيئن اھڙي حساب سان بيروزگاري عام ٽيندي پئي وڃي. اڄتي ھلي اھي ملڪ بدحالي جا شڪار ٿي. ويندا ۽ انھن جي سياسي ارادن جو محل اسان کي ڪرندي نظر اچي پيو جيڪو مٿان کان ھيٺ ڪري پوندو پر انھن سيني خراب حالتن جي باوجود اتي سرمائيدار جمھوريت موجود آھي جتي تنقيد ڪرڻ جي آزادي آھي. اھا بہ ھڪڙي شرمناڪ ڳالھ آھي تہ جڏھن اتي جي عوام عالمي مسئلن جي حقن جي لاءِ مظاھرو ڪندي آھي تہ اتي جي پوليس پاڪستان جي پوليس کان وڌيڪ رحم دل ثابت ٿئي ٿي تنھن جو سبب فقط ھي آھي تہ عالمي جنگين جي لاءِ ٻاھرين ملڪن ۾ ھٿيارن جي خريداريءَ تي پابندي عائد ڪئي وئي آھي. سامراجي ملڪن کي سڀ کان وڌيڪ رقم ھٿيارن جي خريداريءَ مان حاصل ٿئي ٿي.

سوال: آمريڪا ۽ روس جي گھٽي ٻاڱي ھٿيار گھٽائڻ جي ڳالھين ۾ پيدا ٿيڻ واري ڇڪتاڻ جي باري ۾ يورپي عوام ڪنھن کي ذميوار تصور ڪن ٿا؟ اوھان جي خيال ۾ عالمي امن جو برقرار رھڻ ڪھڙي طرح ممڪن آھي ڇا روس کي پنھنجا ھٿيار گھٽائڻ جو اعلان نہ ڪرڻ گھرجي؟

جواب: يورپ جا عوام انهن بحث مباحثن ۾ ان جو ذميوار آمريڪا کي تصور ڪن ٿا، يورپي عوام جنگ مان خوفزده. آهن چاڪاڻ ته هو اڳ ۾ ئي به عظيم جنگيون ڏسي چڪا آهن ۽ سندن خيال آهي ته ايٽمي جنگ جي چيڑڻ سان سڄي دنيا برباد ٿي ويندي. آمريڪا سڄي دنيا ۾ هٿيارن جو وڪرو ڪيو آهي ۽ انهيءَ ڳالهه کي سڄي يورپي عوام سمجهي ٿي. آمريڪي صدر ريگن جڏهن به يورپي ملڪن جي دورن تي ويو آهي ته اتي هن جي لاءِ سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويندا آهن. تنهن باوجود هن جي خلاف زبردست مظاهرا ٿيندا آهن. يورپي عوام آمريڪا جي جنگي پاليسين جي سخت مخالف آهي.

اوهان جي سوال جو ٻيو حصو هي آهي ته عالمي امن ڪهڙي طرح ممڪن آهي؟ اسان جي خيال ۾ عالمي امن کي برقرار رکڻ جي لاءِ سڄي دنيا کي هوشيار ڪيو وڃي ۽ سڄي دنيا جي عوام کي اهو به ٻڌايو وڃي ته عالمي جنگ ڪيتري نقصانڪار ٿيندي؟ هن وقت عالمي امن جي حق ۾ ۽ جنگي جنونيت جي خلاف وڏي ۾ وڏو احتجاج يورپ ۾ ٿيندو آهي. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي مظلوم عوام کي عالمي امن جي مسئلي کان اڳتي وڌڻ گهرجي ۽ کين جنگ جي نقصانڪارين جي باري ۾ سڄي معلومات هٿڻ گهرجي. سڄي دنيا جي عوام کي اها به خبر هڻن گهرجي ته ساليانو ڪربين ڊالر هٿيار ٺاهڻ تي خرچ ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن اها رقم عوام جي ڀلائي جي لاءِ استعمال ڪئي وڃي ته انهيءَ مان ڪائنات جي فتح جي عمل جي شروعات ٿي سگهي ٿي. عالمگير جنگين ۽ دنيا تي پکيڙيل جنگي خطرن جي باوجود انسان جيڪا ترقي ڪئي آهي تنهن سان هن جنگ جا خطرا ٿري وڃن ته انسان مستقبل جي طرف تمام وڏو قدم کٹي سگهي ٿو. جيڪڏهن جنگ جو خوف ختم ٿئي ته پهرين اپاٿون جي طور تي سڄي دنيا مان غربت، جهالت، بيماري ۽ بيروزگاري جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو. اوهان پنهنجي سوال جي ٽين حصي ۾ پڇيو ته ڇا روس کي پنهنجا هٿيار گهٽائڻ جو اعلان نه ڪرڻ گهرجي؟ روس ايستائين جيڪي به پنهنجا طرفان اعلان ڪيا آهن تنهن کي سامراجي ملڪن هيلتائين کين ڪهڙو قابل جواب ڏنو آهي افغانستان جي باري ۾ گوربا چوف جيڪا پاليسي اختيار ڪئي آهي. آمريڪي سامراج انهيءَ تي ڪو به مثبت نه جواب ڏنو آهي ۽ ڇا اها فقط روس جي ذميواري آهي ته هو خود اعلان ڪري ۽ جيڪڏهن هو فرضي طور تي اعلان ڪري به ڇڏي ته ڇا عالمي امن جي صورتحال بهتر ٿي ويندي؟ اسان ته سمجهون ٿا ته ائين نه ٿئي جو گهٽي تعداد ۾ هٿيار گهٽائڻ سان ملڪن ۾ هٿيارن جي ڊوڙ تيز ٿي وڃي ۽ هو اهو به چاهين ٿا ته طاقت جو توازن سندن حق ۾ اچي وڃي ته جيئن هو سڄي دنيا جي

عوام کي مڪمل طور تي پنهنجو غلام بڻائي سگهن.

سوال: واپار جي وفاقي وزير ڊاڪٽر محبوب الحق سيني ملڪن مان واپاري رابطن کي هٿي ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هي بيان اسان جي خارجہ پاليسي جي هڪ نئين باب جي نشاندهي آهي. انهيءَ باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

جواب:اسان جي خيال ۾ اهو تہ الاهي بهترين قدم آهي هاڻ فقط ڏسڻو اهو آهي تہ انهن جي طرفان ڪيتري حد تائين پُرخلوص ڪوششون ڪيون پيو وڃن. ڪجهہ ماڻهن جو تہ خيال آهي تہ جڏهن آمريڪا ايٽمي مسئلي تي پاڪستان جي امداد بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ٿو تہ جواب ۾ پاڪستان آمريڪا کي سوشلسٽ ملڪن سان تعلقاتن کي وڌائڻ جي ڌمڪي ڏئي ٿو.

سوال: تازو ٽيڻ وارن ڌماڪن جو تعلق، روس افغانستان ۾ پارت سان ظاهر ڪيو پيو وڃي، اوهان ان ڳالهہ سان ڪيتري حد تائين متفق آهيو؟

جواب: پهرين تہ پاڪستان خود ان جو شڪار آهي ۽ حڪومت جا اعليٰ عهديدار ان مسئلي ۾ مخالف بيان ڏئي رهيا آهن جنرل ضياءُ الحق چيو آهي تہ ڌماڪن جو تعلق اسان جي افغانستان پاليسي سان آهي ۽ هي ڌماڪا وڌيڪ ٽيندا. جوٽيجو صاحب چيو آهي تہ انهن ڌماڪن جو تعلق پارت سان بہ ٿي سگهي ٿو. صاحبزاده يعقوب خان لکي ٿو تہ ڌماڪن جو تعلق افغان پاليسي سان نہ آهي ڪجهہ سرڪاري ڪامورا انهن ڌماڪن کي ايرانين جي ڪاروائي قرار ڏئي رهيا آهن. ان جي ابتڙ ڪجهہ حلقن جو خيال آهن تہ هيءَ ڪاروائي خود انتظاميہ جي ٿي سگهي ٿي تہ جيئن ملڪ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جنهن سان فوجي اقتدار جي لاءِ رستو سولو ٿهي وڃي، عوام کي سياسي سرگرمين کان پري رکي سندن ڌهڻن تي خوف پکيڙڻ ۽ دهآئون جي حالت ۾ رکڻ جي لاءِ اهڙا حالات پيدا ڪيا پيا وڃن. شهرن ۾ ڌماڪن ۽ سنڌ ۾ ڏاڙيلن جو حملو ۽ نسلي سماجي ۽ مذهبي فساد هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي آهن، اندرون سنڌ جي وڏيرن ۽ جاگيردارن جي نجي فورس جي شڪل اختيار ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ سنڌ جي پهراڙين علائقن ۾ خانہ جنگي جي صورتحال پيدا ڪئي وڃي جيئن تہ خانہ جنگي جي ڀهاني ڪري عوام تي آمريت مڙهي وڃي.

سوال: جيڪڏهن موجوده سياسي هلچل جي نتيجي ۾ ايم آر ڊي ٽُٽي وڃي تہ ايم آر ڊي جي گذريل ست سالن جي ڪارڪردگي کڻڙي حساب ۾ ويندي ۽ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ جان ڏيڻ ۽ گرفتار ٽيڻ وارن جي مسئلي جي ذميواري ڪنهن تي فرض ٿئي ٿي؟

ماٹڪ چوٽو جن جو

جواب: جيڪي ماڻهو ايم آر ڊي کي ٽوڙڻ جي سازش ڪندا هو عوام جي ناراضگي جو شڪار ٿيندا. عوام جي قربانين کي رائيگان ڪرڻ نه ڏنو ويندو. تاريخ جو هي عمل ثابت ڪري ٿو ته عوامي جدوجهد مختلف بيهڪ سان پنهنجي فتح تائين جاري رهي ٿي. اسان ايم آر ڊي کي ٽوڙڻ جي حق ۾ نه آهيون ۽ جيڪي ماڻهو ايم آر ڊي کي ٽورڻ جي سازش ۾ مصروف ٿيندا عوام ضرور انهيءَ جو پڇا ڪندي

سوال: جنگ: ڪجهه سياسي اتحادين ۾ اهڙيون پارٽيون شامل ٿيون آهن جيڪي صرف ڪجهه ماڻهن تي ٻڌل آهن، اهڙين پارٽين جي ٽٽڻ جي صورت ۾ اهي ٻي پارٽيون سامهون اچن ٿيون جيڪي عوام کان قرباني جي گهر ڪري چڪيون آهن مثال: ايم آر ڊي جي ٽٽڻ جي صورت ۾ انهن پارٽين جو ڪجهه نه ويندو جنهن جا صرف ڪجهه ماڻهو گرفتار ٿيا هجن پر پيپلز پارٽي ۽ موجوده عوامي تحريڪ (اي اين پي) جا ليڈر هن اتحاد جي ٽٽڻ کان پوءِ ڪهڙي طرح عوام ۾ ويندا؟

جواب:اسان جو اعتبار عوام مان نه ويندو ڇاڪاڻ ته عوام خود ڏسندي هوندي ته اتحاد جي ٽٽڻ ۾ ڪنهن جو هٿ آهي. عوام اهو ڄاڻي ٿي ته اسان سندن هر جدوجهد ۾ ساڻن گڏ آهيون ۽ جمهوري اتحاد کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ اهي ڪوششون ڪندا رهيا آهيون ته اتحاد ٽوڙڻ ۾ ناهڻ جي عمل سان اسان اتحاد جي عمل کي ڇڏڻ نه گهرجي. ماڻهن جي اتحاد کي بحال ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته اسان عوام جي عظيم مفادن جي لاءِ اتحاد جون واٽون ڪوليون، عوام انهن کان ناراض ٿيندي آهي جيڪي اتحاد کي ٽوڙڻ جون سازشون ڪندا آهن.

سوال: اوهان جي پارٽي جي دعويٰ آهي ته وفاقي پارٽي آهي ڇا اوهان سنڌ جي سطح تي بين تنظيمن سان اتحاد جي ڪوششن ۾ پنهنجي وفاقي حيثيت کان انڪار نه ڪيو ۽ اوهان جي پارٽي سنڌ جي تنظيمن جي اتحاد جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي؟

جواب: اوهان وفاق جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو ته جيڪڏهن سنڌ ۾ گرمي آهي ته اوهان جي وفاقي فارمولي مطابق سرحد ۾ به گرمي هئڻ گهرجي، سنڌ ۾ چانور پيدا ٿين ٿا ته دره خيبر ۾ به چانور پيدا ٿيڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته هن نظريي جي مطابق جيڪڏهن دره خيبر ۾ چانور پيدا نٿا ٿين ته وفاق ۽ پاڪستان جي نظريي کي خطرولاحق ٿيندو هر علائقي جا پنهنجا پنهنجا حالات ۽ مسئلا آهن ۽ انهن مسئلن جي حل لاءِ پنهنجا پنهنجا طريقا آهن.

سوال: اوهان سنڌ سطح تي ڪم ڪرڻ وارين جماعتن تي اتحاد جي ڳالهه ڪندا ته پوءِ اوهان جي ساڃي ٻانهن جي ٻي جماعتن مثال طور قومي محاذ آزادي ۽ مزدور ڪسان تحريڪ پارٽي کي انهيءَ اتحاد ۾ شموليت جي دعوت ڇو نه ٿا ڏيو؟

ماٹڪ چوٽو جن جو

جواب: اسان هي موقف رکيو آهي ته پهرين ته سيني سنڌي ماڻهن ۾ اتحاد هئن گهرجي ۽ اسان جا مسئلا فقط سنڌي ماڻهن جا مسئلا آهن اسان جو بنيادي مسئلو هي آهي ته سنڌي ملڪن ۾ صوبن جي طرفان آبادي جي خطرناڪ حملن جي سبب اقليت ۾ تبديل ٿي رهيا آهن. سنڌ دشمن مافيا مطالبو ڪري رهي آهي ته ملڪ جون سرحدون کوليون وڃن. ٻي طرف سنڌي قوم پرست هجڻ جو ڀارمو رچائڻ وارا به اهڙن مطالبن کي ٻي انداز ۾ هينئن پيش ڪندي چون ٿا ته سرحدون کولڻ جي ڇا ضرروت آهي ڇو نه سنڌ کي سڌو سنئون پارٽ ۾ شامل ڪيو وڃي.

ٻيو ته اوهان جن دوستن جا نالا ورتا آهن هو ته هر هنڌ وڃي پنهنجو رويو بدلائيندا آهن. ڪراچيءَ ۾ جڏهن هڪڙو شخص بهارين کي پاڪستان گهرائڻ جي لاءِ لالوکيت ۾ بک هڙتال ڪري ٿو ته ڪيس اسان جا دوست اتي وڃي کي گلن جا هار پارائيندا آهن ۽ انهن جي حمايت ڪندا آهن ۽ اهي ئي دوست تلهار ۾ مارئي جي وڇوڙي ۾ واڪوئن وارا ڳوڙها وهائين ٿا ۽ بعد ۾ ساڳيا ئي دوست مني ۾ بهارين کي نه گهرائڻ جي لاءِ مطالبا ڪندا آهن پر انهيءَ سان گڏ رسول بخش پليجو تي قاتلاٽي حملي جي سازش به ڪن ٿا ۽ حملا آورن کي هيرو ڪرڻ جي لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري چڏين ٿا جڏهن ته انهن دوست جو واضح ۽ ڪُليل ڪردار اسان جي سامهون آهي تنهن ڪري اسان کي هر قدم احتياط سان کڻڻو پوندو.

سوال: سنڌ جو مشهور سياستدان جي ايم سيد اوهان جي پارٽي جي هڪ اهم اڳواڻ رسول بخش پليجو کي پنجاب جو ايجنٽ چوي ٿو. انهيءَ تي اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: سائين جي ايم سيد ته اهو به چون ٿا ته پنجاب جا هاري ۽ مزدور اتي جي سرمائيدارن، چوڌرين، سرڪاري آفيسرن ۽ فوجي جنرلن کان وڌيڪ قابل قبول آهن. سائين جن اهو چون ٿا ته جنرل ضياءُ الحق پاڪستان جي سيني حڪمرانن ۾ ڏاهو شريف النفس ۽ بهترين حڪمران آهن. سائين جن اهو به چون ٿا ته جڏهن به ملڪ تي ڪارا ڪڪر ڇائنجي وڃن ته عقلمند ماڻهو جو اهو ڪم آهي ته هو گهر جي چوديوارن ۾ ويهي لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪري. هو ته پير پاڳاري کي پنهنجو سردار ۽ پاڻ کي انهيءَ جو مريد چوندو آهي. جڏهن ته خود پير پاڳاري پنهنجي پاڻ کي "جي ايڇ ڪيو" جو ماڻهو سڏائي ٿو جي ايم سيد، محمد خان جوڻيجو کي پنهنجو ماڻهو چوي ٿو هو ڪڏهن سنڌو ديش جو نعرو هٽي ٿو ته ڪڏهن پارٽ جو نالو ڪٽي ٿو. ڪڏهن ته سنڌ کي پارٽ ۾ شامل ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا آهن ۽ ڪڏهن پاڪستان کي متحده رکڻ جو آخري حل پيش ڪندا آهن.

ماٹڪ چوٹو جن جو

سائين جي ايم سيد 1982ع جي جدوجهد ۾ جان ڏيڻ وارن کي ڪفن چور چوي ٿو هو فاضل راهو جي سياسي قتل کي حڪمرانن جي ها ۾ ها ملائيندي ذاتي دشمني جو قتل قرار ڏين ٿا ۽ هنن جي تعزيت نہ ڪرڻ جي ڪارڪنن کي هدايت ڪندا آهن پر مارشلا جا 8 سال جي وقت ۾ وزير دفاع رهڻ واري مير علي احمد تالپر کي بااصُول شخص سڏين ٿا ۽ انهن جي دعوتن ۾ شريڪ ٿيندا آهن هو ڪڏهن مذهب جي تعريف ڪري ٿو تہ ڪڏهن مذهب جي خلاف ڪتاب لکي ٿو سائين جي ايم سيد اسان جا بزرگ آهن اسان سندس باري ۾ چا بيان بازي ڪريون.

سوال: ايم آر ڊي صوبائي خودمتياري جو جيڪو فارمولو واضح ڪيو آهي، انهيءَ جي مطابق مرڪز وٽ صرف چار ڪاتا هوندا، چا ايم آر ڊي ۾ شامل جماعتون انهيءَ فيصلي تي پابند رهنديون؟

جواب: اسان تہ پنهنجي پارٽي جي طرفان اها ذميواري کڻون ٿا تہ اسان ايم آر ڊي جي فيصلن جا پابند رهنداسين، اسان اها به اميد رکون ٿا تہ ايم آر ڊي ۾ شامل جيڪي جماعتون جن مسئلن جي بنياد تي جدوجهد ڪري رهيون آهن، هو انهيءَ ڳالهہ جي ضمانت ڏين تہ اهي جماعتون اقتدار ۾ ايندي، انهن مسئلن کي حل ڪندا. پارليامينٽ جي حوالي سان ڏڻل عوام جي حقن کان منهن موڙڻ عوام سان ظلم زيادتي ۽ غداري جو داڳ ٽيندو. پارليامينٽ ڪنهن به جماعت جي ڊسيپلن جي پابند نہ هوندي ۽ سڀني جماعتن کي انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي پاليسي جو اعلان ڪنهن ٻئي وقت ڪرڻ گهرجي جيئن اليڪشن کان پهرين ماڻهن کي اها خبر به هنئڻ گهرجي تہ هو ڪهڙي قسم جي پارليامينٽ جي چونڊ ڪرڻ پيا ويجن.

پنج روزا "اخبار جهان" 24 آگسٽ کان 30 آگسٽ تائين 1987

سيٺ نظير ميمڻ منهنجو دوست

سيٺ نظير هڪڙو سچو مثالي انسان دوستن جو دوست غريبن جو مددگار ۽ ڏک ۾ سُک ۾ ڏٽي ٽي بيهڻ وارو ماڻهو هو. جيڪو 16 جنوري 2007ع تي دل جو دوري پوڻ ڪري اسان کان جدا ٿي ويو. هن ۾ انسان جاهي سڀ ڳڻ هئا. جيڪي هڪڙي سچي انسان ۾ هئڻ گهرجن. هن سچي زندگي ڪوڙ ڀالهائڻ کي پسند نه ڪيو. هن اڳيان ڪير ڪوڙ ڀالهائيندو هو ته کيس ڪوڙ ڀالهائڻ کان روڪيندو هو. هن هميشہ سچ ڀالهايو. سچ چيو ۽ سچ ٻڌڻ پسند ڪيو. هي ڪنهن سان ڪچهري ۾ ويهندو هو انهيءَ ڪچهري ۾ ڪنهن سان نفرت نه ڪندو هو. هن جي سچي زندگي محنت پورهيو ڪندي گذري. هن جو هر لمحو هر پل حق انصاف لاءِ پتوڙيندي گذريو. هي بي انتها پيار ڪندڙ ماڻهو هو. هن ماڻهن سان ته محبت ڪئي پر هن جي هر ساهواري سان محبت هئي. هي پنهنجي هٿن سان پوکيل ٻوٽن کي پاڻي ڏيندو هو. هن اوطاق اندر گلن کي معصوم ٻارن وانگر ساهه سان سانڍيو هو. هي پيار ڪندڙ پيءُ هو هي محبت ڪندڙ ياءُ هو. هي هڏ ڏوکي عزيز هو. يارن جو يار هو. هن پنهنجي گهر ياتين کان وٺي هر واقف کي پنهنجو پيار ۽ پنهنجائپ ڏئي پنهنجو ڪيو. هن جي هوندي تي پنهنجي مزدورن سان پائرن ۽ ٻچن وارو رشتو هو. هي هڪڙو انسان هو. هڪڙي ڏينهن ڪالاباغ ڊيم خلاف پٽ شاهه کان لانگ مارچ ڪراچي پيادل اچي رهيو هو. جنهن جي قيادت محترم رسول بخش پليجو ڪري رهيو هو. مٽياري ۾ رات رهيا. پليجو صاحب سندس اوطاق تي رهيو. پوليس پليجي صاحب کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هن جي اوطاق تي پهتي. هن سچي رات پليجو صاحب مٽان پهرو ڏنو. ڊي ايس پي کي چيائين ته اڄ رات پليجو صاحب منهنجو مهمان آهي. آرامي آهي. آئون ڪيس گرفتار ڪرڻ نه ڏيندس. صبح جو جڏهن ٻاهر نڪتو تڏهن پوليس گرفتار ڪيو پر هن سندس آرام ڦٽائڻ نه ڏنو. هن جي قومي اڳواڻن ۽ قومي ڪارڪنن سان بيحد محبت هئي. قومي ڪمن ۾ هي پاڻ شريڪ ٿيندو هو. انهيءَ سان گڏ مالي مدد به ڪندو هو. هن پنهنجي علاقي اندر مٽياري ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻي ڪري سياسي سماجي ڪمن جي قيادت ڪئي. بهادري اورچائي سان ڪڏهن نه پاڻ مايوس ٿيو نه هن ڪنهن کي مايوس ٿيڻ ڏنو. هي خوبصورتي کي پسند ڪندو هو. هي نه رڳو پاڻ کي خوبصورت رکندو هو پر هن پنهنجي ماحول کي خوبصورت رکيو. هن جا مون سان اهي رشتا هئا. جن جو ڪو به مثال نٿو ملي. هن ياءِ، دوست ۽ پيءُ وانگر مونسان پيار ڪيو.

فيبروري 2007 ماهوار "ڪاپڙي" حيدرآباد

سنڌ جو وطن دوست وڏيرو شاهنواز جوڻيجو

ماڻهون سڀ نه سهڙا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي ٻوءِ ٻهار جي،

محترم پاڻ وڏيرو شاهنواز جوڻيجو سنڌ ۾ سنڌين جو هڪڙو مثالي ڪردار هو. سنڌ جي ڪلچر، سنڌ جي ٻولي، سنڌ جي ريتن رسمن ۾ رواجن، ڪچهرين، فيصلن، ميڙن، ملاکڙن جو هڪڙو مثالي ڪردار هو. سندس شوق، سندس دوستين، دشمنين، وفادارين جو محور هڪڙو سنو انسان ۽ سندس سنو عمل هو.

هڪڙي ڏينهن رسول بخش پليجو صاحب، شاهنواز خان ۽ آئون سندس ڪمري ۾ ويٺا هئاسين. پليجي صاحب چيس ته شاهنواز خان توهان پنهنجي ذاتي بهادري، ذاتي وفاداري، ذاتي ڏاهپ کي گڏيل سنڌي قوم لاءِ تبديل ڪريو. توهان جهڙا برجستا سنڌي ماڻهو جي پنج به آٿي بيهن ته سنڌي ماڻهن کي پنهنجي رستي تي آڻي سوپارو ڪري سگهون ٿا. توهان پنهنجي سڄي زندگي جيڪا همٿ حوصلي سان گذاري آهي، اهو حوصلو اڄ سنڌي ماڻهن کي گهرجي. توهان جيڪو پنهنجي ذاتي دوستن سان وفادار خيرخواهه ٿي گذاريو آهي، اها وفاداري اها خيرخواهي اڄ سنڌي ماڻهن کي گهرجي.

توهان امين ٿي جيڪي هزارين فيصلا ڪيا آهن، اڄ توهان جهڙو امين سنڌي ماڻهن کي گهرجي. شاهنواز چيس ته پليجا صاحب! هاڻ پوڙها ٿي ويا سين پر اڄ به سنڌي ماڻهن جي ڪم اچي سگهون ٿا ته حاضر آهيون. پليجي صاحب چيس ته سنڌ جو درياهه بچائڻو آهي. انهيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي قيادت ڪرڻي آهي. شاهنواز جوڻيجو صاحب چيس ته آئون تيار آهيان. شاهنواز خان واقعي پٽ شاهه کان ڪالاباغ خلاف عوامي تحريڪ طرفان هلايل لانگ مارچ جي شروعات کان قيادت ڪئي. سنڌ جو پهريون زميندار هو جنهن ڪالاباغ ڊيم جي خلاف پٽ شاهه تي اچي تقرير ڪئي ۽ چيو ته سنڌي ماڻهو سولو ڪڙ به ڪين ڏين سو سنڌو درياهه ڪڏهن به ڪو نه ڏيندا. سنڌو درياهه لاءِ سِر گهرجي ته حاضر آهي. انهيءَ ۾ جيل ويو ٻيا ڪيس اغوائن جا کوڙا ٺاهيا ويا. ڪيس پريشان ڪري ويهاريڻ جي کوشش ڪئي وئي. پر هر شنوائي ته جڏهن به ملندو هو ته پري کان هڪل ڪري چوندو هو ته عالم شاهه! پليجي صاحب کي چئو ته جيل پاڻ کي ڪمزور نه ڪري سگهندا. اسان توهان سان گڏ آهيون. اسان درياهه نه ڏينداسين.

وڏيرو شاهنواز جوڻيجو جي تيجهي تي سائين عالم شاهه جا ويچار

سنڌو درياهه جو ڪيس

ٻيلا:

ڪشمور کان ڪيتي بندر تائين درياهه جي ٻنهين پاسن تي لکين ايڪڙ ٻيلا هئا. جيڪي درياهه اندر سڄو سال لڙ پاڻي جي وهڙ خاص ڪري سانوٽي برساتن ۾ مٽان برفن جي ڳرڻ ڪري مئي، جون، جولاءِ ۾ آگسٽ جي مهينن ۾ جڏهن سنڌو درياهه جو پاڻي دريا جا ڪچا ٻوڙي پاڻي بندن سان لڳندو هو تڏهن لکين ٽن لڙ پاڻي ۾ ايندڙ لٽ درياهه جي ٻنهين پاسن ۾ ٻيلن ڪري گڏ ٿيندي هئي. جڏهن درياهه لهي ويندو هو تڏهن انهيءَ گپ ۾ جتي مال چرندو هو اهو مال ٻهرن جا پلڙا کائيندو هو تڏهن انهيءَ مال جي چيٽي ۾ ٻهرن جو ٻج پيل هوندو هو. جنهن ڪري هر سال لکين ٻهر جا وڻ انهيءَ گپ ۾ پيل ٻهر جي ٻيجي جنهن کي چيچڪا چيو ويندو آهي. انهيءَ مان اهي وڻ پيدا ٿيندا رهندا هئا. جنهن ڪري ٻيلا هميشه لکين ايڪڙن تي هوندا هئا. جڏهن کان درياهه اندر اهو وهندڙ لڙ پاڻي ڊيمن اندر جمع ڪري سمنڊ تائين پاڻي واهڙ جو قدرتي طريقو ختم ڪيو ويو آهي. تڏهن کان اهو لکين ٽن لڙ پاڻي اندر لٽ جو اچڻ بند ٿي ويو آهي، جنهن ڪري نوان ٻيلا ٺهڻ بند ٿي ويا آهن. ٻئي طرف ڪروڙين رپيه ڪميشنون وٺي بينل ٻيلن کي هٿرادو باهيون ڏياري لکين ٽن ڪاٺ وڌائي هزارين ترکون ڪاٺ جون ٻيلن مان پرائي ڪراچيءَ، حيدرآباد ۾ ٻين شهرن ۾ وڪرو ڪيون ويون آهن. جنهن ڪري ڪشمور کان ڪيتي بندر تائين ٻيلا هٿرادو وڌائي ختم ڪيا ويا آهن.

لکين ايڪڙن تان ٻيلن جي وڍجڻ ڪري ۾ ڪچي ۾ سانوٽي مهينن اندر پاڻي نہ اچڻ جي ڪري ڪچي جون لکين ايڪڙ زمينون ڪامورن سردارن، وڏيرن ۾ بااثر ماڻهن ڪامورن کي مٺ جيترن پئسن ۾ مفت ۾ ورهايون ويون آهن. جن ناجائز قبضا ڪري باقي رهيل ٻيلا ۽ وڌائي ختم ڪري ڇڏيا آهن.

تمر جا ٻيلا:

سمنڊ جي ڪنارن تي جڏهن لکن سالن کان درياهه جو لڙ پاڻي وهي اچي سمنڊ ۾ ڪري ٿو. سمنڊ اندر مٺي پاڻي ڪرڻ ڪري سمنڊ جي ڪنارن تي لڙ پاڻي جي لٽ پوي ٿي. جنهن ڪري ان لٽ ۾ هزارين سالن کان تمر جا ٻيلا پيدا ٿيندا رهندا آهن. تمر جي وڻن جي خاصيت هيءَ آهي ان جون پاڙون سو کان ڏيڍ سو فٽ زمين اندر وڃن ٿيون جنهن ڪري سمنڊ پنهنجي هر سال جڳهه ڇڏيو پوئتي هٽيو وڃي انهيءَ جڳهه تي مٺي ٺهندي وڃي جڏهن کان لڙ پاڻي سمنڊ اندر وهڙ بند ڪيو

ماڻڪ چوٽو جن جو

آهي ڇو تہ لکين ٽن لڙ پاڻي مان ايندڙ لٽ اچڻ ۾ بند ٿي وئي آهي. جنهن ڪري تمر جا ٻيلا ٽيڙ بند ٿي ويا آهن. تمر جي ٻيلن جي پيدا نہ ٿيڻ ڪري سمنڊ ڏرتي ڇڏڻ بدران ڏرتي کي کائڻ شروع ڪيو آهي. هن وقت ڏنڀ بدين جي سمنڊ ڪناري هيٺ 12 لک ايڪڙ زمين سمنڊ جي پاڻي هيٺ اچي وئي آهي. انهيءَ کانسواءِ سمنڊ جي کاري پاڻي تمر جي ٻيلن نہ هڻڻ ڪري سنڊ جي ڏنڀ، بدين ۽ ٽنڊو محمد خان، حيدرآباد مٽياري ضلعن کي کائي ويو آهي. تمر جا ٻيلا درياهہ جي پاڻي نہ هڻڻ ڪري تباهہ ٿي ويا آهن.

مڇي:

درياهہ جي ٻنهي پاسن جي ڪچي اندر سوين ننڍيون وڏيون ڏنڊيون جن کي ميانيون، ترايون ۽ چئبو آهي. انهن ڏنڊين اندر هر سال لڙ پاڻي اچڻ ڪري هزارين مڻ مڇي پيدا ٿيندي هئي. مثال طور جرڪا، ڦاپوٽڻ، ڪيڇتير، بوهڙ، سانا، ڪرڙو، موراکي، ٽيلي، منڊي ۽ گندڻ هوندي هئي جيڪا لڙ پاڻي جي نہ هڻڻ ڪري ختم ٿي وئي آهي. سمنڊ جي ڪنارن تي تمر جي وڻن ۾ پيدا ٿيندڙ سنڊ جو پلو ۽ جهينگو هزارين ٽن پيدا ٿيندو هو. جنهن سان ڪروڙين روپيہ سنڊ ڪي ملندا هئا. تمر جي پاڻ ۾ لڙ پاڻي نہ اچڻ ڪري جهينگو ۽ پلو ختم ٿي رهيو آهي. پلو مڇي سنڊ جي سڃاڻپ آهي ڪٽي ۽ مڇي جي ڳالهہ نڪرندي تہ سنڊ جي پلي جي ضرور ڳالهہ نڪرندي. سنڊ جو ماڻهو پلي کان سواءِ پنهنجي پاڻ کي يتيم ٿو سمجهي.

مالوند ماڻهوءِ مال:

درياهہ جي ٻنهي پاسن تي ٻيلن اندر سنڊ جا ماڻهو پنهنجا وڻاڻ ناهيو ويٺا هوندا هئا. جن ۾ هزارين مينهون، ڳئون، ٻڪريون، ريڍون، هزارين اُنو مال ۽ سوين گڏهہ پالیا ويندا هئا جنهن ڪري هزارين مڻ کير پيدا ٿيندو هو. هزارين مڻ گوشت پيدا ٿيندو هو. سوين ٽن اُن ريڍن مان ملندي هئي. انهيءَ وقت ٻيلن ۾ سڀ مال کليو پيو چرندو هو جنهن جو کاڌو ٻهرن جا پلڙا، پوري ۽ ٻيو سائو گاهہ هوندو هو. جنهن ڪري مينهن چاليهن ڏينهن ۾ فربي هئي هر سال وڇ يا پاڏو ڇٽيندي هئي هن وقت ٽن سالن ۾ هڪ ڀر ڏئي ٿي ڏڃي ۽ هر سال هڪ ڀر ڏيندي هئي هن وقت ٽن سالن ۾ هڪ ڀر ڏين ٿيون. اٺ ٻن سالن ۾ ڀر ڏيندا هئا. جي هاڻ 5 سالن ۾ ڀر ٿا ڏين. گڏهہ هر سال ڀر ڏيندا هئا. جي هاڻ ٽن سالن ۾ ڀر ڏين ٿا. انهيءَ ڪري هن وقت ڳائي مال، اڻي مال ۽ گڏهن جو نسل ختم ٿيندو ويو باقي ٻاڪرو ۽ ريڍو مال جنهن کي ۽ ڇُڙن جي جُوءَ نہ آهي انهيءَ ڪري فقط ڀر ۽ ڪوهستان تائين وڃي رهيا آهن مينهن کي ۽ هن وقت واڙن تائين محدود ڪيو ويو آهي. جتي کير ڏيڻ کان پوءِ مينهن کي ڪوسڙ جي مال ۾ ڳهايو ڇڏين جنهن ڪري انهن جي ۽

واڌ گھٽجي وئي آهي.

سنڌ اندر نقصان هي ٿيو آهي جو سنڌ اندر ڪير 10 رپيا مان وڌي 40 رپيا ڪلو ٿي ويو آهي. گوشت 60 رپيا ڪلو مان 250 رپيا ڪلو ٿي ويو آهي آهستي آهستي اهو گوشت ۽ ڪير به گھٽجي ويو آهي ۽ ٻاهران گھرائڻو پوندو.

انهيءَ کان سواءِ هرڻ، ڏاڙهو ۽ ٻيا جانور ختم ٿي ويا آهن ٻيلن اندر پکي، ڪيرو، وهيو، بلبل، ڪوئل ۽ جهرڪيون وغيره ختم ٿي ويا آهن. انهيءَ کانسواءِ جيت پنيوريون، ڪڙڪٻتا، پونئر ۽ پوپٽ به ختم ٿي ويا آهن نقصان هي ٿيو آهي ته اهي پکي ۽ جيت جڏهن فصل ٿيندا آهن. انهن مٿان ٻيا نقصانڪار جيت حملو ڪندا آهن تڏهن هي پکي ۽ جيت انهن تي حملو ڪري کائي ويندا آهن. هن وقت انهن پکين ۽ جيتن جي نه هئڻ ڪري فصل نقصانڪار جيتن حوالي آهن. آبادگار هزارين روپين جو دوائون پيا استعمال ڪن پر فصل بچائي نٿا سگهن.

درياهه جو پيٽ:

جنهن درياهه ۾ ٻارهو پاڻي درياهه جي سير وٺي وهندو هو تڏهن درياهه جي پيٽ اندر هر وٽ پوڙي يا واريءَ جي ڏڙي کي لوڙهي ويندو هو سندس پيٽ بلڪل صاف هوندو هو. هن وقت درياهه جي پاڻي کي ڊيمن ۾ بند ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري سڄو سال درياهه جو پيٽ سڪو پيو آهي. جنهن ڪري درياهه جي سير اندر پيٽ ۾ وڏا ٻيٽ ٺهي ويا آهن. جڏهن پاڻي وهندو هو تڏهن درياهه جو پيٽ زرعي زمين کان هيٺ هوندو هو. پر هاڻ درياهه جو پيٽ سندس بچاڻون بندن کان به ڪٽي ڪٽي مٽي آهي. نقصان هي ٿيندو ته جڏهن به پنج يا ڏهه سال کان پوءِ ڪا وڏي ٻوڏ ايندي ته درياهه سير وٺي وهڻ بدران ٻيا رستا ڳوليندو. درياهه پنهنجو پاڻي پاڻ جهلي نه سگهندو.

درياهه تي ٻڌل بچاڻون بند:

جڏهن درياهه جو پاڻي بچاڻون بندن سان هر سال لڳندو هو. تڏهن بچاڻون بندن جيڪو به سيمو پيدا ٿيندو هو. اهو جلدي بند ڪري سڄي بند تي چار مهينا چٽڪارون ڪري مٽي وجهي بند کي هر سال مضبوط پيو ڪبو هو. پر هن وقت بندن سان پاڻي نه لڳڻ سندس سيمي جي ڪابه خبر نٿي پوي نه مٽس چٽڪار تي ٿئي نه سندس مرمت تي پر ڪروڙن رپيا ڪاغذن ۾ لکجن ٿا اهي ڪامورن ۽ حڪمرانن جي حوالي ٿيو وڃن جنهن ڪري اهي بند ڪو به وڏو درياهه جو وهڪرو جهلي نه سگهندا ۽ وڏي تباهي اچي سگهي ٿي ۽ جڏهن به ڪا وڏي ٻوڏ ايندي تڏهن هن درياهه جي پيٽ ۾ وڏا ٻيٽ ٺهي ويا آهن. درياهه جي ٻنهي

پاسن جي پلين کي تباهه ڪري ختم ڪيو ويو آهي درياهه جا بند مضبوط نه آهن، جنهن ڪري اها ٻوڏ سڄي سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيندي جنهن ۾ لکين ايڪڙ فصل ٻڏي ويندا سنڌ جا درياهه جي ڪنڌي وارا شهر جهڙوڪ سکر، حيدرآباد، ٽنڊو سجاول ۽ ٻيا ننڍا وڏا شهر ٻوڏ هيٺ اچي ويندا جنهن جو ڪو به بچاءُ نه آهي.

درياهه تي ٺهيل بئراج:

سکر بئراج، گڏو بئراج، ڪوٽري بئراج، گڏو بئراج جو لڳ ڀڳ وهڪرو 15 لک ڪيوسڪ هو جو هاڻ گهٽجي 10 لک ڪيوسڪ تائين آهي. سکر بئراج جو وهڪرو اڳ 14 لک ڪيوسڪ هو جو هاڻ گهٽجي 8 لک ڪيوسڪ آهي. ڪوٽڙي بئراج جو اڳ وهڪرو 10 لک هو جو هاڻ گهٽجي 7 لک ڪيوسڪ تي ٿيو آهي، انهيءَ حالت ۾ جڏهن 15 لک ڪيوسڪ ٻوڏ جو وهڪرو ايندو. تڏهن سنڌ جو ڪو به بئراج سلامت رهي نه سگهندو انهيءَ جو علاج اهو آهي ته درياهه اندر ٻيٽ ۾ ٺهيل ٻيٽ کاٽي کڻي صاف ڪيا وڃن ۽ درياهه اندر سمنڊ تائين پاڻي سالياني ڇڏيو ويو جيئن درياهه جي ٻيٽ ۾ ٻيٽ نه ٺهن ۽ بچاءُ بندن کي هر سال مضبوط ڪيو وڃي. ڪچن اندر وري ٻيلا پوکڻ شروع ڪجن.

سمنڊ کان اينڊڙ طوفان ۽ ويرون:

جڏهن تمر جا ٻيلا هڻا اهي سمنڊ جي طوفان ۽ تيز ويرن کي روڪيندا هڻا. تمر جي ختم ٿيڻ سان انهن کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. جنهن ڪري نٿو ۽ بدين ضلعا ويرن جي ور چڙهي تباهه ٿي ويندا طوفان سڄي سنڌ کي خاص ڪري ڪراچيءَ، حيدرآباد، نوابشاهه تائين سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيندو جنهن ڪري اکين جون بيماريون، الٽيون، دست ۽ ٻيون بيماريون ٿيندیون.

سنڌ ۾ پوندڙ برساتون، انهن جا اثر ۽ ماحوليات:

جڏهن درياهه سڄو سال وهندو هو. ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين لکين ايڪڙ ٻيلا هڻا. جڏهن سڄي سال وقت به وقت خاص ڪري سانوڻي مينهن ۾ سڄي سنڌ ۾ برساتون پونديون هيون جن ڪوهستان کاڇو ۽ ٿر سڄو وسندو هو جتي مختلف گاهه ۽ فصل ٿيندا هڻا. سانوڻي جا مهينا پاڻ ڪيا پنهنجا مال ڪاهي ڪوهستان ويندا هڻا. انهيءَ ڪري سڄي سنڌ جا فصل جيتن جي بيمارين کان برسات جي وسندڙ پاڻي ۾ ڏوپي صاف ٿي ويندا هڻا. انهيءَ ڪري بنا پاڻ ۽ بنا دوا جي سنڌ جا سڀ فصل جهڙوڪ؛ ڪڻڪ، ڏٽي، ڪمند، تيلي ٻج، آرٽ پلا ٿيندا هڻا. سڄي سنڌ ڪوهستان کان وٺي ٿر تائين. ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين خوشحال رهندي هئي. ڪوهستان ۽ ٿر ۾ برساتن جي پاڻي سان پريل ترايون ڏنڊيون پرجي ويندیون هيون. جنهن ڪري سڄو سال ماڻهو مال پڪي پڪڻ خوش

رهندو هو. هن وقت جڏهن ٻيلا ختم ٿي ويا آهن. سنڌ اندر برساتون پوڻ بند ٿي ويون آهن. جنهن ڪري ڪوهستان، ٿر ۽ ڪاڇو جن جو برساتن کانسواءِ ٻيو آبادي جو ڪو به وسيلو نه رهيو آهي. اهي تباهه ۽ هميشه ڏڪار هيٺ آهن . هنن علاقن ۾ نه پيئڻ جو پاڻي آهي نه کائڻ لاءِ ان آهي انهيءَ ڪري هتي جي ماڻهن پنهنجا مال وڪڻي ٻچا پاليا آهن. هي علاقا جيڪي هميشه سکيا ستابا هئا. اهي اڄ برساتن نه پوڻ ڪري ويران آهن ۽ درياهه ۾ پاڻي نه هڻڻ ڪري اڳي سنڌ جون هوائون تڏيون هونديون هيون اهي گرم ۽ سرد رهن ٿيون جنهن ڪري سنڌ ڪيترن ئي بيمارين جي ور چڙهي وئي آهي. سڄي سنڌ جي موسم جيڪا هميشه خوشگوار رهندي هئي اها موسم اهڙي وڃي ٿي آهي جو هاڻ حيدرآباد جي ڄامشوري پل تي تڏي هوا بدران واري اچيو منهن ۾ پوي.

سنڌ اندر ٽيندڙ فصل:

جڏهن درياهه ۾ پاڻي هوندو هو درياهه جا ڪچا علاقا ٻڏندا هئا. لکين ايڪڙ ٻيلا هوندا هئا جنهن ڪري سڄو سال برساتون پوندڙيون هيون. انهيءَ وقت ڪوهستان ۾ تر، ٻاجهر، جوئر، چونرا، مهر، متر، مڱ ۽ آرڻ جن ۾ ميها، ونگا، گدرا ۽ ڄانهيون ٽيندڙيون هيون. ٿر ۾ جوئر، ٻاجهر، تر، گوار ۽ ٻيا فصل ٽيندا هئا. ڪڇي ۾ تر، مهر، متر، چونرا، چڻا، گدرا، ڄانهيون ۽ گاهه ٽيندا هئا. ڪاڇي ۾ مٽيان سڀ فصل ٽيندا هئا. جن ڪري هزارين مڻ دالين، هزارين مڻ ٻاجهر، جوئر ۽ ترن جا فصل لهندا هئا. جنهن ڪري سڄو سال سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجا، ان پنهنجا ٻوڙ ۽ دالين هونديون هيون. جيڪي هاڻ ڪوهستان، ڪاڇي، ۽ ٿر ته ٺهيو پر سنڌ وچولي ۾ به اهي فصل مشڪل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سنڌ پنهنجي ضرورت کانسواءِ هزارين مڻ ٻاهر موڪليندي هئي. اها سنڌ هزارين مڻ دالين وغيره ٻاهران پئي گهرائي سڄي سنڌ جي زمين پنهنجي درياهه هوندي به ويران ۽ تباهه ٿي رهي آهي.

ٻوڏون:

هزارن سالن کان وٺي موسمون بدلجنديون رهيون آهن. هن وقت جڏهن سڄي دنيا اندر ايٽمي هٿيارن جي ڊوڙ آهي جنهن ڪري موسمن جي ڪابه خبر نه ٿي رهي ته ايندڙ سال ڇا ٽيندو؟ ڏٺو هي ويو آهي ته پاڪستان اندر هر پنجن کان ڏهن سالن اندر ٻوڏون ٽيندڙيون آهن. هن کان اڳ درياهه جو پيٽ پاڻي ڪٽندو هو ڪچي جا ٻيلا پاڻي جي تيز وهڪرن کي روڪيندا هئا، درياهه جا ٻچاڻون بند انهيءَ لائق هوندا هئا. جو انهن ٻوڏن جي پاڻي کي روڪي سگهندا هئا. درياهه تي ٺاهيل ٻڌراج پاڻ مان ٻوڏن جي پاڻي لنگهائڻ جي سگهه رکندا هئا. هن وقت جڏهن

ماڻڪ چوٽو جن جو

درياهه جو پيٽ ٻيٽن جي شڪل وٺي واري جي دڙن ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ٻيلا ختم ٿي ويا آهن، ٻچاڻون بند تباهه حالتن ۾ آهن. ٻڙاجن ۾ پاڻي جي نيڪال ڪرڻ جي سگهه نه رهي آهي. انهيءَ صورت ۾ جڏهن ڪا اهڙي ٻوڏ آئي ته سنڌ جو ڪهڙو حشر ٿيندو اهو سيني جي اکين اڳيان آهي.

خدانخواسته جي ڪو به ٻڙاج ٽٽي پيو ته اهڙو ٻڙاج ڪڏهن ۽ ڪيئن ٺهندو اهو ممڪن نه آهي جو درياهه تي ٻڌل بچاڻون بند جيڪي پنهنجي اڳئي حيات پوري ڪري چڪا آهن انهن جي ٽٽڻ سان سنڌ اندر ڪهڙو حشر ٿيندو. اهو به ظاهر پيو آهي اهي پنج سو ميل درياهه جا بند وري ڪڏهن ۽ ڪيئن ٺهندا هئا. اها به خبر نه آهي. حڪمرانن کي سنڌ ۽ سنڌ جا مسئلا، سنڌ جي تباهي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. هنن کي فقط چند ڏيم ناهي. ڪجهه جنرلن جون زمينون آباد ڪرڻ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ايس ايم ظفر صاحب جو "جيو ٽي وي" تي چوڻ هو ته هي پاڪستان مثالي ۽ جينويئن آهي. هاڻ جي اهڙن قانوندانن به ڏسي واسي اکيون پوريون ته سنڌي ماڻهن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

هن پاڪستان کي ڪهڙي نظر سان ڏسڻ گهرجي. هاڻ اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ناهي ته سنڌي ماڻهو جيڪي رڙيون ڪن پيا اهي سچا آهن يا ايس ايم ظفر جهڙا ماڻهو جيڪي غلط بياني پيا ڪن.

ڪچي، ڪوهستان، ٿر ۽ ڪاڇي جي ماڻهن جو روزگار!

جڏهن درياهه وهندڙ هو ڪچو ڪوهستان، ٿر ۽ ڪاڇو سرسبز آباد هئا. هڪڙي طرف آبادين هوندين هيون ٻئي طرف هزارين مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون، رڍون ۽ اُنو مال هوندو هو. جن مان سنڌ جي ماڻهن کي کير، مکڻ ۽ لسيون ملنديون هيون ٻيلن مان ماکيون، هرڙ، ڳاڙها ۽ سها مفت ۾ هنن وٽ موجود رهندا هئا. انهيءَ کانسواءِ سياري ۾ روس جي سائيبريا کان ايندڙ هزارين ولر پکين جا هنن ڏنڻين، ڏورن ۾ لهندا هئا. انهيءَ سان گڏ سنڌ جي ڏنڊين ۽ ڏورن ۾ لهندا هئا. انهيءَ سان گڏ انهن جي ڏنڊين ۽ ڏورن ۾ ٻيهه، ٻيٽ ۽ لوڙهيون ٽيندين هيون ۽ ڪيترن ئي قسمن جا ساڳ جهڙوڪ ساڳ، مريڙيون، للر، چٽن جي پلي، جانيپي جو ساڳ، سرنهن جو ساڳ ۽ ٿر ۾ خاص ڪري چيڙ ٽيندا هئا. جن جي ڪري سنڌ جا ماڻهو ڪوهستان ۽ هجن يا ڪاڇي ۾ هجن. ڪچن ۾ هجن يا ٿر ۾ هجن. وچولي سنڌ ۾ هجن هنن کي ڪنهن به شيءِ جي بک ڪانه هوندي هئي. پر هن وقت جڏهن درياهه به ويران آهن. ٻيلا به تباهه ڪيا ويا آهن برساتون به نه ٽيون پون. سنڌي ماڻهو اڳ پنهنجي ڍڳن سان هٿ جو پورهيو ڪندا هئا. انهن ڍڳن جو نسل به ختم ٿي رهيو آهي. تڏهن مجبورن هزارين رٻيا ڏيئي ٽريڪٽر وهائين ٿا سو به وچولي سنڌ ۾ باقي سنڌ جا ٻيا

ماڻڪ چوڻو جن جو

حصا تباهه ٿي ويا آهن. مهانگائي جي ڪري سندن فصل قرضن جي حوالي ٿيو وڃي. هاڻي ڪوهستان، ٿر، ڪڇ، ڪاڇي ۽ سمنڊن جي ڪنارن جا ماڻهو ڪيڏانهن وڃن؟؟ درياهه جي نه وهڻ ڪري مڇي ماريندڙ ڪچي جا هزارين خاندان پريشان آهن. جيڪي سمنڊ جا جهينگا وڪڻي ڪمائيندا هئا. اهي هاڻ ڇا ڪن؟ حڪمرانن کي گهرجي ته سنڌ جي سيني علاقن جي ماڻهن جي هٿرادو پيدا ڪيل مسئلن کي حل ڪن يا ماڻهن مان هٽ ڪڍن ته هو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪن.

آخر ۾ آئون ايترو چوندس ته سنڌي ماڻهن کي پنهنجي درياهه ڏنو وڃي جيئن وري درياهه سڄو سال وهي، ڪڇا ٻوڙي، ٻيلا پيدا ڪري، برساتون وسائي. ڪوهستان، ڪڇ، ڪاڇو ٿر ۽ وڇولو سرسبز ۽ آباد ڪري، سنڌ جي شهرن حيدرآباد، ڪراچي، ميرپورخاص ۽ سکر ۾ مزدوري ڪرڻ، واپار ڪرڻ، تعليم حاصل ڪرڻ، علاج ڪرائڻ، شهرن ۾ پنهنجو پاڻ کي چوندرائڻ ۾ حصو وٺن پنهنجي شهرن جا مالڪ پاڻ آهن ۽ ڏسڻ ۾ اچن.

هن کان اڳ جن ڪامورن ، سياستدانن ۽ حڪمرانن ٻيلا ڪٽايا آهن. ڪچي جي زمين تي قبضا ڪيا آهن. درياهه جي بچاءُ بندن جا کربين روپيا هڙپ ڪيا آهن. جن ماڻهن پاڪستان جا ڪوڙا نظريا ناهي مارشلائون مڙهي ڏنڀي جي زور تي حڪومتون ناهي سنڌ کي غلام رکيو آهي سنڌ جا وسيلا سنڌ اندران پاڪستان جي ٻين علاقن تي خرچ ڪيا وبا آهن. انهن تي اقوام متحده جي نگراني ۾ ڪميشن جوڙي انٽرنشنل قانون مطابق ڪيس هلائي سزائون ڏنيون وڃن. اهي کربين روپيا وصول ڪري سنڌ کي ڏنا وڃن ۽ سنڌ جي ماڻهن مٿان جيڪا دهشتگردي ۽ قرلٽ ڪئي ويئي آهي. انهن سمورن ظلمن جو حساب ورتو وڃي ۽ سنڌ کي ريگستان بنائڻ وارن ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي سنڌ کي سرسبز ۽ شاداب ۽ خوشحال بنايو وڃي.

روزانه "عبرت" اخبار 5 اپريل 2008

ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد جو احوال

ڪالاباغ ڊيم يا سنڌو نديءَ مان سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ جو تڪرار گذريل صديءَ کان هلندڙ آهي. سنڌ جو موقف آهي ته سنڌو درياهه جي پاڻي تي پهرين حق سنڌ جو آهي. پنجاب جو چوڻ آهي ته سنڌو درياهه جو پاڻي سمنڊ ۾ زيان ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سنڌو درياهه تي ڪالاباغ ناهي سنڌو درياهه جو پاڻي پنجاب جي جنرلن ۽ چوڌرين کي ڏنو ويجي. گذريل صديءَ ۾ جڏهن انگريز هندوستان جا مالڪ هئا. تڏهن پنجاب اهو مسئلو اٽاريو هو. پر عالمي قانون مطابق سندس اها دعويٰ رد ٿي وئي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي سنڌ سان ٻيون ٻه ناانصافيون گهٽيون ٿيون آهن جن جو ذڪر وقت ٻه وقت ايندو رهيو آهي. پر خاص ڪري سنڌو درياهه جو پاڻي ڦائڙ جهڙيون ايوب خان جي ون يونٽ جو دور هجي، توڙي ذوالفقار علي ڀٽي جي جمهوري دور کان وٺي جرنل پرويز مشرف تائين ناانصافيون جاري آهن. ايوب خان هندوستان کي ٽي درياهه وڪٽي ڇڏيا جن ۾ پڻ سنڌ جو اڌ حصو هو اهي بنا اجازت جي وڪٽي ڇڏيا. تونسا، چشمه، جهلم ۽ ٻيا واهه غير قانوني ڪيڊي ٻارها وهائڻ جي سينا زوري ڪرڻ ۽ هر پيري پنهنجا دلال ويهاري 1991ع ۽ 1994ع ۾ هٿرادو معاهدا ڪري ڦري وڃڻ حڪمرانن جي عادت آهي. سنڌو درياهه تي گدو کان پهرين 30 هزار غير قانوني طور پمپ مشينون رکي هزارين ڪيوسڪ پاڻي چوري ڪيو پيو وڃي. پر جڏهن 1984ع ۾ جنرل ضياءالحق سنڌي ماڻهن کي 1983ع جي ايم آر ڊي جهڙي شاندار جدوجهد جي سيڪٽ ڊيڻ لاءِ ڪالاباغ ڊيم جو اعلان ڪري، سنڌي ماڻهن جي ڪرنگهي کي ٽوڙڻ جي سازش جو اعلان ڪيو ته انهيءَ وقت ڪنهن کي به خبر ڪا نه هئي ته سنڌ کي هي ڪاپاري ڏڪ لڳي پيو. انهيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هر سياسي پارٽي پنهنجا منشور ڪٽي ڪي سنڌ اندر سنڌوديش ناهڻ جي انتظار ۾ هئا، ڪي اڳواڻ استبليشمنٽ سان پنهنجون وفاداريون نيائڻ جي ذميوارين نيائڻ حوالي هئا، ڪي قومي اڳواڻ ڪنفيڊريشن وسيلي مظلوم قومن جي ٻيڙي کي ڪناري لڳائڻ جا خواب ڏسي رهيا هئا ته ڪي عوامي اڳواڻ جمهوريت بحال ڪري وزيراعظم جي ڪرسيءَ ماڻي، سنڌي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ جي قافلي جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا. پر فقط محترمه رسول بخش پليجو عوامي تحريڪ جو صدر اُتي ڪڙو ٿيو

روزا نمازون اهيو پڻ چگو ڪم
پر اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي

ماڻڪ چوٽو جن جو


پليجي صاحب سڄي ڳالهه کي سمجهي ورتو ته جي ڪالاباغ ڊيم ٺهي ويو سنڌ سکي وڃي ته پوءِ پلي حڪمران کير جون نديون وهائي ڇڏين پر سنڌ تباهه ٿي ويندي. چاڪاڻ جو سنڌ جو مرڻ جيئڻ سنڌو درياهه جي پاڻي سان آهي پاڻي آهي ته سنڌي ماڻهو جيءَ سگهندا جي پاڻي ويو ته ڇا جون وزيراعظميون، ڇا جا سنڌو ديش. ڇا جا ڪنفيڊريشن سڀ ڳالهيون هونديون. باقي سنڌي ماڻهو 5 هزار سالن کان پنهنجي ڌرتي کي ملٹي نيشنل ڪمپنين حوالي ڪري دربدر ٿي ويندا نه سندن اُوڏو هوندو نه سندن کو ڇوڙو هوندو. انهيءَ ڪري پليجي صاحب 16 جون 1986ع تي اعلان ڪيو ته اسان ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ نه ڏينداسين. انهيءَ وقت پلي اها خبر فقط ڪن اخبارن جي سُرخين ۾ آئي هجي. پر ڪنهن ٻئي اڳواڻ انهن جو نوٽس نه ورتو. پليجو صاحب عوامي تحريڪ جي ضلع کان وٹي مرڪز تائين پارٽي ڪانفرنسون ڪوٹائي، ڏينهن جا ڏينهن تقريرون ڪيون، ليڪچر ۽ سمجهاڻيون ڏنيون نيٺ اهو فيصلو ڪيو ته سڄي سنڌ اندر جدوجهد هلائي، سنڌ کي اڌاري وجهنداسين، سنڌي ماڻهو پاڻي جي ڳالهه تي نه اُڻندا ته ٻيو ڇا تي اُڻندا؟ عوامي تحريڪ ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد جي شروعات 1988ع ۾ حر ڪئمپ حيدرآباد ۾ ڪالاباغ ڊيم نه ڪپي ڪانفرنس ڪوٹائي، ڪئي جنهن ۾ سڄي سنڌ جا اڳواڻ ۽ هزارين عوام شريڪ ٿيا. هن ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو ويو ته ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ نه ڏينداسين. هن ڪانفرنس کان پوءِ پليجو صاحب جي اڳواڻي ۾ وفد ٺهيو جنهن ۾ شريڪ سيد عالم شاهه، مسعود نوراني ۽ محمد خان پرڪڙي پليجي صاحب سان شريڪ هئا. اهو وفد پهرين پير ڳوٺ ضلع خيرپورميرس ۾ پير صاحب پاڳاري صاحب سان مليو جنهن تڏي تي سنو آڏرياءُ ڪيو پليجي صاحب ڪيس ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ سبب سنڌ جي تباهي کان آگاهه ڪيو ۽ ڪيس چيو ته توهان هن جدوجهد جي اڳواڻي ڪريو. اسان توهان سان گڏجي توهان جي پُٹيان هلڻ لاءِ تيار آهيون. پير صاحب سڄي ڳالهه ڪلندي ٻڌي آخر ۾ پنهنجائپ سان پليجي صاحب کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪالاباغ ڊيم ٺهي ويندو اچو ته پاڻ سنڌ لاءِ ڪجهه ٻيو وٹون. پليجي صاحب پير صاحب کي چيو ته سنڌو درياهه جي عيوض هي اسان کي چند ڪرسيون ڏيندا، ڪجهه ماڻهن کي هي ارب پتي بڻائي ڇڏيندا، ان مان سنڌ کي ڇا ملندو؟ پاڳارا صاحب! توهان ڏسجو! سنڌي ماڻهو پنهنجو درياهه هرگز کين ڏيندا. پاڳاري صاحب چيس نه بابا هنن جي طاقت جو اندازو توهان کي نه آهي. ڪالاباغ ڊيم ٺهي ويندو توهان کي ان عيوض جيڪو ملٹو هوندو سو ٻه ڪو نه ملندو. پليجو

ماٽڪ چوٽو جن جو


صاحب چيس تہ سائين توهان وڏا آهيو. پر اسان ڪالاباغ ناهڻ نہ ڏيندا سين. پاڳاري صاحب چيس ضد ڇڏ پليجا! منهنجو چوٽ ڪر. پليجو صاحب چيس سائين آئون توهان سان شرط ٿو رکان تہ ڪالاباغ ڊيم نہ ٺهندو. پاڳاري صاحب چيس تہ آئون جوئاري نہ آهيان جو پليجا شرط رکان باقي خير پليجا تون پڇتائيندين ضرور. اسان پاڳاري صاحب کان موڪلايو پاڳاري صاحب آخر تائين تمام پنهنجائپ سان پليجو صاحب کي سندس در تائين سمجهائيندو رهيو. پر پليجو صاحب موڪلائڻ وقت کيس چيو تہ سائين توهان سنڌين جي موت جي پرواني تي ڏارين سان گڏجي نہ هلو. توهان سنڌي ماٺهن سان گڏ هلو. انهيءَ تي پاڳاري صاحب چيو تہ آئون سنڌي نہ آهيان آئون حرن جو مرشد آهيان. انهن جو جيڪو بہ مسئلو هوندو انهيءَ لاءِ توهان کي ڪو نہ چوندس. آخر ۾ ڪلي موڪلايوسين اسان ڏاڍا مايوس ٿياسين. پر پليجو صاحب چيو تہ همٿ هارڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. ڏسجو پاڻي جي مسئلي تي سنڌي ماٺهو پاڻ سان گڏ هوندا. باقي سائين جن کي ائين ڪرڻ گهرجي جيڪي کين هدايتون مليل آهن. انهيءَ کانپوءِ ٻئي ڏينهن ممتاز پٹي جي ڳوٺ وڃي ممتاز پٹي سان ملياسين ممتاز پٹو بہ ڏاڍو قرب سان مليو. چيائين تہ مون سوچيو پئي تہ پليجو ضرور موت ڪائيندو ڏٺئي نيٺ ائين ٿيو. هاڻ اچو تہ فرنٽ کي زور وٺايون. پليجي صاحب سندس ڳالهہ ٻڌي چيو تہ اسان انهيءَ لاءِ نہ آيا آهيون اسين آيا آهيون تہ ڪالاباغ ڊيم پيا ناهين اچو تہ انهيءَ هڪڙي پوائنٽ تي گڏجي سنڌو درياهہ بچايون ممتاز پٹو صاحب جواب ڏنو تہ اهو مُئل گهوڙو ڪٹي آيو آهين انهيءَ جي پُٹيان ڪير ايندو اڄ تہ فرنٽ ۾ گڏجي ڪم ڪريون. فرنٽ جو پروگرام ڪامياب ٿيو تہ سنڌ جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. ممتاز پٹي کان موڪلائي وري سن جي سائين جي ايم سيد سان ملياسين. سائين بہ پنهنجي تڏي جي ميزباني ۾ گهٽتائي نہ ڪئي. پليجي صاحب سان سالن جون رهيل ڪچهريون ڪرڻ لڳو نيٺ پليجو صاحب کيس اسان جي اڇڑ جو ٻڌايو تہ اسان انهيءَ ڪري آيا آهيون تہ سنڌو درياهہ تي ڪالاباغ ڊيم پيا ناهين. توهان وڏا آهيو اچو تہ گڏجي انهيءَ سنڌ دشمن منصوبي خلاف جدوجهد ڪريون. سائين بہ ڪتو جواب ڏنو تہ سنڌوديش کانسواءِ ڪو بہ چاڙهو نہ آهي. سنڌوديش ٺهندو تہ پوءِ هر اهو ڪم ٿيندو جيڪو پاڻ چاهيندا سين. پليجو صاحب کيس گهٽي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سائين چيو پليجا تون تہ مجندين ئي ڪو نہ تنهنجي مرضي. اسان جو ايمان آهي تہ سنڌوديش ٺاهيو. خير اسان اتان بہ موڪلائي اچي حيدرآباد نڪتاسين. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پليجي صاحب ۽ آئون بي نظير صاحبہ سان ملڻ لاءِ آواري ٽاور ڪراچي هوٽل جي پرواري



ڈاڪٽر بخت جمال شيخ، در تي مظهر ٽالپور، سيد عالم شاهه پاڪستان جي سياسي دوري تي ويندي حيدرآباد اسٽيشن تي




به دوست سيٺ نذير احمد ميمڻ ۽ سيد عالم شاهه متياري ۾



سيد عالم شاهہ پنهنجي ڏهتي علي عباس سان




عمر ميمڻ، سيد عالم شاهہ، ميڊم ڪيٿرين، افضل ڪلڪتي جي واپاري سان گڏ لنڊن ۾




سيد عالم شاهہ، گل حسن ڪيڙانو رضوان شاهہ ۽ ڪونج گل حسن ڪيڙاني سان گڏ ڪراچي ۾



سيد عالم شاهہ، محمد موسيٰ ميمن ۽ احمد منشي ميمن ڳوٺ ۾ علي مير شاهہ




فدا حسين شاهہ عبرت ميگزين انترويو وٺڻ وقت سيد عالم شاهہ جي خاندان سان متياري ۾



سيد عالم شاهہ پنهنجي پٽ رضوان سان




سيد عالم شاهه سنڌياٽي تحريڪ جي جلوس ۾



اياز سمون، اختر حفيظ، ڊاڪٽر اسلم آزاد، نور احمد ڪاتيار
ڏاڏا عبدالقادر رانتو سڃاول ۾



جامي چانڊيو پيڙ ورڪشاپ ۾ ڳالهائيندي



گهوٽ سيد علي محمد شاهه، پير نور شاهه هاشمي، علي حيدر شاهه جاموٽ،
حاجي امجد شاهه جاموٽ، سيد عالم شاهه سان گڏ مٽياري ۾




سيد عالم شاهہ، شهيد محمد نواز ڪنراٽي جي گهر ياتين سان گڏ (حيدرآباد)




نويد سعيد علوي، ڊاڪٽر سيف الله نظاماٽي، سيد عالم شاهہ لنڊن




ويٺن ۾ نذير راڄپر، سيد عالم شاھ ۽ جاويد راڄپر، ٻيٺن ۾ ارباب جنجھ، امتياز مري، حسين مھر (حيدرآباد)




سيد عالم شاھ فلسطيني ڊينٽل ڊاڪٽر محمد علي ۽ شايان علي شاھ مٺياري ۾




جي اين مغل، سيد عالم شاهه، سردار ذوالفقار علي شاهه جاموٽ،
حاجي خدا ڏنو شاهه جاموٽ، سيد يار محمد شاهه، پٽيان سيد اڪبر شاهه مٽياري



برطانيه جي صحافي عيني، راحيلا، صبرينا عالم شاهه، مٽياري ۾ پير سرهندي جي تاريخي مقبري ۾ آيل




سيد عالم شاھ، مرحوم ممتاز خواجہ، مرحوم اڪبر شاھ، ع غ سنڌي بيئل
رجب علي ميمڻ پروفيسر زرعي يونيورسٽي ٽنڈو جام مرحوم نجم الدين ميمڻ، گلزار ميمڻ، يوسف ڪيڙاڻو




سيد عالم شاھ، مرحوم حاجي قاسم ملاح، ۽ خادم تالپر هاري ڪارڪن سان گڏ عثمان شاھ جي هڙي جشن لطيف ۾



للي پرويز، نرگس تنوير، سيد عالم شاهہ هائيڈ پارک لنڈن



سيد عالم شاهہ، سرور باري، لنڈن



شهاب مغل، مينا ۽ سيد عالم شاهہ پيڪدلي بازار (لنڊن)



تنوير، سيد عالم شاهہ نرگس تنوير، مينا ۽ آصف پليجو تنوير جي نندڙي لنڊن




ڈاڈا قادر رانتو عبدالحکیم هالیپوتو سید عالم شاهہ پریس کلب اڳیان حیدرآباد



ادي عمره سمون ڈاڈا قادر رانتو سید عالم شاهہ ڈاکٹر شمیم چنا،
نذیر قریشي قاسم آباد کان پریس کلب ریلي



پروفيسر عزيز الدين احمد، سبرينہ عالم شاهہ ميران تحسين احمد. ساون تحسين احمد سيد عالم شاهہ ، ڊاڪٽر نادیہ لاهور ۾



سبرينہ عالم شاهہ فدا حسين لاکو سيد عالم شاهہ جي ڪچ ۾ننڍڙو سجاد لاکو ۽ سونيہ عالم شاهہ ڪراچي ۾



سيد عالم شاهه هٽلر سان گڏ ڦوٽو مادام تسائو ميوزيم ۾ لنڊن ۾



سيد عالم شاهه برطانيه جي شاهي خاندان سان مادام تسائو ميوزم لنڊن ۾



ڈاکٹر سيف الله نظاماٹي سيد عالم شاهہ ۽ سرور باري لنڊن ۾



آصف پليجو مينا ۽ سيد عالم شاهہ لنڊن ۾

ماڻڪ چوٽو جن جو

آصف زرداري صاحب جي بنگلي تي وياسين اندر بي نظير صاحبہ ۽ آصف زرداري وينا هئا. اسان سان تمام سٺي نموني سان مليا آصف زرداري صاحب ڪجھ وقت کان پوءِ موڪلائي ويو پوءِ بي نظير صاحبہ سان ڪالاباغ ڊيم مسئلي تي ڳالهايوسين. پليجي صاحب سڄو پاڻي جو ڪيس سمجهايس پاڻ تمام سنجيدگيءَ سان پليجو صاحب کي ٻڌائين، پوءِ چيائين تہ اسان کي اقتدار ۾ اچڻ ڏيو تہ سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. اسان بي نظير صاحبہ کان موڪلائي ٻاهر آياسين. مون پليجي صاحب کان پڇيو سائين انهيءَ جواب جو ڇا مقصد آهي. پليجو صاحب چيو تہ سڀ ڪم اقتدار جي اچڻ سان ٿين ها تہ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي ڇو اقتدار تان لاهي ڦاسي چاڙهين ها. اقتدار هوندي اهي ڪم ٿيندا آهن جن جي ڀڻيان لکين ماڻهن جي جدوجهد جو پريشر هوندو آهي، سنڌ اندر ڪالاباغ ڊيم ٺاهي سنڌ ٻڪائڻ خلاف پاڻ جدوجهد ڪريون تا جڏهن سڄي سنڌ انهيءَ جدوجهد ۾ شريڪ ٿيندي، تڏهن اهي سڀ ليڊر عوام ڀڻيان ضرور ايندا. رسول بخش پليجي جي اڳواڻي هيٺ 1987ع ۾ پائيچارن هاري ڪميٽي، عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، سجاڳ ٻار تحريڪ ۽ ٻين تنظيمن گڏجي سنڌي عوام جو قومي اتحاد ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو انهيءَ اتحاد جي اڳواڻي هيٺ ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد هلائبي. جنهن جي پهرين ريليءَ 1988ع ۾ حيدرآباد ريلوي استيشن کان ٿيندي سول اسپتال حيدرآباد وٽ جلسہ عام ڪيو. جنهن ۾ پليجو صاحب جي اڳواڻي ۾ هزارين مرد عورتون ٻار ۽ ٻڌيا شريڪ ٿيا سڄي حيدرآباد ۾ "ڪالاباغ ڊيم جا حامي سڀ حرامي" "نہ ڪپي نہ ڪپي ڪالاباغ نہ ڪپي" جا نعرا گونجي رهيا هئا. ٻيو جلسہ عام 1988ع ۾ سکر شهر جي منارا چوڪ تي ڪيو جنهن ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. هن جلسي جي قيادت بہ رسول بخش پليجي صاحب ۽ ٻين پائيچارن جي اڳواڻن ڪئي. ڪالاباغ ڊيم جي خلاف سڄي سنڌ جي هر ضلعي هيڊڪواٽر ۾ جلسہ عام ڪيا، آخر ۾ 1988ع ۾ قائداعظم جي مزار ڪراچي کان پريس ڪلب تائين لکين ماڻهن جي ريليءَ ڪئي، جنهن ۾ سڄي سنڌ کان سوين بسن، ڊاٽسن، ڪارن ۽ ريل رستي مرد، عورتون، هاري، مزدور، شاگرد ۽ ٻار شريڪ ٿيا. هن ريليءَ 8 ڪلاڪ رستي ۾ ورتا. هن ۾ "ڪالاباغ ڊيم جا حامي سڀ حرامي" "هي شهر ڪنهنجا سنڌين جا" "هي درياهہ ڪنهنجا سنڌين جا" جي نعرن سان ڪراچي سڄو ڏينهن گونجندو رهيو. هن جلسا عام جي قيادت بہ رسول بخش پليجو صاحب سان گڏ محترم حفيظ پيرزادو حميده کهڙو صاحبہ ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي ٻئي ڏينهن جنگ اخبار وڏي

ماٹڪ چوٽو جن جو

سُرخي لڳائي تہ "آج ڪراچي اجنبي لڳ رهيا تها" 1991ع ۾ عوامي تحريڪ ڪالاباغ ڊيم خلاف قاسم آباد ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ سنڌ جي هزارين پائرن پينرن شرڪت ڪئي، جنهن متفق راءِ سان فيصلو ڪيو تہ ڪالاباغ ڊيم نہ گهرجي. اتهيءَ کان پوءِ ترت ئي پليجو صاحب عوامي تحريڪ جي ساٿين جي ڪانفرنس ڪوٺائي جنهن ۾ سنڌ جو هڪ تاريخي فيصلو ڪيو تہ جيئن چين ۾ ڪامريڊ مائوزيتنگ هزارين ساٿين سان لانگ مارچ ڪئي، اهڙي نموني سکر کان ڪراچي تائين 500 ڪلوميٽر ڪالاباغ ڊيم خلاف پيدل لانگ مارچ ڪجي، جنهن ۾ عورتون، ٻار هاري، مزدور ۽ سنڌ جا محب سنڌي ماڻهو 2 ڊسمبر 1991ع کان 4 جنوري 1992ع تائين پيدل مارچ ڪن. سنڌ جي تاريخ ۾ پُرامن سنڌ جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين سنڌو درياهہ جي ڪنڊي وٽي هزارين ماڻهو مارچ ڪن. اهو فيصلو نرالو هو واقعي جڏهن اها پيدل مارچ هڪ مهيني جي لڳاتار جدوجهد ڪندي ڪراچي پهتو. پوءِ گهگهر ڦاٽڪ کان هزارين ماڻهن جو قافلو جڏهن ڪراچي اندر داخل ٿيو تہ گلشن حديد ۾ پيري جا سوين سنڌي به هن شامل ٿيا. اها لانگ مارچ رزاق آباد، ميمڻ ڳوٺ کان ملير تي اچي فيصل روڊ تي چڙهي جتان ناٿا خان ڳوٺ پل کان ٿيندي جڏهن ڪارساز ڪراچي ڪراس ڪئي تہ محترمہ بي نظير پٽو پنهنجي ساٿين سميت لانگ مارچ ۾ پيدل شريڪ ٿي، جڏهن پٽيان ماڻهن ڏانهن ڏسي پليجي صاحب کان پڇيائين تہ هي سڀ عورتون آهن. چاڪاڻ تہ پهرين سنڌياڻي تحريڪ هئي پٽيان مرد هئا پليجي صاحب چيس تہ هنن عورتن پٽيان لکين مرد به هن لانگ مارچ ۾ شامل آهن تڏهن بي نظير صاحبہ پليجو صاحب کي چيو تہ پليجو صاحب واقعي ماڻهو ڪالاباغ ڊيم جي خلاف اُٿي وڃا آهن. تڏهن سڄي سنڌ ڪالاباغ ڊيم جي خلاف اٿي ڪڙي ٿي، سنڌ جي اتر لاڙ ڪاڇي، ٿر ۽ وچولي جي هر ماڻهو اهو ٻئي چيوٿ تہ ڪالاباغ ڊيم نہ ڪپي، ڪالاباغ ڊيم خلاف ٻي لانگ مارچ 01/06/1994 کان 15/06/1994 تائين حيدرآباد کان ٽنڊو محمد خان، سجاول ٿٽي کان ڪراچي تائين پهتي هن ۾ به هزارين عورتون هزارين مرد پيدل مارچ ۾ شريڪ ٿيا آخري جلسہ عام پريس ڪلب ڪراچي تي ٿيو. جنهن ۾ رسول بخش پليجي صاحب سان سنڌ جي ڪيترن ٻين سياسي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي، ٽيون پيرو 14/03/2001 کان 04/04/2001 پٽ شاهہ کان حيدرآباد ٽنڊومحمد خان سجاول ٿٽي کان ٽيندو ڪراچي گورنر هائوس اڳيان جلسہ عام ڪيو. هن لانگ مارچ ۾ مٽياري کان سيئي مارچ ڪنڊڙ ساڻي ۽ پينرون گرفتار ٿيا پوليس هي ٻئي ڏينهن حيدرآباد، ٽنڊومحمد خان، شاهہ ڪريم، ميرپوربٹورو مان سوين مرد ۽ عورتون گرفتار ڪندي

رهي، پر هر ٻئي ڏينهن ساڳئي جوش جذبي سان ماٺهو لانگ مارچ لاءِ ايندا رهيا. متياري مان متياري ايڪشن ڪميٽي جي دوستن رحمت الله ترڪ ۽ حاجي غلام حسين ميمڻ جي گهرن ۾ گهڙي گرفتاريون ڪيون ويون. منهنجي گرفتاري، شوڪت ابڙي جي گرفتاري جا آڊر جاري ڪيا ويا. گهرن ۾ گهڙڻ لاءِ انهيءَ وقت جي ايس ڊي ايم پوليس کي آڊر ڪيو تہ عالم شاهه جي حويلي اندر گهڙو پر شهر جي ماٺهن ۽ گرفتار ٿيل حاجي غلام حسين ميمڻ جي زور پرڻ تي پوليس حويلي اندر نہ گهڙي باقي دروازا پيچي ڇڏيائون. آئون حيدرآباد هوس بيل بيفور اريسٽ ڪرائي ڇڏيو. ڪيس بہ هليو ڪوڙو هو ڇٽي ويس نٽي باءِ پاس تي جيجي زرينہ ۽ ادي حور پليجو جي اڳواڻي هيٺ سنڌياڻي تحريڪ ريليءَ ۾ شريڪ هيون. پليجو صاحب جي قيادت هيٺ سوين مرد هئا. پوليس لاٺي چارج ڪئي جيجي زرينہ ۽ ادي حور ۽ سوين پينرون زخمي ٿيون گرفتار ٿيون پليجي صاحب متان لٽين جو وسڪارو ڪيائون جتي سوين ڪارڪن ڏاڏي قادر رانتي جي اڳواڻي هيٺ پليجو صاحب کي وکوڙجي ويا. پوليس جو سپ لٽيون ڏاڏا قادر ۽ ٻين ڪارڪنن پاڻ تي وسايون ٻن تن ڪلاڪن جي پوليس دهشگردي‌ءَ کان پوءِ سيني کي گرفتار ڪري نٽي جيل ۾ وڌو. گهگهر ڦاٽڪ ڪراچي وٽ ڪاري سير نٽي جون سنڌياڻي تحريڪ جي پينرن تي پوليس دهشتگردي ڪري لٽين جو وسڪارو ڪيو. تشدد هيٺ مرد ۽ عورتن کي گرفتار ڪيو. آخري ڏينهن تائين پوليس جي دهشتگردي جاري هئي پر پليجو صاحب آخري ڏينهن گورنر هائوس پهچي ڪالاباغ ڊيم جي خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو نواز شريف 28 مئي 1998ع تي ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. نواز شريف جو اعلان ڪرڻ تہ ڪالاباغ ٺاهيو ويندو جنهن خلاف نٿار کهڙو جي گهر گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ عوامي تحريڪ، پ پ پ، سنڌ ڊيموڪريٽڪ، اي اين پي جا اڳواڻ شريڪ ٿيا. عوامي تحريڪ طرفان پليجو صاحب، سيد محمد عالم شاهه، محمد خان پرهڙي، ڊيموڪريٽڪ طرفان يوسف لغاري صاحب، سائين محمد ابراهيم جويو صاحب، ابرار قاضي ۽ پ پ پ ۽ اي اين پي جا اڳواڻ شريڪ ٿيا هن گڏجاڻي ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف اتحاد ٺاهيو ويو جنهن ۾ سڄي سنڌ اندر اتحاد طرفان جلسن ڪرڻ جو فيصلو ٿيو انهيءَ فيصلي مطابق نٽ، بدين، شهدادپور، حيدرآباد، دادو، لاڙڪاڻو شڪارپور، جيڪب آباد، سکر، خيرپورميرس ۽ نواب شاهه ۾ اينٽي ڪالاباغ خلاف جلسہ ڪيا انهن جلسن دوران پ پ پ اڳواڻ ڪوثر پٽي صاحب جي حيدرآباد واري گهر ۾ گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ اينٽي ڪالاباغ اتحاد طرفان پنجاب جي سرحد

ماٹڪ چوٹو جن جو

تي ڪمون شريف وٽ 20/08/1998 تي ڏرٽو هٽڻ جو اعلان ڪيو ويو. نواب شاهہ جي جلسي ۾ پ پ اڳواڻ نثار کهڙو، رسول بخش پليجو صاحب کي بي نظير پٽو صاحبہ طرفان پيغام ڏنو تہ جلدي بلاول هائوس ڪراچي ۾ پاڻ کي ملڻ گهرجي.

ترت بلاول هائوس ڪراچي ۾ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ بي نظير پٽو صاحبہ پليجو صاحب، اجمل ختڪ صاحب، يوسف لغاري صاحب ۽ ابرار قاضي صاحب شريڪ ٿيا. بي نظير صاحبہ گڏجاڻي ۾ اها ڳالهہ رکي تہ آئون ڪوڙن ڪيسن ۾ ايتري مصروف ٿي رهان جو پيو ڪو بہ ڪم نٿو ٿي سگهي، جنهن تي اجمل ختڪ صاحب چيس تہ توهان سياسي چُرپُر ڪريو تہ پاڻ کي رليڪس محسوس ڪندا. بي نظير صاحبہ چيو ڪيئن سياسي چرپر ڪريان؟ انهيءَ تي پليجو صاحب چيس تہ ڪمون شهيد وٽ ڪالاباغ ڊيم خلاف ڏرٽي ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعلان ڪريو. بي نظير صاحبہ چيو پر جلدي ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعلان ڪيئن ڪريان. پليجو صاحب چيو اڄ شام جو هتي صحافين کي گهرائي گڏيل پريس ڪانفرنس ٿا ڪريون. بي نظير صاحب شام جو بلاول هائوس ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس گهرائي. جنهن ۾ سڀني اڳواڻن خاص ڪري بي نظير پٽو ڪمون شريف وٽ ڏرٽي ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعلان ڪيو.

سنڌ جي پارٽين ۾ پ پ پ، عوامي تحريڪ، سنڌ ڊيموڪريٽڪ پارٽي، اي اين پي، سنڌ ترقي پسند، جميعت علماءَ اسلام ۽ بين ڪالاباغ ڊيم خلاف فرنٽ ناهيو جنهن جي اڳواڻي هيٺ سڄي سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف جلسہ جلوس بک هڙتالون ۽ ريليون ڪيون آخر ۾ 28/08/98 تي سنڌ جي چيڙي اوباڙو ڪمون شهيد سنڌ پنجاب سرحد وٽ ڏرٽو هٽڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن ۾ سڄي سنڌ کان هزارين بسن، گاڏين، ڪارن، ٽريڪٽرن، ٽرالين ريلوي وسيلي زالين مڙسين سنڌي لکن ۾ ڪمون شريف پهتا جهڙوڪر سڄي سنڌ اٽلي پئي هئي. رسول بخش پليجو صاحب، محترمہ بي نظير پٽو صاحبہ، قادر مگسي، بشير خان قريشي، امداد شاهہ ۽ بيا ڪيترا اڳواڻ ايم پي اي، ايم اين اي، سينيٽر بہ شريڪ ٿيا. تاريخ ۾ اهڙو ڏرٽو نہ لڳو هو آخر مجبور ٿي نواز شريف ڪالاباغ ڊيم ناهڻ جو اعلان واپس ورتو. سنڌ جي انهيءَ ٻڌي اتحاد سنڌ ۾ هڪڙو اعتماد قائم ڪيو تہ واقعي سنڌي ماڻهو اٿي پون تہ سڀ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. سنڌي ماڻهن جي ايڏي وڏي اعتماد کي حاصل ڪرڻ لاءِ 1998ع ۾ سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ سرائيڪي قومن جو اتحاد پونم نالي ٺهيو تہ انهيءَ جي پليٽ فارم تان قومي حقن لاءِ جدوجهد گڏجي ڪجي پونم جي پليٽ فارم تان بين قومي مسئلن سان گڏ ڪالاباغ ڊيم خلاف بہ جدوجهد ڪئي ويئي. سنڌ ۾ هر ضلع جي هيڊڪواٽر تي وڏا جلسا ڪيا ويا، وڏيون ريليون ڪڍيون. ڪالاباغ ڊيم خلاف سڄاڳ پار تحريڪ پاڪستان جي تاريخ ۾ پارڻن

ماٹڪ چوٹو جن جو

جي پهرين اسيمبلي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ سنڌي پارٽن جي اسيمبلي 1998ع ۾ ڪوٺائي جنهن ۾ ايس بي ٿي جي صدر شفيق ڪانڊڙو ڊاڪٽر اشفاق تالپر، ڪاشف بجير، شفيع برهماڻي، قيوم ملڪ ۽ ستار ملڪ جي اڳواڻي ۾ سڄي سنڌ مان آيل پارٽن ڪالاباغ ڊيم کي رد ڪري ڇڏيو. عوامي تحريڪ طرفان سنڌ قومي ڪانفرنس 16 آڪٽوبر 1999ع حيدرآباد قاسم آباد ۾ ڪوٺائي ويئي جنهن ۾ سڄي سنڌ کان مرد ۽ عورتون هزارن جي تعداد ۾ شريڪ ٿيا پونم جي سڄي قيادت عطاالله مينگل صاحب، لطيف آفريدي صاحب، رسول بخش پليجو صاحب، ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. انهيءَ ڪانفرنس ۾ قومي مسئلن سان گڏ مکيه مسئلو ڪالاباغ ڊيم نه ڪپي جي قرارداد پاس ڪئي وئي. پونم جي اڳواڻي هيٺ 1998ع کان 2002 تائين ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد ڪئي. انهيءَ ٽي وقت 2002ع ۾ پليجو صاحب جي جڳهه 10/ڊي قاسم آباد حيدرآباد تي پاڻي ڪميٽي ٺاهي وئي، جنهن جا ميمبر رسول بخش پليجو صاحب، نظير ميمڻ صاحب، ابرار قاضي صاحب، ايڊووڪيٽ مظفر صادق پٽي صاحب ۽ قمرالزمان شاهه صاحب ٿيا. پاڻي ڪميٽي اڄ تائين قائم آهي. سنڌ جي پاڻي جي مسئلي لاءِ ڪالاباغ ڊيم خلاف هر تحريڪ ۾ شامل آهي. پاڻي ڪميٽي ڪيترين قراردادون پاس ڪري اخبارن ۽ واسطيدارن ادارن ڏانهن موڪليا آهن. سياسي پارٽين جو اتحاد گريٽر ٽل ڪينال ايڪشن ڪميٽي سال 2002ع پليجو جي جڳهه تي ٺهيو جنهن جا ميمبر عوامي تحريڪ طرفان رسول بخش پليجي صاحب، قادر رانٽو صاحب، پ پ پ طرفان قائم علي شاهه، ترقي پسند پارٽي طرفان ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب، پاڻي ڪميٽي طرفان ابرار قاضي صاحب ۽ وشنومل ٻڌيا. ڏڻي شهر ضلع ٺٽي ۾ 21/12/2003 تي ڪالاباغ ڊيم خلاف سڄي سنڌ ميرپوربٺوري ضلع جي عوام جي ريليءِ پوءِ جلسه عام ٿيو جنهن ۾ عوامي تحريڪ ضلع ٺٽي جي صدر محمد عثمان سمون، اشرف پليجو ۽ رسول بخش چوهاڻ ڪالاباغ ڊيم جي خلاف اڳواڻي ڪئي ۽ تقريرون ڪيون جنهن تي انهيءَ وقت جي اقتدار پرست ضلع ٺٽي جي شهنشاهت جي علمبردار شيرازي حڪمرانن جي چوٽ تي پوليس جلسي تي ڪڙڪي پئي پر عوامي تحريڪ جا ڪارڪن عوام سان گڏ بيٺا رهيا. پوليس دهشتگردي ڪري اڳواڻن تي ملڪ دشمن بغاوت جو ڪيس داخل ڪري کين جيل موڪليو. انهيءَ ڪيس ۾ محترم رسول بخش پليجو صاحب وڪالت ڪئي ۽ ٽن سالن کان پوءِ بغاوت جو ڪوڙو ڪيس ثابت ٿيو ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد بند نه ٿي. 12/07/2004 تي عوامي تحريڪ طرفان ميرپوربٺورو ضلع ٺٽي ۾ پاڻي ڪانفرنس ڪري سڄي ضلع جي عوام کي گڏ ڪيو ويو. هن ۾ سڄي

ماٹڪ چوٽو جن جو

ضلع کان عوامي تحريڪ جا ڪارڪن ننڍا ننڍا آبادگار هاري ۽ سنڌياٽي تحريڪ، سوين مرد، سوين عورتون قافلن جي صورت ۾ شريڪ ٿيا رسول بخش پليجي صاحب پنهنجي سڃي قيادت هيٺ شريڪ ٿيو "ڪالاباغ ڊيم جا حامي سڀ حرامي" جا نعرا گونجڻ لڳا. 13/07/2004 تي بدين ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا هن ڪانفرنس ۾ پنجابي آبادگار بہ گهٽي تعداد ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف شريڪ ٿيا. بدين ضلع جو اهو ڳوٺ اهو شهر اهو علاقو نہ رهيو جتان ڪالاباغ ڊيم خلاف نعرا هڻندي ماڻهو ڪانفرنس ۾ نہ آيا هجن. پاٽي سيمينار ڪراچي ۾ 12/12/2004 تي ڪيو ويو. جنهن ۾ پاٽي جا جاڻو ٽيڪنوڪريٽ سياستدان ڪراچي شهر جا اديب دانشور محب وطن ماڻهو شريڪ ٿيا جن ڪالاباغ ڊيم جي خلاف دليلن سان ثابت ڪيو تہ ڪالاباغ ڊيم نہ صرف سنڌ دشمن منصوبو آهي پر پاڪستان لاءِ بہ نقصان ڪار آهي. رسول بخش پليجو صاحب جي اڳواڻي هيٺ 01/03/2005 کان 29/03/2005 تائين پيدل لانگ مارچ ڪالاباغ ڊيم نہ گهرجي، سکر، حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، سجاول، ڪٽي کان ڪراچي جو اعلان ٿيو سيني لانگ مارچن جيان هن پيري بہ طريقي ڪار ساڳيو هو جنهن رستي تان لانگ مارچ ڪي ٻئي ڏينهن هلڻو هو. انهيءَ جي هوم ورڪ لاءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جا ٽولا انهيءَ رستي جي ٻنهين پاسن جي ڳوٺن شهرن ۾ لائوڊ اسپيڪرن تي اعلان ڏيندا تہ فلاڻي تائيم کان توهان جي ڳوٺ شهر يا اسٽاپ کان قافلو گذرندو جيڪو ڪالاباغ ڊيم خلاف ڪراچي ويڄي رهيو آهي. توهان سڀ هن قافلي ۾ شريڪ ٿي اهو ثابت ڪندا تہ توهان ڪالاباغ ڊيم جي خلاف آهيو. رستي جي جن اسٽاپن تي قافلي کي ماني کائڻ يا رات رهڻ جو فيصلو هوندو هو انهيءَ لاءِ رستي جي محب وطن سنڌي سرندي وارن ماڻهن سان ملي ڪين ماني کارائڻ رات رهڻ ۽ مارچ ۾ شريڪ ٿي ننڍڙن توڙي وڏن شهرن جي وڏن اسٽاپن جي جلسہ عام ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏيندا هئاسين. سچ پچ تہ هزارين ماڻهن پنهنجا گهر خالي ڪري پينرن کي رهايو مردن لاءِ ديڳيون پٽن جون لاهي قافلي جو آڏر ياءُ ڪيو سڄو ڏينهن صبح کان رات تائين ماڻهو هارين ڀچين استقبال ڪري قافلي سان گڏ مارچ ڪيو سڄي واٽ گلن جي ورکاءُ ڪيو ننڍڙا هار پڳڙا ڪٽي آيا مسڪين ماڻهو ٽڪر جا دلا پاٽي سان پري آيا قافلي جي ماڻهن جو ڪجهہ وقت پاڻ وٽ رهڻ پنهنجي لاءِ سعادت سمجهايائون سکر کان ڪراچي تائين ڪيترا ماڻهو جيڪي ماني کارائي نہ سگهيا انهن روڪڙا پئسا خرچ لاءِ ڏنا. پٽ شاهہ تي پٽ ڏٽي جي گادي نشين هر پيري سنڌي نياڻين کي پٽ ڏٽي تي پوندڙ سوين پڙ سندن مٿي تي وڌا تہ هنن پٽ ڏٽي جي پڙن جون وارث هي سنڌ جون مارويون آهن. جيڪي ننڍا ٻچا ڪٽي پنڌ پيون ڪن. سکر کان ڪراچي تائين هر

ماٹڪ چوٹو جن جو

پيري خيرپور ڪنب، راڻي پور ڪنڊيارو نوشهروفيروز مورو دولت پور قاضي احمد، سڪرنڊ، سعيد آباد، هالا، متياري، حيدرآباد، ٽنڈو محمد خان، شاهه ڪريم، جهوڪ، ٻٽورو سجاول، ٺٽي، گهاڙو گهگهر ڦاٽڪ، گلشن حديد، رزاق آباد، ميمڻ گوٺ، ملير ۾ وڏا جلسا ٿيا پٽ شاهه تي شاهنواز جوٽيجو وڏي قافلي سان قافلي جو آڏر ڀاءُ ڪرڻ آيو ڪالاباغ ڊيم خلاف تقرير ڪئي جنهن ڪري هن تي ڪيس داخل ٿيو پر هي آخر تائين ڪالاباغ ڊيم جي خلاف رهيو. رستي ۾ ڪل پوٽن راهن ابڙن پليجن ۽ سنڌ جي هر ذات سات ڏنو لانگ مارچ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مدد ڪئي. سيني لانگ مارچن ۾ جيڪي ساٿي شروع کان وٺي آخر تائين پيدل هارن ۾چن سميت هليا. تن ۾ بخش علي پنڊ، ماما پيرل پاٽو محمد نواز ڪنڀراٽي، ماما ميرو آفتاب راهوجو ستار گوپانگ، ادي ممتاز نظاماڻي، ماما عارب، سائين وشنومل، ڏاڏا قادر رانتو محمد خان پرڳڙي، سيد عالم شاهه، منظور راهوجو ۽ پارٽي جو ڪو به اهڙو ساٿي نه هوندو جن ڪالاباغ ڊيم جي هر جدوجهد ۾ حصو نه ورتو آهي. محترم رسول بخش پليجو صاحب هر جلسه عام ۾ هر پيٽ کي هر ساٿي ڪارڪن کي نظرياتي طرح حوصلو همٿون ڏنيون هر پيري سڄي پارٽي کي دليلن سان سمجهائيندو هو ته ڪالاباغ ڊيم نه ٺاهڻ ڏينداسين سنڌ کي اٽلائي وجهنداسين. واقعي سڄي سنڌ اج پاڻي جي مسئلي تي گڏ آهي ڪهڙي به پارٽي هجي ڪهڙو به علاقو هجي ڪهڙو به مذهب رکندڙ ماڻهو هجي پر پاڻي جي مسئلي تي سڀ سنڌي ماڻهو هڪ آهن. آخري ڏينهن جڏهن 29 مارچ 2007ع تي ڪراچي پهتاسين ته پليجو صاحب چيو ته اج هنن لکن ماڻهن کي حاڪم علي زرداري ڏسي ته ڏاڍو خوش ٿيندو. آئون سندس بنگلي تي ويس جتي ڪيس آخري جلسه عام ۾ شرڪت لاءِ چيمبر پاڻ چياٿين نه آئون ويل چيئر تي آهيان، ابوبڪر زرداري، مشتاق نظاماڻي ۽ امير بخش زرداري چيو ته بابا هلڻ جهڙو نه آهي. هن حالت ۾ ڪيئن هلندو پر حاڪم زرداري مون ڏانهن نهاريو مون ڪيس چيو سائين پارٽي جو حڪم آهي ته اوهان کي اچڻو آهي بس. اتي چياٿين بابا هي نه ڇڏيندو آئون پاڻ کي ڪٽائي ايندس. واقعي ٻئي ڏينهن پريس ڪلب ڪراچي وٽ پاڻ کي ڪٽائي آيو. جلسي ۾ لکن ماڻهن عورتن جي هڪڙي واڻي ٻڌائين ته"هي شهر ڪنهنجا سنڌين جا" "هي درياهه ڪنهنجو سنڌين جو" "ڊيم جا حامي سڀ حرامي" استيج تي ايترو خوش مون زرداري صاحب کي ڪڏهن ڪو نه ڏٺو آهي. پليجو صاحب کي ڪن ۾ چياٿين آئون گهڻو وقت ويهي نٿو سگهان مون کي موڪل ڏيو. پليجو صاحب کيس پهرين تقرير ڪرائي پاڪر ۾ وڃهي موڪلايو ويندي زرداري صاحب حجت ۾ چيو سيد نيٺ نه رهين مون پوڙهي کي به

ماٹڪ چوٽو جن جو

وٹي آئين. مون چيومانس تہ سائين اوهان بہ تہ مير علي بخش خان جي جڳهہ تي آهيو. توهان کي ڪيئن چڏيندا سين. لانگ مارچ دوران وک وک تي سنڌي ماڻهن جيڪو حوصلو ۽ همٿ ڏني انهيءَ جو ڪو مثال ئي نہ آهي. خيرپورميرس بارڪائونسل ۾ جڏهن دعوت ڏيڻ ويس تڏهن خيرپورميرس جي سيني وڪيلن پليجو صاحب جي هن جُرئت مندائٽي جدوجهد جي ساراهہ ڪئي سڀڪر کان ايندڙ لانگ مارچ جنهن جي پيدل قيادت پليجو صاحب ڪري رهيو هو. انهيءَ جو ٻڌي وڪيل پائرن عهد ڪيو تہ سياڻي پليجو صاحب ۽ سندس ٻهادر ساٿين جو اهڙو استقبال ڪنداسين جو پلي سڄي دنيا ڏسي تہ جيڪو ماڻهو سنڌ لاءِ اهڙي قسم جي جدوجهد ڪري ٿو سنڌ جا وڪيل انهيءَ سان گڏ آهن. رات پليجو صاحب ۽ سندس سوين ساٿي ڏل پوٽن وٽ رهيا صبح جو لانگ مارچ جڏهن روهڙي ڪٽنال وٽ پهتو تڏهن سندس آجيان لاءِ سوين ڪارن ڪوٽن سان وڪيل ۽ سوين خيرپور شهر جا شهري "ڪالاباغ ڊيم نہ ڪپي" جا نعرا هٽلا آيا جڏهن پليجو صاحب سان مليا تہ ٻنهي طرفن کان "سنڌ ڪنهن جي سنڌين جي" "درياهہ ڪنهن جو سنڌين جو" جي نعرن خيرپور شهر کي اڌاري چڏيو. هاڻ قافلو هزارن ۾ هو. جلسہ عام کي پليجو صاحب ۽ بارڪائونسل جي عهديدارن خطاب ڪيو تہ سڄي عوام هٿ مٿي کڻي عهد ڪيو تہ ڪالاباغ ڊيم ناهڻ نہ ڏينداسين. رات خيرپور ۾ رهياسين صبح جو بہ وڪيل ۽ خيرپور جو عوام لطيف يونيورسٽي تائين پهتو جتي سوين شاگرد استقبال لاءِ موجود هئا. اهڙي طرح ملير جي بارڪائونسل بہ فيصلو ڪيو تہ لانگ مارچ جي قافلي جي پرپور آجيان ڪنداسين واقعي ملير پل وٽ سوين وڪيل ڪارن ڪوٽن سان اچي قافلي سان شريڪ ٿيا تڏهن هزارين ماڻهن جي آواز جي گونج ۾ ڪراچي شهر جي رستن تي "ڪراچي ڪنهنجي سنڌين جي" "نہ ڪپي نہ ڪپي ڪالاباغ ڊيم نہ ڪپي" جي نعرن سان ڏوئي صاف ڪري چڏيو هر طرف هزارين بلوچ، پٺاڻ، سرائيڪي، سنڌي محب وطن انسان دوست اردو ڳالهائيندڙ عوام لانگ مارچ سان گڏ هئا. هڪ پيري جڏهن لانگ مارچ کي پٽ شاهہ کان ڪراچي تائين پوليس جي دهشتگردي ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ دوبدو جنگ هئي هڪ طرف لئين آنسو گيس جي گولن جي هوائي فائرنگ هئي ٻئي طرف مرد عورتون هار "ڪالاباغ ڊيم جا حامي سيءِ حرامي" جي نعرن سان جواب ڏئي رهيا هئا ڪراچي جي زيب النسا اسٽريٽ جي شاهي بازار ۾ پوليس جڏهن سوين مردن ۽ عورتن تي ڪڙڪي پئي تڏهن اهو وقت ميدان جنگ هو. پوليس جا سوين وردي پوش دهشتگرد ستار گوپانگ کي گهلي رهيا هئا تڏهن سندس وني سنڌياٽي تحريڪ جي پيٽ ادي مريم گوپانگ ۽ پوليس وچ ۾ دوبدو جنگ هئي پوليس ادي مريم کي چوٽي مان جهلي سندس مڙس سان گڏ گهلڻ جي

ماٹڪ چوٽو جن جو

ڪوشش ڪئي. تڏهن سندن نياڻي سجاڳ ٻار تحريڪ جي اڳواڻ سونهن گوپانگ جنهن جي ڄمار 4 سال هئي اها ٻه لانگ مارچ سان گڏ پيدل اچي رهي هئي جڏهن پوليس واري ادي مريم گوپانگ کي چوٽي کان جهليو ته انهيءَ سونهن پوليس اهلڪار کي ٻانهن ۾ اهڙو ته چڪ وڌو جو سندس هٿ چوٽي مان نڪري ويا ٻئي ماءُ ڏيءَ ستار گوپانگ کي چنبڙي ويون تڏهن پوليس ٽنهين تي لٽين جو وسڪارو ڪيو اهو ڏسي باشعور صحافي پنهنجون ڪميرائون چڏي اچي هن جدوجهد ۾ شريڪ ٿيا پوليس جي لٽين جي پرواهه نه ڪندي هن خاندان جيڪو لانگ مارچ ڪري رهيو هو انهيءَ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن پوليس انهن صحافين کي به معاف نه ڪيو اهو جهيڙو ۽ بربريت ڏسندي زيب النسا اسٽريٽ جا واپاري دوڪان بند ڪري پوليس تي اچي ڪڙڪي پيا اها حالت ڏسي پوليس سونهن ادي مريم ۽ ستار مان هٿ ڪڍيا دنيا جي ڪميرائن جي اک اهو سڄو منظر ناموپريو جنهن کي ڄان انگريزي اخبار جنگ، سنڈي اخبارن بي بي سي اهو منظر بار بار ڏيکاري دنيا کي ڏيکاريو ته هن سائنسي دور ۾ به سنڈي ماڻهن کي پنهنجي حقن گهرڻ تي ڇا ڇا نٿو ڪيو ويجي. انهيءَ ڏينهن سوين ڪارڪنن ۽ پينرون گرفتار ٿيا پر عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن ڪالاباغ ڊيم جي نه ٺاهڻ جي جدوجهد تان هٽ نه ڪنيو. هر پيري سڪر کان ڪراچي ايندي، سڄو رستو هزارين ماڻهن سان هر شهر استاپن تي گلن جي ورڪاءَ سان استقبال لاءِ تيار هوندو هو پر آئون انهيءَ لانگ مارچ دوران غوثيه مدرسه متيارين ۾ ويس جتي سڀ عالم وينا هئا سندن اڳواڻ حافظ بشارت مون کان خبرون ورتيون مون سنڌ جي پاڻي جي چوري ڪالاباغ ڊيم خلاف ايندڙ لانگ مارچ جنهن جي اڳواڻي پليجو صاحب ڪري رهيو هو. انهن جي متياري ۾ آجيان جي دعوت ڏني حافظ صاحب چيو ته هي ڪم انسان ذات جي پلائي جو آهي هي جدوجهد اسلامي آهي هن ۾ هر مسلمان کي وڌي چڙهي شريڪ ٿيڻ گهرجي. اسان هنن هزارين ڪٽابين سميت پليجو صاحب ۽ انهن مرد مجاهدن پائرن پينرن جي آجيان ڪنداسين. صبح جو جڏهن لانگ مارچ قافلو متياري پهتو ته هزارين نندڙا ٻار ڪتابي مدرسه جا سيئي حافظ ۽ حافظ بشارت جي اڳواڻي هيٺ استقبال لاءِ سڌيون قطارون ٺاهي بينل هئا پليجو صاحب جڏهن ٻارن کي گلن جي ورڪاءَ ڪندي ڏٺو تڏهن انهن وٽ ٻيهي رهيو کين خطاب ڪري زبردست داد ڏنو. نندڙن پتڪڙن ٻارن کي ڪٽي ڇميون ڏنيون اهڙي نموني هزارين متيارين جي عوام سان گڏ لانگ مارچ متياري مان روانا ٿيو 23/06/2005 تي گريٽر ٽل ايڪشن ڪميٽي طرفان ڪالاباغ ڊيم خلاف اسلام آباد ۾ واٽر ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي جنهن ۾ پليجو صاحب ۽ گريٽر ٽل ڪينال

ماٹيڪ چوٽو جن جو

ايڪشن ڪميٽي جا ڳوڙ شريڪ ٿيا انهن سان گڏ پاڪستان جا پاٽي جا ماهر تيڪنوڪريٽ ۽ ڏاها ماڻهو شريڪ ٿيا جن اڪثريت سان اهو فيصلو ڪيو ته ڪالاباغ ڊيم نه ٺهڻ گهرجي. 22/12/2005 تي ڪراچي قائداعظم جي مزار کان ڪراچي هاءِ ڪورٽ تائين ريليءَ ڪيڏ ۾ جلسه عام ڪرڻ جو فيصلو گريٽر ٽل ڪينال، ڪالاباغ ڊيم نه ٺاهڻ جي ايڪشن ڪميٽي فيصلو ڪيو جنهن جي قيادت ايڪشن ڪميٽي جي صدر پ پ سيد قائم علي شاهه، رسول بخش پليجو صاحب، ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ٻين قيادت ڪئي جنهن ۾ سڄي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان اتحادي پارٽين جي ڪارڪنن پائرن خاص ڪري سنڌياڻي تحريڪ جي پينرن شرڪت ڪئي انهيءَ ڏينهن ڪراچي ريليءَ ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو هٿا سڄي ڪراچي جام هئي هر طرف سوين گاڏين جي قافلن ۾ ماڻهو شريڪ ٿي رهيا هئا واقعي ڪراچي سنڌين دهشتگردن کان فتح ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪراچي سنڌين جي آهي. ڪالاباغ ڊيم نه ٺاهڻ ۽ ڏينداسين، 18/01/2006 تي هٽڙي ٻاڻ پاس حيدرآباد وٽ ڏرٽو هڙٽ هٽڙي کان پيدل مارچ ڪري سڄي شهر حيدرآباد جو گشت ڪري گاڏي ڪاتي چوڪ وٽ جلسه ڪرڻ جو گريٽر ٽل ڪينال، ڪالاباغ ڊيم ايڪشن ڪميٽي فيصلو ڪيو ته جنهن جي اڳواڻي قائم علي شاهه، رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب جماعت اسلامي ۽ ن ليگ جي اڳواڻن هزارن ماڻهن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي پينرن شريڪ ٿي حيدرآباد جي روڊن تان مارچ ڪري "حيدرآباد ڪنهن جو سنڌين جو" "هي رستا ڪنهن جا سنڌين جا" "هي درياهه ڪنهن جو سنڌين جو" جي نعرن سان سڄي حيدرآباد کي اُٿاري ڇڏيو. 3/2/2006 کان 3/3/2006 تائين عوامي تحريڪ جي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب سڄي آمريڪا جي سيني رياستن جو دورو ڪيو. سڄي آمريڪا جي انسان دوست محب وطن دنيا جي ماڻهن اڳيان سنڌ جي پاڻي جو ڪيس خاص ڪري ڪالاباغ ڊيم خلاف پنهنجو دليلن سان موقف رکيو اهو ثابت ڪيو ته سنڌي ماڻهن جي جدوجهد جي دنيا جا انسان دوست ماڻهو مدد ڪن. اڪثريت پليجو صاحب جي موقف جي حمايت ڪئي ۽ پليجو صاحب کي چيو ته کين هر جدوجهد کان واقف ڪيو وڃي، انهن چيو ته اسان توهان سان گڏ آهيون. پوءِ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ محترم اياز لطيف پليجو تي اها ذميواري رکي ويئي ته سڄي دنيا سان انٽرنيٽ تي رابطو رکي سنڌ اندر هلندڙ هر جدوجهد کان دنيا جي سيني انسان دوست ماڻهن کي سنڌ جي جدوجهد کان واقف ڪندو رهي ۽ سندن حمايت کان سنڌي عوام کي پڻ واقف ڪندو رهي. عوامي پائيچاري سنڌياڻي تحريڪ، هاري تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، سجاڳ ٻار تحريڪ، مزدور تحريڪ، هندوسڌار تحريڪ، سنڌ آبادگار

ماٹڪ چوٽو جن جو

تحريڪ، سنڌي انٽليڪچوئل فورم ۽ سنڌي نوجوان تحريڪ جي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب حيدرآباد ۾ سنڌي اتحاد جي ڪانفرنس ڪوٺائي اهو فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ جي جدوجهد جو هڪڙو هيڊڪوارٽر ٺاهيو ويڃي جتي سڄو سال جدوجهد ڪري آخر ۾ سڄي سنڌ هڪ جڳهه گڏ ٿي جنهن ۾ اتحادي پارٽين جا اڳواڻ سڄي پاڪستان جا ٽيڪنوڪريٽ پاڻي جا ماهر اديب دانشور صحافي شريڪ ٿين هر سال سنڌي قوت کي گڏ ڪري سڄي دنيا کي ڏيکارجي ته سنڌ گڏ آهي، سنڌ سجاڳ آهي، سنڌ پنهنجي ڌرتي جي مالڪ آهي، سنڌ پنهنجي شهرن ڀهراڙين درياهه سمنڊ تيل گيس ڪوئلي جي مالڪ پاڻ آهي. انهيءَ لاءِ سڄي سنڌ جو هيڊ ڪوارٽر شاهه لطيف پٽ ڊٽي جي سر زمين کي مقرر ڪيو ويو جتي هر سال سنڌي قومي ڪانفرنس ڪئي ويڃي. انهيءَ فيصلي کان پوءِ پٽ شاهه تي هر سال قومي ڪانفرنس ٿيندي لڳي. 21/05/2005 تي پٽ شاهه تي پهرين قومي ڪانفرنس ملاکڙا گرائونڊ تي ٿي. 05/03/2006 تي قومي ڪانفرنس ساڳئي ملاکڙا گرائونڊ پٽ شاهه تي ڪئي ويئي. 25/02/2007 تي قومي ڪانفرنس ٽيهر ملاکڙا گرائونڊ پٽ شاهه تي ٿي. هر سال قومي ڪانفرنس ۾ هزارين سنڌياڻي تحريڪ جون پينرون، سجاڳ هار تحريڪ جا هار لکين سيني تنظيمن جا ڪارڪن همدرد هاري آبادگار ۽ محب وطن سنڌي ماڻهو شريڪ ٿيا هر سال سڄي سنڌ کان اتحادي جماعتن جا اڳواڻ سڄي پاڪستان کان سياسي اڳواڻ پاڻي ماهر ٽيڪنوڪريٽ اديب دانشور شريڪ ٿيندا آهن. هر سال سنڌ جي مسئلن سنڌي جي پاڻي جي چوري، ڪالاباغ ڊيم نه ٺاهڻ، گريٽر ٿل ڪينال جو ڪم بند ڪرڻ، چشما تونسا پنجند ڪينالن کي هر سال بي واجبي واهڻ خلاف متفق راءِ سان قرارداد پاس ڪري، سنڌ پاڪستان ۽ سڄي دنيا ڏانهن موڪلڻ، صحافي مهمانن لاءِ ويهڻ جا الڳ بندوبست ڪرڻ، قومي ٽيبلوز ڪري قومي گيت ڳائي لکن ماڻهن جي هجوم کي جهومائڻ، ڪانفرنس جا مکيه ايٽم آهن. هڪ پيري شيماڪرماٽي ۽ سندس گروپ جي ڪلاسيڪل ڊانس سڄي هجوم ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. پٽ شاهه جي تاريخ ۾ پهريڙا ماڻهو قومي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿين ٿا ايترا ڪڏهن ڪنهن سال سالياني ميلي تي نه آيا آهن. پٽ شاهه جي واپارين جو چوڻ آهي ته اسان جو واپار جيترو قومي ڪانفرنس تي ٿئي ٿو اهو ڪنهن ميلي ۾ نه ٿئو ٿئي. ڪالاباغ ڊيم جي ڪاري نانگ خلاف سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي صوبائي اسيمبلين قرادادون پاس ڪيون آهن. 09/12/2005 تي سيني سنڌي اخبارن ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ۾ سرڪاري اشتهار شايع ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو نه صرف اهو پر گڏ ٿي ڪالاباغ ڊيم جي خلاف ايڊيٽوريل

بہ لکيا ويا آهن. عوامي تحريڪ طرفان تاريخي پمفليٽ شايع ڪيا ويا ڪتاب، چوپڙيون لکيون ويون آهن. 2001ع جي لانگ مارچ دوران ڪو بہ قافلي کي ماني ڪارائڻ لاءِ تيار نہ هو تہ اقبال ملاح مڙسي ڪري ايائي هزار لانگ مارچ جي پانڊيئڙن کي رات ترسائي نگر ڪرايو هو. 1986ع کان جڏهن پليجو ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ سنڌ کي پاڻي جو حصو نہ ڏيڻ خلاف رسول بخش پليجو صاحب سنڌ پاڪستان توڙي دنيا جي انسان دوست ماڻهن سان مسلسل ملندو رهيو آهي. وقت بہ وقت پاڪستان ۽ سنڌ اندر جتي سيمنار ڪانفرنسون جلسہ ۽ گڏجاڻيون ٿيون انهن ۾ شريڪ ٿي دليلن سان ڪالاباغ ڊيم کي رد ڪيو آهي، هڪ پيرو پليجو صاحب جي ملاقات اسلام آباد ۾ پرويز مشرف سان ٿي، جنهن ۾ پليجو صاحب ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ اندر تعليم جي تباهي بابت ڪيس رکيو. پرويز مشرف پليجو صاحب جو ڪيس ڪالاباغ ڊيم ۽ پاڻي چوري بابت تفصيلي ٻڌو آخر ۾ چيائين تہ انهيءَ مسئلي تي وڌيڪ توهان سان واپڊا جو چيئرمين حيدرآباد اچي ملندو. جنرل ذوالفقار علي چيئرمين 10/ڊي قاسم آباد حيدرآباد پليجو صاحب جي بنگلي تي ملاقات ڪئي پليجو صاحب ڪالاباغ ڊيم نہ ٺاهڻ جو ڪيس دليلن سان ٻڌايو ۽ سندس لکيل سنڌ جي پاڻي تي ڪتاب ڏنو جنرل صاحب وٽ انهيءَ ڪيس ٻڌڻ کان پوءِ ڪو بہ جواب نہ هو هو اهو چئي ويو تہ وري ٻئي ڀيري ملندس. پليجو صاحب چيس تہ توهان پنهنجا ٽيڪنوڪريٽ وٽي اچو اسان انهن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون پر جنرل ذوالفقار علي صاحب جيئن ويو تيئن وري نہ وريو. واپڊا جي چيئرمين ذوالفقار علي صاحب سنڌ جي سيني هيڊڪوارٽرن ۾ جلسہ ڪري ڪالاباغ ڊيم جي حمايت وٺڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو جنهن پنهنجي دوري جي شروعات بدين کان ڪئي جنرل صاحب جڏهن سرڪٽ هائوس بدين ۾ چند وڏيرن سان ملي حمايت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي انهيءَ ڏينهن سنڌياڻي تحريڪ جون هزارين پينرون پوليس جون روڪاوٽون ٽوڙي شهر مان نعرا هٽندي بدين سرڪٽ هائوس ڏانهن روانيون ٿيون تڏهن هزارين ماڻهون هنن سان گڏجي ويا سڄي سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم جي خلاف نعرا هڻا اها خبر ٻڌي جنرل ذوالفقار علي اڌ ۾ ميٽنگ ڇڏي هليو ويو چاڪاڻ جو هن کي ٻڌايو ويو تہ توهان هتي ڪلاڪ بہ رهيا تہ جنرل صاحب اها صورتحال ڏسي حمايت وٺڻ جو ارادو لاهي سنڌ ۾ ڪٿي بہ نہ ويو. هڪ پيرو جنرل مشرف ڪالاباغ ڊيم جي حمايت لاءِ ضلع دادو ۾ جلسو رکيو جتي ضلع جا چند وڏيرا گهُرايا ويا پر جوهي، ڪاڇو ڪوهستان ۽ دادو ضلع جا هزارين ماڻهن شيهن رند هاري ڪميٽي جي اڳواڻي هيٺ جلسہ گاهہ ڏانهن روانا تيا ماڻهن جا هجوم ڪالاباغ ڊيم خلاف ڪاوڙ ۾ نعرا ڏسي پرويز مشرف صاحب هليڪاپٽر ۾ چڙهي هليو ويو. مشرف صاحب حيدرآباد ۾ چند ماڻهن سان

ماڻڪ چوٽو جن جو

گڏجاڻي ڪئي اُتي بہ اڪثريت ڪالاباغ ڊيم خلاف ڏسي هليو ويو. انهيءَ وقت جي صدر جنرل پرويز مشرف صاحب پاڪستان جي سيني ميڊيا چئنلن جي چينلن تان اعلان ڪيو تہ ڪالاباغ ڊيم مان ڪيترا فائدا آهن؟ انهيءَ لاءِ آئون سيني سياسي اڳواڻن ۽ پاڻي جي ماهرن کي چئلينج ٿو ڪريان تہ جڏهن چاهين تہ ڪُليل طرح ميڊيا جي سيني چينلن تي مذاڪري لاءِ اچن، مون سان دليل ڏئي ڳالهائين، انهيءَ مذا ڪري ۾ جي مون کي هارائي ويا تہ آئون ڪالاباغ ڊيم ناهڻ تان هٿ کڻندس پر جي انهيءَ مذا ڪري ۾ مون سيني کي دليلن سان ماٺ ڪرائي تہ سڀ منهنجي ڪُليل مدد ڪندا. انهيءَ اعلان کي پاڪستان جي سيني اخبارن ۾ بہ وڏين سُرخين سان ڇاپيو ويو. پرويز مشرف جي انهيءَ اعلان تي پاڪستان جي سياسي پارٽين سماجي اڳواڻن ۽ پاڻي جي ماهرن مان ڪنهن بہ چئلينج قبول نہ ڪيو. پر فقط عوامي تحريڪ جي قائد محترم رسول بخش پليجو صدر پاڪستان پرويز مشرف جو ڪالاباغ ڊيم بابت ڏنل چئلينج پريس ڪانفرنس ڪري قبول ڪيو ۽ ڪيس اها بہ دعوت ڏني تہ صدر مشرف صاحب پلي پاڻ سان گڏ سندس پاڻي ماهر ٽيڪنوڪريٽ، سڄي ميڊيا ۽ اخبارن جا نمائندا ۽ انهن سان گڏ دنيا جا پاڻي ماهر بہ گهرائي ويهاري پوءِ آئون بہ ساڻس ڪالاباغ ڊيم جي ناهڻ جي نقصانن تي دليل ڏئي ثابت ڪندس تہ ڪالاباغ ڊيم ڪيترو نقصانڪار آهي. پوءِ پلي سڄي دنيا ڏسي. پرويز مشرف صاحب هارايو تہ ڪالاباغ ڊيم تہ نہ ٺهندو پر 150 سالن جي پاڻي چوري ۽ سنڌ سان ڪيل فراڊ جو حساب بہ پري ڏيندو. پليجو صاحب جي انهيءَ چئلينج کان پوءِ پرويز مشرف سندس ڏنل چئلينج تان هٿ کڻي ويو. هڪ پيرو صحافين ڪيس سندس چئلينج جي يادگيري ڏيندي پڇيو تہ پليجو صاحب توهان جي ڏنل ڪالاباغ ڊيم جي ڏنل چئلينج کي قبول ڪيو آهي، هاڻ توهان ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿا اهو مذاڪرو ڪرايو. انهيءَ تي لهرائيندي چيائين تہ رسول بخش پليجو جوشيلو ماڻهو آهي، هن سان ڪنهن بحث يا مذاڪري جي ضرورت نہ آهي. انهن حالتن ۾ عوام جي پريشر هيٺ اڄ 26/05/2008 تي پ پ پ حڪومت طرفان ڪالاباغ ڊيم کي سدائين لاءِ ختم ڪرڻ جو اعلان ٻڌوسين. تڏهن محمد خان پرڳڙي چيو تہ ڪالاباغ جي جدوجهد تاريخي لکجي. پليجو صاحب حڪم ڏنو تہ عالم شاهہ لک مون قلم تہ ڪنيو پر هر روز ننڍين وڏن شهرن ڳوٺن ۽ گهٽين ۾ ٽيندڙ بک هڙتالون مظاهرا ريليون جلسا لانگ مارچون 1986ع کان 21/05/2008 تائين جيڪي ٿيون آهن اهي تہ ڪتاب ٿيندا مون فقط وڏين جدوجهد جو ذڪر ڪيو آهي.

چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري
جي بحالي جي تحريڪ ۾ عوامي تحريڪ جو ڪردار

مون کي اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن آئون پليجو صاحب سان ڪوئٽا ايئرپورٽ جي لائونج ۾ ويٺو هوس، اتي بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري بلوچستان هاءِ ڪورٽ مان پروموشن وٺي سپريم ڪورٽ ۾ جوائين ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو تہ پليجو صاحب نواب خير بخش خان جي ڪيس هلائڻ لاءِ ڪوئٽہ ويندو رهندو هو. قائد محترم پليجو صاحب کيس ملڻ تي مبارڪ ڏيندي چيو تہ چوڌري صاحب آئون توهان کي سپريم ڪورٽ جي جج مقرر ٿيڻ مبارڪ نٿو ڏيان پر آئون مبارڪباد ڏيان ٿو انهيءَ ڪري تہ توهان بلوچستان ۾ رهي بلوچ عوام کي اهڙو انصاف ڏنو آهي جو بلوچ عوام توهان جي وڃڻ تي خوش نہ آهي. پر بلوچ عوام جو ٻچو ٻچو توهان جي وڃڻ تي روئي رهيو آهي. بلوچستان جي ماڻهن جي اها محبت توهان سان ڏسي آئون توهان کي مبارڪون ٿو ڏيان.

انهيءَ تي جسٽس افتخار محمد چوڌري پليجو صاحب کي پاڪر پائي چيو تہ پليجو صاحب هن کان اڳ منهنجي زندگي ۾ مون کي ايڏو وڏو ڪريڊٽ ڪنهن بہ نہ ڏنو آهي.

پليجو صاحب پنهنجائپ سان پاڪر پائي هدايت ڪئي تہ افتخار محمد چوڌري صاحب توهان جي ڳلهن تي وڏي ذميواري آهي تہ توهان پاڪستان جي خاص ڪري بلوچ، سنڌي، پختون، مظلوم قومن جي غريب مسڪين ماڻهن جن سان ظلم ۽ ناانصافيون ٿين پيون جن مظلوم ماڻهن جو ڪير بہ ڌڻي نٿو ٿئي تہ انهن ماڻهن جو توهان کي ڌڻي ٿيڻو آهي. جنهن تي جسٽس افتخار محمد چوڌري چيو تہ پليجو صاحب انشاءَالله توهان جي هدايت تي عمل ٿيندو توهان کي ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪندس، آئون پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪندو رهندس ۽ پوءِ سڄي دنيا ڏٺو چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري پاڪستان جي 16 ڪروڙ عوام جي حق پرست انصاف پسند جمهوريت پسند ۽ مظلوم ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪن آهي. انهيءَ جي ڏوهہ ۾ ملڪ جي آمر جابر جنرل پرويز مشرف 02/03/2007 تي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي لاهي ڇڏيو. 10 مارچ 2007 تي پليجو صاحب پنهنجي ساٿين سميت سيني کان پهرين چيف

ماڻڪ چوٽو جن جڏو

جسٽس افتخار محمد چوڌري جي بحالي لاءِ پريس ڪلب حيدرآباد اڳيان پرويز مشرف جي انهيءَ غير قانوني قدم خلاف سپريم ڪورٽ جي هڪڙي وڪيل طور بک هڙتال ڪئي. جيڪو احتجاج هلندي هلندي سڄي ملڪ جي وڪيلن سول سوسائٽي جي ماڻهن ۽ سياسي پارٽين جي ماڻهن ۽ پاڪستان جي 16 ڪروڙ عوام جي تحريڪ بڻجي وئي.

انهيءَ جدوجهد دوران چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري حيدرآباد آيو جتي بار کي خطاب دوران عوامي تحريڪ جي نوجوان وڪيل ايياز لطيف پليجو صاحب جڏهن ساٿس پنهنجو تعارف ڪرايو تہ چيف جسٽس صاحب هن کي پاڪر پائي چيو تہ ايياز لطيف صاحب توهان پنهنجي بابا محترم رسول بخش پيلجو کي چئجو تہ توهان سان ڪوئٽا ايئرپورٽ تي ڪيل واعدو ياد آهي انشاءَالله انهيءَ تي پابند آهيان ۽ زندگي جي آخري گهڙين تائين پابند رهندس.

چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ٻيا تہ ڪيترا سوموٽو وٺي ڪري مظلوم ۽ مسڪين ماڻهن کي انصاف ڏنا پر خاص ڪري هن اسٽيل مِل کي بچڻ جي مٽ تي وڪڙ کان روڪي، بچائي ورتو ۽ قوم جي اربين رپيہ جي ملڪيت ڏاڙيلن ۽ ڦورن کان بچائي ورتي.

جنهن سان اسٽيل مِل جا هزارين مزدور ۽ سوين خاندان فاقا ڪشي ڪرڻ کان بچي ويا ائين جيئن "ايس آر ٽي سي" جا سوين ملازم خودڪشيون ڪري رهيا آهن. افتخار محمد چوڌري جي بحالي واري جدوجهد ۾ وڪيلن سان گڏ اسٽيل مِل جا هزارين مزدور هن جدوجهد جو حصو رهيا آهن.

جيڪب آباد ضلع جي معصوم بنگلاٽي چوڪرين کي جڏهن سردارن جرڳا ڪري ڏنڊ طور سگ چٽي ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو تڏهن چيف جسٽس سوموٽو جو اختيار استعمال ڪري انهن سردارن کي اسلام آباد سپريم ڪورٽ ۾ گهرائي معصوم نياڻين کي ظالمن جي ظلمن کان بچائي ورتو. انهن معصوم نياڻين کي قانوني طرح انصاف ڏنو.

منو پيل هاري جي خاندان کي قيد ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ سنڌ جي هڪ وڏي گادي نشين جي خاص ماڻهو وڏيري عبدالرحمن مري خلاف سوموٽو ايڪشن وٺي وڏيري عبدالرحمن مري کي سپريم ڪورٽ جي ڪٺهڙي ۾ جوابدار طور پيهاري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ قانون قانون آهي تہ پوءِ اهو غريب هجي يا ڇو تہ وڏو

تنوگر هجي سردار هجي گادي نشين هجي قانون سپني لاءِ هڪ آهي.

ائين مظلوم عورتون جيڪي روز ڪاريون ڪري شهيد ڪيو وڃن ٿيون يا اهي پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ پنهنجو همسفر چونڊين ٿيون انهن کي زبردستي ڪوڙين رسمن جو سهارو وٺي شاديون ڪرائين ٿا. انهن خلاف سوموٽو ايڪشن وٺي انهن نياڻين کي پنهنجي مرضي سان زندگي گذارڻ جو حق ڏئي کين قانوني تحفظ ڏئي انصاف ڏنو. اڄ آمريڪا جنهن جي حڪم کانسواءِ ڪڪ به نه ٽو چري جنهن جي اشارن تي نچڻ وارا جيڪڏهن ٽورو به ٿا چرن ته شهنشاهه ايران، جنرل ايوب خان ۽ جنرل يحيٰ ۽ جنرل ضياءَ الحق جهڙا جابر به اُڏاميو وڃن اهڙي وحشي انسان دشمن سامراج جي اشارن تي سڄي دنيا مان هزارين بي گناهه ماڻهو کي غير قانوني غير اخلاقي طرح پنهنجي ملڪن مان کڻي گوانتامو ۽ بين وحشيت ناڪ جيلن ۾ وجهي کين ٽارچر ۽ اذيتون عذاب ڏئي قتل ڪري ڇڏين. چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري پنهنجي ملڪ جي قانون مطابق ايڪشن وٺي اهو حڪم جاري ڪيو ته سڄي ملڪ مان 450 ماڻهو گم آهن. انهن کي ظاهر ڪيو وڃي ملڪ جي قانون مطابق ملڪي ڪورٽن ۾ ڪيس هلائي انصاف ڏنو وڃي، اهو ڪنهن کي به قانوني حق نه آهي ته ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن ٻئي ملڪ حوالي ڪيو وڃي.

ملڪ جي وڏين پارٽين جي ٻن سياسي اڳواڻن جهڙوڪ بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف کي پنهنجي پاڪستان اندر نه اچڻ ڏيڻ غير قانوني آهي، جسٽس افتخار محمد چوڌري ٻنهي اڳواڻن کي ملڪ ۾ اچڻ جو فيصلو ڏئي کين اهو انصاف ڏنو ته هي جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ چاهين ٿا ته اچي رهي سگهن ٿا. آئون پارٽي جي حڪم مطابق عوامي رابطي جي مهم تحت تي مهينا جيڪب آباد، ڪشمور شڪارپور لاڙڪاڻي ۽ سکر رهيس جتي مون سان گڏ شهيد محمد نواز ڪنراڻي، حسين علي ٻيڙ، اورنگزيب باڇڪاڻي، ديدار ڪنراڻي، اصغر ملڪ، رفيق نوناري ۽ روشن ڪنراڻي جن گڏ هئا. انهن ڳوٺن ۾ وڃي رهيس جتي قبيلاڻي جهيڙا ڪرائي علاقي کي تباهه ڪيو آهي مثلاً: اهي راڄ جهڙوڪ ٻيڙ بنگلاڻي، جڪراڻي، ڪنراڻي، اوڍاهي، تيغاڻي، پورا ۽ چاچڙ آهن جن جي ڳوٺن مٿان رات ڏينهن ڪلاشنڪوفن راڪيٽ لائونچرن ۽ بين هٿيارن سان گولا بارود پيا ڪن. مون انهن ڳوٺاڻن کان پڇيو ته هنن پيانڪ حالتن ۾ ڪيئن ٿا رهو؟ هنن جواب ڏنو ته اسان پنهنجا لاش ٻ ٽڪا ڏيکي سگهون. اسان کابه شادي مرادي نٿا ڪري

سگهون. اسان پنهنجا پار بہ پڑهائي نٿا سگهون. اسان بيماري سيماري جو علاج بہ نٿا ڪرائي سگهون. اسان شهرن مان سيڌهو سامان بہ نٿا وٺي سگهون. اسان تہ روز پنهنجا ماڻهو پيا ڳڻيون تہ هاڻ ڪيترا قتل ٿيا. هاڻ اسان کي دشمن جا گهٽا ماڻهو ماري انگ پورو ڪرڻو آهي. مون کائنس پڇيو تہ توهان کي ايترا خطرناڪ هٿيار ڪٿا ٿا ملن. هنن چيو تہ اسان ٻنهي ڌرين کي ايترا لکين روپين جا اهڙا خطرناڪ هٿيار گهر ويني ڪيئن ٿا ملن انهن جي اسان کي بہ خبر نہ آهي اسان وٽ تہ ڪائڙ لاءِ بہ پئسو نہ آهي سي هي لکن جا هٿيار ڪٿا ٿا خريد ڪري سگهون اسان مجبور آهيون. ڳوٺ کان ٻاهر ٿا نڪرون تہ پوليس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڪوڙا مقابلا ڄاڻائي ماري ڇڏيندي. سردارن وٽ ٿا وڃون تہ سندن امين سندن شاهد ويهاري جرڳن ۾ فيصلا ڪري اسان ٻنهين ڌرين جا مال متاع و ڪٽائي لکين روپيہ ڏنڊ مڙهي پاڻ کائي ويندا آهن باقي بچيل پئسا پوليس ڦري ويندي آهي. اسان هٿن خالي پنهنجا ڳوٺ ساڙيو پنهنجا ڪوندر کهايو ٻچا مارايون سالن جا سال هنن جرڳن جي حوالي آهيون. اسان کي تہ ڪٽي بہ انصاف نٿو ملي.

مون انهيءَ صورتحال ۾ ماڻهن جي حقيقت کان اسان جي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب کي آگاهہ ڪيو تہ ماڻهو جانورن واري زندگي کان بيزار آهن. ماڻهن کي اهي هٿيار نہ ملن ماڻهن کي پوليس طرفان مڙهيل ڪوڙا ڪيس ختم ٿين سردارن ۽ سندن جرڳن مان هنن جي جان آجي ٿئي تہ هي جهيڙا پاڻ مرادو ختم ٿي ويندا. اُتر سنڌ مان لاقانونيت. بدامني. اغوا. ڦرون ۽ ڌارا گهٽجي ويندا. سردارن ۽ قبيلائيت کي وڏو ڌڪ لڳندو. پليجو صاحب اسلام آباد ويو جتي ايڊووڪيٽ چوڌري اڪرام کي سڄي مسئلي کان واقف ڪيو ۽ ساٽس صلاح مصلحت ڪئي. پنهنجي پاڻ وٽ فيصلو ڪيو ويو تہ پوليس وٽ ڪيل ڪوڙن ڪيسن جي فهرست. رپورٽن جا نقل وٺجن پوءِ ڪيس ٺاهي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري وٽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ داخل ڪجي جنهن ۾ اهو ڏيکارجي تہ ڳوٺن ۾ اهي ڳرا هٿيار ڪٿان ۽ ڪيئن ٿا وڃن؟ پوليس مسڪين ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس چو داخل ڪيا آهن. سردار غير قانوني جرڳا ڪري راڄن جا لکين روپيا چو ٿا ڪائين. انهن سيني مسئلن جي سپريم ڪورٽ طرفان جانچ ٿئي ۽ ڏوهاري هٽ ڪري کين سزائن ڏنيون وڃن. ماڻهن کي قانون مطابق انصاف ملي تہ قبائلي جهيڙا ختم ٿي سگهن ٿا.

ماڻڪ چوٽو جن جو

انهيءَ لاءِ پوليس ٽان تان 400 فريادن جي فهرست رپورٽن جا نقل هٿ ڪيا، پليجو صاحب ڪيس ڪاهڻ لاءِ اسلام آباد ايڊووڪيٽ چوڌري اڪرام سان ملي سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ وارو هو تہ چيف جسٽس افتخار محمد کي ڊڪٽيٽر پرويز مشرف غير آئيني طريقي سان لاهي چڏيو ۽ سنڌ جو هي اهم مسئلو اڏورو رهجي ويو. محترم رسول بخش پليجو صاحب صدر پاڪستان پرويز مشرف طرفان 9 مارچ 2007 تي آرمي هائوس اندر غير قانوني طرح سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي پاڻ وٽ گهرائي زبردستي استعفيٰ ونڻ کيس نظر بند ڪرڻ واري ناجائز عمل خلاف ڪنٽيمپٽ آف سپريم ڪورٽ جو ڪيس داخل ڪيو جو ايڃا سپريم ڪورٽ ۾ موجود آهي ايڃا اهو هليو ئي ڪو نہ تہ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي 3 نومبر 2008 تي هڪ دفعو وري بہ زوري لاٿو ويو. مٿين سببن جي ڪري هڪ طرف آمريڪا کي ڪاوڙ تہ مون وٽ قيد ٽيل غير قانوني پاڪستانين کي گهرائڻ جو فيصلو چو ڪيو. ٻيو تہ ڊڪٽيٽر پرويز مشرف کي تڪليف ٿي تہ منهنجا غير آئيني قانوني حڪم چو نہ مڃيا ويا. سندس دلالن، دهشتگرن، سردارن، پيرن، وڏيرن ۽ ڪامورن جي خلاف فيصلا ڪري ڪين انعام ڏنو وڃي ٿو. سردارن جاگيردارن کي تڪليف ٿي تہ اسان کي غير قانوني جرڳن کان روڪي اسان جا لکين روپيہ ڏنڊ جا چو ٿا پوڙايا وڃن. هن سائنسي دور ۾ معصوم نياڻين کي ڪارو ڪاري ڪري شهيد ڪرڻ معصوم نياڻين کي سگ چٽين ۾ ڏيئي ماڻهن کي وڙهائي غلام رکي حڪومت ڪرڻ کان چو ٿو روڪيو وڃي. ماڻهو غلامي کان جان چڏائي آزادي طرف چو وڌي رهيا آهن ملڪ ۾ ذاتي قانون بدران انصاف ۽ حق جي ڳالهہ طاقتور چو ٿي رهي آهي پوليس ۽ ڪرپٽ ڪامورن کي قانون جي تابع چو پيو ڪيو وڃي.

ڪرپٽ ڪامورن کي تڪليف ٿي تہ اسان هميشہ رشوتون ونڻ کورٽن جي فيصلن کي اهميت نہ ڏني آهي. اسان هميشہ انهن وڏيرکي معاشري جو حصو بڻجي قانون بدران وڏيرکي معاشري کي طاقتور بڻايو آهي. اسان هميشہ ماڻهن جا هڏ گڏ پيڃيٰ کين عذاب ڏيئي هميشہ پنهنجون من مانيون ڪيون آهن. انهن مسڪين اڻوجهہ بي وس اڻڄاڻ ماڻهن کي انصاف ڏيڻ لاءِ سوموٽو ايڪشن کڻي اسان کي سپريم ڪورٽ جي ڪٺهڙي ۾ بيهاري عوام کي چو ٿو انصاف ڏنو وڃي.

دهشتگردن کي اها تڪليف ٿي تہ 1987ع کان اڄ تائين اسان سوين سنڌين کي قتل ڪيو هزارين سنڌين کي دربدر ڪيو ڪيترن سنڌين کي قتل

ماٹڪ چوٽو جن جو

ڪري ڳترا ڳترا ڪري لاشن کي هورين ۾ بند ڪري ڦهراڙين ۾ موڪليو ويو. اسان جي سنڌي عورتن جون بي عزتيون ڪيون انهن جا اڃا وڌيڪ عضون تي ٽپا هڻي ٻئنڪون ڦري فيڪٽريون ساڙي دهشت ۽ سنڊن وحشت سڄي ڪراچيءَ کي يرغمال ڪيو آهي. هر ايندڙ حڪومت کي بيوقوف ڪري پنهنجي هيڊڪوارٽرن تي گهرائي توپيون لهرائي پاڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمہ بينظير جهڙا لقب ونڊي حڪومت ۾ شامل ٿي پاڻ تان سوين ڪيس ختم ڪرائي گورنر، وزير ۽ ميمبر ٻڌجي ساڳيا جلوا ڪندا رهيا آهيون ايتري تائين جو بينظير جي اچڻ تي اسٽريٽ لائٽون بہ بند ڪرايو آهن وڪيلن کي زنده ساڙيو آهي، فونن تي خطاب ڪري ريليون ڪڍي مبارڪون مبارڪون جا پيغام ورتا آهن. دهشتگردن خلاف جيڪو ڳالهائي ٿو تہ انهن کي رستي هلندي ماري پورو ڪري ڇڏين ٿا. جهڙوڪ، عبدالله شاهہ جي ياءُ کي مارائڻ، حڪيم سعيد احمد کي مارائڻ جا مثال موجود آهن. سنڌي ماٺهن کي ڪراچيءَ اندر تعليم ڏيڻ تي پابندي وجهڻ، ڪروڙين روپيہ جون لڪين ايڪڙ زمينون پنهنجي نالي ڪرائڻ، پنهنجا ڳوٺ پڪا ڪرائڻ، سنڌين جي 12 سئو ڳوٺن کي انهن حالت ۾ رکي اربين روپين جا ڏاڙا هڻڻ، پنهنجي مرضي جون منسٽريون ونڊي سنڌي وڏيرن کي پنهنجي آڏرين تي نچائڻ، سڄي سنڌ کي پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ، هاڻ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري بحال ٿيو تہ هن بلوچستان ۾ بلوچ عوام کي سندن جيئڻ لاءِ انصاف ڏنو. متان سنڌي ماٺهن کي بہ انصاف ملي وڃي سنڌي ماٺهو سجاڳ ٿين پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي سياست پاڻ ڪندا تہ پوءِ هي دهشتگرد ڪيڏانهن ويندا، انهيءَ ئي خوف ۾ هي شروع کان ئي چيف جسٽس جي بحالي جي خلاف آهن.

پرويز مشرف انهن سيني سببن جي ڪري چيف جسٽس کي بحال نہ ڪيو جنهن ڪري ججن جي بحالي جي جدوجهد هلي وڪيلن سان گڏ سول سوسائٽي ق ليگ کي ڇڏي باقي پ پ پ، ن ليگ، اي اين پي، جمعيت، جماعت اسلامي عمران خان عوامي تحريڪ ملڪ جون ننڍيون وڏيون سياسي سماجي، واپاري، هاري، مزدور سنڌياڻي تحريڪ، شاگرد، پار هن تحريڪ ۾ شريڪ ٿيا، هنن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ جمهوريت آئي. جنهن حڪومت ناهي انهيءَ پارٽي جي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چيف جسٽس جي گهر وڃي ڪيس پنهنجو چيف جسٽس ميجيو سندس گهر تي سپريم ڪورٽ جو جهنڊو چاڙهڻ جو واعدو

ڪيو انهيءَ جي پارٽي اقتدار ۾ اچي پرويز مشرف جنهن کي عوام ٽوڪاري ڇڏيو هو تنهن کي ساڳي جمهوري حڪومت گارڊ آف آنر ڏيئي روانو ڪيو. ساڳيا مشرف وارا عوام دشمن قانون برقرار رکيا. اسان جو قائد محترم رسول بخش پليجو پنهنجي پارٽي عوامي تحريڪ ۽ سنڌي ماڻهن جي قيادت ڪندي جلسن، ليڪچرن، سيمينارن، انٽرويوز ڏينديِ هميشہ اهو واضح لفظن ۾ چوندو رهيو آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ تائين فقط قائداعظم محمد علي جناح هو جنهن سڃي هندوستان اندر انگريزن کان سمجهہ بهادري سان طرفي سڃ رکندي شڪست ڏئي پاڪستان ورتو. هن انگريزن سان گڏوگڏ هندن جي قيادت جي ڦيرن گهيرين کي سمجهندي کين شڪست ڏني ۽ ڪامياب ٿيو پاڪستان ٺهڻ سان سامراج قائداعظم محمد علي جناح کي پنهنجي اڳيان رڪاوٽ سمجهي مارائي ڇڏيو. قائد اعظم محمد علي جناح کا پوءِ اڄ تائين جيڪي بہ حڪومتون آيون، اهي سامراج جي اشارن تي هليون، جنهن بہ حڪمران سامراجي طاقتن جي حڪم جي ٿوري بہ پڇڪڙي ڪئي تہ انهيءَ حڪمران کي پنهنجي ئي ايجنسين طرفان مارائي ڇڏيو يا جيئن ايوب خان جڏهن آمريڪا کي پشاور جو هوائي اڈو خالي ڪرايو تہ ڪيس ڪتو ڪتو ڪري ڪڍي ڇڏيو.

جنرل يحيٰ خان کان مشرقي پاڪستان ٽوڙائي، لکين بنگالي قتل ڪرائي، هزارين گهر ۽ خاندان تباهہ ڪري، هزارين بنگالي عورتن جون عصمتون لٽي، هزارين ٻارن کي ماري، پاڪستان جي فوج کي هندوستان جي فوج وٽ قيد ڪرائي، بيڙو ڪري، ڪڍي ڇڏيائونس. مرحوم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان سرحد بلوچستان اسمبليون ٽوڙائي، بلوچن تي فوجي چڙهايون ڪرائي، مير علي بخش خان جهڙي سنڌي ماڻهو کي فوجي ڇاوڻين ۾ ٽارچر ڏئي، ٽيومر جي مرض ۾ مبتلا ڪرائي، ماري ڇڏيو. حيدرآباد سازش ڪيس ٺهرائي، بلوچ، پٺاڻ ۽ سنڌي اڳواڻن کي گرفتار ڪري، رسالا سهڻي ۽ تحريڪ بند ڪرائي، سنڌي شاعرن، اديبن، شاگردن، سياسي ڪارڪنن کي جيلن ۾ بند ڪرائي، ڀٽي صاحب کي بلوچن ۽ پٺاڻن سان وڙهائي، اڪيلو ڪري، ڇڏيو ڀٽي صاحب جو فقط ايترو ڏوهہ هو جو هن پاڪستان کي ائٽمي طاقت بڻائڻ لاءِ مسلمان ملڪن کي لاهور ۾ گڏ ڪري، مسلمان ملڪن جي طاقت ڏيکارڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس ڪوڙي ڪيس ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو. جنرل ضياءَ الحق کان روس خلاف پاڪستان کي استعمال ڪرايو ويو. تڏهن هي سامراجي طاقتن جي اکين جو تارو هو. روس خلاف وڙهندڙ سڀ

ماٹڪ چوٽو جن جو

مسلمان جي اڄ دهشتگرد آهن، سي انهيءَ وقت جا سپ مجاهد هئا. جڏهن ڪمر پورو ٽيو تہ سندس جهاز ۾ پنهنجي ٽي سفيرن سان مارائي ڇڏيائونس اهڙي نموني بينظير کان ذوالفقار علي ڀٽو ميرمرتضيٰ ڀٽو جا قتل ٻوڙائي، هلائي هلائي ڪوڙا واعده ڪري، ڪُرسي جا ڏُتا ڏئي، ملڪ اندر گهرائي، دوکو فريب ۽ مڪاري ڪري، قتل ڪرائي ڇڏيائونس.

آمريڪا ۽ سندس اتحادي قوتون هميشہ دنيا جي هر ملڪ ۾ هر اڳواڻ کي استعمال ڪري مارائي ڇڏيندا آهن. پليجي صاحب جو چوڻ آهي تہ پاڪستان اندر قائداعظم محمد علي جناح کان پوءِ فقط چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري پهريون ماڻهو آهي جيڪو سامراجي طاقتن ۽ سندن ملڪي چاڙڻن جي ڏڙڪي ۾ نہ آيو. پر هنن جي هر سازش جو مقابلو ڪيو پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهي بہ هنن جو چوڻ نہ ڪيو ۽ غلط فيصلا نہ ڪيا ۽ هن هزارين سالن جي ريتن ۽ رسمن جي ناهيل جرڳن دهشتگردين خلاف فيصلا ڏئي، مسڪين عورتن، ٻارن، هارين، پورهيتن کي انصاف ڏنو آهي ۽ انصاف جي اميد جو حوصلو ۽ همٿ ڏني آهي. قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب جو چوڻ آهي تہ هي دنيا جي تاريخ ۾ پهريون چيف جسٽس آهي، جنهن لاءِ ملڪ جي ماڻهن ۾ ڪراچيءَ کان خيبر تائين، ڪيڻي بندر کان ڪوئٽہ تائين ماڻهن جي دلين ۾ محبت ۽ عزت احترام آهي. ملڪ جي ماڻهن هن جي بحالي جي جدوجهد ۾ وڪيلن سان گڏجي سندن اڳواڻي ۾ لڳاتار بہ سال عظيم الشان قانوني انساني اخلاقي جمهوري جدوجهد ڪئي آهي، جيڪا 16 مارچ 2009 تائين سندس بحالي سان ڪامياب پڻ ٿي آهي.

محترم رسول بخش پليجو صاحب جي قيادت ۾ عوامي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، هاري ڀار ۽ سنڌياڻي تحريڪ جون پينرون، اسلام آباد سپريم ڪورٽ اڳيان وڃي، چيف جسٽس جي گاڏي تي عوامي تحريڪ جو جهنڊو لهرايو. گاڏي هلندي چيف جسٽس محمد افتخار چوڌري کي چيو تہ چيف جسٽس صاحب سنڌ جو ٻچو ٻچو اوهان سان گڏ آهي. سنڌياڻي تحريڪ جو پينرون سپريم ڪورٽ جي اندر گهڙي، عوامي تحريڪ جو جهنڊو ڦڙڪايو انهن پينرن ۾ ادي زاهده شيخ، ادي نظير قريشي، ادي حسينہ تالپر، ادي عمرا سمون، ادي ثمرين ڪنراڻي، ادي زرينہ ڪنراڻي، ادي شبنم چانڊيو ۽ ٻيون ڪيترين پينرون هيون.

جن پائرن چيف جسٽس جي گاڏي کي چمبڙي قائد محترم رسول بخش

ماٹڪ چوٽو جن جو

پليجو صاحب جو پيغام ڏنو ۽ سندس گاڏي تي عوامي تحريڪ جو جھنڊو ڦڙڪايو اهي ساٿي نظير راڄپر، رياض پيچوهو ارباب جنجهڙ، عبدالرحمان ڏاهري ۽ ٻيا پاڻ هئا.

عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ سنڌياٽي تحريڪ جون پينرن هر پيري پوليس جون لٺيون، آنسو گيس جيل جون ڪال ڪوٺڙيون سهي، پيدل مارچون ڪري، هنن انصاف جي بحالي لاءِ ويڙهه ۾ سوپارو ٽي ڏيکاريو.

چيف جسٽس افتخار چوڌري جي بحالي جي جودجهد ۾ وڪيلن طرفان ڪراچيءَ کان اسلام آباد تائين لانگ مارچ دوران سنڌياٽي تحريڪ جون پينرون جن ۾ ادي زاهده شيخ، ادي حسينہ ٽالپر، ادي نظير قريشي، ادي عمره سمون، ادي زرينہ ڪنراٽي ۽ ٻين پينرن شرڪت ڪئي، پاڻرن ۾ محترم عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري عبدالحڪيم هالپوتو سينئر ساٿي گل حسن ڪيڙانو روشن برهماٽي، عبدالحئي پٽو انور رند، مٺو لاشاري، ارباب جنجهڙ، ايار چانڊيو نظير راڄپر، مظهر راهوجو رشيد سڌايو ۽ ٻيا شريڪ هئا.

لانگ ماچ دوران پينرن ۽ پاڻرن جون الڳ الڳ بسون هيون. سنڌ جي هر شهر ڪراچيءَ کان اوباوڙو تائين لانگ مارچ جو استقبال ٿيو. پنجاب ۾ صادق آباد، رحيم يار خان، بهاولپور، ملتان، خانپور، وزيرآباد، جهلم، راولپنڊي، اسلام آباد ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ وڪيلن جي قافلي سان گڏ سنڌياٽي تحريڪ جي پينرن ۽ عوامي تحريڪ جي پاڻرن جا سنڌ جي اجرڪن عوامي تحريڪ جي جھنڊن سان پنجاب جي هر شهر ۾ تاريخي استقبال ٿيا. پاڪستان ۽ دنيا جي سڄي ميڊيا لانگ مارچ سان گڏ هئي جنهن بار بار سنڌ کان آيل پاڻرن ۽ پينرن جي ٽيندڙ استقبال ۽ سندن جوش جذبي کي پئي ڏيکاريو.

سڄي لانگ مارچ ۾ وڪيلن سان سنڌياٽي تحريڪ جي پينرن ۽ پاڻرن کي جدوجهد ڪندي ڏسي اهو ثابت پئي ٿيو تہ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي بحال ڪرڻ واري جدوجهد ۾ سڄو پاڪستان گڏ آهي ۽ سيني جو گڏيل نعرو آهي تہ "چيف جسٽس افتخار چوڌري، افتخار چوڌري، افتخار چوڌري، افتخار محمد چوڌري هم تمهاري ساتھ هين" بحال ڪريو چيف جسٽس افتخار چوڌري کي بحال ڪريو. انهيءَ جدوجهد دوران جڏهن چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري پئي پيري حيدرآباد آيو. تڏهن سندس باءِ پاس کان هزارين ماڻهن استقبال ڪيو. جنهن ۾ سنڌياٽي تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جا ڪارڪن عوامي تحريڪ جا

جھنڊا کڻي، سندس اڳيان اڳيان هلندا رهيا. حيدرآباد پهچڻ تي سيشن ڪورٽ حيدرآباد اڳيان شايان علي شاهہ، منان علي شاهہ، اقرار علي شاهہ، محمد حنين شاهہ جي هٿن ۾ به عوامي تحريڪ جا جھنڊا هئا. هي پليجو صاحب جا جتي پليجو جا نعرہ هڻندي سبرينا، سونيا، مونا، فاريہ، عيني، راحيلا ۽ فخرالنساءَ جن چيف جسٽس جي اچڻ جو انتظار ڪندا نعرا هڻندا رهيا. افتخار محمد چوڌري حيدرآباد بار کي خطاب ڪندي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي پينرن جا ٿورا ميڙيا.

چيف جسٽس کي بحال ڪرڻ واري تحريڪ دوران سڄي پاڪستان ۾ جڏهن بحالي لاءِ احتجاج جو ڏينهن ملهايو ويو تڏهن حيدرآباد سول ڪورٽ اڳيان عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي ياڻرن مٿان پوليس ڪڙڪي پئي سخت لاٺي چارج ۽ دوبدو ويڙهہ کان پوءِ ڪيترا پاڻر ۽ پينرون سخت زخمي ٿيا ڪيترا ئي پاڻر لاڪپ ڪيا ويا ۽ ڪيترين ئي پينرين کي صدر پوليس لاڪپ ۾ بند ڪيو ويو جن ۾ ادي نظير قريشي، زرينہ ڪنراڻي، مهتاب ڏاهري، شاهينہ خاصخيلي، روزينہ پٽو ۽ ٻيون ڪيتريون پينرون گرفتار ٿيون هيون. جتي ايڊووڪيٽ ايياز لطيف پليجو پنهنجي دوستن ۽ جونيئرن سميت فروٽ، جوس، ۽ بسڪيٽن جا ڊبا ڪڻائي حاضر ٿيو رات جو انهن لاءِ بسترن جو مسئلو ٿيو ارجنٽ رات وچ ۾ بسترا ڪٽان اچن. پليجو صاحب مون کي حڪم ڪيو تہ عالم شاهہ هاڻ ڪجهہ ڪري ڏيکار معنيٰ ساڻين جي لاءِ بسترا پورا ڪر. ايڊووڪيٽ فاريہ عالم سان گڏ قاسم آباد ۾ نڪري پياسين هر گهر ۾ ڪڙو ڪرڪائي فاريہ شاهہ کي اندر ٿي موڪليم، آئون ٻاهر مردن سان ٿي مليس هر گهر مان هڪ هڪ رِلي چندي طور ونڊي اهڙي طرح 20 رِليون صدر لاڪپ ۾ پينرن کي پهچايون، تيسين رات جو 11 بجي ايڊووڪيٽ ايياز لطيف پليجو صاحب همٿ ڪري ذاتي ضمانت تي سيني پينرن ۾ پاڻ ضامن پئي آزاد ڪرايو ۽ 10 ڊي حيدرآباد تي پهچايو.

12 مئي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري هاءِ ڪورٽ بار ڪراچيءَ اچڻو هو وڪيلن ۽ ٻين پارٽين سان گڏ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جون سوين پينرون ۽ هزارين پاڻر رات جو ڪراچيءَ پهتاسين. اسان جا ڪارڪن ڪراچيءَ جي مختلف جڳهين تي رهيل هئا.

چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي سندس ساڻين سميت جناح

ماٹڪ چوٽو جن جو

ٽرمينل ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي يرغمال ڪري روکيو ويو. ڪراچيءَ جا سڀ رستا سيل ڪيا ويا هئا. ڪراچيءَ ۾ وڪيل هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ، سيشن ۽ سول ڪورٽ ڪراچيءَ اندر يرغمال هئا. محترم قائد رسول بخش پليجو صبح جو مختلف گهٽين مان ٽيندو هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ پهتو ۽ وڪيلن جي ريلي ۾ شريڪ ٿيو. باقي پ پ پ، اي اين پي، جماعت اسلامي جا ڪارڪن مختلف رستن تان ريليون ڪڍي ايئرپورٽ ڏانهن نڪتا. عوامي تحريڪ ۽ سنڌياٽي تحريڪ جون پينرون ۽ پائر گلشن حديد، گهگهر ڦاٽڪ ۽ پتائي ڳوٺ کان ريليون ڪڍي، ايئرپورٽ ڏانهن وڃڻ لڳا. گلشن حديد ۽ گهگهر ڦاٽڪ پيري کان نڪتل عوامي تحريڪ جي ريلين کي ملير ندي وٽ پوليس جي وڏن جٿن روڪي ڇڏيو. پتائي آباد کان نڪتل ريلي جڏهن گلستان جوهر وٽ پهلوان ڳوٺ وٽ پهتي جتي کين پوليس روکيو عوامي تحريڪ جا ڪارڪن ۽ سنڌياٽي تحريڪ جون پينرون جڏهن سڀ رڪاوٽون ٽوڙي اڳتي وڌيون ته پريان مورچا بند ٽيل دهشتگردن جلوس تي سنئين سڌي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ شهيد محمد نواز ڪنراٽي سنڌياٽي تحريڪ جي پينرن کي بچائيندي شهيد ٿي ويو. ڪيترين پينرون ۽ پائر سخت زخمي ٿيا، انهيءَ سنئين سڌي دهشتگردي جي فائرنگ ۾ هڪ سنڌي پوليس وارو پڻ شهيد ٿي ويو. 12/02/2009 چيف جسٽس افتخار چوڌري کي بحال ڪريو جي جدوجهد ۾ وڪيلن جي لانگ مارچ ڪراچيءَ کان اسلام آباد لاءِ نڪتي جنهن کي 16/03/2009 تي ڏرٽو هٽٽو هو.

عوامي ۽ سنڌياٽي تحريڪ جا ڪارڪن هڪڙا وڪيلن جي قافلي ۾ ڪراچيءَ کان شامل ٿيا وڪيلن جي لانگ مارچ کي 12/03/2009 ٻنپهرن جو ڪراچيءَ ٽول پلازا وٽ روکيو ويو جن ۾ سوين وڪيل ۽ عوامي تحريڪ جا ڪارڪن جن ۾ رشيد سڌايو ۽ ٻيا ڪيترا ڪارڪن گرفتار ٿيا.

اسلام آباد ڏانهن ويندر قافلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ جڏهن عوامي تحريڪ سنڌياٽي تحريڪ ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ جا ڪارڪن ٽول پلازا، جامشورو وٽ وڏي جلوس جي شڪل ۾ پهتا ته پوليس جي سوين لٽ باز دستن هن پُرامن جلوس کي روکيو هن جلوس جي قيادت سنڌياٽي تحريڪ جون پينرون ڪري رهيو هيون. وحشيت پرست رهزن پوليس لٽ بازن بنا ڪنهن جي پرواهه ڪرڻ جي اهو ڪو نه ڏٺو ته هي پُرامن سنڌياٽيون ڇا ڪندیون پر انڌاڌنڌ جلوس تي ڪڙڪي پيا هڪ طرف هٽين خالي پائر ۽ پنيرون هيون سامهون تربيت يافته پوليس ڏنڊن

ماٹڪ چوٽو جن جو

جو وسڪارو هو. پائرن ۾ پينرن جو نعرو هو بحال بحال ڪريو چيف جسٽس بحال ڪريو ۾ رهزنو شرم ڪريو حياءَ ڪريو پنهنجي سنڌياٽي پينرن جو شرم ڪريو پر ڪو به حياءَ ڪو نه هين. جهڙوڪ: دشمن جي فوج يا ڏاڙيلن سان مقابلو هو. هن پوليس جي بربريت ۾ ادي زاهده شيخ، ادي نظير قريشي، ادي حسينہ ٽالپر، ادي عمره سمون، ادي شاهينہ خاصخيلي، ادي ثمرين ڪنراٽي، ماهپارا پٽو ماسي پوري، مولان لاشاري ۾ ٻيون ڪيتريون پينرون زخمي ٿيون. انهيءَ سان گڏ پينرن کي بچائيندي نظير راڄپر، فرانسز ڪولهي، وسند ٽري، ابرار ابڙو سومار مهيري، عبدالحڪيم هالييوٽو زخمي ٿيا. زخمي پينرن کي ڪٽي سُوزڪين ۾ ڪٽائي حيدرآباد پهچايو زخمي ٿيل نظير راڄپر، فرانسز ڪولهي ابرار ابڙو کي عاصم ڪلينڪ قاسم آباد پهچايو ويو جتي ڊاڪٽر نياز عامر چنا تيار ٻينو هو. نظير راڄپر کي بروقت مٿي ۾ 7 ٽاڪا لڳا تڏهن وڃي رت ٻينو. ڪيترا ڪارڪن مرڪزي جنرل سيڪريٽري عوامي تحريڪ عبدالحڪيم هالييوٽو ۾ وسند ٽري جي اڳواڻي هيٺ پوليس جي لئين جو مقابلو ڪندي گرفتار ٿي، جامشوري ٽاٽي ۾ ڪوٽڙي لاڪپ تي پهتا. محترم قائد رسول بخش پليجو صاحب محمد خان پرڳڙي، ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي جن وڪيلن جي ڊرٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ لاهور ۾ پوءِ اسلام آباد پهتل هئا. هتي جي رپورٽ منٽ منٽ ۾ محمد خان پرڳڙي اسان جي قائد محترم رسول بخش پليجو صاحب کي ڏيندو رهيو وڌيڪ هدايتون ونڊي اسان کي پهچائيندو رهيو. جامشوري ٽول پلازا وٽ وحشيانہ لاٺي چارج ۾ سنڌي نياڻين جي زخمي ٿيڻ بعد فيصلو ڪيو ويو تہ 13/03/2009 کان 16/03/2009 تائين سڄي سنڌ ۾ پوليس جي انهيءَ وحشيانہ ڪردار خلاف مذمتي جلوس، بک هڙتالون ڪيو ويندیون. 13/03/2009 کان 16/03/2009 تائين عوامي تحريڪ جي اعلان مطابق سڄي سنڌ ۾ مظاهرا جلسہ جلوس ۾ بک هڙتالون ٿيون.

ٽنڊوباگو ۾ سوين سنڌياٽي تحريڪ جي پينرن ۾ پائرن جلوس ڪڍيو تہ مٿن پوليس وحشيانہ لاٺي چارج ڪري، سنڌياٽي تحريڪ جي ڪيترين پينرن ۾ پائرن کي زخمي ڪيو ويو ۾ مرڪزي جنرل سيڪريٽري عوامي تحريڪ جناب عبدالحڪيم هالييوٽو جيڪو تازو جامشورو ٽول پلازا کان گرفتار ٿي ڪوٽڙي سول جج کان ضمانت تي آزاد ٿيو هو ڪيترن ساٿين سان وري گرفتار ٿيو لاڙڪاٽي ۾ منور جتوئي گرفتار ٿيو. سانگهر ۾ عوامي تحريڪ جي سوين

ماٹڪ چوٽو جن جو

ڪارڪنن ۽ سنڌياٽي تحريڪ جي پينرن جلوس ڪڍيو جن تي پڙ پوليس لاٺي چارج ڪئي ڪيترا ڪارڪن گرفتار ڪيا. مورو ۾ سنڌي هاري تحريڪ جو صدر گرفتار ٿيو. ميرپورخاص، لاڙڪاڻو دادو ۽ ڊگهڙي ۾ مظاهرا ڪندي عوامي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، هاري تحريڪ، مزدور تحريڪ جي سوين ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. انهيءَ ڪانسواءِ ڪراچيءَ، نوشهرو ڏُل، ميهڙ، جوهي، منڇ، ڏڙو، بٿوروءَ ميرپورخاص ۾ عوامي تحريڪ جي هزارن پائرن ۽ پينرن ججن جي بحالي ۽ پوليس جي لاٺي چارج خلاف مظاهرا ڪيا.

محترم قائد رسول بخش پليجو، محمد خان پرڳڙي، ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي ۽ سنڌياٽي تحريڪ جي پينرن ادي زاهده شيخ، ادي نظير قريشي، ادي حسينہ تالپر، ادي عمره سمون، ادي حسنہ راهوجو ادي زرينہ ڪنراٽي، ادي ماهپارا پٿو جن پڙ 13 مارچ تي لاهور وڃي پليجو صاحب جي وفد ۾ شريڪ ٿيون هيون، اهي پليجو صاحب جي اڳواٽي هيٺ لاهور جي ساٿين پروفيسر جميل عمر، پروفيسر عزيزالدين احمد ۽ ٻين جي مدد سان سڄي سيل ٿيل لاهور جي گمنام گهٽين مان لڪندي لاهور هاءِ ڪورٽ اندر پهچي ويا. هزارين وڪيلن جي ريلي جي اعتزاز حسن ايڊووڪيٽ ۽ ٻين اڳواڻ وڪيلن سان پليجو صاحب قيادت ڪندي هاءِ ڪورٽ اڇيان لاهور جي "جي پي او" روڊ تي لکين ماڻهن جي جلسي کي خطاب ڪيو. وڪيلن جي لانگ مارچ ۾ نواز شريف جو جلوس اچي مليو تڏهن عوام پوليس جون رڪاوٽون ٽوڙي گجرانوالا روانو ٿيو هاڻ پنجاب جي پوليس بي وس هئي، هن لکين ماڻهن جي لانگ مارچ اڇيان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا.

16/03/2009 صبح جو جڏهن وزيراعظم يوسف رضا گيلاني چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ۽ ٻين سيني ججن کي بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ سڄي ملڪ ۾ 16/03/2009 تي جشن جو اعلان ڪيو ويو سنڌ اندر عوامي تحريڪ، سنڌياٽي تحريڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌي مزدور تحريڪ، سڃاڻ پار تحريڪ، سنڌي گرلس آرگنائيزيشن، سنڌي آبادگار تحريڪ، سنڌي هاري تحريڪ پنهنجي هزارن ڪارڪنن سميت ججن کي بحال ڪرڻ جي خوشين ۾ جشن ڪرڻ جو اعلان ڪيو. انهيءَ اعلان بعد سڄي سنڌ ۾ هر ضلع اندر جشن ڪيا ويا. سکر ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر جناب قادر رانڍو جي اڳواٽي ۾ جشن ٿيو. بدين ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عبدالحڪيم هالييپوٽو جي اڳواٽي ۾ جشن ٿيو. حيدرآباد ۾ عوامي تحريڪ جي

ماٹڪ چوٽو جن جو

مرڪزي نائب صدر سيد محمد عالم شاهه ۽ سنڌياٽي تحريڪ جي ادي زاهده شيخ ۽ ادي عمره جن جي قيادت هيٺ جشن ڪيو ويو. ڪراچيءَ ۾ مرڪزي نائب صدر مظهر راهوجو ڏٽي ۾ عوامي تحريڪ جو مرڪزي اڳواڻ ۽ سينئر ساٿي عارب ڪيڙانو لاڙڪاٽي ۾ مرڪزي نائب صدر سر تاج چانڊيو ميرپورخاص ۾ مرڪزي خزانچي عوامي تحريڪ غلام مصطفيٰ لغاري، مني ۾ وسند ٿري، دڙي ۾ اڪرم شاهه ۽ اشرف پليجو ڊگهڙي ۾ انور نوحاڻي جن جي اڳواڻي هيٺ جشن ڪيا ويا. هنن جشن ۾ نعره هڻا "اچي ويو چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري، هو جمالو تي ڊانسون ٿيون مڃايون ورهايون ويون. 15/03/2009 جو ڪامران جيو ٽي وي تي محترم قائد رسول بخش پليجو صاحب سان ڪامران جي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ڪامران پليجو صاحب کان پڇيو ته جڏن جي بحالي خاص ڪري چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جي بحالي جي تحريڪ ۾ "ايم ڪيو ايم" ۽ ٻين انصاف دشمن قوتن وڪيلن جي لانگ مارچ دوران اها واويلا شروع ڪئي آهي ته پنجاب ۾ پنجابين جاڳ پنجابي جاڳ جا نعرا هنيا آهن ۽ سنڌي ماڻهن کي گاريون ڏنيون آهن هي ڇڏن جي بحالي جي تحريڪ نه پر پنجاب جي تحريڪ آهي انهيءَ ڪري صدر پاڪستان ۽ وزيراعظم پاڪستان کي الطاف حسين چيو آهي ته جن سنڌي ماڻهن کي گاريون ڏنيون آهن، اوهان انهن جي خلاف قدم نه کنيو آهي ته هو حڪومت کان ڌار ٿي ويندا. پليجا صاحب توهان جو انهيءَ تي ڇا چوڻ آهي ته واقع ائين آهي ڇا جو سنڌي ماڻهو احساس محرومي ۾ پئجي ويا آهن. پليجو صاحب چيو ته اهو سڀ ناٽڪ آهي هي هميشه اهڙا ناٽڪ ڪندا رهندا آهن، شهيد اڪبر خان بگٽي تي جڏهن فوج جي بمباري ٿي تڏهن هي ڊڪٽيٽر مشرف جي حڪومت ۾ شامل هڻا تڏهن به هنن اهڙو ساڳيو ناٽڪ ڪيو هو ته فوج بلوچن خلاف اڪبر خان بگٽي تي فوجي چڙهائي ڪري قتل ڪري رهي آهي انهيءَ ڪري بلوچن خلاف آپريشن کي بند نه ڪيو ويو ته اسان حڪومت مان نڪري ويندا سين پوءِ سيني ڏنو ته اڪبر خان بگٽي سوين بلوچن سميت فوجي آپريشن ۾ شهيد ٿي ويو. هي آخر تائين مشرف جي حڪومت ۾ ويٺا رهيا مشرف جو آخر تائين ساٿ ڏيندا رهيا.

هينئر به سنڌ جو وزير اعليٰ هنن جي هيڊڪوارٽرن تي هلي ويو هنن واڳون وارا ڪوڙا ڳوڙها هارڻ بند ڪري ڇڏيا ڇوندا آهن ته جيئن اسان جي

ماٹڪ چوٽو جن جو

تنخواهه وڌايو ساڳئي پگهار تي ڪم ڪنداسين فقط حڪومت کي بيوقوف ڪري ايڏا وڏيڪ فائدا ونڊا هوندا آهن سي ونڊندا، رهيو سنڌين کي گاريون ڏيڻ اهو نسورو ڪوڙ آهي اهو هنن ججن جي بحالي جي تحريڪ کي ڪُڪ ۾ چرو هڻڻ لاءِ ڪيو آهي پنجاب اندر اسان سڄي تحريڪ ۾ گڏ آهيون اسان ڪٽي به سنڌي پنجابي جي ڳالهه ڪانه ڏني آهي نه ڪنهن به ذميوار ماڻهو واتان ڪابه اهڙي گارگند ٻڌي آهي هي تحريڪ ججن جي بحالي جي تحريڪ آهي هي تحريڪ انصاف جي بحالي جي تحريڪ آهي. هن ۾ سڄو پاڪستان جو عوام گڏ آهي هن ۾ سنڌي ماڻهو گڏ آهن سنڌ جي هر شهر ۾ ججن جي بحالي جي تحريڪ لاءِ ريليون ۽ مظاهرا نڪتا آهن هنن ٻن سالن ۾ سنڌ جو ماڻهو ايترو ججن جي بحالي لاءِ باهر نڪتو ۽ وڙهيو آهي جيترو پنجاب جو ماڻهو نڪتو آهي. هن تحريڪ ۾ سنڌ جي نياڻين تي جامشوري ٽول پلازا، سانگهڙ، ٽنڊوياگو ۽ سڄي سنڌ ۾ پوليس وحشي ٿي لڏ بازي تشدد ڪيو آهي، سنڌ جون نياڻيون سنڌياڻي تحريڪ جون پينرون سون جي تعداد ۾ هر پيري اسلام آباد آيون آهن ججن جي بحالي جي تحريڪ ۾ شامل ٿيون آهن. سنڌ اندر هر شهر ۾ ججن جي بحالي جي تحريڪ ۾ هزارين ڪارڪن ججن جي تحريڪ ۾ حصو بٽيا آهن، جدوجهد ڪئي آهي، هي نسورو ڪوڙ آهي. هي ته فقط سنڌ دشمن دهشتگردي ٽولي جن سنڌي نياڻين جا ارهه وڌيا آهن. سوين سنڌي ماڻهن جا قتل ڪيا، انهن لاشن جا ڳترا ڳتيرا ڪري هورين ۾ بند ڪري ٻهراڙين جي ڳوٺن ۾ موڪليا آهن. هنن ڪراچيءَ اندر سنڌ جي چند دلالن، وڏيرن، پيرن، ميرن، سان ملي سنڌي ماڻهن جي تعليم حاصل ڪرڻ جا رستا بند ڪيا آهن. هنن سنڌ جي گادي جي هنڌ ڪراچيءَ کي يرغمال ڪري ڇڏيو آهي. هنن سنڌي ماڻهن جون لکين ايڪڙ اربين ڊالرن جون زمينون قبضو ڪري ڇڏيون آهن هي اڄ ڪيئن سنڌي ماڻهن جا وارث ٿي ريليون ٿا ڪڍن، هي بلڪل ڪوڙ ۽ ناٽڪ آهي. هن ناٽڪ پٺيان ضرور ڪا سنڌي ماڻهن جي خلاف سازش آهي. سنڌي، پنجابي، پختون، بلوچ عوام پاڻ ۾ پائر آهن. هن انصاف جي جدوجهد ۾ عوام پاڪستان جو سڀ عوام گڏ آهي. 16/03/2009 صبح جو جڏهن وزيراعظم ججن کي بحال ڪيو محترم قائد رسول بخش پليجو صاحب، سنڌياڻي تحريڪ، محمد خان پرڳڙي ۽ ٻين ساٿين سميت جڏهن چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جي گهر پهتو ته سوين وڪيل ۽ هزارين ماڻهو خوشي ۾ جهومريون هڻي رهيا هئا. چيف جسٽس پليجو صاحب جو ٻڌي گهر جي دروازي

ماڻڪ چوٽو جن جو

تي سنڌس آڏرياءُ ڪيو ياڪر پائي چيائين پليجو مون ڪامران جو جيو تي وي تي پروگرام ڏٺو آهي توهان ته سنڌي پنجابي کي وڙهائڻ ۾ هن تحريڪ کي ڳڪ ۾ چرو هڻڻ جي سڄي سازش کي اُگهاڙو ڪري ختم ڪري ڇڏيو آهي. هن جي ڪاميابي ۾ توهان سيني جو وڏو ڪردار رهيو آهي. چيف جسٽس سيني کي پئي ٻڌايو ته پليجو صاحب ۾ سنڌس پارٽي خاص ڪري سنڌ جي نياڻين جو شروع کان اڄ تائين پرپور ڪردار رهيو آهي، چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري پليجو صاحب کان سنڌس فرزند ايڊووڪيٽ ايياز لطيف پليجو جو پڇيو ۽ تمام گهڻا سلام ڏنا ڏاڍو خوش هو پليجو صاحب کيس چيو ته باهر سنڌياڻي تحريڪ جو وفد به توهان سان ملڻ آيو آهي ته انهيءَ تي چيف جسٽس چيو ته سنڌياڻي تحريڪ جون پينرون باهر ڇو ٻيئيون آهن،پليجو صاحب انهن پينرن کي اوهان اندر گهرائي ونو. سنڌياڻي تحريڪ جي پينرن جي اندر اچڻ وقت چيف جسٽس پاڻ باهر در تي وڃي استقبال ڪيو. سيني وڪيلن ۾ ٻين آيل دوستن کي ٻڌايو ته 12/03/2009 تي مون ڏٺو پئي ته جامشورو ٽول پلازا وٽ هنن نياڻين تي پوليس ڪيترو ظلم ۽ تشدد ڪري رهي هئي، هنن سنڌي نياڻين کي شابس هجي جو هنن سڄي جدوجهد ۾ شامل ٿي جيل ڪٽي آنسوگيس ۽ لاٺي چارج جا مقابلا ڪري همت نه هاري اڄ تائين حوصلي ۽ بهادري سان هر ظلم کي منهن ڏنو آهي. چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري پليجو صاحب ۽ پينرن جا آخري موڪلاڻڻ وقت سندن ٿورا ميچيندو رهيو. 16/03/2009 شام جو حامد مير جيو تي وي تي وري پليجو صاحب کان تاثرات ورتا ته هاڻ سپ جج ۽ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري بحال ٿي ويو آهي؟ اوهان جو ڇا خيال آهي ته چيف جسٽس ساڳئي طرح سان انصاف ڪري سگهندو؟ ماڻهن کي جيڪا اميد آهي ته اسان کي هاڻ انصاف ملندو؟ واقع ماڻهن کي انصاف ملندو اوهان ڇا ٿا سمجهيو؟

محترم قائد رسول بخش پليجو صاحب کيس جواب ۾ چيو ته اوهان کي خبر آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين قائد اعظم محمد علي جناح کانسواءِ هن ملڪ جي هر حڪمران سامراجي طاقتن جي اڳواڻ آمريڪا جي اشارن کانسواءِ ڳڪ به نه چريو آهي پر جي پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن حڪمران آمريڪا جي حڪم ميڙ ۾ ٿوري به هيرڦير ڪئي آهي ته انهيءَ جو نالو نشان ئي نه رهيو آهي. انهن حالتن ۾ پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ انصاف ملي اهو معجزه آهي. انهيءَ

ماڻڪ چوڻو جن جؤ

هوندي به چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جهڙي بهادر ماڻهو کي آزادي سان انصاف ڪرڻ ڏنو ويجي، هن جي اڳيان ڪي به سڌي يا اُڀ سڌي طرح رڪاوٽون وجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويجي ته چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو اهڙا فيصلا ڪري انصاف ڪندو جو پاڪستان جي تاريخ بدلائي ڇڏيندو. پر ڏسجي پيو ته جنهن حڪومت ۾ ڪڙپيل جاگيردار هجن، جنهن حڪومت ۾ سنڌي ماڻهن جا قاتل ويري دهشتگرد وينل هجن، جنهن حڪومت ۾ سردار، پير، ميرِ، چوڌري، خان، ويڪائو واپاري ٽولا، حبشي مايوس مڊل ڪلاس ۽ ڪرپٽ ڪامورا هجن، جيڪي پنهنجن پراون ۽ ايجنسين جا غلام هجن اهڙي ملڪ ۾ هڪڙو ماڻهو افتخار محمد چوڌري چاهيندي به چا ٿو ڪري سگهي. باقي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ۽ ججن کي بحال ڪريو جهڙي تحريڪ دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ ائين ڪانه هلي، ڪامياب ٿي آهي جهڙي پاڪستان اندر هلي ڪامياب ٿي آهي. هن تحريڪ ۾ هڪ عوامي جدوجهد جو هڪ نئون باب کليو آهي ۽ هاڻ وڪيل اهڙي طرح ڪنهن به جدوجهد ۾ عوام سان گڏجي بيهن ته ڊڪٽيٽرن، دهشتگردن، انسان دشمن سردارن، مَيرن، پيرن، خانن، چوڌرين، عوام دشمن وڏيرن ۽ سندن ساٿاري ٽولن جو دور ختم ڪري سگهن ٿا. محترم قائد رسول بخش پليجو صاحب جي هن مدبرانا سوچ ۽ عمل کان سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري پنجاب جو پڙهيل لکيل ماڻهو متاثر آهي. تازو 19/03/2009 تي حامد مير "جيو ٽي وي" چيئنل جي دوست جنگ اخبار ۾ ڪالم لکيو اٿس. انهيءَ ۾ واضح ۽ صاف طرح چيو اٿس ته محترم رسول بخش پليجو صاحب هن تحريڪ جي هر سازش خاص ڪري سنڌ اندر پنجابي عوام جو نالو وٺي هن تحريڪ لاءِ بدگمانيون پيدا ڪرڻ واري سازش کي ختم ڪري ڇڏيو آهي.


شهيد محمد نواز ڪنراڻي

ڪي اوڏائي ڏور ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين
ڪي چڙهن نہ چت ڪي، وسرن نہ مور
جيئن مينهن ڪنديءَ پور تيئن دل وارا دوست سين


اڄ اسان پنهنجي پاڻ کي ڪيڏا نہ بدنصيب ٿا سمجهون. ڇو جو اڄ اسان جي وچ ۾ ساڻي نواز موجود ناهي. سڄي سنڌ سندس خوبصورت يادن کي ياد ڪري رهي آهي. ساڻي ڪيڏو نہ خوش نصيب آهي جيڪو پنهنجن لاءِ، پراون لاءِ دوستن لاءِ، دشمنن لاءِ، ڏاهن لاءِ، بي سمجهہ ماڻهن، پنهنجي گهر وارن ۾ ۽ڇڻ لاءِ سياڻي جي ايندڙ نسلن لاءِ بهترين پارٽي ۾ سندس بهترين نظريو اسان لاءِ ڏاهو عالم ۾ هن سماج کي تبديل ڪندڙ اڳواڻ ساڻي رسول بخش پليجو بہ ڇڏي ويو آهي تہ نواز اسان لاءِ اها وات اهو رستو اها تنظيم اهي دوست ڇڏي ويو آهي. جيڪي هن سڄي ڳالهہ کي سمجهن ٿا، جن شهيد جي مزار تي ٻيهي پنهنجي قائد اڳيان اهو وچن ڪيو آهي تہ اسان شهيد نواز جي وات تي هلي، سندس ڇڏيل قيادت ۾ وڃي اڳواڻي ڪري سندس ساڻين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي انهيءَ وات تي هلنداسين اسان ضرور اها منزل ماڻينداسين. جيڪا ساڻي نواز جي منزل هئي جيڪا اسان جي پارٽي جي منزل هئي. جيڪا انسان ذات جي منزل هئي جنهن منزل ماڻڻ کان پوءِ کو بہ انسان ڪنهن وهم ۾ وسوسي جو شڪار نہ ٿيندو. هن ڌرتي تي کو بہ اڻوجهہ ٻي پهچ انسان نہ رهندو. هن ڌرتي تي کو بہ ڏکويل ڏسڻ ۾ نہ ايندو. هن ڌرتي تي کا بہ اوچ نيچ نہ هوندي. هن ڌرتي تي ڪٿي بہ ظالم مظلوم نہ رهندو. هن ڌرتي تي هر وسيلي جو مالڪ هي انسان هوندو. هن ڌرتي تي هر انسان کي سڄي ڀڄي جنت ناهي ڏني ويندي. هر انسان هر گهڙي خوش گذاريندو. شهيد پنهنجي زندگي ۾ پاڻ کي تڪليف ڏيئي، ٻين جي تڪليفن کي گهٽتائڻ جي وات ورتي شهيد هر انسان سان محبت جو سڄو تصور ڏنو. شهيد محمد نواز هن ظالم بيخودي سماج ۾ سندس ڇاڙتن سان اکيون اکين ۾ ملائي نفرت ڪري

ماٽڪ چوٽو جن جو


اسان کي انهن قوروں ۾ ڏڪيڙن سان نفرت ڪرڻ سيکاري. شهيد نواز پنهنجي ٻچن پنهنجي نياڻين پنهنجي عزيزن پنهنجي علائقي جي سڀن محب وطن ماڻهن، سڄي سنڌ جي پورهيت بي پهچ عوام شهيد نواز سڄي پارٽي جي ساٿين ۽ پارٽي جي سيني خاندانن کي پيار محبت ڏاهپ مڙسي بهادر ٿي رهڻ سمجهو ٿي رهڻ پنهنجي عوام پنهنجي پارٽي سان نياڻڻ سيکاريو ۽ جئين اسان به پيار ڪرڻ محبت ڪرڻ پنهنجي گوهر کي سمجهه ڏيڻ پنهنجي اولاد پنهنجي دوستن عزيزن بهادر ڏاهو ڪرڻ سيکاريو جئين اسان به پنهنجي ٻچن کي اها سمجهه ڏئي سگهون. پنهنجي عزيزن پنهنجي دوستن کي اها ڄاڻ ڏئي سگهون اسان به شهيد وانگر نياڻي سگهون. اسان به شهيد وانگر پنهنجي اولاد پنهنجي دوستن پنهنجي پارٽي پنهنجي قيادت پنهنجي علائقي سان محبت ڪري سگهون. شهيد نواز اهو رستو اها واٽ ورتي جيڪا تاريخ ۾ انهن سڀن ماڻهن واٽ وٺي پنهنجو مثال هن تاريخ ۾ چنڊ وانگر روشن ڪري ڇڏيو. پيغمبرن، سقراط ارسطو افلاطون گوتم مسيح ڪنفيوشس مارڪس انگلس لينن شاهه لطيف مائوزيتنگ شهيد فاضل راهو ادي ممتاز نظاماڻي، مير علي بخش تالپر، عاشق جوٽيجو ۽ ٻين انهن اڳواڻ جن هن تاريخ کي بدلائي ڇڏيو آهي. شهيد محمد نواز به انهن ڏاهن انهن اڳواڻن جي صفن جو حصو بڻجي ڏيکاريو آهي. اسان کي اهو اعزاز آهي جو اسان شهيد محمد نواز ڪنراڻي جا ساٿي آهيون. اسان کي فخر آهي جو اسان انهيءَ دور جو حصو آهيون جنهن دور ۾ اسان جو قائد فاضل راهو پيدا ٿيو. شهيد نواز پيدا ٿيو اسان کي پنهنجي پاڻ تي ويساه آهي ته اسان به انهيءَ واٽ تي هلون پيا. جنهن واٽ تي اسان جي ڏاهي قيادت سان گڏ شهيد محمد نواز هليو آهي. اسان کي به يقين ۽ پڪ آهي ته اسان ضرور اها منزل ماڻينداسين. جنهن منزل کي ماڻڻ لاءِ شهيد محمد نواز وڏي جرئت بهادري سان قرباني ڏئي پاڻ تاريخ جو حصو بڻجي ويو. اي ساٿي محمد نواز اسان کي محبت آهي توهان جي انهيءَ سوچ سان جنهن سوچ سان انسان ذات جي تقدير تبديل ڪنداسين. اسان کي محبت آهي شهيد پنهنجي انهيءَ واٽ سان جنهن تي اسان هلي انسان ذات کي هن ڌرتي تي سوپارو ڪنداسين. اسان کي محبت آهي شهيد تنهنجي هر انهيءَ عمل سان جنهن توهان کي پنهنجي هن علائقي جي مُردن کي نئين سنئين زنده رهڻ سيکاريو. شهيد محمد نواز اسان کي محبت آهي توهان جي انهي جرئت سان جنهن سان توهان هن علائقي سڄي سنڌ جي نياڻين کي زبان ڏني هن قيد خاني مان نڪرڻ جي جرئت ڏني. هن سماج جي ڪوڙهه ۾ ورتل انڌن



استاد بخاري، سيد عالم شاهہ، ٻين ڪارڪن سان گڏ دادوءِ



نور احمد ڪاتيار، محمد اسماعيل خاصخيلي، سيد عالم شاهہ، محمد خان پرهڙي، عوامي هائوس حيدرآباد



پروفیسر عزیز الدین احمد، ؑ سید عالم شاہ۔



سید عالم شاہ مادام تسائو لندن میوزیم ؑ اندرا گاندي مہاتما گاندي راجیو گاندي جن سان




ديدار ڪنراٽي، سيد عالم شاهہ شهيد نواز ڪنراٽي ۽ روشن ڪنراٽي جيڪما آباد پرتل ۾




قاضي عفار ، ادي حور پليجو جي ڏي مسرت ۽ ٻين ننڍڙن سان




ڈاڪٽر سعيد ميمڻ، ڈاڪٽر علي گل ميتلو،سيد عالم شاهہ رضوان علي شاهہ نندڙو ڪراچي ائپورٽ تي لنڊن کان ايندي




سيد عالم شاهہ ۽ ڈاڪٽر نذير شيخ لاڙڪاڻو اسپتال ۾ سنڌي دهشتگردن هٿان زخمي ٿيل ايس ايس ٽي کارکن رکن الدين ميراڻي جي عيادت ڪندي




ایڈووکیٹ ایاز لطیف پلیجو ؑ چیف جسٹس افتخار محمد چوڈري حیدرآباد بار ؑ



ایڈووکیٹ ایاز لطیف پلیجو محمد ابراهیم جویو شیخ ایاز ؑ سید عالم شاهہ




فرزانہ باري جام صادق علي خان، عالم شاهہ وڈيرو شاهنواز خان جوڻيجو
محسن باري ۽ نندڙي تزئين باري لنڊن ۾ جام جي گهر




گل حسن کيڙانو سيد عالم شاهہ منظور علي خان چانڊيو ڊاڪٽر نذير شيخ ۽ سرتاج چانڊيو




سابق ڈي سي پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ، لالا افضل خان، ارباب همايو خان، سيد عالم شاهہ




غلام قادر مري، نواب خير بخش خان مري، امين ختک ءِ سيد عالم شاه، جن خان غفار خان جي تدفين وقت جلال آباد افغانستان ءِ



وينل محترم حاڪر علي زرداري، خان عبدالولي،خان سيد عالم شاهہ بينل ۽ حسين بخش ناريجو




محمد اسلم راهو اسماعيل راهو ميرغوث بخش بزنجو ۽ سيد عالم شاهہ شهيد فاضل راهو جي تعزيت ۾



بي بي سي چينل نمبر 4 جي صحافي عيني برائيٽ آف قرآن انترويو سيد عالم شاھ سان متياري ۾




سيد سيد عالم شاھ بنيان ڊاڪٽر نذير شيخ ۽ ٻيا تنگوائين جا روت تنگواٽي ضلع ڪشمور



محمد اسماعيل راهوءِ سيد عالم شاهہ




شهيد فاضل راهو، سيد عالم شاهہ، جي اين مغلءِ گل حسن ڪيڙانو هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾




سيد عالم شاهہ ڈاڪٽر ايوب شيخ ريلوي استيشن حيدرآباد پاڪستان ٽوئر تي ويندو




رحيم لنڊ، جمع لاشاري، سيد عالم شاهہ رسول بخش ڏيتو(جبل) هاري ڪانفرنس شير خان لنڊ جي ڳوٺ




شهيد عاشق علي جوٽيجو




چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جي بحالي جي تحريڪ دوران
ايڊووڪيٽ ابرار ابڙو تي ڄامشورو ٽول پلازه وٽ پوليس جو وحشيانه تشدد




خان عبدالغفار خان 11 اپريل بهادر آباد ڪراچي
۾ محترم رسول بخش پليجو سان ملاقات دوران



سيد مير شاهه منظور علي شاهه هادي مهدي شاهه،سيد عالم شاهه ۽ علي محمد شاهه متياري ۾




سيد عالم شاھ، ظھير رضوي پريزيڈنٽ يونين نيشنل بئنڪ راولپنڈي پنجاب




جھمون چڳاٽي انڊين اديب ۽ سيد عالم شاھ مٽياري ۾



ٽنڈو باگو ۾ سنڌياٽي تحريڪ جون ڪارڪن ڊاڪٽر سنڌو
عظمت گرفتاري دوران چيف جسٽس جي بحالي جا نعرا هڻندي



ٽنڈو باگو ۾ چيف جسٽس جي بحالي جي تحريڪ دوران
سنڌياٽي تحريڪ جي مظاهري تي پوليس جي لاٺي چارج



ٽنڊو باگو: ادي فابو صفران ۽ ننڍڙو دانيال هالپوٽو چيف جسٽس جي بحالي لاءِ



ٽول پلازه ڄامشوري تي چيف جسٽس جي بحالي لاءِ لانگ مارچ دوران
سنڌياٽي تحريڪ جي مظاهري تي سنڌ پوليس جي لٺ بازي

ماٽڪ چوٽو جن جو

گونگن ٻوڙن وحشين سان وڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ جي ڄاڻ ڏني. اسان کي شهيد توهان سان محبت آهي. انهن نظرن سان جن هن نظر سان توهان نفرت ڪئي، هن ڪوڙهه ۾ ورتل سماج سان. شهيد محمد نواز اسان کي محبت آهي، تنهنجي انهن روين سان جن سان توهان ڏارين کي ٻه پنهنجو ڪري ورتو. انهن کي توهان مجبور ڪيو ته هو توهان جيان جئين جي خواهش رکي، توهان جيان هلن. شهيد اسان کي محبت آهي توهان جي انهن خواهشن جي انهن خوابن جي انهن تصورن جي جن کي توهان پنهنجي زندگي ۾ ثابت قدم رهي حقيقي روپ ڏئي ڏيکاريو ته هي سچ آهي ۽ اسان کي سچ ڳالهائڻ سيکاريو. محمد نواز اسان کي محبت آهي. توهان جي انهن رهنمائن سان توهان پنهنجي علاققي مان بزدلي بي حسي کي تبديل ڪرڻ جي وات ڏني. جنهن تي هلي هزار سال پوئتي پيل سماج کي شڪست ڏئي نئون سماج ٺاهي پاڻ کي هن دنيا جي نئين دور جو حصو بڻائي سگهون ٿا. ساڻي اسان کي محبت آهي توهان جي انهيءِ منڙي مُرڪ سان، جنهن مُرڪ جي وسيلي توهان هتي جي مسڪين پورهيت ماڻهن اڻوجهه نياڻين جن کي ڪاري ۽ ڳاڙهي ٿيڻ کان بچايو. انهن بي پهچ بي وسن کي مُرڪڻ سيکاريو. ساڻي محمد نواز اڄ کان پوءِ توهان کي هر ماڻهو ياد ڪندو رهندو محبت ڪندو رهندو.

سيد محمد عالم شاهه
متياري

سنڌ جي تعليم جي تباهي جي سازش

انتظاميہ اندر موجود محب وطن سنڌي ڪامورن کي گهرجي تہ ڪمداري بدران قومي ڪوٽن خامين جي نشاندهي ڪن، پنهنجي انفرادي مفادن کي پاسيرو رکي، قومي مفادن کي اهميت ڏين ۽ جيڪو ڪجهہ پنهنجي وس آهر ڪري سگهن، سو سنڌي ماڻهن سان گڏجي، سنڌ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪن.

هاڻ اچو ڏسون تہ ڪٿي تعليمي ادارن ۾ ڪهڙي خرابي آهي ۽ اها ڇوٽي آهي؟ انهيءَ خرابي کي ڪيئن پنهنجو تعليمي معيار ڪيئن وڌايون؟

پرائمري تعليم:

پرائمري تعليم جي ننڍن شهرن توڙي وڏن شهرن ۾ حالت هي آهي تہ وڏن شهرن جهڙوڪ، حيدرآباد، ڪراچي سکر، نوابشاهہ، لاڙڪاڻو ۽ ميرپورخاص جتي جتي پرائيويٽ تعليمي ادارا ڪم ڪن ٿا. انهن شهرن ۾ گهٽو ڪري انهن سرمائيدار تعليمي ڪامورن ۽ وڏيرن جي ڇٽ جوڙ سان سبب سرڪاري پرائمري اسڪول نالي ماتر هلن ٿا. جيئن اهي ٻار سرڪاري اسڪولن کان تنگ ٿي پرائيويٽ اسڪولن ڏانهن منهن ڪن سرمائيدار تعليمي ڪامورن سان دوستيون رکي ڪين هر طرح سان راضي ڪن ٿا، باقي شهرن جا پرائمزيءَ استاد پگهار مفت کٽن. سڄو ڏينهن سبب سرڪاري پنهنجا پرائيويٽ ڏنڊا ڪندا رهن، انهيءَ کان سواءِ شهرن ۾ پري پري سرڪاري اسڪول هجڻ ڪري بہ ماڻهو سهولت مطابق پاڙي جي پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٻار چڏڻ وڌيڪ آسان سمجهن ٿا. ننڍن شهرن ۽ وڏن ڳوٺن ۾ پرائمري اسڪولن جون عمارتون ننڍيون آهن جتي ٻار هڪ سؤ آهن تہ ڪلاس فقط هڪ آهي جتي چار چار استاد هڪڙي ڪلاس ۾ ٻارن کي گڏجي پڙهائين ٿا. هاڻ توهان فيصلو ڪريو تہ هڪ سؤ ٻارن جي گوڙ ۾ ڪهڙو استاد ڪهڙي پڙهائي ڪري سگهي ٿو.

ننڍن ڳوٺن ۾ سرڪاري جڳهيون نہ هڻڻ ڪري ٻاڙ وٽن هينان پڙهن ٿا. جي ڪا پراٽي بلڊنگ آهي تہ اها مرمت نہ ڪرڻ ڪري ڍهڻ ۾ هوندي آهي، انهيءَ ۾ ننڍڙا ٻار ويهاري ڪري رسڪ کٽبو تہ جي اوچتو جڳهہ ڪري تہ انهن معصوم ٻارن جي زندگين جو ذميوار ڪير آهي؟ 50 سيڪڙو ڀهراڙيءَ جا اسڪول

ماڻڪ چوٽو جن جو

جهڙوڪ، اترين ضلعن ۾ قبائلي جهيڙن ڪري ڪو به استاد انهن اسڪولن ۾ وڃي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته جتي روزانو راڪيٽ لانچر ڪرندا هجن اتي ڪهڙو اسڪول هلندو هوندو. تر، ڪاڇو ڪوهستان ۽ ساموندڀي علائقن ۾ اسڪول ڪو ورلي ملندو باقي خير آهي. باقي ضلعا جتي آبادیون آهن انهن ۾ استاد تر جي وڏيري، سردار، سيد، پير، ميرِ، نواب، خان، رئيس ۽ ارباب جي سفارشن تي پرتي ٽيل آهن. يا بدلي ڪرائي آندا ويا آهن. اهي استاد انهيءَ وڏيري جي منشي جو ڪم ڪن ٿا. جي نه ته هوندا ئي ڪونه باقي ٻارنهين مهيني مڙيئي امتحان ٽيو نه ته چوڪرو وڃي مال چاڙيندو يا وڏو ٽي وڏيري جو هاري ٽيندو ٻيو ڇا ڪندو؟ پرائمري تعليم شهرن کي ڇڏي ٻهراڙين ۾ چوڪرين جي ته 90 سيڪڙو آهي ئي ڪونه، پر جي اسڪول آهي ته اهو اسڪول وڏيري جي ڪم ۾ هوندو ۽ ڳوٺ وارن جي ڏکي سکي ۾ ڪم ايندو هوندو. انهيءَ کان سواءِ ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ ماسترياٽيون ويندیون ئي ڪو نه آهن. وڃن به ڪيئن هڪ ته سواري جي سهولت نه آهي ٻيو هن مرداٽي معاشري ۾ ڪيرمائٽ اڪيلي نياٽي سڄو ڏينهن ڇڏيندو انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته چوڪرين جي اسڪول ۾ رٽائرڊ مرد استاد رکيا وڃن، جڏهن انهيءَ ڳوٺ جي نياٽي پڙهي پوي ته ڪيس پنهنجي ئي اسڪول ۾ رکيو وڃي. ڪراچي شهر ۾ 40 لک کان وڌيڪ سنڌي رهن ٿا. 800 کان وڌيڪ ڳوٺ سنڌين جا آهن. پر ڪنهن به ڳوٺ ۾ سنڌي جو پرائمري اسڪول نه آهي انهيءَ لاءِ حڪمرانن کي گهرجي ته انهن 800 کان وڌيڪ سنڌي ڳوٺن ۾ سنڌي هوليءَ جا پرائمري اسڪول کوليا وڃن ۽ انهن ۾ سنڌي استاد ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن.

سيڪنڊري مڊل ۽ هاءِ اسڪول جي تعليم شهرن ۾ جتي پرائيويٽ اسڪول انهن شهرن ۾ سيڪنڊري هاءِ اسڪول جي حالت ساڳئي پرائمري سنڌي اسڪولن جهڙي آهي. امتحان وقت ننڍين ڪلاسن کي ته ڇڏيو پر نائين ۽ ڏهين ڪلاسن جي امتحان ۾ ڪلاڀو ڪلاڀو ڪاپي پئي هلي. جنهن کي هن وقت ميڊيا رستي به روز ڏيکاريو ۽ ٻڌايو وڃي ٻيو ته ڪاپي ڪيئن پئي ٽئي. اهو سڀ حال ڏسندي به اسان جي تعليم ڪاتي کي ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اسان جي چونڊيل نمائندن جي به ڏميواري آهي ته تعليم ڇو پئي تباهه ٽئي. مائٽ ته اڳ ۾ ئي بي سهارا ٽي بورڊ جا در ڏسيو ويٺا آهن. ته ڪيئن مارڪون وٺن باقي ڇو پنهنجو وقت وڃائين. ڪراچيءَ ۾ ته جڏهن پرائمريءَ تعليم ئي نه آهي ته سيڪنڊري تعليم

ماٽڪ چوٽو جن جو

ڪٽي هوندي.

ننڍن شهرن ۾ جتي هاءِ اسڪول ۾ هاڻ ماٺهو پنهنجا ٻار پڙهائڻ چاهين ٿا تہ 50 سيڪڙو استاد ٻہ هاڻ پنهنجون ذميواريون محسوس ڪن ٿا، پر ننڍن شهرن جي 30 سال اڳ آدمشماريءَ 15 هزار هئي. اها هاڻ 30 هزار کان مٿي آهي، چو جو هاڻ ٻهراڙين جا لوئر مڊل ڪلاس سنڈي ماٺهو شهرن ڏانهن روزگار خاطر اچڻ شروع ٿيا آهن. انهن شهرن ۾ فقط هڪ هاءِ اسڪول آهي. انهيءَ جي گنجائش 500 چوڪرن جي آهي، انهيءَ اسڪول ۾ هن وقت 155 شاگرد داخل ٿيا آهن تہ هاڻ ڪلاس ئي ناهن تہ شاگرد ڪٽي ويهن يا انهيءَ 1500 شاگردن کي اوترا استاد گهرجن اهي ٻہ نہ آهن تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ باقي امتحان جي گهٽوڪري ساڳئي ڪاپي ڪلچر واري حالت آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ هڪ آدمشماريءَ ۾ ضرورت مطابق هاءِ اسڪول وڌيڪ ٺهرايا وڃن، ٻيو تہ هاءِ اسڪولن ۾ ايجان ٻہ وڌيڪ سٽي پڙهائي ٽئي تہ استاد، ڪامورا ۽ شاگردن جا مائٽ پنهنجو ذميواراٽو ڪردار ادا ڪن. انتظاميہ ۽ اسڪول جي وچ ۾ پل جو رول ادا ڪري انتظاميہ کان ٻہ ڪم وٺن ۽ استادن کي پنهنجائپ ڏيئي ذميوارين لاءِ پابند ڪن. اسڪول اندر ايندڙ بجيٽ کي ٻہ صحيح طرح خرچ ڪرڻ ڏين.

ڪاليج سائيڊ ۾ پڙهائي تي وڌيڪ توجهہ ڏيڻ گهرجي، شهرن اندر ڪاليج استاد جي ٽيوشن سينٽرن جو شڪار ٽيو وڃن. ڪاليج ۾ چوڪرا چوڪريون صرف داخلا وٺن ٿا باقي سڄو سال ٽيوشن سينٽرن تي ڳريون فيون ڏيو پڙهن، ڪاليج جا امتحان ٻہ ساڳئي بيماري ۾ ورتل آهن. ڪاپي ڪلچر عام آهي، هتي تہ شاگرد فقط اندر امتحان حال ۾ ويٺو آهي، ٻاهران هائير ٽيل استاد پيپر سڄو حل ڪريو ڪاپي اندر موڪلين ٿا سا جمع ٿئي ٿي هتي تہ شاگرد کي ڪاپي جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. باقي بورڊ سڳورو ويٺو آهي جتي باقي ڪسر پوري ٽيو وڃي، بورڊ جي چاڙتن ۽ مائٽن جي وچ ۾ اڳئي تعلقات آهن. گريڊ شاگرد کي مليو وڃي ڊپ جي ڪا ڳالهہ نہ آهي.

هاءِ اسڪول مڙئي پورائي آهي نہ هنن ۾ ليڪچرار آهن، نہ هنن وٽ ليبارٽريون آهن نہ هنن وٽ پريڪٽيڪل لاءِ اهي اوزار آهن، انهيءَ کان تہ بهتر آهي تہ انهيءَ هاءِ اسڪول جي تعليم کي بهتر ڪيو وڃي. ايئن ٻارن جون زندگيون خراب ڪرڻ ۽ سال وڃائڻ جي ڪٽي جي عقلمندي آهي.

پرائيويٽ نندا يا وڏا اسڪول:

نندا اسڪول جن ۾ اهي چوڪريون ڪٽندا جيسين ڪا ٻئي نوڪري ملي تيستائين هزار يا 1500 سو رپيا تي نوڪري ڪندڙ چا پڙهائيندي؟ مائٽ ويچارا ڊريس جي خرچن ۾ ئي مريو وڃن. باقي مالڪ گهر ويني هزارين رپيا پيا ڪمائين ٻار پڙهن يا نہ پڙهن هي فين جا مالڪ، وڏا پرائيويٽ اسڪول تہ فيڪٽريون آهن، جنهن ۾ اپر ڪلاس ڪانسواءِ ڪو حشمت ئي نٿو جهلي سگهي، هنن جي في ٻار داخل ڪر تہ ايڊوانس بہ هزارن ۾ هوندي آهي، پوءِ هر مهيني هڪ هزار ڪان وڌي 5000 هزارن تائين آهي، پڙهائي اها هوندي تہ فقط ٻار مائٽ سان انگريزي ۾ ڳالهائيندو باقي جڏهن امتحان ٿيندا تہ ساڳئي ماني ساڳ سان معنيٰ امتحان ڪاپي ڪري پئسا ڏيئي پاس ڪيو.

هنن وڏن اسڪولن ۾ مقابلو پڙهائي جو ڪونہ هوندو پر هر شاگرد ڪهڙو سنو سينٽ هٽي ٿو اچي. ڪهڙي وڏي گاڏي ۾ چڙهي ٿو اچي. پنهنجي ڪلاس ۾ پنهنجي دوستن کي متاثر ڪرڻ جي لاءِ ڪيئن ٿو بيان ڪري، اهو 60 سيڪڙو ٻار جڏهن اسڪول چڏي ٿو تڏهن عملي انسان ٻڌجڻ بدران هڪڙو وڏو ماٺهو ٿي نڪري ٿو. انهن اسڪولن جا مالڪ لکين رپيا ڪمائين.

يونيورسٽيون:

هنن ادارن ۾ پهچڻ کان اڳ تيست ٿئي ٿي. انهيءَ ڏينهن ٻارن کان لکين رپيا تيست جا ورتا وڃن ٿا. پر تيست جي ڏينهن ڏسبو تہ شاگرد ناقص بندوبست جي ڪري جيترو پريشان رهي ٿو ۽ افراتفري ۾ رهي ٿو. اهو ٻار ڪهڙو تيست ڏيندو. ٻاهر هڪ گرمي هوندي گرمي سان گڏ گرم هوائون هونديون. لڳل شاميانہ هيٺ متي ٿي سندس بانس جا ڏنڀا شاگرد کي پيا لڳندا. انهيءَ حالت ۾ اهو شاگرد ڪهڙي هوش ۽ حراس سان تيست ڏيندو هوندو. مڙئي ادارن کي گهرجن لکين رپيا، پوءِ ڪير شاگرد اچي ٿو ڪير نٿو اچي ڪجهہ پرائي ٿو يا نہ هن سماج جون ماريل چوڪريون مون پريشان ٿيندي ڏٺيون آهن. انهن کي ڏسي لڳ ڪانڀارجيو وڃن. انهن حالتن جو علاج ڪير ڪندو. انهن بي واجبين تي ڪير ڳالهائيندو؟ خير هو اداري ۾ لستون لڳنديون نيٺ چوڪرا چوڪريون پنهنجي سبجيڪٽ ۾ وڃي پڙهندا.

هاڻ پهرين تہ هنن معصومن ٻارن کي منهن ڏيڻو پوندو. انهن ڪامريڊن

ماٹڪ چوٽو جن جو

ڪي جيڪي مختلف سياسي پارٽين جي جھنڊن ۾ ڏھ ڏھ سال يونيورسٽين ڪي قيد خانو ڪاھيو ويٺا آھن. ھر پيري امتحان ۾ پاڻ ھٽ وڻي فيل ٿين ٿا. چاڪاڻ جو ھي امتحان پاس ڪري ڏگري وڻي گھر ويندا اتي ھنن ڪي چا ملندو نہ مفت ھاسٽل جا ڪمرا جتي ڪرائيم ڪري اشراف ٿي اچي ڪمري ۾ آرام ڪن. ڪھڑو بہ ڏوھہ ڪن پر ھاسٽل تي پوليس ڪيئن ايندي جي ايندي تہ يونيورسٽي بند ھوندي. يونيورسٽي ڪان وڻي سڄي سنڌ ۾ ھنن "اشراف" شاگردن لاءِ جلوس نڪرندا، مظاھرا ٿيندا، مطالبو ھوندو تہ ھن نااھل وائس چانسلر کي ھٽايو وڃي.

نيٺ وائس چانسلر سان ڳالھيون ٿيندیون، وائس چانسلر مرڪزي اڳواڻن کي ڏنڊ پري ڏيندو ان لاءِ دوستيون رکي اھا ضمانت ڏيندو تہ انھن "محنتي" ھوشيار قوم دوست شاگردن کي ھاڻ ڪير بہ ھٽ نہ لاھيندو.

اھڙي نموني ٻين صوبن ۾ ساڳئي سال جا شاگرد اڳ امتحان ڏيئي وڃي ڪميشن پاس ڪري نوڪري ونڊندا، پر سنڌ يونيورسٽي جا امتحان ھر سال ليٽ ٿيا. انھيءَ جڳھہ تي ڪراچيءَ، پنجاب يونيورسٽين جا امتحان ٽائيم مطابق اتي شاگردن ٽائيم مطابق ڪميشنون ڏنيون. سنڌ وارن جي امتحان نہ ٿيڻ ڪري ڪميشنون نہ ڏنين تہ چا ٿي پيو؟ سڀ پاڪستاني پائر آھيون، پنھنجي يونيورسٽي جو نالو سڄي پاڪستان ۽ دنيا ۾ "روشن" ڪرڻ لاءِ، جي ھنن جوڏن اشوڪ ڪمار عاشق جوٽيجو ۽ ٻيا شھيد ڪري ڇڏيا تہ ڪھڑو ھرج آھي، مقصد تہ پنھنجي اداري جي ڏگري جي ڪابہ اھميت نہ ھوندي. اسان جي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ايم فل يا پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ بہ وڏا ڏونگر ڏورٽا ٿا پون. اسان جا احترام جوڳا استاد شاگردن کي ڪٽندا جن کي ھي چاھيندا پوءِ ھڪ سال اھو استاد آمريڪا ويو ٻئي سال ڪنھن انٽرنيشنل يونيورسٽي جي دعوت تي ويو. انھيءَ ڪري جيڪا ڏگري ٽن سالن يا پنجن سالن ۾ ٿيڻ گھرجي. انھيءَ کي ست اٺ سال گذريو وڃن. انھيءَ استاد کان ڪير بہ پڇڻ وارو نہ آھي.

سنڌ جي يونيورسٽين مان لکين روپيا اسڪالرشپون وڻي ٻاھر پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ ڪيترا استاد ٻاھر ويا آھن. گھٽو ڪري انھن کي ڪو سبجيڪٽ نہ ملي سگھي ٿو. انھيءَ ڪري سال ۾ سال رھي واپس اچن ٿا ۽ بنا پڇا جي ساڳين يونيورسٽين ۾ ساڳيا عھدا وڻي ويھن ٿا. پر جي ڪو اشراف ماٹھو اھا ڏگري 3 سالن لاءِ ونڊ وڃي ٿو تہ ۽ تي سال وڌيڪ لڳي ويا تہ خير آھي. ٻاھران سالن جا سال تعليم حاصل ڪري ٻاھرين يونيورسٽين ۾ ڪامياب استاد ٿي ايوارڈ وڻي جي سنڌ

اچن ٿا تہ کين کا بہ يونيورسٽي قبول نٿي ڪري مثال مرحوم ڊاڪٽر فيروز احمد خواجہ ۽ ٻيا آهن.

تعليم جي تباهي تي ريسرچ ڪبي تہ استادن جون تنظيمون، ليڪچرارن جون تنظيمون يونيورسٽين جا پروفيسر تعليمي ادارن کان وٺي يونيورسٽين جي انتظاميہ ۾ ڪيٽريون ڪاريون رڍون نظر ايندیون، جي سنڌ دشمن حڪمرانن طرفان مقرر ڪيل پگهاردار هوندا جن جي ڊيوٽي آهي تہ جتي جتي هو وينا آهن، اتي پنهنجي آقائن جي حڪمن مطابق سنڌ جي تعليم کي تباهہ ڪن، هو بلڪل ايمانداري سان فرض ادا ڪري رهيا آهن.

هاڻ انهيءَ ڪينسر کان آجو ٿيڻ لاءِ عوام اٿي کڙو ٿئي. انهن سيني کارين رڍن جي جرئت سان نشاندهي ڪري پنهنجي اولاد تي نظر رکي تہ واقعي پڙهي ٿو يا کو ٻيو ڏنڊو ڪري ٿو. انهن کي سختي سان روڪي ۽ اولاد جي اسڪول کان يونيورسٽي تائين نظر رکي رهنمائي ڪري سندن مدد ڪري.

سياسي اڳواڻ پنهنجي پروگرام ۾ بنيادي اهميت تعليم کي ڏين ۽ تعليم اندر موجود هر خرابي جي نشاندهي ڪن، حڪمرانن تي پريشر وجهن تہ هو تعليم بابت ڪردار ذميواري سان نياڻين. اديبن، شاعرن، صحافين سميت زندگي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل باشعور ماڻهو پنهنجي لکڻين ۾ تعليم جي هر ڪينسر کي اگهاڙو ڪن.

چونڊيل نمائندا تعليم جي هر اداري بابت اسيمبلين ۾ سوال ڪن. ڳالهائين، فيصلا ڪرائين، حڪمران ٽولا تعليم ۽ صحت جي بجيٽ هن وقت جيڪا آهي. انهيءَ کي ڏهوڻون ڪن. پنج ساله تعليم جو پئڪيج ڏين تہ تعليمي معيار اڄ جيڪو آهي اهو وڌي. اسان جي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ جو نالو تعليم جي حوالي سان اول صفن ۾ شامل ڪرايون تہ پوءِ سنڌ ترقي ڪري سگهندي ۽ اسان دنيا ۾ عزت ۽ شان سان هلي سگهنداسون. اهو ئي سڄي قوم جو نعرو ۽ مقصد هجڻ گهرجي ۽ اهو ئي اڄ جو وڏو چيلينج آهي جيڪو اسان کي قبول ڪرڻ گهرجي.

روزانہ "عبرت" اخبار 26 اپريل 2008

سنڌي ماڻهن کي تباهه ڪرڻ جا سڌ دشمن طريقا

انهيءَ کان پوءِ به هن کي اعتبار نٿو اچي ته سنڌي ماڻهو واقعي کو پنهنجي ڌرتي تي دربدر آهي. هنن جو خيال آهي ته متان هن کان پوءِ سنڌي اٿي ڪڑا ٿين. متان وري نه هي گڏجي هڪڙي قوت ٿين. متان سنڌي ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪي کسي وڃن. انهيءَ ڪري هنن سنڌين کي تباهه ڪرڻ لاءِ خاص بندوبست ڪيا آهن، جن جو ذڪر هيٺين ريت آهي.

سنڌين کي قبائلي جهيڙن ۾ قاسائي سنڌين جا هزارين قتل ڪرايا وڃن ٿا.

جيڪب آباد، ڪشمور، شڪارپور سکر، گهوٽڪي، لاڙڪاڻي ضلعن ۾ چانڊين، مارفاٽين، چولياٽين جا جهيڑا، مهرن جتوئين جا جهيڑا، آگاڻين تنگواڻين جا جهيڑا، جڪراڻين پيرن جا جهيڑا، ڪنڀراڻين ڪوسن جا جهيڑا، پيڙن بنگلاڻين جا جهيڑا، اهڙي طرح انهن ضلعن ۾ ڪابه اهڙي ذات رهيل نه آهي. جو روزانو هڪ ٻئي جا ماڻهو نه مارين.

انهيءَ ڪانسواءِ هنن علاقن ۾ ڪاروڪاري ۾ سوين عورتن جا قتل ڪرائڻ، سوين نياڻيون ڪارين ڪري سردارن جي ڪوٺن ۾ آڻي هنن کي "ڳاڻهين" جا لقب ڏيئي هر سال سندن پڙيون لڳائي لکين رپيا سردارن جي ڪيسن ۾ وڃهڻ لاءِ اهڙا ڦهر ڪرائين ٿا. سوين ماڻهو اغوا ڪرائي رستن تي ڦرون ڪرائي، ڏاڙا، چوريون، روزانو هزارين اينڊرويندڙ ماڻهن کي ڦرائي دربدر ڪن ٿا.

مٿين سيني مسئلن تي سردار ۽ پوليس هٿرادو جرڳا ڪرائي لکين رپيا ڏنڊ وجهي هڪرو حصو سردار جو هڪڙو حصو پوليس جو هڪرو حصو پاڻ ڪي ملي ٿو. هن سڄي سسٽم ۾ سردارن ۽ پوليس کي لکين رپيا ملن ٿا، علاقن ۾ انهن جهيڙن ڪري تعليم تباهه آهي، ڪنهن به ڳوٺ ۾ اسڪول هلڻ بدران بند آهن، هن دور ۾ به ماڻهو تعليم کان محروم آهن. ماڻهو بيماري جي حالت ۾ اسپتال تائين نٿا پهچي سگهن. انهيءَ ڪري ننڍڙا ٻار ۽ عورتون موذي مرضن ۾ تڙپيو تڙپيو مريو وڃن. ماڻهو پنهنجي روزگار کان محروم آهن. انهيءَ ڪري انهيءَ علاقي ۾ سواءِ ڪرائم جي ٻيو ڪو به ڌنڌو نه رهيو آهي. ايتري قدر جو آگاڻين جي حملي ۾ تنگواڻين جا ماڻهو قتل ٿيا. تنگواڻين غوٽپور ۽ ڪرم پور وچ ۾ انڊس هاءِ وي تي روڊ بلاڪ ڪيو. اتفاق سان آئون ڪرمپور رهيل هئس. رات جو تي وي تي

خبرون ٻڌيون. جنهن ۾ اهو ڏيکاريو ويو ته روڊ بلاڪ آهي. انهيءَ علاقي جو ڊي ايس پي روڊ کولائڻ روڊ تي ٻيٽو منٽون ڪري رهيو هو ته روڊ تي جيڪو ماڻهو ڪلاشنڪوف کڻيون ويٽو هو اهو يقعوب تنگواڻي هو جيڪو ڏاڻن ڦرن ۾ قتل جي ڪيترن ڪيسن ۾ انهيءَ ساڻگي پوليس کي گهربل هو. اها پوليس هن کي گرفتار ڪرڻ بدران منٽون ڪري رهي هئي ته روڊ کوليو. مزي جي ڳالهه ته اڌ فرلانگ تي رينجرز جي چوڪي هئي، جن کي ماڻهن چيو ته يعقوب ڏاڙيل روڊ بلاڪ ڪري ويٺو آهي، توهان کيس گرفتار ڪريو ته هنن کي به جواب نه ڏنو هتي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته انهيءَ علاقي جو زميندار جنهن جي 500 ايڪڙ زمين آهي، اهو هڪڙي سردار جي دلال وٽ آيو ته منهنجا 500 ايڪڙ زرعي زمين سردار کي ڏيان ٿو مهرباني ڪري انهيءَ عيوض مون کي مقدم بنايو وڃي، ڇو جو جرڳا گهرائي فيصلا ڪرائڻ جو بندوبست ڪرڻ مقدم جو ڪم آهي، اهو مقدم هر سال 500 ايڪڙ زمين مان ايترا ڏوکڙ نٽو ڪمائي جيترو مقدم تي ماڻهن جا جرڳائي ڪرائي ڪمائي ٿو مقدمن جو روزگار به ماڻهن جي قبيلائي جهيڙن تي آهي ته پوءِ ڪير چوندو ته اهي جهيڙا بند ٿين، هاڻ اهي ڏريون چاهيندیون ۽ اهڙا بندوبست ڪندیون ته جهيڙا ٿين ته هنن جي آمدني ۾ واڌارو ٿئي، هاڻ اچو ته هن ڳالهه کي ڏسون ته هنن جهيڙن ۾ ڪهڙا هٿيار استعمال ٿين ٿا.

هنن هٿيارن ۾ ننڍي کان وڏي وڏو هٿيار جديد کان جديد هٿيار اچي وڃي ٿو جهڙوڪ جي ٿري، ايل ايم جي، ڪلاشنڪوف، روگر، راڪيٽ لانچر، ايم اي تي ون، اينٽي ٽينڪ شڪن ۽ ٻيا هٿيار گولا هزارن جي تعداد ۾ هنن علاقن ۾ آهن: اهي هٿيار هنن کي هڪ پلاننگ سان پهچايا وڃن ٿا. جي نه ته مجال آهي جو هڪڙو هٿيار به هنن تائين پهچي، شهرن ۾ دهشتگرد ناهيا ويا آهن، جن جو ذڪر هر روز اخبارن ۽ ميڊيا ۾ اچي ٿو ته ڪيئن ڊرل مشينن سان قتل ڪن ٿا، ڪيئن ڏنڊ ڏيئي ڳٽرا ڳٽرا ڪري لاش کي بورين ۾ بند ڪري ڀراڙين ۾ تحفا ڪري موڪلين ٿا، ڪيئن نياڻين جا ارهه وڌين ٿا، جيئن قبائلي فساد ڪرائي سنڌي ماڻهن کي اپاهج ڪيو وڃي ٿو. ائين شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جا قتل ڪرڻ، سنڌي ماڻهن کي عذاب ڏيڻ، سنڌي ماڻهن جا ڳوٺ ڌاهڻ، سنڌي ماڻهن کي شهرن ۾ روزگار نه ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ، سنڌي ماڻهن کي پنهنجي شهرن ۾ تعليم حاصل نه ڪرڻ ڏيڻ، سنڌي ماڻهن کان شهرن ۾ پنهنجي ووٽ جو حق کسڻ، سنڌي ماڻهن

ماڻڪ چوڻو جن جو

ڪي پنهنجي شهرن ۾ پنهنجا نمائندا چونڊڻ نه ڏيڻ، سنڌي ماڻهن ڪي پنهنجي سنڌ ۾ اڪثريت سان چونڊجي اچڻ کان پوءِ به حڪومتون ڪرڻ نه ڏيڻ، مزي جي ڳالهه ته ڪنهن به مجرم تي ڪنهن ٽاٽي تي فرياد داخل نه ڪرڻ ڏيڻ، گرفتاري جا وارنٽ هجڻ، انهن کي گرفتار ڪري ڏيڻ جا اطلاع ڏيڻ تي 15_15 لک انعام مقرر ڪرڻ کان پوءِ اهي سڀ ڪيس معاف ڪيا ويڻ تا. ناظم ٺاهي، ضلعا هر جاگيردار کي تحفي ۾ ڏيئي ضلعن جا آفيسر سندن ماتحت ڪري سڄي ضلعي جي ايڇي ڪاري جا وارث ٺاهي، سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ڳوٺن شهرن تائين غلام رکڻ جا بندوبست ڪيا ويا آهن.

پهرين دانهن ڪٽي ڪنهن به ڪاموري وٽ وڃبو هو ته اندر ڪيڏو به ڪرپٽ هجي پر پئسا وٺي ڳالهه پڌندو هو. گهٽ وڌ هڻڻ جو تدارڪ ٿيندو هو. پر جي ڪنهن ماڻهو مڙسي ڪئي ته ڪورٽ ۾ ويندو هو ته هنن کي انصاف ملڻ جي اميد هئي. اهو ڪامور اپيل ۾ ٽپيل کان لهرائيندو هو پر هن وقت سڄي ضلعي جو مالڪ هڪڙو آهي. سڄي ضلعي جي عوام کي فقط هڪڙي ناظم جي چوڻ مطابق هلڻو آهي. ووٽ ڏيڻو آهي پر جي ڪنهن به ماڻهو ضلعي ناظم جي خلاف ٻڙڪ به ڪيڙي ته ڪامورو سڀ ضلعي ناظم کان ٻاهر نه ويندا جي ويا ته اهڙو سِر ڪيندن جو وري حياتي ياد ڪندا، انهيءَ ڪري جي ضلعي ۾ رهڻو آهي ته ناظم جي چوڻ مطابق رهڻو آهي جي نه ته ماڻ ڪري الله تي رکي ويهي رهي،

ضلعي جي بجيٽ ڪروڙين روپيا هڪڙي ماڻهو جي ور چڙهيل آهي، انهيءَ مان ڪٽي ڪم ٿئي ٿو ڪٽي نٽو ٿئي هڪ ٻن ڳالهائيندڙ نمائندن کي خوش ڪري باقي سڀ ڏوکڙ ڪاغذن حوالي ٿي ويندا، پر جي ڪو رستو يا نالي ٺهي ته به اهڙي هوندي جو هڪ طرف ٺهندي ويندي ٻئي طرف ڍهندي ويندي، انهن سيني ڪرپشنن، بي واجبين جي خلاف ڪنهن به ضلعي جي ماڻهو ڪا رڙ ڪئي ته ٻُڄ به ڪو نه رهندس، رڳو درخواستون ڪٽيون هلندو رهندو پيو مڙيئي خير.

سياسي پارٽيون جڏهن اليڪشن وڙهنديون آهن، ووٽن لاءِ ماڻهن وٽ اينديون تڏهن چونڊيون ته توهان جا حق وٺي ڏيندا سين، توهان سان ٿيندڙ ظلمن جو انصاف ڪندا سين، توهان خلاف ٿيندڙ دوکن، دغابازين جو ازالو ڪندا سين، ماڻهو به پنهنجو ووٽ انهيءَ پارٽي کي انهيءَ ڪري ڏيندا آهن ته سنڌ جو درياهه ۾ سنڌ جا شهر سنڌين لاءِ هوندا، سنڌين کي پنهنجين يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان ڪير به نه روڪيندو، سنڌين کي سنڌ جي وسيلن تيل، گيس جي

ماٹڪ چوٽو جن جو

مالڪي ملندي، سنڌ جي زراعت لاءِ بج، پاڻ ۽ دوائون ۽ زرعي قرض اسان قسطن تي بنا ڪرپشن جي هنن کي ملندا، ماٹھو اها آس رکي ويهندا آهن تہ هاڻ اسان جا چونڊيل نمائندا اڪثريت ۾ آيا آهن، اسان جي پارٹي جي حڪومت ٹهي آهي. اسان سان انصاف ٹيندو پر ٹيندو انهيءَ جي ابتڙ آهي، اسان جي ڪراچيءَ ۽ قاسم پورٹ بندر گاهن جي آمدني سنڌ کي ملڻ گهرجي. انهيءَ بدران خشڪ پورٹ جيڪو حيدرآباد سکر يا لاڙڪاٹي ۾ ٹيڻ گهرجي. اهو خشڪ پورٹ پنجاب ۾ ڪيو ويو آهي. اهڙي نموني اسان جي آمدني اکين ڏٺي، سيني هوندي، هيترين قربانيون ڏيڻ کان پوءِ به اسان کي نٿي ملي. چوندا آهن تہ "آئي سگ ونڊ تہ ڪن ڪپائي ويئي"

هن سڄي ڪهاٹي جو مقصد هي آهي تہ عوام کي پاڻ سوچڻ گهرجي. سيني ادارن کان سوال پڇڻ گهرجي تہ توهان چا پيا ڪريو يا هي سڀ چا پيو ٹئي. هن مان ڪهڙو فائدو آهي، ڪهڙو نقصان آهي؟ هن دور ۾ جڏهن انسان بلنديون تي رسيو آهي، تڏهن اسان اڄان هنن مسئلن جا شڪار ڇو پيا ٹيون. هنن جي پٹيان ڪنهن جا هٹ آهن. گڏجي ڀالهايو تہ رستو ضرور نڪرندو ۽ پوءِ گڏيل ڪاميابي ضرور ماڻيندا سين.

روزانہ "عبرت" اخبار اپريل 2008

سنڌ ۾ زراعت جي هٿرادو تباهيءَ جا ڪارڻ

پاڪستان اندر زرعي پوکن جي موسم هن طرح هوندي آهي.

سنڌ ۾ ڪڻڪ، ڪمند، تيلي ٻج جي پوکائيءَ جي موسم 15 آڪٽوبر کان نٽي، بدين، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد جي ضلعن ۾ ٿيندي آهي. 1 نومبر کان نوابشاهه، نوشهري، سانگهڙ ۽ دادوءَ ۾ ٿيندي آهي. 15 نومبر کان خيرپور، سکر، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۽ 30 نومبر کان جيڪب آباد ۽ ڪشمور ۾ ٿيندي آهي. پهرين ڊسمبر کان پوءِ پنجاب ۾ پوکن جي موسم شروع ٿيندي آهي.

جنس پوکڻ وقت پاڻي جي ضرورت آهي، پوکائيءَ جي موسم جي معين صورتحال جي ڪري ضرورت ان جي آهي ته پاڻي پهرين آڪٽوبر کان سنڌ کي ڏيڻ گهرجي. پوءِ موسم آهر ڊسمبر کان پنجاب کي پاڻي ملڻ گهرجي پر ٿئي ائين ٿو ته موسم مطابق 15 آڪٽوبر کان سنڌ کي پاڻي ڏيڻ بدران 15 آڪٽوبر کان چشمه ڪئنال ۽ ٻيا بئراج کولي فل پاڻي پنجاب کي ڏنو وڃي ٿو. جتي ان وقت سواءِ گاهه جي ٻئي ڪنهن فصل جي موسم نه هوندي آهي.

سنڌ کي پنهنجي موسم مطابق پاڻي نه ملڻ ڪري سنڌ جا ربيع جا فصل جهڙوڪ ڪڻڪ، ڪمند، تيلي ٻج پوکي نٿا سگهجن. جي پوکجن ٿا ته موسم جي پچاڙيءَ ۾ پاڻيءَ جي ملڻ بعد پوکجن ٿا، جنهن ڪري سنڌ جي ربيع جي زراعت کي اوترو فصل نٿو ملي جترو ملڻ گهرجي، مثال طور ڪمند في ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ 1500 مڻ هڻڻ گهرجي، پر بروقت پاڻي نه ملڻ جي ڪري اهو سراسري 500 مڻ مس ٿو لهي. ڪڻڪ جو فصل 50 مڻ في ايڪڙ ٿيڻ گهرجي. اها سراسري 20 مڻ في ايڪڙ مس ٿئي ٿي. جنهن مان ٿيندڙ خرچ مس ٿو نڪري. اهڙي نموني خريف جا فصل چانور، ڪپهه، بصر، مرچ، مڪائي وغيره آهن جن جي موسم سنڌ اندر 15 اپريل کان شروع ٿئي ٿي. پنجاب جي خريف جي موسم پهرين جون کان شروع ٿئي ٿي. سنڌ کي خريف جي موسم ۾ گهربل پاڻي وقت تي نه ملڻ جي ڪري ڪپهه، چانور، مرچ، بصر ۽ ڪيلي جو فصل توڙي باغات جنهن ۾ انب، ليمان، پير وغيره شامل آهن. سي جيترا ٿيڻ گهرجن. ان جي پيٽ ۾ 25 سيڪڙو مس پيدا ٿين ٿا. جڏهن موسم نه هوندي به پنجاب کي جيڪو غير ضروري پاڻي ملي ٿو. سو اجايو زيان ٿين ٿا. اهو پنجاب کي موسم کان اڳ ڏنل پاڻي جيڪر سنڌ کي پنهنجي موسم مطابق ملي ته سنڌ ۾ فصل هن وقت سراسري 25 سيڪڙو ٿئي ٿو. سو 100 سيڪڙو ايوريج ڏئي

ماٹڪ چوٹو جن جو

سگھندوءِ سنڌ جي زراعت پنھنجي پيرن تي بيھي سگھندي.

زرعي اڳھ:

سنڌ اندر جڏھن ڪٽڪ، ڪمند، بصر، ڦٽي وغيره جا فصل لھن ٿا، تڏھن پاڪستان سرڪار لکين ٽن ڪٽڪ، ڪنڊ، بصر، ڪپھ ٻاھران گھرائي ٿي. جنھن جي ڪري سنڌ جي لٽل ڪٽڪ، ڪمند، ڪنڊ، بصر، ڦٽي ءِ ٻين فصلن جي مارڪيٽ ڪريو پوي. آبادگار کي ھڪ ته اھو اگھ نٿو ملي. ٻيو سندس فصل مارڪيٽ ۾ ڪٽڻ لاءِ کو تيار کو نه ھوندو. آبادگار مجبورن اھو پوءِ اڏ موڙيءَ ۾ مارڪيٽ ۾ دلالن معرفت وڪٽي ٿو. ڇاڪاڻ جو سرڪار جا ڪرپٽ ماڻھو مقرر ٿيل اگھن تي فقط چند وڏن جاگيردارن کان فصل خريد ڪري ڪروڙين رپيا ڪميشنون حاصل ڪن ٿا. ھن وقت ڪمند جو سرڪار اگھ 67 رپيا مڻ (2008) آھي. پر ملن جي ڪمند نه ڪٽڻ ڪري ڪمند مجبورن دلالن معرفت وڪامي پيو. 67 رپين بدران 45 رپيا گھٽ اگھ ڏين ٿا. انھيءَ سان گڏ اُٺ گاڏيءَ جو 10 مڻ ڪتوني، ٽرالي‌ءَ تي 50 مڻ ڪتوني ڪن ٿا.

شگرملون:

سنڌ اندر ڪٽڪ جي پوکائي 15 آڪٽوبر کان ٿئي ٿي ته انھيءَ وقت گھٽيون زمينون ڪمند ھيٺ ھونديون آھن. ٿيڻ ھيڻ گھرجي ته سنڌ جو شگرملون آڪٽوبر کان ھلن جيئن دير ۾ دير 15 ڊسمبر پاڇاتي ڪٽڪ لاءِ زمين ڪم ۾ اچي وڃي. جيئن سنڌ اندر ڪٽڪ جي پوکائي 100سيڪڙو ٿي سگھي پر حڪمران ٽولاڇاٽي واٽي شگرملون نومبر جي 20 تاريخ کان پوءِ ھلائين ٿا. جنھن ڪري ھڪ ته زمين واندي نه ھڻڻ ڪري ڪٽڪ جو فصل 60 سيڪڙو مس ٿئي ٿو. ٻيو ته ڪمند جي ڊير سان ڪٽائي ڪري آبادگارن جا پئسا ڪمند ۾ سيڙپ ڪري کين ملي نٿا سگھن. جنھن ڪري سنڌ جي آبادگارن وٽ پنھنجو پئسو نه ھوندو آھي. جنھن ڪري به پنھنجي باقي پوکيل ڪٽڪ تي صحيح سيڙپ نٿا ڪري سگھن. جنھن ڪري به ڪٽڪ جو صحيح ايوريج نٿا سگھن. انھيءَ کان سواءِ ڪمند جي ڪٽائي اپريل تائين ھلي ٿي، جنھن ڪري ڪمند جو وزن گھٽجيو وڃي. تازو ڪمند ڪٽجڻ ڪري في ايڪڙ 1000 مڻ لھڻ بدران في مڻ ايڪڙ 300 لھي ٿو. جنھن ڪري اٻادگار کي تمام گھڻو اقتصادي نقصان ٿئي ٿو.

ماٹڪ چوٹو جن جو

ٻيو ڪمند 12 مهينا بدران 18 مهينا ڪمند جو فصل ٻنهي ٿو. جنهن ڪري آبادگار نقصان ۾ وڃي ٿو.

زرعي بج:

سنڌ اندر پوکائيءَ وقت زرعي بج سرڪار کي ڏيڻ گهرجي، جي نٿا ملن پوءِ پنجاب کان آيل بج جهڙوڪ؛ ڪڻي، بصر، ڪمند، ڪڪڙ، چانور جا بج ڳاڻي ڳچ اگهن تي بازار مان واپارين کان مجبورن ونڊا پون ٿا. بازار مان ورتل بج انهن جنس جو ڪو به پتو نه هوندو آهي ته صحيح آهي يا غلط، جڏهن اهي بج پوکجن ٿا ته ڪڻي کي اڇي مک جي بيماري ساڙيو ڪارو ڪريو ڇڏي.

ڪڪڙ ۾ گاهه ٻيون وليون ملڻ ڪري ڪڪڙ جو ايوريج صفا نٿو ملي. بصر پوکڻ کان پوءِ 50 سيڪڙو جمي ئي ڪونه ٿو. اهڙي طرح هر فصل پوکڻ وقت ڏڪ ڪايو وڃي. جيڪي بج بازار مان ونڊجن ٿا. انهن ۾ 50 سيڪڙو ملاوٽ هوندي آهي.

مارڪيٽ:

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ مارڪيٽ ناهي، آبادگار ياڙا پريو ناڪا، مزدوريون، پورين، ڏاڪڻ جا خرچ ڪريو جڏهن ڪراچيءَ، حيدرآباد جي مارڪيٽ ۾ اچن ٿا جتي ڏاريا سرڪار جا ناهيل دلال واڪ ڏيو اڏ موڙيءَ ۾ فصل ڪٽيو وڃن. ڪڏهن ڪڏهن آبادگار کي پورو خرچ به نٿو ملي.

ڊيزل:

ڊيزل جي اگهه وڌڻ ڪري ٽريڪٽر مالڪن گويل هر جو اگهه 400 رپيا في ايڪڙ ڪيو. ليول 400 رپيا في ايڪڙ راجا يا ڊسڪ في ايڪڙ 800 رپيا ۾ لڳي ٿو. هڪڙي ايڪڙ ۾ هڪ راجا هر 800، هڪ ايڪڙ ۾ ليول ٽي ڪلاڪ 1200 هڪ ايڪڙ ۾ ٽي گويل 1200 گهٽ ۾ گهٽ هرن جو ٿئي ٿو 3200 رپيا.

پاڻ:

ڪارو پاڻ سال اڳ 800 رپيا پوري هو هاڻ 2800 سو رپيا پوري آهي. سو به ڪنهن ننڍي آبادگار کي نٿو ملي.

اهڙي طرح يوريا 1400 رپيا پوري مان 600 رپيا روڪڙ تي ملي ٿو پر جي رڪت تي يوريا ونبو ته سادا ست سو رپيا پوري ملندي. انهيءَ کان سواءِ ڪا به

ضمانت ناهي تہ هي پاڻ کو صحيح آهي. 91 سيڪڙو پاڻ ۾ ملاوت هوندي آهي.

هڪڙي واٽر ٽي وارابندي ڪري ڪجهہ سال اڳ ايريگيشن وارن کي خرچيءَ جي نالي ۾ هڪ پيرو پئسا ڏنا ويندا هئا پوءِ سال ۾ ٻہ پيرا ڏنا ويندا هئا پوءِ فصل فصل ٽي پئسا ڏنا ويندا هئا. هاڻي هن وقت ڪلاڪن جا پئسا ڏيڻا پون ٿا. توهان کي پاڻي گهرجي وارابندي آهي پر توهان کان ڪلاڪن جا پئسا وٺي شاخ ۾ پاڻي ڇڏيندا، فقط پئسن مليل واٽر ۾ پاڻي ڇڏيندا، شاخ کي بند ٻڌندا، ٻئي ڏينهن شاخ کي لوڙهي ڇڏيو. مٿان شاخ وري بند ٽي ويندي. بزار ۾ دلال وينا آهن. گهٽا ڪلاڪ پاڻي گهرجي؟ ڪڏهن گهرجي ڪلاڪ هيترا رپيا ٽيندا. جي قبول آهي تہ پاڻي ملندو جي انهيءَ رشوت خلاف آواز اٺاربو تہ چاپو هڻي ڪوڙي ونهجي ڏيکاري ايف آءِ آر ڪٽرائي انهيءَ آبادگار کي ٻڌرائي جيل روانو ڪبو. جڏهن ڪيس هلندو تہ پئسا وٺي شاهديون ڏيرائي ڪيس ختم ڪرائي ڇڏيندا، شاخن جا وارا ٻہ پئسن تي گهٽ وڌ ٽين ٿا. جنهن شاخ جا پئسا سڻا ملندا تہ اها شاخ واري ۾ فل وهندي. جي پئسا سڻا نہ ملندا تہ اها شاخ اڌوري وهندي. اڌ پيڇ ڪانہ ٽيندي. وري شاخ ٻہ هفتا بند هوندي. انهيءَ طريقي سان جيڪو آبادگار پئسو خرچ نہ ڪندو اهو پنهنجي آبادي نہ ڪري سگهندو. انهيءَ کان سواءِ جڏهن فصل لهندو تہ داروغو ڪري ٽي ٻينو هوندو تہ ٻہ پوريون ڪٽڪ منهنجن، ٽي پوريون ايس ڊي او صاحب کي پهچايو جي نہ تہ مٽي پاڻ وڃي ڳالهايو. ٻيو مڙيئي خير کو ٻہ قانون ناهي. نہ کو ڏٽي ٽيندو. درياهہ ۾ جڏهن ٻارهو لڙ پاڻي ايندو هو تہ لڙ پاڻي زمين ۾ وهڙ ڪري زمين زرخيز ٽيندي هئي. زمين اندر کاري پاڻي جي ليول هيٺ 30 کان سو فٽن تي لهي ويندي هئي. جنهن ڪري هڪ اها زمين وٽ جهليندي هئي. درياهہ اندر ٻارهو پاڻي لڙ نہ وهڙ ڪري جر جو پاڻي مٽي چڙهي آيو آهي. پاڻي 99 سيڪڙو کارو آهي. انهيءَ ڪري زمين ۾ وٽ اچي ڪانہ ٽي جي اچي ٽي تہ وٽ جهلي نٿي سگهي. جنهن ڪري اها زمين پنهنجي زرخيزي ختم ڪريو ڇڏي. زمين ۾ سر ٽيو وڃي ڪيترين زمينون کوٻہ فصل آباد نٿيون ڪري سگهن.

ٻيو درياهہ جي سمنڊ اندر نہ ڪرڻ ڪري سمنڊ جي اندرين توڙي ٻاهرين ليول زمين کي خراب ڪريو ڇڏي. جڏهن ٻارهو پاڻي سمنڊ ۾ ڪرندو هو تہ سنڌ جي زمين جي زرخيزي کارو چاڻ نٿي ضلعي تائين هئي پوءِ جڏهن ڇهہ ماهو پاڻي درياهہ ۾ ڪريو تہ سمنڊ جو پاڻي نٿي سجاول پل تائين اچي پهتو. پر هاڻي اهو

ماٹڪ چوٽو جن جو

سمنڊ جو پاڻي جهڙوڪر نٿو ضلعو اکري آيو آهي. جنهن ڪري اڳوٽو حيدرآباد ضلعو سمر ڪلر هيٺ اچي ويو آهي، جنهن ڪري هزارين ايڪڙ باغات سڪندا وڃن. لکين ايڪڙ ڪيلو ختم ٿي ويو آهي. سوين ايڪڙن تي ٽيندڙ هنداڻا، گدرا، ميها وغيره ختم ٿيڻ تي آهن. اها حالت رهي تہ سمنڊ جامشوري کان بہ اڳيان نڪري ويندو. سڄي سنڌ ڪلر ٿي ويندي.

پنجاب ۽ بلوچستان کان اينڊڙ ڊرينيج ۽ ملن جو زهريلو پاڻي

بلوچستان کان اينڊڙ زهريلو پاڻي منچر ڍنڍ ۾ اچي ٽو. رحيم يار کان پاڻي مکي ڍنڍ ۾ ڪرڻ کان پوءِ سمنڊ ۾ بدين ۽ ٺٽي کان ڪيرايو وڃي ٽو. لڙ پاڻي نہ هئڻ ڪري اپر کان لوئر تائين زمينون تباهہ ٿي رهيو آهن.

پاڻي نہ هئڻ ڪري، پکي، جيوت، جانور ۽ ماڻهو انهيءَ زهريلي پاڻيءَ ڪري بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن. هڪ طرح 90 سيڪڙو زراعت سان سلهاڙيل ماڻهن جو روزگار ختم ٿي ويو آهي. هيو بيمارين ڪري سنڌ اندر ماڻهن وٽ ڪائڙ ۽ علاج لاءِ پئسا نہ آهن. انهيءَ کان سواءِ سنڌ جا ماڻهو بک ۽ بيروزگاري ۾ پنهنجا ٻچا وڻي پنهنجي شهر ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد اچن ٿا تہ اتي دهشتگرد ضلعي حڪومتن جي آرڊرن ڪري کين ڪٽي بہ ويهڻ نٿو ڏنو وڃي. ڪٽي بہ سنڌي ٻارن کي پنهنجي مادر ٻولي توڙي ٻي ٻولي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ نٿي ڏني وڃي. جي سنڌي ماڻهو شهرن اندر انهن خلاف آواز اٺارين ٿا تہ دهشتگردن کين ويو قتل ڪري، ڪٽرا ڪٽرا ۽ نياڻين جا سينا چيري ڏٽيڻ ڏيئي هورين ۾ بند ڪري سنڌن لاش پنهنجن علاقن ۾ تحفي طور موڪلين ٿا. ٻي طرف اسان جا سنڌي نمائندا پنهنجون ڪرسيون بچائڻ خاطر ۽ پنهنجا ٻيٻ پرڻ خاطر ميڊيا تي دهشتگردن سان ياڪر وجهيو جمهوريت پيا قائم ڪن.

روزانہ "عبرت" حيدرآباد 16 مارچ 2008

عالم شاهه صاحب جي مختصر بايوڊيٽا

- 1942ع ۾ متياري جي عيسيٰ پوٽه محلي ۾ جنم ورتو.
- 1947ع ۾ پرائمري نرسري هنري اسڪول ڏڙو ۾ پڙهيو.
- 1948ع ۾ پرائمري تعليم سنڌي وڏو اسڪول ڏڙو ۾ داخلا ورتائين.
- 1952ع ۾ مڊل اسڪول ڏڙو ۾ داخلا ورتائين.
- 1955ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين.
- 1961ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ پاس ڪيائين.
- 1962ع ۾ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ۾ داخلا ورتي.
- 1964ع ۾ پڙهڻ ڇڏي ڏني تعلقي ميرپور بٹورو ضلعي ٺٽي ۾ زميندااري شروع ڪيائين.
- 1965ع ۾ نيشنل ويلفيئر سوسائٽي ڏڙو ناهي انهيءَ جو صدر ٿيو ۽ سماجي ڪم ڪيائين.
- 1966ع ۾ محترم رسول بخش پليجي صاحب سان ملاقات ڪري سائٽس گڏ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.
- 1969ع ۾ عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو صدر ۽ مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر ٿيو.
- 1974ع ۾ شادي متيارين مان ڪئي.
- 1975ع ۾ "تحريڪ" رسالي جو ايڊيٽر ٿيو.
- 1979ع ۾ "تحريڪ" رسالي جي ڪيس ۾ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رهيو. فوجي چانوٽي حيدرآباد ۾ پيچاڪاڻا ٿيس ۽ 2 سال سزا مليس.
- 1986ع ۾ عوامي نيشنل پارٽي سنڌ جو صدر ٿيو.
- 1987ع ۾ عوامي نيشنل پارٽي جو سينيئر نائب صدر ٿيو.
- 1988ع ۾ عوامي تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري ٿيو.
- 2009ع ۾ عوامي تحريڪ جو مرڪزي سينيئر وائيس پريزيڊنٽ ٿيو.
- خان غفار خان جي ميت سان جلال آباد ويو.
- ۽ پيپرا پارٽي طرفان لنڊن جا دورا ڪيا.
- سائين عالم شاهه متياري ايڪشن ڪميٽي جو اڳواڻ پڻ آهي.



اسماعيل خاصخيلي
سائين عالم شاهه جو تعارف لکندڙ

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڪُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ ميجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتر ڪينرو)